# ٿرجي لساني جاگرافي ۽ لهجا

سهيڙيندڙ

زاهد اوٺو




سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا
(مضمون ۽ مقالا)

سهيڙيندڙ
**زاهد اوٺو**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد
2014ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (211)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا

سهيڙيندڙ: زاهد اوٺو

ڇاپو پهريون: 2014ع

تعداد: 1000

قيمت: /200

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

| Catalogue Reference |
|---|
| Otho, Zahid |
| Linguistic Geography of Thar (Papers) |
| Sindhi Language |
| Sindhi Language Authority |
| ISBN: 978-969-625-027-2 |

## Thar Ji Lisani Geography Aen Lahja

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Zahid Otho |
| Edition: | First 2014 |
| Composed by: | Ihsan Laghari |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | 200/= |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary,<br>Sindhi Language Authority Hyderabad,<br>National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000,<br>Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printer: | Ali Hasnain Process & Printer's Hyderabad |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هيءَ ڪتاب، تاج جويو، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرس علي حسنين پروسيس اينڊ پرنٽنگ سروس، حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن تي اڳ ۾ ڪيترا ڪتاب ڇپيل موجود آهن. جن ۾ ٽري يا ڊاٽڪيءَ بابت تحقيق سان ته ڪو ڪتاب ڪونه هو البت مرحوم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم جو گڏ لکيل هڪ ننڍڙو ڪتابڙو ضرور ڇپايو ويو. جيڪو گريئرسن، رائچند راٺوڙ پيرومل مهرچند وغيره جي تحقيق جي حوالن سبب اُنهن جو تسلسل هو جنهن مان ٽر جا، اڪثر استاد ۽ عالم مطمئن ڪونه ٿيا ۽ سندن چوڻ هو ته اهڙي تحقيق اصل ۾ ڪنهن ٽريءَ کان ڪرائي وڃي ها.

بهرحال، اٿارٽيءَ طرفان انهيءَ پهلوءَ تي سوچ ويچار ڪانپوءِ طئي ڪيو ويو ته خود ٽر ۾ وڃي، اُتان جي عالمن کان ان موضوع تي لکرائجي ۽ ڳالهرائجي ته جيئن صحيح ڏِسا ۾ تحقيق ٿي سگهي. اهڙيءَ ريت مٺيءَ ۾ هڪ سيمينار رٿي، اتي وڃي مقامي اديبن ۽ محققن جا مقالا ٻڌاسين ۽ رڪارڊ ڪياسين ته جيئن انهن مقالن کي گڏي شايع ڪرڻ سان ٽري لهجي بابت ڪتاب جي کوٽ جو پورائو ٿي سگهي. سيمينار ۾ پڙهيل مقالن مان اهم مقالن جي چونڊ سان گڏ اهو به ضروري سمجهيو ويو ته گريئرسن کان وٺي ڪاڪي پيرومل، رائچند راٺوڙ ۽ ٻين جي اصلوڪن مقالن سوڌو ان وقت تائين ٿيل تحقيق کي به شامل ڪجي ته جيئن هڪ سلسلو جڙي پوي ۽ ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ شاگردن ۽ محققن کي اڳتي لاءِ ڏس ڳس ملي سگهي. اهڙيءَ

ريت هيءَ ڪتاب سهيڙجي تيار ٿيو آهي، جيڪو اميد تہ پڙهندڙن جي ڪنهن حد تائين اُڄ اُجهائيندو.

هن ڪتاب جي سهيڙ جو ڪم اٿارٽيءَ جي هڪ نوجوان ٽري جناب زاهد اوٺي ڪان ورتو ويو آهي، جنهن تمام گهڻيءَ محنت سان ان کي ترتيب ڏيڻ سان گڏ پروف وغيره بہ ڏٺا. اُن ڪري اميد تہ ٽري/ ڏاتڪي لفظن جي اُچارن ۾ غلطيءَ جو امڪان گهٽ هوندو.

حيدرآباد، سنڌ
13 جون 2014ع

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# فهرست


- پنهنجي پاران — 7
- ٿريلي — جي. اي گريئرسن — 11
- ٿريليءَ جون حدون — پيرومل مهرچند آڏواڻي — 26
- ٿر جي ٻولي — رائچند هريجن — 35
- ٿر جي ڪڇهري — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — 49
- ٿر جي سنڌي زبان — ڊاڪٽر فضل الحق سرهندي — 61
- سنڌي ٻوليءَ جا ٿرِي لهجا ۽ محاورا: هڪ جائزو — نور احمد جنجهي — 69
- ٿر جا لهجا ۽ انهن ۾ ڍاٽڪي لهجي جي اهميت — پارومل امراڻي سوٿهڙ — 78
- ٿر جي سامروٽي لهجي جون لِساني ۽ جاگرافيائي حَدُون — دليپ ڪوٺارِي — 131
- ڍاٽڪي ٻولي، محاورو يا لهجو؟ — ڦلومل ميگهواڙ — 147
- سنڌي ٻوليءَ جي ماترائن (سُرن) ۽ وينجنن جي ارتقائي ڪاياپلٽ ۾ ڍاٽڪيءَ جو اڀياس — آزاد سميجو — 171
- سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو: مارواڙي — ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري — 189
- ٿر ۾ لوڪ ادب جو هڪ پهلو: پروليون- ڏٺ- ڳوڙها ۽ هيماريون — ميمڻ عثمان اديب — 200
- ڳوڙها- هيماريون ۽ ڪاڪري — پريتم پياسي — 207
- ٿر ۽ پارڪر ۾ ڪولهين جي ٻولي ۽ ادب — پارومل ڪولهي — 236
- پارڪري ٻولي ۽ ادب تي هڪ مختصر نظر — تولارام سوٿهڙ — 243

# پنهنجي پاران

ٿر هڪ وڏو لئنڊ اسڪيپ (landscape) رکندڙ خطو آهي، جنهن جي هڪڙي سرحد انڊيا سان ملي ٿي ته ٻيو ڇيڙو چولستان (ڏاکڻي پنجاب) تائين ڊگهو ٿيندو وڃي ٿو. هن خطي ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ڪيترين ئي ذاتين آباد آهن، پر سڀني جو علائقائي لهجو الڳ الڳ آهي. هتي ڍاٽڪي، مارواڙي، پارڪري توڙي گُجراتي ٻولي ڳالهائيندڙن جي اڪثريت رهي ٿي، اُن هوندي به ٿر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ خاص ڪري مهراڻي واري علائقي ۾ ٺيٺ سنڌي ٻولي به ڳالهائي وڃي ٿي، جنهن کي سنڌيءَ جو سامروٽي لهجو چيو وڃي ٿو. جيئن ته ٿر ۾ رهندڙ اڪثر ذاتيون مختلف وقتن ۾ هجرت ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيون، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ تي گُجراتي ٻوليءَ جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. خاص طور تي پارڪري لهجو ته بلڪل گُجراتيءَ سان ملندڙ آهي. اُن کان علاوه هتي قديم زماني کان دراوڙي نسل جا ماڻهو ڪولهي ڀيل ۽ مينگهواڙ وغيره رهن ٿا، جن جي ٻولي اڄ به ساڳي آهي، اُن ۾ ڪا به ڦيرگهير نه ٿي آهي، اُن جا ڪيترائي سبب آهن، پر بنيادي سبب تعليم جي اڻاٺ آهي، جو هنن ماڻهن جو تعليم ڏانهن عدم دلچسپيءَ وارو رويو آهي. ٿر جي ماڻهن جي ٻولي، نهايت سادي سلوڻي ۽ عام فهم آهي. نه رُڳو سادي آهي، پر ٿر جي فطري نظارن، سونهن سوڀيا، مهمانوازيءَ، پيار ۽ پنهنجائپ ڪري هتان جي ٻوليءَ ۾ هڪ وڻندڙ رواني ۽ ردم به آهي. ايئن به چئي سگهجي ٿو ته ٿر سان تعلق رکندڙ شاعرن توڙي نثر نويسن جي لکڻين ۾ جيڪي تشبيهون ۽ استعارا استعمال ٿيل آهن، اهڙيون تشبيهون ۽ استعارا ٻين خطن جي شاعرن ۽ نثر نويسن وٽ گهٽ ملن ٿا. لسانيات جي حوالي سان ڏٺو وڃي ته هتان جي ٻوليءَ جو لهجو سرائڪيءَ وانگر مٺو ۽ پُر لُطف آهي.

ٿر جي ٻوليءَ تي ڪو ايترو گهڻو ڪم نہ ٿيو آهي، نہ رُڳو ٿر جي ٻوليءَ تي، پر ٿر جي جاگرافي، ثقافت ۽ اتي جي زندگيءَ سان لاڳاپيل ٻين اهم شين تي بہ ڪو مُستند ڪم نہ ٿيو آهي. ان ڏس ۾ رڳو ڪي بہ چار ڪتاب اسان کي ملن ٿا. جن ۾ استاد رائچند هريجن جو ڪتاب 'تاريخ ريگستان' (ٻہ ڀاڱا)، منگهارام اوجها جو ڪتاب پراڻو پارڪر، عبدالقادر عبدالقادر منگي جو ترتيب ڏنل ڪتاب 'ٿر' وغيره ٿرپارڪر جي ثقافتي تاريخ کي اجاگر ڪن ٿا.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 14 آگسٽ 2009ع تي 'ٿر پريس ڪلب هال' مٺيءَ ۾ چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين جي صدارت ۾ "ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجن" بابت هڪ سيمينار ٿيو هو. ان سيمينار ۾ پڙهيل پيپر ۽ ٻين ٻوليءَ جي عالمن جا مقالا هن ڪتاب ۾ گڏ ڪري ڏنا ويا آهن.

هي ڪتاب ٿر جي 'لساني جاگرافي ۽ لهجن' متعلق آهي، ان ۾ شامل سمورا مقالا ۽ مضمون لسانيات جي حوالي سان لکيل آهن. جن ۾ اديبن ڪنهن حد تائين موضوع سان نيائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو يقيني طور هڪ تاريخ ساز ڪم آهي.

آءٌ نہ تہ ڪو ٻوليءَ جو ماهر آهيان ۽ نہ وري علمِ لسانيات جي مون کي ايتري ڄاڻ آهي، جو آءٌ جيڪا ڳالهہ ڪريان، سا مُستند هجي. بلڪ آءٌ هيءُ ڪم سهيڙي پڙهندڙن اڳيان ٿو پيش ڪريان، جيڪي پاڻ ئي فيصلو ڪري، حتمي نتيجي تي پهچندا. جيتريقدر منهنجي دلچسپيءَ جو خيال آهي تہ: منهنجو تعلق ٿر سان آهي، مون بہ مهراڻي جي پٽن ۾ جنم ورتو آهي ۽ اتان جي ٻوليءَ جي لفظن کي پنهنجي ذهن ۾ سمائي وڏو ٿيو آهيان. ننڍپڻ ۾ ٻُڌل پنهنجيءَ ٻوليءَ جا لفظ منهنجي ذهن جي ڪينواس تي اڄ تائين چِٽيل آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي، جنهن مون کي هيءُ ڪم هٿ ۾ کڻڻ لاءِ اُتساهيو ۽ منهنجو اِهو اُتساهہ سياويڪ آهي.

هڪڙي ٻي ڳالهه هتي واضح ڪندو هلان تہ ٿر سان تعلق رکندڙ اديبن توڙي شاعرن پنهنجي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ کان وڌيڪ معياري ٻوليءَ (standard language) کي ترجيح ڏني آهي ۽ وڌ کان وڌ معياري لهجي ۾ لکيو آهي. جيڪو هتان جي ماڻهن جي سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپيءَ جو ثبوت آهي. اُن جي باوجود ڪن شاعرن جا ڏاتڪي دوها اسان کي ملن ٿا. جيڪي ٻوليءَ جي لحاظ کان نهايت شاهڪار چئي سگهجن ٿا. جن ۾ پنهنجي وطن سان اٿاهہ محبت. سِڪ ۽ ڇِڪ. درد ۽ پيڙا جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي.

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ هي ڪتاب پيش ڪندي آءٌ نهايت سَرهائي پيو محسوس ڪريان ۽ اجا وڌيڪ خوشي تڏهن ٿيندي، جڏهن هيءَ ڪتاب پڙهندڙن کي پسند ايندو ۽ ٿر جي تاريخ ۽ ثقافت تي ڪو محقق قلم کڻي ٿر جي تاريخ واري ڪمر کي عملي جامو پهرائيندو ڇو تہ آءٌ نہ اديب آهيان ۽ نہ محقق، جو هيڏي وڏي تاريخ سان انصاف ڪري سگهان.

آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ سيڪريٽري محترم تاج جويي جو احسانمند آهيان، جن هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ منهنجي همت افزائي ڪئي. اُن کان سواءِ آءٌ انهن سڄڻن کي بہ وساري نٿو سگهان، جن پنهنجون تحريرون ۽ مقالا هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڏنا. ٿورا پبليڪيشن آفيسر محترم خالد آزاد ۽ دوست محترم احسان علي لغاريءَ جا، جن هن ڪتاب کي سُڌارڻ ۽ سنوارڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو.

ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ٿر ۾ واري ٿورڙي، تنهان گهڻيرا،
پلايون ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻجن ڪيترا.
(شاهہ)

**زاهد اوٺو**

مهراڻو ٿرپارڪر

19 اپريل 2014ع

جي. اي گريئرسن
سنڌيڪار: ڊاڪٽر فهميده حسين

# ٿريلي*

’ٿريلي‘ ٿر يا ريگستان ۾ ڳالهائجڻ واري سنڌيءَ جو نالو آهي، جيڪو سنڌ جي ايرندي واريءَ سرحد تي موجود رڻ پٽ آهي، جيڪو راجپوتانا کان سنڌ کي جدا ڪري ٿو. ان جو هڪڙو بيو بہ ٿورو مختلف نالو آهي ’ٿريچي‘. مارواڙ ۾ رڻ پٽ کي ’ڍاٽ‘/ ڍٽ چوندا آهن. ان ڪري لهجي کي ’ڍاٽڪي‘ بہ چوندا آهن. نالو ڪهڙو بہ هجي، اهو سنڌيءَ ۽ مارواڙيءَ جو مڪسچر يا گاڏڙ لهجو آهي، ۽ هڪ جي ٻئي مٿان اثر جي لحاظ کان مختلف جاين تي ٿورو فرق رکي ٿو. اهو لهجو 749, 204 ماڻهو ڳالهائن ٿا. پر ٻولي گاڏڙ هئڻ سبب اهي انگ اکر جُلد نائين، ڀاڱي ٻئي جي صفحي 22 تي، ’مارواڙيءَ‘ جي سري هيٺ شامل ڪيا ويا آهن. ان ڪري هتي سنڌيءَ واري انگ سان ڪونہ ملايو اٿئون. ان ڪري جدول ۾ اهي انگ ڏنگين ۾ ڏنا اٿئون ۽ ڪل تعداد ۾ شامل ڪونہ ڪيا آهن.

### ٿريلي

سنڌ جي بنھ ايرندي طرف جيڪو ضلعو آهي، سو آهي ٿر ۽ پارڪر جو. اسين اهو اڳيئي ٻڌائي آيا آهيون تہ اهو ٻن علائقن تي مشتمل آهي. ”پَٽُ“ (عام طرح ”پٽ“ چوندا آهن) يا اُيرندي ناري وارو ميدان ۽ ٻيو ”ٿَر“ (عام طرح ”ٿر“ چوندا آهن) يا ريگستان. ٿر جي ذڪرڻ

---

* هن مقالي ۾ علائقي جي جوڙجڪ، ايراضي، آدمشماري ٻولي ڳالهائيندڙن جا انگ اکر وغيره گريئرسن 1915ع جا ڏنا آهن.

اوير ۾ پارڪر جو علائقو آهي، جيڪو ٿر کان ايئن مختلف آهي، جو اُن ۾ واريءَ جي پٽن بدران پٿر جون ٽڪريون آهن. پارڪر جي ٻنهي ڪُڪڙ اوير پاسي گجراتي ٻولي آهي، پر ٻين هنڌن ۾ سموري ٿر ۾ اهو سنڌيءَ جو ”ٿريلي“ يا ”ٿريچي“ لهجو ڳالهايو وڃي ٿو. جنهن کي راجپوتانا پاسي وري ”ڍاٽڪي“ پڻ چوندا آهن.

راجپوتانا ۾ لفظ ”ڍاٽ“ جي معنيٰ آهي ”ريگستان“، ۽ اُهو خاص طور ”ٿر“ ۽ اُن سان دنگئي راجپوتانا جي رياست جيسلمير واري ريگستاني خطي لاءِ ڪم اچي ٿو. اُتان جي مڪاني عملدارن جو چوڻ آهي تہ اُن ۾ هيٺان شهر اچي وڃن ٿا:

<u>الف ـ ٿر ۽ پارڪر ۾</u>

| | |
|---|---|
| عمر ڪوٽ | Umarkot |
| ڇور | Chhor |
| گڏڙو | Gadhra |
| مٺي | Mitti |
| راڻڪ ڍهر | Rangdar |
| ڇاڇرو | Chachra |
| جئسنگهہ جو ڍهر | Jaisinghdar |
| ڇيلهار | Chelar |
| پارٹو | Parno |
| نويسر (نبيسر) | Nasyrsar (Nabisar) |

<u>ب ـ جيسلمير ۾:</u>

| | |
|---|---|
| مايال دار | Mayaldar |
| کميات پرڳڻي جي کاري/ نار | (Khari of Samkhabha Pargana) |

هن پوئين خطي جي ٻولي، سنڌي ۽ جيسلمير ۾ ڳالهائجندڙ مارواڙيءَ جو ميلاپ آهي.

جيسلمير واري راجپوتانا رياست جي ڏکڻ ۾ ٿر ۽ پارڪر جي اجا بہ اوپر ۾، راجپوتانا اندر ئي مارواڙ رياست جو 'ملاڻي خطو' پوي ٿو. "ملاڻي" جي مکيہ ٻولي مارواڙي آهي، پر اُن جي ۽ ٿر ۽ پارڪر جي وچ واري سرحد سان لاڳو هڪ سوڙهو پٽو اهڙو آهي، جتي جي ٻوليءَ کي مارواڙي ماڻهو سنڌي چوندا آهن. اُهو سنڌي ۽ مارواڙيءَ جو گاڏڙ لهجو آهي. جيڪو سموريءَ سرحد سان لاڳو علائقي کان ويندي جيسلمير واري ڏاٽ تائين ڳالهائجي ٿو. ان پٽي ۽ ڏاٽ جي اوپر ۾ اُهو ريگستان يڪو هلندو وڃي، راجپوتانا جي وچ ۾ پوي ٿو جتي پهرين ٻولي جيڪا ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، سا آهي راجستانيءَ جي مارواڙيءَ لهجي جي هڪ صورت "ٿلي" (ٿري).

مجموعي طرح سان، اسان وٽ ڏکڻ اولهہ ۾ مارواڙ- ملاڻي آهي، ۽ ٿر يا پارڪر ۽ جيسلمير جي ڏاٽ ۾ ڳالهائڻ جا مختلف قسم ملن ٿا. جيڪي سڀ سنڌي ۽ مارواڙيءَ جي مختلف تناسب سان ٿيل ملاوٽ جو نتيجو آهن. انهن کي سنڌيءَ جا يا مارواڙيءَ جا لهجا چئي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ انهن کي پهرئين گروهہ ۾ شامل ڪندا آهن، ۽ "ٿريلي" نالو ڏيندا آهن، جيئن مٿي چيو ويو هو. هنن لهجن جي ڳالهائيندڙن جو انداز هن ريت آهي:

ملاڻي جي سنڌي ۽ مارواڙيءَ واري گاڏڙ ٻولي

| | |
|---|---|
| ڳالهائڻ وارن جو تعداد ........................ | 131960 |
| جيسلمير جي ڏاٽڪي ............................ | 150 |
| ٿر ۽ پارڪر جي ٿريلي يا ڏاٽڪي .......... | 72639 |
| ڪل تعداد .... | 204749 ([1]) |

[1] "ٿر" خيرپور رياست جي ايرندي حصي تائين پکڙيل آهي جتي ٿريلي ڳالهائجي ٿي، پر ان لاءِ انگ اکر ميسر ناهن.

اهي سيئي صورتون اڳ ۾ مارواڙيءَ جي سري هيٺ. مارواڙيءَ ۽ سنڌيءَ جي گاڏڙ صورتن جي حوالي سان بحث هيٺ اچي چڪيون آهن (جلد۔9، ڀاڱو ٻيو، ص 122) ۽ ڳٽپ جي مقصد سان متيان انگ اکر انهيءَ ٻوليءَ جي انگن اکرن ۾ شامل ٿي چڪا آهن. اُن ڪري سنڌيءَ ۾ انهن جي ڳٽپ نتي ڪري سگهجي. جلد نائين ۾ انهن لهجن جي باري ۾ لکڻ مهل مون کي اُهو تاثر هو تہ اتي انهن لهجن کان سواءِ سنڌيءَ جو هڪ واضح لهجو ٿريليءَ جي نالي سان بہ آهي، پر هاڻي سنڌيءَ بابت حقيقتون سامهون اچڻ کان پوءِ پتو پيو ٿو تہ ايئن ڪونهي. ٿريليءَ نالي سنڌيءَ جو لهجو مارواڙيءَ ۽ سنڌيءَ جي گاڏڙ لهجن مان ئي هڪ لهجو آهي، جنهن کي اڳ ئي بحث هيٺ آڻي چڪا آهيون، اُن ڪري سنڌيءَ جي سري هيٺ انهيءَ جا تفصيل ڏيڻ غير ضروري سمجهان ٿو پر ڪجهہ سهولت خاطر هتي آءٌ ٽر ۽ پارڪر جي ٿريليءَ جو هڪ نمونو ڏيان ٿو جيڪو اڳ ئي جلد نائين ۾ اچي چڪو آهي، اُن کان سواءِ "خرچائو پٽ" واري نقل جو بہ هڪ نمونو ۽ هڪ جيسلمير جي ڊاٽڪيءَ جو مشهور گيت بہ ڏيان ٿو. اُهو پڻ ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهي سڀ مثال گاڏڙ ساڌڙ ٻوليءَ جا آهن. جيتوڻيڪ انهن ۾ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ ٽر ۽ پارڪر جي نمونن جي ڀيٽ ۾ جيلسمير وارا نمونا، معياري سنڌيءَ کي وڌيڪ ويجهو آهن. اُهو صاف ظاهر آهي تہ ٻولين جو اُهو ميلاپ ميڪانڪي آهي. سنڌيءَ جا مخصوص ٻٽا وينجن(1) (حرف صحيح) موجود آهن. پر ٽر ۽ پارڪر واري پاسي گهٽ آهن. ۽ ٻين پاسن ڏانهن بنهہ ڪونہ آهن. ان کان سواءِ لفظن جو پڇاڙڪو چوٿو سُر بہ ظاهر ڪونهي. در اصل سنڌيءَ جي مزاج جي خلاف، جنهن ۾ آخري حرف تي ڪا حرڪت ضروري آهي،

---

(1) سنڌيءَ جا مخصوص چوسٽا آواز. (مترجم)

ماروا ڙيءَ وانگي لفظ ڪنهن نہ ڪنهن حرف صحيح تي ختم ٿيندا نظر اچن ٿا.

## اصل ۽ ترجمو

(هڪ عورت ۽ راجا جي وچ ۾ گفتگو)

عورت: آ ج اويلا ڪِيون آوٿا، ڪهہ رو مُج ۾ ڪام؟

معنيٰ: اج اويلو ڇو آيا، ڪهڙو مون ۾ ڪم؟

ٿان ـــ رو مَنهَتو گهر نهين، اِئي سُگٽي رو سام.

معنيٰ: ٿُنهن۔ جو (يا توهان جو) منشي (مهتو) گهر ناهي، هن وفادار جو مڙس.

راجا: سهرَ اُجيٽي هون قِرئِو مهہ لي آوئو آج.

معنيٰ: شهر اجيڙ آهيان گهميو هن گهر آيس اج

تاس اويلو آوئو ٿُج ٻلاوڻ ڪاج.

معنيٰ: تنهن ڪري اويلو آيس، توسان ڳالهائڻ لاءِ.

عورت: چندر گيو گهر آپني، راجا تون ڀي گهر جا

معنيٰ: چنڊ ويو گهر پنهنجي، راجا، تون بہ گهر وڃ

مَئِين ابلا سِي سي ڪئسو ٻلاٿو تون ڪيهرِ هُون گا

معنيٰ: مُون ابلا (ڪمزور عورت) سان ڪهڙو ڳالهائڻ، تون شينهن، آءٌ گانءِ.

راجا: ڪيهر ڳولي ٻڪي، چالي ٻڪي ناهر

معنيٰ: شينهن ڳئون کي ڳڙڪائي، ڇيلو ڪائي ٻگهڙ

جوڪُ لاڳي جند نان، لاڪون ڪري ٻچارُ

معنيٰ: جوڪو لڳو جِند کي، لکين ڪرين ويچار

عورت: آئيو سينهہ پچاٽا هيڪل گرِ آبيهہ

معنيٰ: اي شينهن بي ڊپا اڪيلو گجين (تو) بهادر
گهر اُوندَران را ڀوڻبي تو تانان سرمُ نہ آوي سينهہ
معنيٰ: گهر ڪوئن جو ڀُوليندي تہ توکي شرم نٿو اچي شينهن؟
راجا: سَج سهيچي سِنگار راجا ڪري پڪار
معنيٰ: سَجِ سهيلي (ڪر) سينگار راجا ڪرئي ٿو حڪم
جوڪَمُ لڳسي جيہ نان، لاکون ڪري بچارُ
معنيٰ: جوکمُ لڳندئي جيءَ کي، لکين ڪري ويچار
عورت: ٻاري ڊجي ڪيتر نان، ٻاري ڪيتِہ نان ڪائي؟
معنيٰ: ٻاڙي (واڙ) ڏجي ڪيتن کي، ٻاڙي (واڙ) ڪيت کي ڪائي؟
عورت: راجا ڊِٽَڊي رعيت نان، جڻ ري ڪُوڪَ ڪٽي لڳ جاءِ؟
معنيٰ: راجا ستائي رعيتہ کي، ان جي ڪُوڪ ڪنهن وٽ ويندي؟
راجا : ڪُوڪ مت ڪر، ري سهيچي، ڪُوڪ ڪئيئانڪي هوءِ؟
معنيٰ: ڪُوڪ نہ ڪر اڙي سهيلي، ڪُوڪ ڪرڻ سان ڪي هوءِ؟
: ڪيهر ڪي مُک ٻڪري، چُوٿي سِٽي نہ ڪوءِ
معنيٰ: شينهن جي وات (مان) ٻڪري بچي (ايئن) نہ ٻڌو ڪنهن
عورت: آڻِ ٻئان آپ رِيہ آڻِ مت لوپو آپ
معنيٰ: قسم ڏيان توکي، قسم نہ ٿوڙجو اوهان
: هُون ڪَوَلي تون برهمڻ، هُون ٻيٺي تون ٻاپ
معنيٰ: آءٌ ڳئون، تون برهمڻ، آءٌ ڌيءُ تون پيءُ.

اُهو ڏٺو ويندو تہ مٿين مثالن ۾ گهڻو ڪري مارواڙي آهي، صرف سنڌيءَ جي "ڊ" مورڏنيءَ کي، ڏندن واري "د" بدران استعمال ڪيو اٿن. جيئن "ڊِئان" (سنڌيءَ ۾ "ڏيان") يا "ٻلاوڻ" ۾ "ٻ" جو استعمال (پر "ڏ" جو استعمال ڪونهي 'ڏيان' بدران 'ڊِئان' آهي)۽ "بچارُ" ۾ آخري حرف تي پيش (جيئن سنڌيءَ ۾ ويچارُ) ڏنل آهي.

ٿر ۾ پارڪر مان آيل نموني ۾ هڪ طرف جيڪڏهن گهڻي مارواڙي آهي، سواءِ ٿوري سنڌي ملاوٽ جي، ته ٻئي طرف جيسلمير مان آيل ٽريليءَ جي نمونن ۾ بلڪل اُن جي اُبتڙ آهي. اُها بگڙيل سنڌي آهي، جنهن ۾ ٿورڙي مارواڙيءَ جي ملاوٽ آهي. انهيءَ ڏس ۾ هيٺ ڏنل نمونا دلچسپ آهن ۽ اُنهن ۾ استعمال ٿيل صورتن تي توجهه ڏيڻ لاياڻتو ٿيندو.

سنڌيءَ جي خصوصيت موجب آخري حرفن وارا سُر اڪثر ڏسڻ ۾ اچندا. اسان کي خبر آهي ته معياري ٻوليءَ ۾ اهي اڻ لکا ٻڌبا آهن. اهي اچا به ٻڌڻ ۾ نٿا اچن. اُنهن جو آواز ايترو هلڪو آهي، جو اڪثر انهن کي اچاربو ئي ڪونهي، پر ڪٿي ڪٿي اهي آهن به ته هڪڙو ٻئي جي جاءِ تي ڪم اچي سگهي ٿو. مثال طور "ماڙهوءَ کي" بدران "ماڙهو کي"، "منجِهه"، "منجهَ" ۽ "منجهه" چوندا. "هننِ کي" بدران "هنن کي" چوندا ۽ "هُنَ" به چوڻ ۾ ايندو آهي ۽ "نوڪرنِ کي" به چئبو آهي "ڏيهَ" وري "ڏيهَ" لاءِ ۽ "پُٽرُ" ۽ "پُٽرَ" جا اُچار "پٽ (رُ) جي لاءِ ڪم آڻيندا آهن. "ڏُڪارُ" لاءِ "ڏُڪار"، "ڏنُ" لاءِ "ڏنَّ"، "تنگ چائي ٿيڻ لڳي" (تنگي ٿيڻ لڳي)، "ڪرڻ لڳا" به استعمال ڪندا آهن، "ويندُس" جي جاءِ تي "ويندس"، "چوندُس" جي جاءِ تي "چوَندس" وغيره چيو ويندو آهي.

وڏيڪ قاعدي موجب آهن: "سڀُ"، "ملڪ- جو"، "مالُ" وغيره. شرطيه ماضيءَ لاءِ "هوندَ" ۽ "هوندا" ۾ "آَ" ۽ "آ" هڪ ٻئي جي بدران ڪم ايندا آهن. مخصوص سنڌي ٻٽا ڳرا ساڪن آواز (mutes) صرف ڪٿي ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندا. اهڙيءَ طرح "ٻَ" بدران "ٻَ"، "ابا" بدران "ابا"، "ڏي" بدران "ڏي"، وري "ڳڏ ۽ ڳڏُ" ٻئي ڪم اچن، "ڏادو" لاءِ "ڏادو"، "ڏڪار" لاءِ "ڏڪار"، "پيءُ- ڏي" لاءِ "پيو ڏي"، "ڏنو" جي بدران

"ڏنو" يا "ڏيئو" وغيره وغيره. اسان مارواڙيءَ ۾ "ڏيندو" لفظ ڏندن واري آواز "د" سان ڏسون ٿا. جيڪو سنڌيءَ ۾ "ڏيندو" آهي. ٻيا مارواڙي لفظ آهن "ڪِيو"، "گيو" (ويو جي بدران) "لُڃائي" وغيره. هنن مان آخري لفظ ۾ ٻئي "ڃ" آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ ممڪن ناهي. سنڌيءَ جو گُهٽو آواز "ڱ" ڦري "نگ" ٿئي ٿو جيئن "ياڱو" ڦري "يانگو" ٿيو. وري سنڌي "ڃ" ڦري "نج" ٿيو پوي، جيئن "وڃڻ" کي چون "ونجڻ". اسين "پيءُ" لاءِ "پيپو" ۽ "ننڍو" لاءِ "نِڍو" جي صورتن تي بہ ڌيان ڏئي سگهون ٿا.

اسمن جي ڦيري ۾، مٿين نُڪتن کان سواءِ "ڪان" جي بدران "ڪا" ۽ "چلون" جي بدران "چلُ" جو استعمال بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. خالص ضميرن کي ڏسو "آءٌ" جي مفعولي حالت ۾ "مهہ"، "مي" ۽ "مُو" اچن ٿا. "مون ڪان" لاءِ "مهي" استعمال ٿئي ٿو. فاعلي حالت ۾ جمع "اپان" (اسين) مارواڙيءَ مان ورتل آهي. "تون" مان مفعولي صورتون آهن "تهہ"، "تو" ۽ "تا". متعدي مجهول جي واحد فاعلي حالت ۾ ٿيندو "تو". "پنهنـ جو" ۽ "پاڻـ جو" ٻئي مستعمل آهن. "هنَ" بہ عام آهي، پر مفعولي جمع آهي "هنن". متعدي مجهول جي فاعلي حالت ۾ ضمير موصول آهي "جيهِين". گهڻو ڪري سيئي اسم حاليہ ٻي قاعدي آهن. "ڪائيندو" لاءِ آهي "ڪائُندو" ان ڪان سواءِ "چانوَندو" (چاهيندو) "ڏيندو" ڏندن واري آواز "د" سان. لفظ "چاوَندو" ۾ گُهٽي آواز جي تبديلي نوٽ ڪريو اُها ساڳي ڳالهہ "چنوَدس" ۾ بہ ٿئي ٿي.

هيٺين اسم مفعولن کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گرجي:

"ڏنو" جي لاءِ "دِنو"، "دِنهو" ۽ "دِنَهو".

"ڏنو جي لاءِ "دِنو"، "دِيـنو".

"پِئو" جي لاءِ "پِيو".

فعل جي پورائيءَ لاءِ "آهين" معنيٰ "آءٌ آهيان" ۽ "تون آهين" ۽ "آهي" ۽ "آهي" معنيٰ "هي آهي".

زمان مستقبل لاءِ "ويندُس" ۽ "چَنودَس" اڳئي اچي چڪا آهن. ٽئين نموني ۾ "ڪنداسين" جي جاءِ تي "ڪنداسي" موجود آهي.

سنڌيءَ ۾ ڪو ماضي شرطيہ اهڙو ڪونہ هوندو آهي، اُن جي جاءِ تي زمان ماضي استمراري يا ماضي بعيد استعمال ٿيندا آهن. اُن ڏس ۾ اُها مارواڙيءَ کان مختلف آهي، جنهن ۾ بين هند آريائي ٻولين جيان اسم حاليہ مانِ ٺهيل ماضي شرطيہ موجود هوندو آهي. اهڙيءَ ريت ٽريليءَ ۾ ٻئي نمبر نموني ۾ "ڪرين- هوندَ" (آئون جيڪر ڪريان) ۽ ٽئين نمبر ۾ "سَمها هندا" (جي آءٌ ستو هوندس) "ڏيهون" (آئون (در) ڏيان ٿو). "ڪرين هُندا" (تو ڪيو هجي ها)، "ڏنا هي" (جي هو ڏنا ويا هوندا) "وَهَئي هندا" (وهايا ويا هوندا)، "وجهي هُندا" (تو وڌا هوندا)، ۽ "هُندا" (تون هجين ها)، اُنهن سيني مان "ڏهُون" مارواڙيءَ جي مضارع تي ٺهيل آهي ۽ "ڏنا هي" ماضي بعيد تي. باقي ٻيا "هئڻُ" جي اسم حاليہ مانِ ٺهيل آهن ۽ آخريءَ کان سواءِ باقي سڀ سنڌيءَ ۾ زمان مستقبل ٺاهڻ واري ساڳئي اصول موجب آهن.

ضميري پڇاڙين جو ڪوبہ مثال نٿو ملي، سواءِ زمان مستقبل جي متصل ڦيري ۾ عام فاعلي حالتن جي.

## ٻيو نمونو

هِڪَ ماڙهُو کي ٻہ پُٽَر ها. هُنن منجها ندي پُٽَر اَبا کي چَيو "اي ابا، مالَ منجها ڀانگو هو سو مي کي ڏي، تڏهين هُنَ هُنن کي پنهـ جي مُراگ (معنيٰ ملڪيت) ڀِراهي ڏنهي. گهڻَ ڏينهہَ نہ ٿيا، تہ نِڍو پُٽَرُ سڀُ

جي پُٽڙ کي چنگو ڀلو ڏنو" پر هُنَ کي اِها ڳال بڌي ڪاوڙ آئي، آئون گهرَ منجهہ ڪي نہ گيو. ٿهہ ڪان هن جو پيبو باهر نِڪري هن کي مناوڻ لڳو. تڏهين هن پيبو کي وردي (ورندي) ڏني تہ "ڏسُ آن هيٽرن وَرَهن ڪان ٿهہ جي چاڪري ڪران ٿو آئون ڪڏهين ٿهہ جي حُڪُم ڪي نہ ريٺيون آئون تو مي کي ڪڏهين بڪرُ ئي(ٻڪر ٻا) ڪي نہ ڏنهو تہ آن مهہ جن سنگتين ساڻ ڪشي (خوشي) ڪرين هوندَ. پر ٿهہ جو هي پُٽڙ جو ڪنجريون ساڻ ٿهہ جو ڌنُ مال ڪائي آيو ٿهہ کي ايندي سائي تو مجماني ڍِني." پيبو هُنَ کي چيو "پُٽڙ، تُو سدا مِين سان ڳُڊ آهين، آئون جي ڪي مي وٽ آهي، سو سڀُ تا -جو آهي، پر آپان کي ڪشي (خوشِي) ڪرڻِي آئون راجي (راضي) ٿيوڻ لايڪ (لائق) هو. ڪيون جو ٿهہ جو ڀائُو مَري ڳِيو هو وري جِيو آهي; ونجاجي پيو هو موٽي لڌو آهي. (1)

ٿريلي ۽ جو ٿيون نمونو مشهور سنڌي لوڪ داستان 'مومل- راڻو' مان ورتل هڪ ٽڪرو آهي. ان نظم جو مڪمل احوال برٽن جي ڪتاب "سنڌ" جي صفحي 144ff تي ڏنل آهي. هن نظم جو سورمو راڻو مهيندرا آهي (جنهن کي نظم ۾ مينڌرو سڏيو ويو آهي) جيڪو عمر ڪوٽ جو سوڍو آهي، ۽ سورمي مومل ذات جي راٺوڙ آهي، جيڪا لُڊروا (لڊاڻي) وٽ ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي رهندي هئي، جيڪا جيسلمير ڪان اٽڪل ڏهہ ميل اتر اولهہ ۾ ۽ عمر ڪوٽ ڪان سئو ميلن جي پنڌ تي آهي. راڻو رات جو هن وٽ ايندو هو پر حاسد دشمنن هن

(1) گريئرسن هن ٻوليءَ کي جيسلمير جي ڳاڏڙٻوليءَ جي نموني طور ڄاڻايو آهي ۽ سندس خيال آهي تہ ٻ، ڏ، ڳ وارا سنڌي اچارن وارا آوازان ۾ ڪونہ آهن پر منهنجو خيال آهي تہ اها لکڻ جي غلطي آهي نہ تہ ٻوليءَ ۾ ڪو ائلڪو فرق آهي. هي نمونو اصل ۾ ديوناگريءَ رسم الخط ۾ هئڻ سبب اهي غلطيون ٿيون آهن. جيسلمير پاسي سنڌي آوازن لاءِ مقرر نشانيون استعمال نہ ٿيون آهن (سواءِ هڪ ٻن هنڌن جي). ان ڪري اهڙو تاثر پيدا ٿيو آهي اها ٻولي معياري سنڌيءَ کي بلڪل ويجهي آهي سواءِ ڪن لفظن مثلاً ڳيو "ڪيون-جي". "پيبو" ۽ "ارگوج" وغيره جيڪي مارواڙيءَ تي سگهن ٿا. (مترجم)

اڳيان سنگدل بنجي ويجي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ ڏکويل مومل گهر ڇڏي ويجي ٿي ۽ پنهنجي زندگيءَ کان بيزار ٿي ڪاٽين جي هڪ چکيا ٺاهي اهو چوي ٿي:

”جي اسين هاڻ نتا ملي سگهون تہ آءٌ اوڏانهن ٿي وڃان، جتي اسان جا رُوح ملندا ـ اي مينڌرا!“ (1)

پوءِ هوءَ باهہ ٻاري اُن ۾ سڙي رک ٿي ويجي ٿي. مومل جي بي وقتي موت جي خبر ٻڌي راڻو پنهنجي مومل جي وارن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

”اسان جي جدائي پوري ٿي، اي محبوب! اسان جا غم لٿا.

تنهنجي خواهش ۾ سڙي آءٌ اُها دنيا ڇڏي ٿو وڃان، جنهن ۾ تون ناهين!

اي لوڪو منهنجي دوستن کي وڃي، چئجو تہ راڻو مومل ماٽڻ ويو آهي.“

هن پوءِ پنهنجي نوڪرن کان ڪاٽيون گهُرائي، انهن کي باهہ ڏني ۽ پاڻ کي شعلن حوالي ڪري ڇڏيو.

## ٽيون نمونو

1 ـ (راڻو) : مُومَلِ مجمانن جا هِنـُيـہ نہ يَجَن هَڪ

معياري سنڌي (1): مومل مزمانن جا هيئن نہ پڄن حق

هڪ اوجاڪا انکن کي، بيا لتاڙيا لَڪَ

---

(1) هي گريئرسن جي انگريزيءَ نثر ۾ ڏنل معنيٰ جو ترجمو آهي.

(1) گريئرسن اتي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏني آهي، جنهن کي مترجم پاران معياري سنڌيءَ ۾ اُلٿايو ويو آهي. جنهن ۾ اصل سان هڪ جهڙائيءَ رکڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وئي آهي.

معياري سنڌي:   هڪ اوجاڳا اکين کي، ٻيا لتاڙيا لَڪَ
چاڙهي چادر ڪٿ ونجي، سُتي سيتل راوَ سان
معياري سنڌي:   چاڙهي چادر ڪٿ وڃي ستينءَ سيتل راءَ سان
2 ـ   (مومل) : جي سَمها هُندا سيتل راوَسان تہ ڊهون دُرس دزي
معياري سنڌي:   جي سمهان هوند سيتل راءَسان تہ ڏيان ها درَدري
سڏ ڪرين هُندا ڪيترا، ڊيهي تاڪ تَري
معياري سنڌي:   سڏ ڪرين هوند ڪيترا، ڏيئي تاڪ تِري
3 ـ   (مومل): ما ڊهون ميان مهيندرا، ٿِيا ڪا نہ ڪچي
معياري سنڌي:   مان ڏهون (مون کان) ميان ميندرا ٿي ڪا نہ ڪچي
رُڳن رو ساهن جي، تو کي پَئِئا مَيَ مچي
معياري سنڌي:   رڳي رو ساهن جي (2) تو کي پئي آ مئہ مچي
هيڪرُ هت اچي ڪر ماريا منجهہ مُڪابلو
معياري سنڌي:   هيڪر هِت اچي ڪر ماڙيءَ منجهہ مقابلو
4 ـ   (راڻو)   مومل تُهہ جي ڪاڪ تي ايندُس ڪي نہ وري
معياري سنڌي:   مومل تنهنجي ڪاڪ تي ايندس ڪين وري
تو جي بولَ بهيون ڪيا، تهہ مان ڪا نہ پري
معياري سنڌي:   تو جي ٻول ٻـهُون ڪيا  تنهن مان ڪانہ پري
5 ـ   آيو هوس اڌ رات جو ڪهين سوڪ پئي
معياري سنڌي :   آيو هوس اڌ رات  جو ڪنهن سِڪ پئي
سوتي پئي هي سيتل راوَ سان ڪٹ تي ٻيل ٻئي
معياري سنڌي:   ستي پئي هئينءَ سيتل راءِ سان ڪٽ تي ٻيل ٻئي

---

(2) ”روساهن“ جي معنيٰ گريئر سن ڪاوڙ (anger) لکي آهي، ڀي سگهي ٿو تہ اهو لفظ ”رُسامن“ هجي. (مترجم)

6 ـ (راڻو) وٺري سير وئي موتي نہ ڪنداسي ملاڪاتَ

معياري سنڌي: وٺڙي سير وهي، موتي نہ ڪنداسين ملاقات

(مومل) توڙي سيرَ وهي توپي موتي ڪنداسي ملاڪات

معياري سنڌي: توڙي سيرَ وهي تہ بہ موتي ڪنداسين ملاقات

گڏ ٻنا هي، گاجي چي، تون موتي ڪين نہ هُندا ميرَ

معياري سنڌي: گڏ ڏنا هيئي غاڙي چئي، تون موتين ڪينَ هوند ميرَ

7ـ (شاعر) سَٺ وجهي هُندا سرواهي سوڍا وهائي هوند سيرَ

معياري سنڌي: سٺ وجهين ها سرواهي سوڍا وهائين هوند سيرَ

پوءِ ڪرڻ نزير، راڻا ڪم رنن جو

معياري سنڌي: پوءِ ڪرڻ نظير، راڻا ڪم رنن جو

شاعر جي راءِ: (1)

غازي چوي ٿو: اي شهزادا! جيڪڏهن تو سچ پچ هنن کي گڏ ڏنو هجي ها تہ ايئن موتي نہ وڃين ها، جيئن موتي ويو هئين. تون هڪ سوڍو! تون تہ هنن کي (ايئن ستي) ڏسي پنهنجي تلوار سان قتل ڪري وجهين ها ۽ (پيار جو نہ پر خون جو) درياھ وهائي ڇڏين ها. پر راڻا! (ايئن موتي وڃڻ ۽) پوءِ وجي اهڙي تهمت هڻڻ تہ رنن جو ڪم آهي.

□

---

(1). آخري ستين نمبر بيت لاءِ گريئرسن جي ڪيل وضاحت جو ترجمو (مترجم).

پيرومل مهرچند آڏواڻي

# ٿريليءَ جون حدون

ٿرپارڪر ضلعي جا طبعي ڀاڱا ٻہ آهن: هڪڙو 'ڏٽ' يعني ٿر يا واريا سو ڀاڱو ۽ ٻيو 'پٽ' يعني ڏاڍيءَ زمين وارو ڀاڱو جنهن ۾ سڄو نارو ڊويزن اچي وڃي ٿو. اهو ميرپورخاص وارو پاسو اصل حيدرآباد ضلعي سان لاڳو هو ۽ اتي ٻولي بہ حيدرآباد طرف جهڙي ڳالهائين ٿا، تنهنڪري ٻوليءَ جي لاءِ سڄي ناري ڊويزن جي ٻولي وچولي جي دفعي ۾ ليکڻ گهرجي. هاڻوڪو ٿر• ڊويزن يعني ڏيپلو مٺي، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر تعلقا ۽ ٿر جي آڳاٽي گاديءَ جو هنڌ امرڪوٽ ٿر ۾ سمجهڻ گهرجن. انهن پنجن تعلقن ۾ جيڪا سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، تنهن کي 'ٿريلي' يعني ٿر* جي ٻولي سڏجي ٿو.

## ٿر جو تاريخي احوال

سڄي ٿر ڊويزن ۾ رڳو ننگر پارڪر وارو پاسو قديم زماني ۾ وسيل هو جو مهراڻ يا هاڪڙي جي شاخ بهاولپور رياست وٽان ڦيرو ڪري، ٿر ڏانهن لوڻي نديءَ سان اچي گڏبي هئي. جنهنڪري ننگر پارڪر تعلقي ۾ ڳوٺ ويرا واھ جي ويجهو پاري ننگر نالي هڪ وڏو

---

• پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو هي تجزيو ڪافي سال پراڻو آهي. هاڻوڪي ٿر ضلعي ۾ مٺي، ڇاڇرو ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر تعلقا شامل آهن. جڏهن تہ امرڪوٽ (عمرڪوٽ) ڌار ضلعو آهي. (مرتب)

* سنسڪرت 'ستل' معنيٰ 'بيٺل' يا نہ وهندڙ يعني خشڪ بلڪ (جتي درياھ ڪونهي). انهيءَ 'ستل' لفظ جو اُچار اول ٿري ٿيو 'ٿل' يعني ڏاڍي زمين (ضد "جل" معنيٰ پاڻي) ۽ "ٿل" جو آواز ٿري ٿيو "ٿر". "جرٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي " (شاھ)

بندر هو جنهن بابت ڪئپٽن ريڪس پنهنجي ڪتاب ’ٿر ۽ پارڪر جو احوال‘ ۾ ڄاڻايو آهي، تہ اهو عيسوي پهرين صديءَ ۾ ٻڏو هو. اُتي اڄ تائين جين ڌرم وارن جي ڊٺل مندرن جا نشان ظاهر آهن. عيسوي ڇهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو راڄ هو تڏهن سوڍن راجپوتن اُهو ننگرپارڪر وارو پاسو اچي وسايو. رفتي رفتي اهڙو زور ٿيا، جو سومرن جي صاحبيءَ هوندي بہ آمرڪوٽ جو قلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيائون. عمر سومري جي ڏينهن ۾ آمر ڪوٽ وري سومرن جي هٿ ۾ آيو. پر تنهن کان پوءِ وري راجپوت زور ٿيا ۽ سڄو ٿر وسايائون. ٿر جو اتر وارو پاسو ’ڪاٺر جو ٿر‘ سڏبو هو ۽ ڏاکڻو ياڳو ڪڇ جي رڻ ڏانهن ’پاٺر جو ٿر‘ سڏبو هو. ۽ انهن ٻنهي ٿرن جي وچ وارو ياڳو ’ڍٽ‘ ڪوٺبو هو. سڄي ٿر جي گاديءَ جو هنڌ آمرڪوٽ جو شهر هو. همايون بادشاهہ سنڌ ۾ آيو تہ آمرڪوٽ جي راڻي قلعو خالي ڪري ڏنس، ۽ انهيءَ قلعي ۾ اڪبر بادشاهہ ڄائو هو. انهن سوڍن راجپوتن ڏيپلو مٺي ۽ ڇاڇرو بہ وسايا. مطلب تہ اهي ٽيئي تعلقا ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کان اڳي وسيل هئا. هن وقت بہ ٿر ۾ راجپوت، ڪِراڙ لُهاڻا ۽ ٻيا هندو گهڻا آهن ۽ مسلمان ٿورا آهن.

## ٿر جا اُچار

ڏيپلي تعلقي جا ميمڻ اصل ننگر ٺٽي ۾ رهندا هئا ۽ سوڍن جي صاحبيءَ ۾ هن پاسي اچي رهيا. لاڙ جي ماڻهن وانگر ’هہ‘ جو اُچار اڪثر ڪو نہ ڪن، ’ر‘ ۽ ’ڙ‘ جي تفاوت جي بہ گهڻي سُڌ ڪا نہ پوندي اٿن، تنهنڪري، ’جهڙو تهڙو ۽ ڪهڙو‘ بدران اڪثر چون ’جيرو تيرو ۽ ڪيرو.‘ ٿر جا هندو مينگهواڙ ۽ ٻيا ’هائو‘ بدران اڪثر چون ’هوئي‘ (YES) ڏيپلي جي ميمڻن کي ’هہ‘ جو اُچار اڪثر ڪونہ اچي، تنهنڪري ’هائو‘ لفظ ڪو نہ چون، پر نڙيءَ مان ٿورو ڪنجهڪار جهڙو آواز (آ آن) ڪندا آهن.

(الف) ٿر جا ڪتري، لهاڻا، مينگھواڙ وغيره 'منديءَ' بدران 'مندري'، 'پُٽ' بدران 'پُتر' ۽ 'ڪيٽ' بدران 'ڪيتر' چوندا آهن، جنهنڪري چئبو تہ سندن اچار سنسڪرت کي گھڻو ويجها آهن. پيءُ بدران 'بيئو' معنيٰ ابو يا بابو.

(ب) ٿر جا هندو توڙي مسلمان لفظن ۾ نَڪ جو اُچار گھڻو نہ ڪندا آهن: 'جنهن'، 'تنهن' ۽ 'ڪنهن' بدران چون 'جهن، تهن ۽ ڪهن'. باقي ٿر جا هندو 'ڪاڻ' بدران چون 'ڪانوڻ' جهڙوڪ چون تہ 'ڪانوڻ' ڪان وڏندي ماني نہ ڏي يعني جيتري ماني ڪائي سگھبي، تنهن ڪان وڌيڪ نہ ڏي

## ٿريلي جي وياڪرڻ جون ٻيون علحديون ڳالهيون

ٿر ملڪ هڪ پاسي ڪڇ ۽ٌ تہ ٻئي پاسي راجپوتانا جي حدن سان لڳو بيٺو آهي ۽ اتي جي ماڻهن جي پاڙ ۾ لهہ وچڙ گھڻي آهي، تنهنڪري ٿر جي ٻوليءَ تي انهن پاسن جي ٻولين جو ڪجھہ اثر ٿيو آهي.

**زور پرائيندڙ حرف** (Particle of Emphasis) گجراتيءَ ۾ 'ايڪ' معنيٰ هڪ ۽ ايڪج معنيٰ هڪڙو ئي يا رڳو هڪ. ٿر جا هندو بہ ائين لفظن جي معنيٰ کي زور پرائڻ لاءِ اهو ساڳيو 'ج' پڇاڙيءَ ۾ ڪم آڻيندا آهن. مثلاً: ٿريلي ۾ 'ارگو' معنيٰ 'اڳيرو' ۽ 'ارگوج' معنيٰ اجا اڳيرو.

**اسم خاص**- ڪڇي ۽ مارواڙي 'گڻيش' بدران چون 'گڻيشيو' ۽ 'جيسو' بدران چون 'جيسيو'- مطلب تہ ماڻهن جي نالن پٺيان 'يو' پڇاڙي گڏيندا آهن. ٿر ۾ بہ ڪيترين حالتن ۾ ايئن ڪندا آهن. مثلاً: هڪ مينگھواڙ جو نالو 'پورو' تنهن جي بدران چون 'پوريو' ۽ 'ڏيپو' بدران چون 'ڏيپيو' * ڪن مسلمانڪن، نالن پٺيان بہ اها 'يو' پڇاڙي گڏين ٿا- مثلاً: 'سومار' بدران چون 'سوماريو'.

---

* ڏيپلي جي شهر توڙي تعلقي تي 'ڏيپو' نالي هڪ مينگھواڙ جو نالو پيل آهي، جو اول هن اتي هڪ کوهہ کٽائي پنهنجو توڙي ٻين جو سهنج ڪيو هو. هن حالت ۾ 'يو' بدران 'لو' پڇاڙي جو ڪم آيل آهي، جنهنڪري ڏيپلو چئجي ٿو.

ٿر جا ڪِراڙ پنهنجن نالن پٺيان اڪثر 'شاهه' لفظ گڏيندا آهن- مثلاً: ڪيول شاهه پُٽ جڳو شاهه- اهو نمونو گجرات جي ڪِراڙن کان ورتو اٿن.

ضمير (1) ٿر جا هندو 'مون' بدران 'مين' چون. مثلاً 'مين وٽ' معنيٰ مون وٽ، 'مين سان گڏ' معنيٰ مون سان گڏ. تنهنجو بدران 'تين جو' ۽ پنهنجو بدران 'پانجو' چون ٿا. هي پويان مثال ڏيکارين ٿا تہ ٿر جي ٻوليءَ تي ڪڇ ۽ لاڙ جي ٻوليءَ جي ڪجهہ ڇاپا پيل آهي، پر سيڪنهن حالت ۾ ٿري ماڻهو 'هہ' جو اچار ڪڍي نہ ٿا ڇڏين- مثلاً 'اها ڏم ڪيهائي؟' يعني اها ڏام ڏوم (ناچ گاني جي) ڇاجي ڪري آهي؟ ڪيهائي معنيٰ ڪهڙي.

(2) 'آپاڻ کي ڪُسِي ڪرٽي'، 'آءٌ راجي ٿيوڻ لائق آهي'، يعني پاڻ کي (اسان کي) خوشي ڪرڻ راضي ٿيڻ جڳائي. اهڙيءَ طرح 'پاڻ' بدران 'آپاڻ' لفظ ڪم آڻين ٿا، جو نج پراڪرت لفظ آهي. ٻين هنڌ اڳياڙيءَ وارو 'آ' جو اچار ڪڍي ڇڏيو اٿن، پر ٿريلي اهو اڄ تائين قائم رکيو بيٺي آهي.

صفت- 'چڱو' بدران عام طرح چون 'ڀلو'. 'مور ڀلو ليئو'، يعني بنهہ چڱو يا اُچو وڳو- 'ليئو' معنيٰ وڳو يا پوشاڪ- 'گهٽو' بدران عام طرح چون 'گهڻ'- مثلاً، 'گهڻ ڏينهن نہ ٿيا'، يعني 'اجا ٿورائي ڏينهن ٿيا' (گهڻا نہ).

ڪردنت- 'کائڻ' مان اسم حاليو ٿهندو 'کائيندو' پر ٿر جا هندو چون 'کائندو'. ساڳيءَ طرح 'چاهڻ' مان 'چاهيندو' پر ٿري چون 'چاوندو'.

**فعل:**

ڪين ڏر تتي ماءِ، ڪين ڄر سندي سڄڻين،
وهي ۽ واجهاءِ، ٻنهي جيرن وچ ۾.
(شاهه)

’وهي ۽ واجهاءِ‘. يعني هلي ٻـ پيئي يا پنڌ ٻـ پيئي ڪري ۽ واجهائي ٻـ پيئي- ٿر ۾ ’وَهڻ‘ لفظ عام طرح ’هلڻ‘ جي معنيٰ سان ڪم آڻيندا آهن. ٿر ۾ هڪ مسلمان کان پڇيو ويو تـ ’فلاڻو ڪٿي؟‘ چي، ’وراندِ تائين هتي ٿيو هو پوءِ وَهيو ڏيپلي‘. يعني ٽپهريءَ تائين هتي هو پوءِ ڏيپلي هليو ويو. وراند معنيٰ ٽپهري ۽ ’وَهيو‘ معنيٰ هليو- متئين مثال مان هيءُ بـ ڏسڻ ۾ ايندو تـ ’هو‘ بدران ’ٿيو هو‘ چئبو آهي. ٿر جا هندو ’ٿيڻ‘ بدران چون ’ٿيوڻ‘ - مثلاً، ’ائين نـ ٿيوڻ گهرجي‘، يا چون تـ ’جيڪي ٿيوڻو آهي، سو ٿيندو‘. ’ٿيوڻو‘ معنيٰ ’ٿيڻو‘. هي ڪڇڪي ۽ مارواڙي نمونو آهي.

(الف) ’اَگهڻ‘ معنيٰ ’قبول پوڻ‘ تنهن مان ’اَگهيو‘، پر ’اگهاڻو‘ بـ چئبو آهي. ساڳيءَ ريت وڪڻڻ مان وڪيو ۽ وڪاڻو. ٿر ۾ اها ’اَڻو‘ پڇاڙي عام طرح هن ريت ڪم آڻين ٿا:

(1) هيءُ نئون گهر اَڏاڻو آهي يعني اڏيو آهي.

(2) هي ڳوٺ نئون ٻَڌاڻو آهي يعني ٻَڌو آهي.

(3) اسلام ڪوٽ ڦُراڻو آهي يعني ڦُريو آهي. (ڌاڙيلن).

آءٌ ماراڻو آهيان‘ يعني ماريو آهيان. ’ويو‘ بدران عام طرح چون ’گيو‘ (هندي لفظ).

**ظرف**- ٿر جا هندو ’چو‘ بدران چون ’ڪيوُن‘

**حرف جر**- ’هن مجمانيِ ڪي: هن کان، جو هو سڪرارو ٿيو هو‘ يعني هن مهماني ڪئي، هن کان (هن لاءِ يا هن سبب) جو هو سڪرارو ( چگّو ڀلو) ٿيو هو. ’کان‘ حرف جر کي ’لاءِ‘. جي معنيٰ سان ڪم آڻين ٿا. ٻيو مثال: ’هن جو پيئو گهر منجهـ هو تنهن کان ٻاهر ويهي رهيو‘ معنيٰ هن جو پيءُ گهر منجهـ هو تنهن کان (تنهن لاءِ يا تنهن سبٻان) ٻاهر ويهي رهيو (پيءُ کان ڊنو ٿي). ’پر‘ بدران عام طرح ’پڻ‘ چوندا آهن.

حرف جملو- 'پڻ' (also) لفظ ۾ 'پ' جي هيٺان زير (ا) بدران زبر يعني 'آ' جو اُچار ڪن ٿا.

## ٿريليءَ جا علحدا لفظ

ٿري ماڻهو هڪبئي کي ڪيڪارڻ مهل چون 'چاق، جوڙ سڪارو، خير ڪِين، هوڪاري ۾ روڙا ڀلا' وغيره. 'خير ڪين' معنيٰ سُک سلامتي، ۽ 'رُوڙا' معنيٰ چڱو.

(1) ڪمندڙن خير ڪِين، چُونڊڙ چڱا نہ ٿيا. (شاهہ)

(2) 'مرڪي مر ماتا، رُوڙي راءِ ڏياچ جي'.

ٿر ۾ 'ڪنگهہ' بدران چون 'دوُنس' ۽ 'اُج' کي چون 'تونس'

'تن ۾ تونس پرينءَ جي، پِيان نہ ڊاپان'. (شاهہ)

شاهہ جي رسالي ۾ سُر مارئيءَ ۾ ٿر جا لفظ تمام گهڻا آهن: 'سانيڪو'، 'ياروڙي'، 'وراڪو' وغيره.

(الف) ٿر ۾ سج ايرڻ سان ٻِٽ جي جنهن پاسي تي اُس جو ٽڙڪو پوي' تنهن کي چون 'ٽڙڪول'. مهڙ وارو پاسو 'ٻڪڙ'، مٿيون پاسو 'مٿاري'. چيڙي وارو 'گوچار' سڏجي ٿو ۽ ٻِٽ جي پُڇڙيءَ کي 'پوڇاندو' چوندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪئين علحدا لفظ اٿن.

چوٽي آهي تہ 'راڳ پنجاب ۾ جائو ٿر ۾ مئو'. ٿر جي هندن ۾ ڪو ڄمي توڙي پرڻجي، تہ بہ سُر اهڙو ڪين، جو ڄڻ تہ ڪو مُئو اٿن. شعر جوڙڻ جو ڍنگ بہ اهڙوئي اٿن. پر ڪي ڪي بيت چڱا چيا اٿن- جهڙوڪ:

'واهوندا وريا، تڏهن ڳاڙهي تي ڳنوار
چيٽ اڍائي ڏينهڙا،' پَڏي تي پنهوار
چَلڻ ۾ چِڪ تي، تڏهن موڙون ڏئي ميهار
ياڙي جي پيڙئي، تہ گهگهلي تي گنڌار
ويچاريءَ اوٺار ڪڏهن منهن نہ مَکيو.

بهار جون فرحتي هوائون اُلهندي طرف کان لڳڻ شروع ٿين، تہ چون ’واهوندا‘ وريا آهن، يعني بهار جون هوائون موٽي لڳيون آهن. وڻ ٽڻ مورجن تہ گاهہ پٽو جام. ڏڏ مکڻ کائي، ڳنوارن جون زالون ڳاڙهيون ڳُٽڪيون ٿين ٿيون. (’چلڻ‘ معنيٰ گهٽا گاهہ. ’گهگهلو ٿيڻ‘ معنيٰ بود ۾ پرجڻ). اوٺي کير مان مکڻ کو نہ نڪرندو آهي، تنهنڪري رڳو اوٺار جي زال منهن سٽيو نٿي ڪري سگهي.

ناري ڏويزن ۾ فقط ٻہ ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن: هڪ صديق، صادق( فقير صوفي)، جنهن جي نالي پٺيان ’صوفي فقير جو ڳوٺ‘ سڏجي ٿو ۽ ٻاٽي هڪ ننڍڙو شهر صوفي فقير اڏيو اٿن ۽ ٻيو ڪپري تعلقي جو منٺار فقير، جو گذريل اوڻويهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي.)

حيدرآباد ۾ هل ٿيو رت وهي ٿي ريل،
ٻُورا اچي پيل، ساري سنڌ ’صديق‘ چوي.

انگريزن جي اچڻ ۽ ميرن جي صاحبيءَ جي خاتمي ٿيڻ بابت هيءَ پيشنگوئي صديق فقير ڪئي هئي.

منٺار فقير جون ڪافيون مشهور آهن. سندس جوڙيل ٽن ڪافين جون پهريون ٽُڪون هي آهن:

(1) لوئيءَ جي لڄ رکجانءِ، پوتيءَ جي پت رکجانءِ،
پرورپاڪ خداءِ قسمت قيد ڪيو. (مارئي)

(2) لڙ لهرن ۾ لڙهيو وڃانءِ ٿي. (سهڻي)

(3) رک نہ ميارون، مت نہ مومل کي،
منا تون مينڌرا، موٽي آءُ ميرا! (مومل)

منٺار جي ٻاٽي، نهايت نماڻي آهي ۽ منجهس سِڪ ۽ درد جا داستان آهن.

## ڍاٽڪي

ٿر ۾ ڍاٽڪي ٻولي بہ چالو آهي. هن وقت اتي جيڪي ٺَڪر(راجپوت)، ڪراڙ (واڻيا)، مينگهواڙ ۽ ڀيل وغيره آهن، سي اصل راجپوتانا ۽ گجرات طرف کان آيا آهن. ٿر کي ڳچ، راجپوتانا جو ڀاڱو (مارواڙ ۽ جيسلمير)، ۽ ننگر پارڪر کي پالڻپور رياست (گجرات جو طرف) ويجها آهن.

ٿر جي ڪيترن ماڻهن جي انهن سيني هنڌن جي رهاڪن سان لهہ وچڙ گهڻي آهي. انهن سببن ڪري سنڌي، راجستاني ۽ گجراتي ٻولين جي ميلاپ منجهان ٿر منجهہ هڪ ٻنهہ نئين قسم جي ٻولي ٺهي پيئي آهي، جا 'ڍاٽڪي' يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻولي سڏجي ٿي. اها گاڏڙ ٻولي راجستاني ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي ۽ خود 'ڍٽ' لفظ راجستاني ٻولين جو آهي.

ڍاٽڪي ٻولي گجراتيءَ کي گهڻو ويجهي آهي- مثلاً: گجراتيءَ ۾ چون 'هُون جائُون ڇُون' يعني آءٌ 'وڃان ٿو'، ۽ ڍاٽڪيءَ ۾ چون 'هُون جائون تو'. اهو 'تو' نج سنڌي لفظ 'ٿو' آهي، جنهن مان 'هہ' جو اچار ڪڍي ڇڏيو اٿن، جنهنڪري 'ٿو' بدران 'تو' چون ٿا. شاهہ جي رسالي جو سر ڍول مارو جو راجپوتانا جي ڍول ۽ مارل جي قصي تي ٻڌل آهي، سو ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. انهيءَ سر جو پهريون بيت هيءُ آهي:

اُتر واءَ ڪوندي، پهلي موسم مينهن،
ٻـالا پـڙ رو نينهن، والا جم وسارين.

'جم وسارين' معنيٰ 'متان وسارين'. اهي ٻيئي لاڙ جا لفظ آهن.اهڙيءَ طرح ڍاٽڪيءَ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي سنڌي لفظ آهن.

## سنڌيءَ ۾ ڍاٽڪي لفظ

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڍاٽڪي لفظ گهڻا ڪينهن، جو ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ سنڌ ۾ گهڻو تڙي پکڙجي نہ ويا آهن. عمر مارئيءَ جي قصي مشهور هئڻ سبب سنڌيءَ ۾ رڳو 'مارُو' لفظ عام ٿيو آهي، جو ڍاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس 'ٿري مالدار'. جي مال جي چاري سانگي ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي گذارين ٿا. خود 'مارئي' ڍاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ۽ معنيٰ اٿس 'مارُو لوڪن جي نياڻي'.

'تون لنگهائين 'لطيف' چئي، ٿرن جا ٿوري'. (شاهہ)

'ٿوري' ڍاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ اصل معنيٰ اٿس 'شڪاري'، پر عام طرح ٿر ۾ ڀيلن کي 'ٿوري' سڏيندا آهن ۽ اهي اڇوتن جي دفعي ۾ ليکبا آهن. 'ٿوريءَ' جو مونث سنڌيءَ ۾ آهي 'ٿورياڻي'.

مارُھو چونـــم مـــي، آءٌ آهـيـريـاڻـي آهـيان،
مُون وَر سر ٽيون سي، جي ٿورياڻيون ٿرن جون.
(شاهہ)

هيءُ بيت مسڪينيءَ جي باب ۾ آهي. چام تماچيءَ جي راڻي نُوري، ذات جي گندري (مهاڻي). چوي ٿي تہ ماڻهو مون کي مُهاڻي چون ٿا. پر مان شڪارڻ آهيان ۽ ٿر جون 'ڀيلڻيون' مون کان وڏيڪ آهن. ٿر ۾ 'ٿويو' معنيٰ ننيڙو تلاءُ. اهو ڍاٽڪو لفظ رڳو ٿر ۾ عام آهي.

□

رائچند هريجن

# ٿر جي ٻولي*

ٿر کي "ڍاٽ" چوندا آهن، تنهنڪري ٻوليءَ کي "ڍاٽڪي" چون. سيپيئي ٿري ماڻهو ڪو ڍاٽڪي ٻولي ڪونہ ڳالهائيندا آهن. مسلمان ۽ لهاڻا سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن، تہ بہ ڍاٽڪي ٻولي ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندا آهن. ٿر جي سنڌي ٻولي بہ نج ڪانهي. ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ بنهہ ٿر جي جدا جدا ڀاڱن جي رهاڪن جي وچ ۾ لفظن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ تفاوت ضرور آهي. چوندا آهن تہ "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي". پارڪر گُجرات کي ويجهو آهي، تنهنڪري پارڪر جي ٻوليءَ تي گُجراتي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي. ڍاٽ جا گهڻا رهاڪو اصل مارواڙ کان آيل آهن، تنهنڪري اُتي مارواڙي ٻوليءَ جو اثر آهي. مهراڻو ناري کي ويجهو آهي، تنهنڪري اُتي سنڌي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي.

ڍاٽڪي در حقيقت ڪا خاص زبان ڪانهي، پر مارواڙي، گُجراتي، ڪڇي ۽ سنڌي ٻولين جي گاڏڙ صورت جي ٺهيل آهي. ملڪ جي جدا جدا ٽڪرن جي ٻوليءَ ۾ اتي قير قار آهي، پنهنجي جدا جدا ذاتين: جيئن ٻانيٽن، واڻين، ٽڪرن، مينگهواڙن، سوٿهڙن، ڀيلن، چارڻن ۽ جاٽن جي ٻوليءَ ۾ بہ تفاوت آهي.

مهيشوري "ڙ" کي "ر" ۽ "ر" کي "ڙ" چوندا آهن. جيئن تہ گهوڙو کهاڙو هٿوڙو ڪڪڙ لڪڙ ققڙ" بدران چون گهورو ڳهارو هٿورو ڪڪر، لڪر، ققر وغيره. ۽ هر، در، گهر کي چون هڙ، دڙ گهڙ

* تاريخ ريگستان، ڀاڳوڀيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1988ع

وغيره. ڳالهائڻ مهل سڀ ڳالهه جي شروعات ۾ "جِڪي لگ" لفظ گهڻو ڪم آڻين، اهو چڻ تہ سندن تڪيو ڪلام آهي. مثلاً: جِڪي لگ اي ڪم ڪري آ، پڇي ٻينو ڪوپرين ڪر." (يعني هي ڪم ڪري اَچ، پوءِ وينو آرام ڪر.) 'پَري' بدران چون 'اگهو'. 'اگهو تيءُ' معنيٰ 'پري ٿي'، پر ٻيا ٽري چون 'اگهو تيءُ' معنيٰ 'ويجهو تيءُ'. عام ٽري 'هائو' بدران 'هوئي'، 'آهي' بدران 'اَهي'، ۽ 'هو' بدران 'هَتو' چون.

نون غني جو آواز ڪن لفظن ۾ ڪو نہ ڪن.

'تنهنجو' بدران 'توهجو'، 'منهنجو' بدران 'مُهجو' چون.

عورتون هڪٻئي کي سڏ ڪرڻ مهل 'اَئِي' لفظ ڪم آڻينديون آهن.

مسلمان عورتون چون: "اَئِي گهَرين اَهِيئين."

هندو عورتون چون: "اَئِي گهَري اَهين".

اسم خاص جي پٺيان "يو" پڇاڙي گڏي اسم تصغير ڪندا آهن. خاص ماڻهن جي نالن پٺيان ائين ڪن.

'هيرو' بدران 'هيريو'، 'ڪونيو' بدران 'ڪُونيو' ۽ 'رامو' بدران 'راميو' چون. مسلمان نالن پٺيان بہ ائين ڪندا آهن.

'احمد' بدران 'احمديو'، 'سومار' بدران 'سوماريو' ۽ 'نُورو' بدران 'نُوريو' چون. 'مون، آءٌ، پاڻ' بدران 'مين، هُون، آپ' چون.

"مون ڪتاب پڙهيو هو" بدران: "مين ڪتاب پڙهيو هَتو" چون.

"آءٌ ڪونہ ويندس" بدران: "هُون ڪونهي جائون" چون.

"آءٌ آيو هوس، پر تون ڪو نہ هُئين"، بدران: "هُون آيو هَتو پڻ تون هَتوئي ڪونهي" چون. ڪن لفظن کي بدل سدل ڪم آڻين.

گاسليٽ کي 'گاستيل'، بدليو کي 'بتليو'، جانور کي 'جناور' ۽ نقصان کي 'نُسقان' چون.

مارجي ويو وڏجي ويو ڦرجي ويو بدران چون: ماراڻو وڏاڻو ڦُراڻو وغيره. ٿر جي ڏار ڏار ڀاڱن جي ٻوليءَ ۾ بہ ڪجھہ تفاوت آهي، جيئن تہ:

| سامروٽي | پارڪر | مهراڻو | ڍاٽڪي | سنڌي |
|---|---|---|---|---|
| هوئي هنڌ | اوُنئان | هُتي | اُت، اُتڪڻ | هُتي |
| هَنتو | هتو | هندس | هَتو | هوس |
| هيئا | آئين | هيڻ | ايڻ | هيڏانهن |
| ڪيڻ | ڪينئان | ڪيڻ | ڪيڻ | ڪيڏانهن |
| پاهُون | پاڇو | پاهُون | پَڇو | پوئتي |

ڪن لفظن جي پٺيان ٿوري بدل سدل ڪرڻ سان زور ڀرائيندڙ لفظ ٺهندا آهن.

ڀَرهو= ڀَرتي. نيڙو=ويجهو. ڇيڪو= ٽڪڙو. ڀرهيڪو = اچا ڀَرتي. نيڙڪو= آچا ويجهو. ڇيڪيرو= اچا ٽڪڙو. موٽو= وڏو. موٽيرو= اچا وڏو. اُرهو = اورتي. اُرهيڪو= اچا اورتي.

ڪي لفظ جي ڍاٽڪيءَ ۾ گهڻو ڪم اچن ٿا، جيئن تہ

آيارڻ= همتائڻ. آهار = کاڌو. اَنچر = گهڻو. آجڪو = گذران. اتِيسار = گهڻو. اويالو = ڏوراپو. اوپروُ = ڌاريو. اوجهڙ = رستي کان سواءِ. ڦدُولِي = اجائي ڳالهہ. آٽاڻو = آچار. آڙيڪاپ = اڙٻنگہ اُپٽيو = وائريو. ڪُڙڇي = ڪڇي. جاڪيو = روڪيو. ٿوڙهو = ٿورو. اوڙکيو = سڃاتو. ڦگايو = اُچلايو. پگ = پير. ٻاڙي = عورت. لُگائي = زال. ڏونگهري= بصر. آبَ گهڙي = يڪدم. آپوئاريو = ڪم ۾ رُڌل. هاڏو = ڪانءُ. آٻوهيو = اڌ پڪل. اُگريل = پڪل. آرساڻو = سُستي، سورِي = سرڻ. چس = مزو. هاسيڪار = اڳو پوءِ. خالِي ڀِيلي = خواه مخواه. چِڙڪِلِي = جهرڪي. سُساڏو = لذت وارو.

**سنسڪرت لفظ**

ڪيترا سنسڪرت لفظ ڍاٽڪيءَ ۾ هوبهو ۽ ڪي ٿوري مٽ سٽ سان ڪم اچن ٿا.

**مانس**ـ نج سنسڪرت لفظ آهي، جو گوشت جي بدران هوبهو ڪم اچي ٿو.

هي ڇيلي جو گوشت آهي: "اي ٻڪري رو مانس آهي".

**سگهرو**ـ شاديءَ بعد چون، هاڻي سگهرو ٿيو آهي. اهو لفظ اصل ۾ نج سنسڪرت سُگهرو سُ= چڱو چڱي گهر وارو. (چڱو گهر زال جي اچڻ بعد ئي ٿيندو آهي.)

**پٿارو**ـ سنسڪرت لفظ پٿار، ٿري چون پٿارو. مال پٿارو ٿاهوڪو آهي.

**ڌانَ**ـ سنسڪرت لفظ 'ڌانيہ'، ڍاٽڪيءَ ۾ اناج کي 'ڌان' چون.

**سُڌانَ**ـسُ= چڱو ڌان = اناج، جڳو اناج. ڪٽڪ ۽ چانورن کي ٿري 'سُڌان' چون، جو ٻاجهري ۽ جوئر وغيره کان چڱو اناج آهي. اِهو بہ نج سنسڪرت لفظ آهي.

**ڪوي**ـ شاعر کي ڍاٽڪيءَ ۾ چون ڪوي، اِهو نج سنسڪرت لفظ آهي.

**گوئينتَر**ـ هندو ماڻهو شاديءَ غميءَ جي رسمن ۾ ڳانءِ جو پيشاب ڪم آڻيندا آهن، جنهن کي 'گوئينتر' چوندا آهن، جو اصل سنسڪرت لفظ "گومُوتر" يعني ڳانءِ جو مُٽ آهي. هي لفظ ٿر ۾ اڃا چالو آهي.

**جَمَ**ـ سنسڪرت ۾ موت جي ديوتا کي "يم" چون، جنهن جو اُچار ٿري ڪن جم. جم معنيٰ طاقت وارو زوراور. عام طرح چوندا آهن تہ "آپ سين ڏاڍو جم برابر.

**تِلَ**- تِرن کي تِلَ چون، جو نج سنسڪرت لفظ آهي. تِر يلا ٿيا آهن، کي چون، تِلَ يلا ٿيا آهين.

**ٿانَ**- سنسڪرت لفظ ستان، سنڌيءَ ۾ آستان، معنيٰ جاءِ. ڍاٽڪيءَ ۾ بہ آستان ۽ ٿانَ چون.

هي سَتين جو آستان آهي: "اي ستِيان رو آستان آهي".

هي پابُو جو ٿان آهي: "اي پابُو رو ٿانَ آهي".

**لِلاڙ**- سنسڪرتہ لفظ للاٽ، سنڌيءَ ۾ نرڙ ڍاٽڪيءَ ۾ لِلاڙ چون.

**هينئيون**- سنسڪرت لفظ 'هرديہ' کي ڍاٽڪيءَ ۾ 'هينئيون' چون، جنهن مان لفظ "هيج" نهيو جنهن جي معنيٰ آهي دل جو پيار، خوشي. جڏهن ڪا مينهن، ڍڳي، رڍ يا ٻڪري پنهنجي ٻچي (ڦر) کي ڏسي ڊوڙي اچي ڏارائيندي آهي، تڏهين چوندا آهن تہ 'هيج گهڻو آهي'. جي نہ ڏارائيندي آهي ۽ لتون ۽ ٿونا هڻندي آهي، تڏهن چون تہ 'هيج ڪونہ اٿس.'

**ماسَ**- مهيني کي ماس چون، جو نج سنسڪرت لفظ آهي ۽ هوبهو ڪم اچي ٿو. مينهن وئي کي بہ مهينا ٿيا، تري چون "ميهہ وُئي نان بہ ماس ٿيا."

**آڳاسِ**- آڪاس نج سنسڪرت لفظ آهي، جنهن کي چون آڳاس، يعني اُڀ. آڪاس ۾ تارا پيا ٽمڪن: آڳاس ۾ تارا پيا ٽمڪين."

**ڏيوَ**- سنسڪرت لفظ ديو ديوتا، ان کي ڍاٽڪيءَ ۾ چون ڏيو جنهن جي پوڄا ڪندا آهن.

**ٻهُو**- زال کي ٻهُو چون.

**ڪَڦَڻ**- ڪَفن کي ڪڦڻ چون.

اهي ٻئي پراڪرت لفظ آهن ۽ ڍاٽڪيءَ ۾ ڪم اچن ٿا.

سُسرو- سنڌيءَ ۾ سُهرو.

ساسُو- سنڌيءَ ۾ سَس.

سااِرو- سنڌيءَ ۾ ساهرو.

اِهي هندي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جي هوبهو ڪم اچن ٿا.

**پاگهڙي، اوُنگهه**- سنڌيءَ ۾ 'پٽڪو'، 'ننڊ' ديسي لفظ ٿر ۾ ساڳيءَ صورت ۾ ڪم اچن ٿا. هُون جائون تو. گُجراتيءَ ۾ چون هُون جائون ڇُون. ڇُون کي ٿري چون "تو" ۽ سنڌي ۾ "تو" ڇئجي.

ٿري ماڻهو ڳڻڻ مهل هِيڪ، ٻه، ٿَنَ، چار، پَنچه، ڇهه، ست، آٺ، نو ۽ ڏَسَ، اِگياري، ٻارهِي، تيرهي، چَئوڏي، پنرهي، سورهِي، سَترهِي، اَڍارهِي، اِڪِٽيس ۽ بِيسَ وغيره لفظ ڪم آڻين، جي نج پراڪرت لفظ آهن ۽ هوبهو ڪم اچن. ڪي ٻين ٻولين جا لفظ به هوبهو ڪم اچن ٿا.

**ڏام**- يوناني لفظ درم، دام، ڍاٽڪيءَ ۾ چون ڏام، معنيٰ مُلهه يا قيمت.

**ليلام**- هي پرچوگيز ٻوليءَ جو لفظ آهي، جو ڍاٽڪيءَ ۾ عام ڪم اچي ٿو.

**ڪارتوس**- فرينچ ٻوليءَ جو لفظ آهي، جو ساڳيو ڪم اچي.

اسپتال، اسٽيشن (ٽيشن)، اِسڪرو اسڪُول، ٽڪيٽ (ٽيڪس)، پينشن، جج، فرسٽ ڪلاس (فس ڪلاس)، درجن، رپورٽ (رپوٽ)، ڪورٽ، گلاس ۽ ٻيا به ڪيترا انگريزي لفظ ڪي ساڳيا ۽ ڪي ٿوري ڦير ڦار سان ڍاٽڪيءَ ۾ عام جام ڪم اچن پيا.

**ٿر جي مسلمانن جي ٻولي**

ٿري مسلمان سنڌي ڳالهائيندا آهن. پر ٻهراڙين ۾ نج سنڌي ڪانهي. ڪي ڪي لفظ ته مزيدار آهن، جيئن ته:

"اهو ۽ اِهي" لفظ جي بدران "اِي" لفظ استعمال ڪندا آهن.

اِهو ڪتاب منهنجو آهي، بدران چون: اِي ڪتاب مُهجو آهي.

اِهي ڪم ڪونہ ٿيندا، بدران چون: اِي ڪم ڪونہ ٿيندا. ”ڪان“ جي عيوض ”ڪنان“ لفظ ڪم آڻين.

اهي پئسا مون کان وٺج، بدارن چون: اِي پئسا مون گنان وٺج.

ٻَلِي جي بدران ٻَلين چون.

ٻلي ٻني وٺو بدران چون: ٻلين ٻني وَٺو.

ٻلي اِتي ويٺا رهو بدران چون: ٻلين اِتي ويٺا رهو.

جمع ڏاهڻ لاءِ جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”ن“ آهي، ان جي اڳيان ”ي“ گڏيندا آهن. جيئن تہ:

ٻِٽَنَ بدران ٻٽين چون. ٻٽن ۾ هلڻ مشڪل آهي. بدران چون، ٻٽين ۾ هلڻ مشڪل آهي، گهرن بدران گهرين چون. گهرن ۾ ڪو ماڻهو ڪونہ هو. ڳئن بدران ڳوئين چون. ڳوئين ۾ اڇي ڏاهہ پيو. ڏڳن بدران ڏڳين چون، ڏڳن جو واپار چڱو آهي، ڏڳين جو واپار چڱو آهي.

اوهين بدران آئين چون. اوهين وڃو ٿا، بدران چون، آئين وڃو ٿا.

هُوءَ بدران اوءَ چون. هُو وڃن ٿا، بدران چون اُوءَ وڃن ٿا.

هُجن بدران هُونِ چون. اتي سدائين ويٺا هجن، بدران چون، اِتي سدائين ويٺو هُون.

”رِين“ جي اُچار کي ”اِئين“ ۾ بدلائين.

نهارِين بدران نهارئين چون، بيهارين بدران بيهارئين چون.

ڏين بدران ڏئين چون، لاهين بدران لاهيئين چون.

”چا ۽ چو“ جي بدران ”ڪوهہ“ لفظ ڪم آڻين.

تڙ تي چو وڃان، بدران چون، تڙ تي ڪوهہ وڃان.

آءٌ چا ڪريان، بدران چون، آءٌ ڪوهہ ڪريان.

پنهنجو بدران ”پنڊ“ لفظ ڪم آڻين.

هي ڪتاب پنهنجو آهي، بدران چون، اِي ڪتاب پِنڊ جو آهي، وغيره.

### لفظ مٽائڻ

ٽري ماڻهو ڪي ڪي لفظ مٽائيندا آهن. جيئن تہ 'ڏ' کي 'ڍ' سان مٽائين. 'ٽڏ' لڳي آهي، بدران چون، 'ٽڍ' لڳي آهي.

'ٽ' کي 'ٺ' سان مٽائين. ٽڏو پاٽي بدران چون. ٽڍو پاٽي، ٽڏڪار بدران ٽڍڪار چون. ٽانءُ بدران ٺانءُ چون. اُٽي بدران اُٺي چون.

'ٽ' کي 'ٺ' سان مٽائين، ٽڪاٽو بدان ٺڪاٽو چون.

'ت' کي 'ٿ' سان مٽائين، اِتي بدران اِٿ چون.

'و' کي 'ٻ' بہ سان مٽائين، وينو بدران ٻينو چون.

'د' کي 'ت' سان مٽائين، ڏند بدران ڏنت چون.

'ڍ' کي 'ڏ' سان مٽائين، ڪنڍ بدران ڪنڏ چون.

'س' کي 'هہ' سان مٽائين، ڦاسي بدران ڦاهي چون.

'هہ' کي 'س' سان مٽائين، ماهہ بدران ماس چون.

ساهہ بدران ساس چون

'ڙ' کي 'ڙ' سان مٽائين، ماڻهو بدران ماڙهُو چون.

'ڊ' کي 'در' سان مٽائين، چنڊ بدران چندر چون.

'ڍ' کي 'در' سان مٽائين، ڏڍ بدران ڏدَر چون.

ڊي اُچار کي دري سان مٽائين، مُنڊي بدران مُندِري چون،

جَنڊي بدران جِندِري چون.

ڪن لفظن جي پنيان "ٺ" اچي تہ ان کي "تر" سان مٽائين،

جيئن تہ:

کيٺ بدران کيتر. وهٺ بدران وهتر. چيٺ بدران چيتر. پُٺ بدران پُتر. نيٺ بدران نيتر. مائٺ بدران مائيتر. چِٺ بدران چِتر. مِٺ بدران مِتر. سِٺ بدران سِتر چون.

ڪن لفظن جي اڳ ۾ ٺ اچي تہ ان کي بہ 'تِر' سان مٽائين.

جيئن تہ ٺيڪر کي 'تريڪر' چون.

ڪن لفظن ۾ ”و“ کي متائي الف وجهي پوءِ ”ت“ کي ”تر“ سان متائيندا آهن، جيئن تہ:

ڳپُوت مان ڳپاتر ۽ ڳپُوتر.

سَپُوت مان سُپاتر ۽ سَپُوتر، وغيره لفظ ٿاهين.

## ٿري ٻوليءَ جا خاص لفظ

دنيا جي هر ڪنهن ملڪ ۾ اتي جي رهاڪن کي پنهنجيون رسمون، رواج، ٻولي ۽ اُن ۾ نموني نموني جا لفظ پهاڪا، اصطلاح ۽ چوٽيون وغيره آهن، جي اتي جي حالتن سان ٺهڪي ڪنهن نہ ڪنهن نموني مروج ٿي ويندا آهن، جن مان ڪن جو بنيادي تاريخي، وگياني متي تي يا ڀرمن جي ڪري هوندو آهي، تر ۾ بہ ائين آهي.

ٿري ماڻهو مالدار آهن، تنهنڪري ڏينهن ۽ رات جو گهڻو وقت جهنگ ۾ رهڻ ٿيندو اٿن. جڏهن اتان موٽي گهر ايندا آهن، تڏهن ڪجهہ وقت، جيسين ساهي پٽي تازا ٿين، تيسين گهر وارن سان نہ ڳالهائيندا آهن. چوندا آهن تہ ”ماڻهو اچي جهنگا، ٻوليو بيدينگا.“ يعني جهنگ مان ڪڪ ٿي آيل سان ايندي شرط ڳالهائبو تہ هو ڪڪ ٿيل هوندو تہ اَڏنگو جواب ڏيندو. ڪو شخص سڪرات ۾ هوندو آهي تہ چوندا آهن تہ هاڻي ”گهُرڙڪو“ لڳو آهي، ۽ پاءُ پَل جو مهمان آهي، يا چوندا تہ ”بچڻ آهي اَرڳو ۽ مرڻ آهي. نيڙو“ (بچڻ پري رهيو مرڻ ويجهو آهي.) انهيءَ حالت مان بچي ويو تہ چوندا تہ ”اجا ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽا اٿس.“ بہ-ٽي ڏينهن سڪرات ۾ رهيو تہ چوندا تہ ”هاڻي تہ الله ويچاري جو ڪو سورهو ڪري تہ آدابن کان ڇُٽي.“ پير مرد مرندو تہ چوندا ”ويچارو ڪائي پِي پُٽ پوٽا وغيره ڀِريو گهر ڇڏي ويو آهي، هن جو مرڻ شاديءَ جهڙو آهي.“ لاش لاءِ ڪڏ ڪڍڻ لاءِ ماڻهو

موڪليندا تہ چوندا تہ "گھر ٺاهي اچو." لاش کي ساڙڻ وقت جڏهن پھرين تيلي ڏبي آهي، تڏهن چوندا تہ "لانپُوئو" ڏنو آهي. انهيءَ هنڌ تي ٿئين ڏينهن رواج موجب پاڻي وجي هاريندا تہ چوندا "آروگي ٺاري آهي."

ٻار بيمار ٿيو تہ چوندا "سُڪالڙو ٿيو آهي." ڪنهن کي ماتا جي بيماري ٿي تہ چوندا "مائيءَ مهر ڪئي آهي." ڪنهن زال کي گرڀ ٿيو تہ چوندا "پير ڳورو ٿيو اٿس." ٻار ڄمڻ وقت چوندا تہ "ڇوٽڪو ٿيو اٿس." حمل جي حالت ۾ نائين مهيني چوندا تہ "ڏينهن پورا ٿيا آهن."

هندن ۾ رواج آهي تہ شاديءَ بعد ڇوڪريءَ کي مائٽ ڪوٺي ويندا آهن. جيئن پھريون ويم اتي ٿئي، تنهنڪري حمل ٿيڻ بعد پنجين يا ستين مهيني مائٽ ڪوٺي ويندا آهن. ڇهين ۽ اٺين مهيني ڪونہ ڪوٺي وڃن. اهي مهينا نياڳا سمجهن. چون تہ "ڇنو ۽ اٺو آهن مٺو" انهيءَ ۾ نقصان پوندو.

ڪنهن عورت جو مڙس مري ويندو آهي تہ چوندا آهن تہ "ويچاريءَ جو مٿو پٽ سان لڳو آهي." بُري عورت کي چون "ٻاهر پڳي". ڪنهن مرد کي ڏسندا تہ سنئين پير تي نہ آهي تہ چوندا تہ "ٿانءَ ۾ ڏُهہ، هن جا پير اُپڙيل آهن." تنهنڪري ڪيس هدايت ڪندا تہ "پڳ جهل" يا چوندا "ڌرتيءَ کان آڌر نہ هل." ڪو ترڙو ماڻهو وڏائي ڪندو تہ چوندا "هن جا پير ڌرتيءَ تي ڪونہ آهن." ڪنهن کي ڪاوڙيل ڏسندا تہ چوندا "هن جا رُون ڦريل آهن."

ڪن حالتن ۾ نالا نہ وٺبا آهن. ڪُئن کي "گھر ڌڻي" چون. ٿر ۾ پيئڻ بلا ٿيندي آهي، جنهن کي عام طرح ٿري "ڦُوڪڻي" چون. رات جو ان جو نالو ڪونہ وٺن، پر ڪيس "ڪاري گڏهہ" چون. هندو عورتون پنهنجي مڙس جي وڏي ڀاءُ کي "جيٺ" ۽ اُن جي زال کي

"جيناٽي" ۾ ننڍي ياءُ کي "ڏير" ۽ ان جي زال کي "ڏيراٽي" چون. هر سهري، جيٺ ۽ مڙس جو نالو نہ وٺنديون آهن. اهڙن نالن سان يا انهن سان مشابهت رکندڙ ڪي شيون هونديون تہ انهن جا هو وري ڪي خاص نالا رکنديون آهن ۽ ضرورت وقت اهي نالا وٺنديون آهن. مثلاً جي ڪنهن جي سهري، جيٺ يا مڙس جو نالو "هاسو" هوندو تہ ڳچيءَ ۾ پائڻ جي زيور "هَنسِي" جي بدران "ڳچي واري" چونديون. ڪنهن جو نالو "مصري" هوندو تہ کائڻ واري مصريءَ کي "ساڪر" چونديون، وغيره.

## ٿر جا گيت

ٿر ۾ وهانءَ وڏاٽي تي گيت ڳائبا آهن. مسلمان توڙي هندو گيت ضرور ڳائين. گيتن کان سواءِ وهانءَ ڪهڙوا مسلمانن جا گيت پنهنجي نموني، برهمڻن ۽ مهيشورين جا جدا، تہ مينگهواڙن ۽ ٻين قبيلن جا جدا. مينگهواڙن جا گيت وڻندڙ ٿيندا آهن. نئون ماڻهو پورا سمجهي نہ سگهندو ڇاڪاڻ جو عورتون ڳائڻ وقت لفظن جا اُچار ڍگها ڪنديون آهن. اُهي گهڻو ڪري مارواڙي نموني تي آهن ۽ ٻولي ڍاٽڪي ۾ گڏيل آهي.

وهانءَ وڏاٽي ۾ مجلس لاءِ جدا جدا نمونن جا گيت آهن، جن ۾ حالتن موافق خيال ڏيکاريل آهن. ڪنوار کي ساهرين موڪلڻ وقت نانيءَ کي ترسڻ لاءِ جيڪا وينتي ڪبي آهي، سا دل کي وڻندڙ آهي. ڪنوار کي ساهرين رواني ٿيڻ وقت پُنيان سندس سهيليون جيڪو "ڏورو" گيت ڳائينديون آهن، سو بہ هڪ اثرائتو من موهيندڙ ۽ معنيٰ وارو گيت آهي، جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

درياءُ ري ڪپ رين ماءُ پاڻين،
گهوري ڍوراٽي ري ڪپ را جهاڙ-ڏورو!
ڏورو ساچي هيمر رو!

1. ٻيجين ماءُ سرتين منان اوڏڙين،
ماءُ مانهجي ڏيٿل ٻائي رهيو ڙي ڏور- ڏورو.

2. ڪيهي جي رو جايل موريو
ڪِيهي جي ري جايل ڍيل- ڏورو
[1]................. جي رو جايل موريو
[2]........... جي ري جايل ڍيل- ڏورو

3. پگ تان جهبوڪي پولري،
هينئڙي جهبوڪي هار- ڏورو

4. هجاران هٿان رِو گهاگهرو
گهوري، سورهن سرئيو هار- ڏورو

5. چڙهتي توڙيو گهاگهرو
اُترتي توڙيو نوَسَرَ هار- ڏورو

6. ٻيري جي جهليو ڏيولو،
پايل پرويو نوَسَرَ هار- ڏورو

7. ڏورئي ڍرتي پاچلڙي قوري،
مانهجو ڏاڏاٽو رهي گيو ڏور- ڏورو

---

(1) گهوٽ جي پيءُ جو نالو ونبو.
(2) ڪنوار جي پيءُ جو نالو ونبو.

8. اونڌين تان کيبين کيبٽين گھوري،
جھرمر برسين ميگھه - ڏورو.

9. پريا ماءُ تويا تويڙين گھوري،
پريو مانھنجي ڏاڏاٽي رو ڏيس- ڏورو

10. پينو ماءُ پينو جوئا جي رو موريھو
پينو ٻائي رو نوسر هار- ڏورو
(اجا ٻيا بہ ڪيترائي بند آهن)

## ٿر جا شعر

ٿر ۾ ڪي ناميارا شاعر ڪو نہ ٿيا آهن. عام ماڻھو جھنگ جھر، ٻني ٻاري ۾ يا مالدار ماڻھو مال چاريندي جھنگ ۾ گھڻو ڪري شاھہ صاحب جا بيت ۽ ڪافيون، مارئيءَ بابت ڏار ڏار شاعرن جون چيل ڪافيون ۽ بيت چوندا آهن. ڪڏهين ڪڏهين مومل ۽ سسئيءَ ڪي بہ ساريندا آهن. نڙ تي شاھہ جا بيت، مارئي، سھڻي،سسئي، ليلان ۽ سانوڻ فقير جا بيت ڪڇرين ۾ چوندا آهن.

نج ٿر جو شعر بہ آهي، جو ٿري ماڻھو چاھہ سان چوندا آهن. اُهو ڪنھن جو ٺاهيل آهي، تنھن جي پوري خبر نہ آهي. ڪن ڪن ٿري شاعرن بہ چڱو شعر چيو آهي، مگر اهو ڪنو ڪير ڪري؟ نج ٿري شعر ڪٺو ڪجي تہ جيڪو چڱو ڪتاب جڙي پوي. ٿري شعر ۾ ڪيتريون ئي خوبيون آهن: ڪيترا بيت رُوح کي راحت ڏيندڙ آهن، نموني طور هڪ شعر پيش ڪجي ٿو.

منھنجا متا جاني، اجا تي جيئان ڙي،
ور ڏي تون وراٽي ڪري ڙي!
منھنجا جوان جاني! اجا تي جيئان ڙي

1. ڪارو تان پٽڪو ڇورا! ڇوٽڪيو ڇڳو ڙيءِ
ڇگي ري ڇيڙئي منان ڪو ماري ڙي۔ منا جاني....

2. تاهنجا اڇا تان ڏند جاني منهنجي هينئين جا بند ڙيءِ
بندان ري ڀِڇوُ ڙي منان ڪو ماري ڙي۔ جاني....

3. تانهجي لاڪيٽي تان لوڏ، آءٌ سون ۾ سُجاڻان،
اِئي لوڏ ري ڪوڏ منان ڪو ماري ڙي۔ منا جاني....

4. مني ڪي ڏني اڄ ٻيو ڏينهن ٿيو ڙيءِ
مون لاءِ جڻ ورهيہ جو وڇوڙو پيو ڙي۔ منا جاني....

5. پري ڪان وينل آءُ پرين تي ڏسان ڙيءِ
گهوڙا آءٌ گهر ۾ تي جلان ڙي۔ منا جاني....

6. اهو ڏينهن نياڳو شل موني مَ اچي،
ڇنيچر تو وڇوڙا وجهي ڙي۔ منا جاني....

7. ٻيون تان سرتيون اڄ سيئي سرهيون،
تانهجي 'هاسل' تان ويڳاڻي وتي ڙي۔ منا جاني...

❑

# ٿر ڪڇھري

ٿر جي ڪڇھري وڏي آھي، جو ٿر جو پاند ڊگھو آھي، ٿر جي پٽن ڍھرن ۽ پٽن جي طبعي بناوت انوکي آھي ۽ ٿر جي رھڻي ڪھڻيءَ جو رنگ نرالو آھي. ٿر ڪڇھري ٿيندي تہ اُتي جون ڳالھيون ھلنديون. ٿر ۾ سانوڻ جي وسڪاري، وس جي گاھن ۽ برسات جي فصلن جو ذڪر ٿيندو. ٿر ۾ پاڻيءَ جو ذڪر ايندو ۽ ٿر جي سَرن، ترائين، ٽڙن ۽ پارن جو ذڪر ٿيندو. ٿر جي جدا جدا ڀاڱن ۽ اُتي جي ٻولين (لهجن) جو ذڪر ايندو. ٿر جي ڪن بلائن جو بہ ذڪر ٿيندو. جھڙوڪ: پيئڻ بلا جو يا لنڊيءَ جو جيڪا واٽون جھلي ويھي ۽ لڪي چوريءَ ڏڪ هڻي: ان سان گڏ مانڊڻ جو ۽ جھاڙن جھپاڙن جو ذڪر ھلندو. ملڪ جي بهادرن ۽ سخي مردن جون ڳالھيون ھلنديون، شادين جي وقت پِڙ ڇيج جو يا جھيمڻ جھلڻ ۽ ٻڌڻ جون مقالون ھلنديون. تاريخي طور راڻن سوڍن جا احوال ٿيندا، ٽالپرن جي دور ۾ قلعن جو قائم ٿيڻ ۽ امن امان واري دور جون ڳالھيون ٿينديون، انگريزن جي دور جي ڳالھ ٿيندي تہ ٿروٽ جو ذڪر ٿيندو.

ٿر جا مختلف ڀاڱا آھن، پر ٿر جا ٻہ ڀاڱا مشھور آھن: ھڪ ٿر ۽ ٻيو پارڪر، جن کي گڏي 'ٿرپارڪر' ضلعو ڪيائون، اُن ٿرپارڪر ضلعي جون حدون وسيع ھيون، جنھن ۾ موجود عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص ضلعا وغيره بہ شامل ھئا. ٿر ڪان مٿي اُتر طرف 'اڇڙو ٿر'، جنھن ۾ واريءَ جي ڀٽن وانگر وڏا اڇا 'ڊِرنءَ' آھن. 'پارڪر' پارھن

ڪوهن ۾ سنئون پٽ آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي جبل آهن. اُن جو وچ 'ننگر' جو شهر آهي: 'ننگر پارڪر' يعني 'پارڪر جو ننگر' (مُک شهر). ضلعي ٿرپارڪر جي ٿرواري ايراضيءَ جا ڪي خاص نالا مقامي طور مشهور آهن. جن جي حدن بابت هر ڪچهريءَ ۾ جدا جدا خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي. پارڪر کان جدا ٻيو سامروٽيءَ وارو ڀاڱو جيڪو ڏيپلي کان ڏکڻ طرف، ٿيون. وَٽَ: يعني اسلام ڪوٽ جي اولهه ڏکڻ کان 'رڻ جي وٽ'، ديهه جهن، جتي مياڻا آباد آهن: چوٿون ڍٽ يا ڍاٽ: مٺي تعلقي جو اوير، ڇاڇري تعلقي جو اولهه، عمرڪوٽ جو ڏکڻ. ڪوڪري پار کان وٺي ڏکڻ طرف ڪاٺڙ يا ڪاوڙ ۽ گڏڙي کان اوير ۽ ڏکڻ وارو ملڪ سچو ڍاٽ يا ڍَٽُ آهي، پنجون ڪنٿو ٿڙ احمد (تعلقي ڇاڇري) کان وٺي سِوِلو (تعلقي ننگر پارڪر) تائين. ڪي وري سامروٽي ۽ پارڪر جي وچ واري علائقي کي 'ڪنٿو' چون. ڍٽ جي ٻيٺ ۾ پَٽُ متاهون آهي. ڪنٿي وارا (۽ پڻ ڍاٽ وارا) سنڌ جي زمين کي 'پٽ' چون. رسالي جو بيت آهي تہ:

ڍَٽ ڍري، پَٽ پيٻون، آيون عمرڪوٽ

۽ پڻ ٻيو بيت تہ:

ڍٽ ڍري، پٽ پيٻون، آيون ڪاهي ڪاماري

معنيٰ، ڍٽ واري پاسي کان وسي، پوءِ عمرڪوٽ ۽ ڪاماري واري پَٽ ڏانهن وريون، يعني سنڌ جي پڪي زمين ڏي آيون.

سنڌ جي سرحد سان لاڳيتو پر سنڌ کان ٻاهر، 'نَيَرَ' آهي، جيڪو پارڪر کان اوير، پڇم ۽ پاٿر جا نالا بہ ڪچهرين ۾ ايندا: ڏيپلي کان ڪڇ ڏانهن وڃبو تہ اڳ ۾ 'پڇم' ايندو ۽ پڇم جي پريان 'پاٿر' آهي.

وسڪارو ٿر جي تهذيب ۽ تمدن جو روح آهي. ٿر جيئرو آهي ته وسڪاري تي آهي. وُٺو ته مال بہ خوش ته ماڻهو بہ خوش. جيڪي ويڙهي ويا، سي بہ وسڪاري وقت ورندا ۽ محبتين جا ميلا ٿيندا. ٿر وارا هر سال توڪل تي گذارين. اُبون اٿيون ته مينهن جو آسرو ٿيندو. موگهون نڪرنديون ته مينهن وسندا. (موگهون ڪڪرن مثل اُپيون لامون آهن: جيڪي سج ايرڻ يا سج لهڻ کان اڳ نڪرنديون). مهراٽي ۾ 'اندلٽ' کي 'ڏانگڙو' چون (ڏانگ = لٺ). چوندا "سُڪي تي ڏانگڙو ته مينهن ايندو، وُٺي تي ڏانگڙو ته مينهن کٽندو". وس ٿيندي ته بہ هاري چوندا ته جي باقي هڪڙو وسڪارو ٿئي ته پوڪون پوريون پچي وڃن! ائين 'باقي هڪڙو' ڪندي ڪئين اميدن ڀريا سال هليا ويا.

سُڪار ٿر جي سونهن آهي، پر ڏُڪار ٿر جو نهايت ڏکيو: جي هڪ سال نہ وٺو ته بہ مال جو گذران ٿي ويندو پر جي ٻہ ٽي سال برسات نہ پئي ته ماڻهو توڙي مال ڏيهہ ڇڏي وڃي پرڏيهي ٿيندا. ٿر جا ٻہ ڏڪار مشهور آهن: هڪ 'ڇَپنو' ٻيو ڇَپنو يعني هڪ سنبت سال 1996ع جو ۽ ٻيو سنبت سال 1956ع وارو. ٿر وارن جي توڪل پڪي آهي. ڪنهن پير مرد کان نوجوان پڇيو ته ڏاڏا، تون ڇَپنو سنيرين؟ چيائين ته "گهتيرو همارو!" (وڏل ٿي اسان جو يعني ان وقت ته اسان گهڻو وڏا هئاسون.)

ٿر وارن جي ٻوليءَ کي عام طرح 'ٿري' ٻولي چئجي ٿو پر ٿر جي هر ڀاڱي جي ٻولي هڪ جدا مقامي رنگ رکي ٿي. پارڪر جي ٻوليءَ ۾ 'گجراتي' لفظ آهن، سامروٽيءَ ۾ 'سنڌي' ڳالهائجي ٿي، ۽ ڪنٽي ۾ درس ۽ راڄڙ 'سنڌي' ڪن. پر ٿر جي خاص سڃاڻپ واري ٻولي 'ڍاٽڪي' آهي، جنهن تي اهو نالو 'ڍاٽ يا ڍٽ' تان پيو. ڍاٽ ۽ ڪاٺڙ ٻنهي ڀاڱن جي ٻولي ڍاٽڪي آهي، جنهن کي ٿر جي مسلمان قبيلن وڏائي وڏو ڪيو. جيتوڻيڪ چنا ۽ سما سندن سنڌيءَ ۾ مارواڙي

ٻـ ڳڏين. باقي ڪاٺڙ جا راهما، جوڻيجا، سميجا، مڱريا، هنگورجا ۽ ٻيا ڪن ئي ڏاتڪي. 'ڏاتڪي' ڪنهن آڳاتي دور ۾ قديم سنڌيءَ جو هڪ محاورو هئي، جنهن جو هڪ ثبوت ڏاتڪي 'فعل ماضي' ۾ 'ت' جو هئڻ آهي: يعني 'هو' بدران 'هتو' آهي، مگر سنڌي لفظ 'هو' ۾ 'ت' باقي نـ رهي آهي، جيتوڻيڪ ماضيءَ جي گهڻن ٻين صيغن ۾ موجود آهي، جيئن تـ ورتو پاتو لاتو پانتو (هاڻي منجهي 'پانيو' ٿيو)، ڪانتو (ڪامجي ويو). ڏاتڪيءَ ۾ نقل مشهور آهي تـ ڪنهن ماڻهو پئي ڪنهن فوتي ماڻهوءَ جي حد کان وڌيڪ ساراهـ ڪئي، جنهن تي سامهون ٻڌندڙ چيو تـ 'هتو' (اهو هو). پر هاڻي ڪونهي. حاصل فقير وسائي پوڻي پنهنجي جوانيءَ واري وهيءَ کي ياد ڪندي چيو تـ:

'گهڻي هَتي، ٿوڙي رهي'، اهي عاشقن جا اشارا

يعني، ڪا گهڻي 'هئي'، پر هاڻي ٿوري وڃي رهي آهي.
حُقي پيئڻ جو رواج ڪم کان ڪاري ٿو. ڪنهن سگهڙ چيو تـ:

حقا تو سين هيت، جي اوترو هوءِ هر سين،
تـ ڪيڙي ٻنا ڪيت، پيئو ڪيان پاجهري!

مل محمود پلي وڏو شاعر هو. سندس ٻولي سنڌي هئي، پر عمر ۽ مارئيءَ جا پاڻ ۾ سوال جواب ائين جوڙيائين، جو عمر بادشاهـ سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ۽ مارئيءَ پنهنجي ٻولي ڏاتڪيءَ ۾ جواب ڏنا. مثال مارئيءَ جي زباني هڪ بيت جو تـ:

گهيو منان تاهنجو کيان جيڪر کيڻ،
مارئان نا ميهٺو آبي ٻڌو ٻيڻ،
الدنيا سِجن المومن جنة الڪافر، آرث مان جو ايڻ،
سومرا تنا سيڻ، ڪِنهي ڪري مارئي!

(ڪهيو منان = چيو ميان. آبي بڏو بيڻ = آوي وڏو ويڻ. ايڻ = ايڏانهن. ڪِنهي ڪري = نٽي ڪري)

مارئي ڪٿي جي هئي؟ مارئي / ماروئي ٿر جي تہ هئي، پر ڪٿي جي هئي؟ ٿر جي ڪچهريءَ جو اهو بہ هڪ اهم موضوع آهي. مل محمود جي شاهديءَ موجب مارئيءَ جي ٻولي ڍاٽڪي هئي جيڪا گهٽي پاڳي ڪاوڙ / ڪاٿڙ جي ٻولي آهي. پٺاڻي صاحب جي بيتن ۾ بہ مارئيءَ جا ٿاٽا ڪاٿڙ سان ٿيا. رسالي جي بيت ۾ آهي تہ: ”پايو جر جنڊن ۾، ڪوڏان ڪن ڪيهون.“ جنڊن ۾ پاٽي پري آٽڻ جو رواج ڪاوڙ ۾ ٻين پاڳن کان وڌيڪ آهي. مايون بہ ڪاوڙ جون ملوڪ آهن ۽ پٺاڻي صاحب بہ مارئيءَ جي سونهن کي ڳايو آهي. ڪاوڙ ۾ رڍون بہ ٻين پاڳن کان ڪجهہ وڌيڪ آهن ۽ بگيون (اڇيون) جن جي پشم مان اڇيون لويون ٺاهين. پهرئين لاب (ڪتر) واري اُنَ سَسِي (نرم) آهي ۽ لوئي بہ اڇي سُٺ جي، تاڃي ۽ پيٽو هڪ تند جو اها لوئي هلڪي ۽ اوڍڻ جهڙي. پٺاڻي صاحب ماروئڙن جي لوئيءَ کي ساراهيو آهي. 1961ع تائين ڪاوڙ ۾ مايون پاڻ لوئي ڪتينديون ۽ پائينديون هيون.

لوئڙيـاري آهيـان، واريـان تـان نـہ ورق

—

مـون مـاروءَ سـين، لـڌيون لـوئيءَ ۾ لاٿـون.

ڪنهن آڳاٽي وقت کان وٺي مارئيءَ جو ڳوٺ*. ڏيهہ ۽ مقام بہ ڪپري تعلقي جي حدن ۾ آهي. انهن اهڃاڻن هوندي بہ انگريزن واري دؤر ۾ ڪن آفيسرن عام رولو روايتن جي آڌار تي ننگرپارڪر ڏانهن ويندڙ رستي لڳ ’پالوا‘ کي مارئيءَ جو ڳوٺ بنايو.

* هن وقت ڪپرو تعلقو ضلعي سانگهڙ ۾ آهي ۽ مارئيءَ جو ڳوٺ ضلعي مٺي/ ٿرپارڪر ۾ آهي. (مرتب)

ٿر ۾ توڙي مٿي اتر اپرندي، خيرپور ضلعي اپرندي ناري جي ٻنهي پاسي، ڪن قبيلن ۾ پڙ ڇيج ۽ جهيمڻ جو رواج آهي. اهي شاديءَ جون اڳاٽيون رسمون آهن جيڪي اڃا تائين هلنديون اچن. هت انهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو.

## پڙ ڇيج

23 ڊسمبر 1965ع تي سوراه (ضلعي خيرپور) ۾ ڪچهري ٿي، جنهن ۾ قادر بخش فقير مڱڻهار 'پڙ ڇيج' بابت ٻڌايو ته ٿر کان مٿي اتر طرف، تعلقي ناري خيرپور رياست، ڊوري جي ٻنهي پاسن رهندڙ قبيلن ۾ شادين جا رواج آهن، جن ۾ پڙ ڇيج اڃا تائين هلندڙ آهي. قادر بخش پنهنجي زباني 'پڙ ڇيج' جو تفصيل هن طرح سمجهايو:

گهوٽ جي ڇيج، ڪنواريتن جي ڳوٺ ڏانهن ويندي ته ڪنواريتن طرفان ٻه ٽولا گهوٽ ۽ ڇيج جو اڳ جهليندا. هڪ ٽولو ڳوٺ کان اٽڪل اڌ ميل تي اڳ اچي جهليندو ۽ ٻيو ٽولو ڳوٺ لڳ ڪنوار جي گهر ڏانهن ويندڙ گهٽي جهلي بيهندو. سندن مقصد ته گهوٽ وارو اُٺ يا گهوڙو جهليون، يعني گهوٽ کي جهليون. گهوٽ طرفان ڇيج به رات جو 10 ۽ 11 بجي ڌاري چڙهندي، ڏينهن جو هرگز نه ايندي، ڇو جو 'پڙ ڇيج' ضرور ٿيندي. انهيءَ ڪري ڇيج جو اچڻ ئي رات جو رکيائون.

ڇيج جڏهن اڌ ميل کن تي ايندي تڏهن گهوٽ وارو اُٺ ڇيج مان ڪڍي ڏڳ کان لاڙي ويندا. اُٺ جو جت، اڳئين خاني ۾ 'آنهيَر' هوندو. گهوٽيتن طرفان سڄو ڌيان 'انهير' کي بچائڻ طرف هوندو. 'آنهيَر' يا ته پيٽوبو يا سؤٽ جو مڙس، يا پُڦيءَ جو مڙس هوندو. جي آنهيَر، گهوٽ کي 'پڙ ڇيج' کان بچائي ويو ته سندس وڏي وهواهه ٿيندي، پر ڪنواريتن طرفان به انهيءَ تي ڪڙي نظر ۽ ڪاوڙ هوندي، جُٽ ۽ تعديءَ جا سڀ سؤڻ ان سان ٿيندا. رنگ هٽندس، مرچون هٽندس، اٽو اکين ۾ هٽندس،

پويان ڪپڙا رِليءَ سان سبي ويندس ۽ جُتي لڪائيندس. (هندن ۾ تہ رڱ، چيٽو تيل گاسليٽ ۽ مرچون دلي ۾ پُسائي هڪ بہ ڏينهن اڳوات تيار ڪري رکندا. گهوٽ کي 'انهير' اندر پهچائي نڪرندو تہ هٽندس.)
مسلمانن ۾ 'انهير' کي اچڻ وقت توڙي پوءِ هٽندا، پر هاڻي سختي ڪرڻ وارا جهڪا ٿيندا ٿا وڃن.

ڪنواريتن جو ٽولو وڏي وڃي گهوٽ جي اُٺ جي مهار جهليندو. پوءِ هن طرح خبر چار يا احوال پڇندا:

ڪنواريتا: 'حوال ڏيو تہ ڪٿئون آيا آهيو ڪيڏانهن ٿا وڃو؟'

انهير: سوداگر آهيون، املهہ ماڻڪ سؤدڻ آيا آهيون؟ اوهان جي ڳوٺ ۾ املهہ ماڻڪ آهن يا ڪينهن؟

ڪنواريتا: هائو آهن.

'انهير': ڏيندئو؟

ڪنواريتا: هائو ڏينداسون، پر ناڻو ڏيو.

'انهير' ڪارڪن جي جهول ڀري ڏيندو ۽ جنهن ڪارڪون ورتيون، سو اُٺ جي مهار ڇڪيندو ۽ اچي در يا اڱڻ تي ٻيهاريندو. پوءِ ڪنوار جي ڀيڻ اچي اُٺ هُشائيندي، اُن کي روپيو ڏيندا.

جي انهير اُٺ ڀڄايو تہ لٺيون کڻي زوريءَ اُٺ جهليندا. بعضي وڏا جهيڙا ٿين. گهڻو ڪري جهيڙو بدلي وارن سڱن تي ٿيندو. 'قلن جي مٺ' تي سڱ وٺڻ تي اڪثر ڪونہ ٿيندو. جهيڙي ۾ گهوٽيتا 'انهير' جي مدد ڪندا.

گهر جي آڏو اڱڻ تي گهوٽ ۽ ڄڃ اچي لهندا. جتي پريات تائين هينيان سؤڻ ٿيندا.

پهريون سوڻ بُسريءَ جو: بہ بسريون ۽ هڪ ڇٻو لولو آڻيندا. بسريون گهوٽ ۽ انهير لاءِ ۽ ڇٻو لولو مڱڻهار لاءِ.

ٻيو سوڻ جهيمڻ جو: ست هوشيار سهاڳڻيون، ستن پاڙن مان جهيمڻ ٻڌڻ لاءِ چونڊجي ايندڀون. جاجي وينا هوندا. مايون گهوٽ جي آڌو ٻيهي چونديون:

ٻڌو جهيمڻ، ٻڌو تاري، ٻڌو اوڙو، ٻڌو پاڙو
ٻڌو اتر، ٻڌو ڏکڻ، ٻڌو اولهه، ٻڌو اوڀر
ٻڌو کُهَيَلڙي ٻڌو ڪرهل هوشايو
ٻڌو ڏڳلڙو جنهن سان آيو
ٻڌو پُڦلڙي، ٻڌو پينلڙي، ٻڌو مائلڙي جنهن ڳر لايو!
ٻڌو ماسلڙي جنهن پُرڪايو
ٻڌو چاچي ٻڌو ماچي
ٻڌو سات سمورو ٻڌو ماني

ٻڌڻ وقت ڳالهائڻ بند هوندو، حُقو پاڻي ۽ ڪاڏو پيتو بند هوندو. پوءِ (صلح ۽ سولائيءَ خاطر) گهوٽيتن جو مگٽهار اتي جهيمڻ چوڙيندو. هو اتي ٻيهي چوندو:

’چتو جهيمڻ، چتي تاري‘ ــ ائين سڀ نالا وٺندو ۽ آخر ۾ چوندو:

هڙهتو جهيمڻ چتو
چتو سرڻ سانباهو
پيو زالن ۾ ڦاهو!

(يعني ٻڌُ ۽ ٻندڻ زالن ۾ پيو جيڪي جهيمڻ ٿيون ٻڌن).

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪڇ مان جت قبيلا سنڌ جي لاڙ ۾ لڏي آيا. سنہ 1969ع ۾ انهن سان ڪيل ڪچهريءَ ۾ وڏي سُڄاڻ (مرحوم) گل محمد جت، ڪڇ طرف جي ڪنهن آڳاٽي شاديءَ ۾ جهيمڻ ٻڌڻ ۽ جهيمڻ ڇوڙڻ جا هيٺان مثال ٻڌايا. ڪنواريتن طرف وارن مان ڪنهن جهيمڻ ٻڌو تہ:

کَجيج متي کَلَڙي، ريبارِي متي لوٽ
ٻڏو پيو آهي آن جو ڇڃ سوڏو گهوٽ

تڏهن گهوٽيتن مان ڪنهن سگهڙ اهو جهيمڻ چوڙيو تہ:

ساڎُورا ۾ سائون پڪو ڪگڙياريءَ ۾ ڳل
آڏو جِهيمڻ جِهيمجي ويو آن کي کهڙي جهل

ٿر جي ڪڇهري ۾ چيائون تہ هر قبيلي جو جهيمڻ جدا آهي، جنهن جي معنيٰ تہ هر قبيلي وارن کي سندن جوڙيل جهيمڻ ياد آهن تہ جيئن شاديءَ وقت ڪم ڏئي سگهن. مثلاً لوهاڻن جا جهيمڻ جدا، واڻين جا جدا، ڪولهين جا جدا، مينگهواڙن جا جدا. ڪنهن شاديءَ ۾ جهيمڻ ٻڌائون تہ:

| | |
|---|---|
| اوڙو ٻڏان پاڙو ٻڏان | ساهہ ٻڏان سور ٻڏان |
| ڪارو ٻڏان ڳورو ٻڏان | هٽ تي ڪِراڙ ٻڏان |
| لوهار جو دڪان ٻڏان | ڪنيار جي نهائين ٻڏان |

انهيءَ تي گهوٽيتن جهيمڻ چوڙيو تہ:

ڏوپ مُگر واس چِٽا ڏوڏ پاٽي ساس چِٽا

- ڪنيارن جو جهيمڻ چوڙڻ جو هيئيون مثال شهر آڏيگام (تعلقي ننگرپارڪر) ۾ تماچي ڪنيار ٻڌايو:

| | |
|---|---|
| آن ڌَن کي الله اپايو | بندي گهوڙي ڪي فرمايو |
| بندي گهوڙي* نيلو گاهہ | تنهن تي متان پينگهلا* |

---

* بندي گهوڙي = ٻڌي گهوڙي
* پينگهلا ءِ پينگهون= ڏانگڙا، اندلئون

پينگهلا پارڪر ۾ وسي　　ان ڏن ڪي سهج رسي
سنڌڙي سونهاري ڇتي　　لاپس ڙي ترڏاري ڇتي*
سيرا سڪر ڪنڊ ڇتا　　هلتا^ حجام ڇتا
ڪارونجهر ري مکڻ ماکي،
سوٽو جهيمڻ سورج ماکي.

خيرپور طرف ناري جي سگهڙ لڇمڻ پنيري هينيان جهيمڻ ٻڌايا جيڪي ناري جي ٻنهي پاسي راڄن ۾ هلن:

حقو ڇتو ايٽ سان،
چلم ڇتي تيٽ سان،
ناري ڇُتي ٽريان،
حقو ڦير تہ ڦوڪ پريان،
سالي منهنجي سرت سڄاڻ،
ڀُر ڀُر لوٽي پاڻي آڻ،
ان ڏن ڏٽيءَ اپايو
جنهن تي ٻڌڻ نہ فرمايو.

—

ڇتي مائلڙي جنهن ڄايو
ڇتي دائلڙي جنهن ڇٽايو
ڇتي پينلڙي جنهن ڪيڏايو
ڇتي ماسلڙي جنهن هُرلايو
ڇُتي بوُئلڙي جنهن ڳُرلايو

---

* لاپس = ڪٽڪ جو ڏارو گيهہ ۽ گڙ. ترڏاري = تاسري

^ هَلتا = هلندڙ

ڇُٽي سانهلڙِي جنهن چايو
ڇٽي واٽڙي جنهن پنڌِ آيو
ڇٽو اوڙو ڇٽو پاڙو
ڇٽو ڳٺن ڳاين جو واڙو
ڇٽي سرڻ ڇٽو سانباهو
اولهه ڇٽو اوڀر ڇٽو ڏکڻ اتر ڇٽو،
ڇُٽا اَيٽ مانجا جنڊ،
ڇٽا سورج تارا چنڊ،
ڇٽا ڪاڇي ڪَرها ڪهنگ،
جن جا پير پٻوڙا ٽنگ،
ڇٽو ڄاڃيا ماڃيا رنگ،
ڇٽو وڄندڙ واز اُٻنگ

—

ڳٺون ڳوري ڪير ڪٺوري،
سُرڪين ساٽين پيتو.
هُڙ هُٽو جهيمڻ ڇٽو
ڏيو ڳڙ جو ڳُٽو.

—

ڪاري گهيٽي ڇَو ڪَني
ڇَري ڇيهو* اوڳاري نَيرِ،
ڇٽو اسان جو پير،
هڙ هُٽو جهيمڻ ڇٽو

* ڇيهو = ڇيٽو،

ٻڌان منهن جوين جا سپ،
هاڻي ڏيو لب^
نہ تہ ڇاڃي اتيا ٽا وڃن.

—

ڇٽو ملڪ، ڇٽو ملتان،
ڇٽو هاڙهو حب حيوان،
ڇُٽا هاري ۽ هاراڻيون،
ڇٽيون راڻن جون رهاڻيون،
ڪنيو ڇهان ڳوين جا،
وات ٻڌان جوين جا.•

□

^ لب = ڪنوار
• "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هن مضمون مان صرف ٿر جي ٻوليءَ وارو حصو شامل ڪيو ويو آهي."

ڊاڪٽر فضل الحق سرهندي

# ٿر جي سنڌي زبان

لسانيات جي لحاظ کان زبان جي تعريف هن ريت آهي: "زبان خودبخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهه جا ماڻهو هڪٻئي سان واهپو رکن ٿا ۽ هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿا."

هر زبان کي هڪ ملڪ ٿيندو آهي، جنهن کي گهٽ يا وڌ ايراضي ٿيندي آهي. انهيءَ ايراضيءَ ۾ هڪ زبان جا مختلف محاورا جدا جدا ڀاڱن ۾ موجود هوندا آهن، جن مان هرهڪ کي اتان جو مقامي لهجو (Dialect) سڏبو آهي. انهن مقامي لهجن مان هڪ لهجو علم ادب جي لحاظ کان ٻين مقامي لهجن تي ڇانئجي ويندو آهي ۽ جنهن کي پڙهيل طبقو عام طرح سان استعمال ڪندو آهي، تنهن کي زبان جو معياري لهجو (standard dialect) سڏبو آهي. جيئن سنڌي زبان ۾ وچولي واري سنڌي، معياري لهجو آهي ۽ باقي ٻيا سڀ لهجا، اترادي، لاڙي، ٿري، لاسي، ڪڇي، وغيره مقامي لهجا آهن.

**سنڌيءَ جا هيٺيان لهجا ۽ اُنهن جا محاورا آهن:**

1۔ وچولي يا معياري سنڌي لهجو 2۔ اترادي/ سري جو لهجو 3۔ ٿري لهجو 4۔ لاڙي لهجو 5۔ ڪڇي لهجو 6۔ ڪوهستاني لهجو 7۔ لاسي لهجو 8۔ ڪاڇي جو محاورو 9۔ سبيءَ جو محاورو 10۔ ماٿيلي اُباوڙي جو محاورو 11۔ ماچر، ڪڪرالي ۽ کاري جا محاورا.

**ٿر جي سنڌي:**

هر زبان جا مختلف محاورا ۽ لهجا هجڻ فطري ڳالهه آهي ۽ هر زبان ٻي زبان سان سرحدي يا دنگئي آهي، جيئن ڪڇي سنڌيءَ جي

گُجراتي زبان سرحدي زبان آهي. ٿري سنڌيءَ جي مارواڙي زبان سرحدي آهي. اترادي سنڌيءَ جي ملتاني/ سرائيڪي زبان سرحدي آهي، لاسي ۽ ڪوهستاني سنڌيءَ جي بلوچي زبان سرحدي آهي.

ٿر جي سنڌي، ٿر جي ڇئن تعلقن ننگرپارڪر، مٺي، ڏيپلي ۽ ڇاڇري ۾ ڳالهائي ويجي ٿي. ٿري سنڌي ڪڇي ۽ لاڙي محاورن سان وڏيڪ ملي جلي ٿي، ڇو ته ڪڇ ۽ لاڙ جا علائقا ٿر سان سرحدي آهن، ٻئي طرف راجستان جي زبان مارواڙيءَ جو به ٿري سنڌيءَ تي اثر آهي. ڍاٽڪي به ٿر جو هڪ اهم لهجو آهي، جنهن جو اثر ٿري سنڌيءَ تي ۽ ٿري سنڌيءَ جو اثر ڍاٽڪيءَ تي آهي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي". ٿر ۾ سنڌي، ڍاٽڪي ۽ پارڪري ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ هر علائقي جي زباني لهجي ۾ ٿورو گهڻو فرق نظر ايندو آهي. ٿري سنڌي، ٿر جا مسلمان، هندو لهاڻا ۽ واڻيا ڳالهائيندا آهن. انهيءَ ڪري هتي، ٿر جي مسلمانن جي عام ٿري سنڌي ۽ لهاڻن جي ٿري سنڌيءَ جو ذڪر ڪيو ويندو.

مسلمان ذاتين ۾ سما، سومرا، اوٺا، اُنڙ، ٿيٻا، ڏيتا، درس، دل، هاليپوٽا، لنجا، جنجهي، راهما، نهڙي، مٺي، ننگرپارڪر تعلقن ۾ سنڌي ڳالهائين سيد وغيره ٿري سنڌي ڳالهائين.

**اسم تصغير:** اهو اسم، جنهن مان خبر پوي ته ڪنهن شيءِ کي سندس اصلي حيثيت کان گهٽائي ننڍو ڪري بيان ڪيو ويو آهي. اسم تصغير جو استعمال حقارت يا محبت ظاهر ڪرڻ لاءِ به ٿيندو آهي.

ٿري سنڌيءَ ۾ اسم تصغير جي لاءِ "يو" پڇاڙي (suffix) اسم خاص، اسم عام ۽ صفت جي پويان لڳائي ويندي آهي. جيئن "ٻار" مان "ٻاريو" معنيٰ ٻارڙو يا ننڍو ٻار. نالن جي پويان به "يو" پڇاڙي ملائڻ جو ٿر ۾ عام رواج آهي، جيئن: "سومار" مان "سوماريو"، ولي مان "وليو"، "ننڍو" (صفت) مان "ننڍيو"، "ٿورو" مان "ٿوريو" معنيٰ ٿورڙو.

ڪو ۽ ڪي پڇاڙيون بہ ساڳئي مقصد لاءِ ڪم ايندڙيون آهن، جيئن ننڍڪو ٽورڪو وغيره. "ڏٻڪي" معنيٰ ننڍي ڏٻي يا ڏٻلي "شيشڪي" معنيٰ ننڍي شيشي.

**اسم جو عدد ۽ اسمن جي عام صورت:**

مونث اسم جو جمع ٺاهڻ لاءِ "اين" پڇاڙي (Suffix) اچي ٿي، جيئن معياري سنڌيءَ ۾ "پٽ" جو جمع ٿيندو آهي "پٽون"، پر ٿري سنڌيءَ ۾ چون "پٽين".

"ڳوئين" ڳئون جو جمع آهي، معنيٰ اٿس ڍڳيون. ڳوئين جو کير معنيٰ ڍڳين جو کير. اها اسم جي عام صورت آهي. ڍڳين جو واپار معنيٰ ڍڳن جو واپار. اها اسم جي عام صورت آهي.

**فعل متعدي مجهول:** اهو فعل متعدي، جنهن جو فاعل ڄاڻايل نہ هجي ۽ ان جو مفعول فاعل جو قائم مقامي هجي، ان کي فعل متعدي مجهول چئبو آهي. ٿري سنڌيءَ ۾ فعل متعدي مجهول جو ماضي "اٽو" پڇاڙي ملائڻ سان ٺهي ٿو جيئن ڳوٺ ڦراٽو آهي معنيٰ ڳوٺ ڦريو ويو آهي.

اُڏاٽو = اُڏيو

وڪاٽو = وڪاميو

اگهاٽو= اگهيو

اُجهاٽو= وساميو/ اجهاميو

ڪُوماٽو= ڪُومايو ڪومائجي ويو

**فعل امر ۽ نهي (ناڪاري):** امر اهو فعل آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪيل هجي ۽ ناڪاري اهو فعل آهي، جنهن ۾ ڪم ڪرڻ جي منع ٿيل هجي. ٿري سنڌيءَ ۾ "مَ" ناڪاري طور استعمال ٿيندو آهي. جيئن مَ ڪر، معنيٰ نہ ڪر، مَ وڃ معنيٰ نہ وڃ.

مَ ڪر ڍول ڍلو، ناتو نماڻيءَ سين.

(شاهہ)

مَرڪي روءِ مَررڙڪي مَرڪي ڪر دانھون.

(شاھ)

**امر نيازي:** ھن امر مان ظاھر ٿئي ٿو تہ ڪنھن واحد يا جمع کي تاڪيد ڪيل ھجي تہ مستقبل ۾ ھي ڪم ضرور ڪرڻو آھي يا ڪنھن واحد يا جمع کي عاجزي ڪيل ھجي. ٿري سنڌيءَ ۾ واحد لاءِ "ج" ۽ جمع لاءِ "جا" پڇاڙي اچي ٿي. جيئن وَڃج معنيٰ وڃجان (واحد لاءِ) وڃجا معنيٰ "وڃجو (جمع لاءِ).

**زمان ماضي مدامي:** معياري سنڌيءَ وانگر ٿريءَ ۾ بہ زمان ماضي مدامي اچي ٿو ۽ زمان حال متشڪيءَ وانگر بہ ٿيندو آھي، جيئن "ھو ويندو ھوندو" معياري سنڌيءَ ۾ زمان حال متشڪيءَ جو جملو آھي، پر ٿري سنڌيءَ ۾ زمان ماضي مداميءَ لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو معنيٰ آھي 'ھو ويندو ھو".

ڪن فعلن جي اڳيان لاڙي سنڌيءَ وانگر "اُ" اڳياڙي ايندي آھي، جيئن اُلھڻ معنيٰ لھڻ، اُپٽڻ معنيٰ پٽڻ، اُبھَڻ معنيٰ بيھڻ.

ٻرڻ ۽ سڙڻ ٻنھي فعلن لاءِ ٿري سنڌيءَ ۾ "ٻرڻ" فعل استعمال ڪن، جيئن "تنھنجو ھٿ سڙي ويو" بدران چون "توھجو ھٿ ٻري ويو" ساڳئي نموني ٻارڻ ۽ ساڙڻ ٻنھي فعلن لاءِ ھڪ فعل "ٻارڻ" استعمال ڪن. جيئن "ھن پاڻ کي ساڙيو" بدران چون "ھُن پنڊ کي ٻاريو". ڪنھن ماڻھوءَ کي وٺي اچڻ يا وٺي وڃڻ لاءِ فعل "ڪوٺي اچڻ" يا "ڪوٺي وڃڻ" چون. "پوڙھي کي وٺي وڃ" بدران چون "ڏوڪري کي ڪوٺي وڃ".

ڪنھن شيءِ کي وٺي اچڻ لاءِ ساڳيو معياري سنڌيءَ وارو فعل استعمال ڪن يا ڪڇي محاوري وارو فعل ڳنھڻ يا "ڳنڻ" بہ استعمال ڪن. "پوڙھو ڪپڙو وٺي آيو". بدران چون "ڏوڪرو ڪپڙو ڳنھي آيو" يا "ڏوڪرو ڪپڙو وٺي آيو"، "ھلائڻ" فعل جا ٿري سنڌيءَ ۾ بہ مطلب آھن: ھڪ تہ ساڳيو معياري سنڌيءَ وارو آھي ۽ ٻي معنيٰ اٿس "موڪلڻ"، جيئن چون "تو ماڙُھو ھلايو" معنيٰ "تو ماڻھو موڪليو". اھو فعل ڪڇي محاوري ۾ بہ ساڳيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

"ويندو رهڻ" معنيٰ "هليو وڃڻ". جيئن "هو گهرين ويندو رهيو"، معنيٰ "هو گهر ويو هليو". ڏوئڻ ۽ روئڻ فعل زير وارا آهن. انهن کي پيش وارو ڪري اُچارين جيئن ڏُئڻ، رُوئڻ.

لکن، پڙهن ۾ "اِين" سُر اچي ٿو انهيءَ کي "اَين" سُر ۾ بدلائين. "لکين، پڙهين" چون.

جيڪي فعل "ي" تي ختم ٿين، انهن ۾ 'ي' جو اضافو ڪن. جيئن "ڏِين" بدران چون "ڏئين".

لاڙي سنڌيءَ وانگر ڊگها سُر ننڍا سُر ڪري اچارين. جيئن 'آهي' کي "اَهي" چون.

اَهيان معنيٰ 'آهيان'، اَهيون معنيٰ 'آهيون'، اَهيَين معنيٰ 'آهن'، اَهو معنيٰ آهيو اَهي معنيٰ 'آهي'، اَهِن معنيٰ 'آهن'."

"ي" آواز شروع ۾ اچي تہ "ج" ڪري اُچارين. جيئن يتيم کي "جتيم" چون، "ياد" کي "جاد" چون.

"خ" آواز کي "ڪ" ۾ بدلائن. جيئن "خالي" کي "ڪالي" چون. "غ" آواز کي "گ" ۾ بدلائن. جيئن "غريب" کي "گريب" چون. "ف" آواز کي ق ۾ بدلائين جيئن "فال" کي "ڦال" چون. "ش" آواز کي "س" ۾ بدلائين. جيئن "شيشي" کي "سيسي" چون. "ز" آواز کي "ج" ۾ بدلائن. جيئن "زنجير" کي جنجير" چون. اها آوازي ڦير گهير هاڻي گهٽ ڪري پڙهيل لکيل ڪونہ ڪن. باقي اڻ پڙهيل ۽ ڳوٺن جا ماڻهو اهي آواز صحيح طرح ڪونہ اچارين.

ٿري سنڌيءَ ۾ اجا تائين قديم لفظن جو ڪافي ذخيرو آهي. جيئن اچرج (عجب) ويساهہ (اعتبار)، ڪُراچ (بوتل)

ٿري سنڌيءَ جا خاص لفظ جيڪي معياري سنڌيءَ کان مختلف آهن. هيٺ ڏجن ٿا:

| ٿري سنڌي | معياري سنڌي | ٿري سنڌي | معياري سنڌي |
|---|---|---|---|
| آئين | توهين | ماندان(مهندان) | اڳيان |
| آن | توهان | ڪوٺي اچڻ | وني اچڻ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اي | اهو | هلائڻ | موڪلڻ |
| اَو | اُهو | اُپٽڻ | پٽڻ، کولڻ |
| ايءَ | اها | اُبيهڻ | بيهڻ |
| اَوءَ | اُها | اُلهڻ | لهڻ |
| پنڊ | پاڙ | ڦگائڻ | اڇلائڻ |
| توهجو | تنهنجو | جُهرڻ | ٽٽڻ |
| آن جو | توهانجو | جهورڻ | ٽوڙڻ |
| ڪُڇاڙو | ڇالاءِ | پهرڻ | پائڻ |
| ڪوهہ | ڇو | پُورڻ | پورڻ، دفن ڪرڻ |
| ڏاگهو | اُٽ | ٻوٽڻ | وڍڻ |
| لوڪڙ | لومڙي | ٻرڻ | سڙڻ |
| هيڪو | هڪڙو | پاڇل | لوٽو |
| وِرانڊ | شام | ڪوهہ | ڇو |
| ٻائي | مائي | ڪن | ڪجهہ |
| ڏوڪرو | پوڙهو | پڳ | پيِر |
| ڏوڪري | پوڙهي | ڇُنبي | گندي |
| اورهون | اورتي | هاڏو | ڪانگ |
| ڏوسي | زال، عورت | وڇاڙ | هنڌ، بسترو |
| آڇ | لسي | ڪُونتو | ڪڙو |
| جهڻ | لسي | ڪونٽو | ڪلو |
| وِڇوئين | ڇچي، ڪرڙي | ڪاڇيل | ڏکڻ |
| ڪِلوڙي | نوريٽڙو | آواڙو | حوض/آنهن/ڪيل |
| هيڪلو | اڪيلو | تڙ | ڪوهہ |
| ماند (مهند) | اڳي | سانُ | ڏيگو/ آنڪو |

**ٿري سنڌيءَ جا ڪجهه جملا:**

هُو گهرين ويندو رهيو = هو گهر ويو هليو

هيڪو ماڙهو پاهون آيو= هڪڙو ماڻهو واپس آيو

تو ماندان ڪوهه گُوڙ ڪريان= تنهنجي اڳيان ڇو ڪوڙ ڪريان

آن کي ڪڄاڙو ٿيو آهي= اوهان کي ڇا ٿيو آهي

هو گهرين ٿيو اَهي= هو گهر ۾ آهي

ڏوڪرو پاچلون پيو ڦيري= پوڙهو لوٽا پيو هٽي

آورَنهون اڄ، پرهون مَروڃ= اورتي اڄ، پرتي نه وڃ

اي ماند پنڌ آيو= اهو پهريائين پاڻ آيو

اُت اکين هيٺ ڪجا= اُتي اکيون هيٺ ڪجو

**لُهاڻن جي ٿري سنڌي:** ٿر ۾ لهاڻا سنڌي ڳالهائين ۽ ڪراڙ (واڻيا) ڍاٽڪي ڳالهائين. ٻيون هندو ذاتيون ڍاٽڪي يا پارڪري ڳالهائن. لهاڻن جي سنڌي ٿر جي مسلمانن جي سنڌيءَ کان ڪجهه مختلف آهي. مسلمانن جي سنڌيءَ کان لهاڻن جي ٻوليءَ تي لاڙي ۽ ڪڇي محاورن جو اثر وڌيڪ آهي ۽ ڍاٽڪيءَ جو اثر به نمايان آهي. راند ڪرڻ کي ”رمڻ“ چون، جيڪو ڍاٽڪي اکر آهي.

’آئون ڪِني رمان‘ معنيٰ آئون ڪونه کيڏندس. عورتون مڙس کي ”ڌڻي“ چون، نالو ڪونه وٺن. جيئن ته لهاڻا هندو ڌرم سان واسطو رکن ٿا، انهيءَ ڪري پنهنجي ٻوليءَ ۾ هندي لفظ به استعمال ڪن جيئن ڌرم (مذهب) وِسواس (وشواس، يقين) سيوا (خدمت) ”سنان“ (هندي اشنان) معنيٰ وهنجڻ يا غسل ڪرڻ.

ڏينهن جا نالا قديم سنڌي يا هندي استعمال ڪن يا ملنڌڙ جلنڌڙ استعمال ڪن. اڱاري کي ”منگل“ چون، اربع کي ”ٻُڌر“ چون، خميس کي وسپت چون (هندي ۾ برهسپت) ۽ ڇنڇرِ کي ”ڇنيڇر“ چون. زبر جي جاءِ تي گهڻو ڪري زير اچارين. سَنهو جي بدران سِنهو چون. ننڊو بدران نِنڊو چون. يعني زير ڏئي اچارين.

**لهاڙن جي سنڌيءَ جا ڪجهه اکر ڏجن ٿا:**

| | |
|---|---|
| منگل | اڱارو |
| ٻُڌر | اربع |
| وسپت | خميس |
| جمعو | جُمعو |
| ڇنيڇر | ڇنڇر |
| رمڻ | کيڏڻ |
| سنان ڪرڻ | وهنجڻ |
| سنان پٽي | غسل خانو |
| باسڻ | ٿانوَ |
| آئين کي | اوهان کي |

**لهاڙن جي سنڌيءَ جا ڪجهه جملا:**

ٻارين کي آئين رمڻ ڏيو= ٻارن کي توهين کيڏڻ ڏيو

آئين کي سنان ڪرڻو آهي (آيِ)= توهان کي وهنجڻو آهي

آئون تو پيڙو ڪِني هلان= آئون توسان گڏ ڪونہ هلندس

مَرين، تون ڪو واٺڙو آهيين= مُٺا، تون ڪو واٺڙو آهين

اسين آئين جو ڪم ڪرون پيا= اسين توهان جو ڪم ڪريون پيا.

❑

نور احمد جنجهي

# سنڌي ٻوليءَ جا ٿري لهجا ۽ محاورا: هڪ جائزو

اول نام الله جو برڪت بيشمار
سو ڏيهن جو ڏاتار سو سڀا جهو سيين پرين.
(ترجمو: مولانا احمد ملاح)

## ٿرپارڪر: تاريخي پس منظر

ٿرپارڪر ڌرتيءَ جو انتهائي نرالو خطو آهي، جنهن جي ريت جو هر ڪڻو رتن آهي، جتي جي هر پٽ پاڳوند آهي، جتي جو هر ڌهر ڏياوان آهي، جتي جي هر وستي ، هر واهڻ، هر ڳوٺ ۽ ڍاٽي ڳڻن سان ڀرپور آهي. اهي سمورا ڳڻ صدين کان هڪ صدري سلسلي وسيلي، پيڙهي بہ پيڙهي منتقل ٿيندا اچن ۽ ٿر ۾ رائج ٻوليون بہ اِن ڀهڳڻ ثقافت جو اُهو سون سريکو سروپ آهن، جن جي گهڻائيءَ متعلق جيتري گهڻي جاکوڙ ۽ جستجو ڪجي، اوترو گهٽ ۽ جيترو تحقيق جي تارازيءَ ۾ تور تڪ ڪئي وينديءَ اوترو ئي هتان جا اهي املهہ موتي جرڪندي نظر ايندا. انهيءَ ورثي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ کان اڳ اچو تہ ڏسون تہ ٿرپارڪر جي هِن سون سريکيءَ ڌرتيءَ جي تاريخ ڇا آهي. ‘سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ’ ۾ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو:

”’ٿر‘ سنسڪرت لفظ ’ستل‘ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بيٺل يا نہ وهندڙيعني خشڪ ملڪ (جتي درياهہ ڪونهي): انهيءَ ستل جو اُچار اول ٿري ٿيو ’ٿل‘ يعني خشڪ زمين (ضد. جل معنيٰ پاڻي) ۽ ٿل جو اُچار ٿري ٿيو ٿر.“

محترم رائچند هريجن، ’تاريخ ريگستان‘ ڀاڱي پهرئين ۾ لکي ٿو: ’ٿر ڪي ريگستان بہ چون ريگ = واري + آستان‘= جاءِ يعنيٰ واريءَ جي جاءِ. هِن ڀاڱي ۾ واريءَ جون ڀٽون گهٽيون آهن. ڀٽ.ڪي ٿر جا ماڻهو ’ٿري‘ چوندا آهن. تنهنڪري ڀٽن يعني ٿرين واري ڀاڱي کي ٿرين جو ملڪ يا ’ٿر‘ جو ملڪ ’ٿري‘ چوندا آهن، جنهن مان . ’ٿر‘ لفظ ٺهيو آهي.

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جڏهن ٿر ۾ موجود Coal Field (ڪوئلي واري زمين) ٿهريي/ تاريي هاليپوٽي ۾ ڪاري سون جي کوٽائيءَ ( Exploration) جو افتتاح ڪرڻ آئي هُئي تہ هُن چيو هو:

Someone has told me that cream of milk is said `Thur` in Sindhi and as the sea withdrew from this area, the cream appeared and the people started to call it `Thur`

ترجمو: ”ڪنهن مون کي ٻڌايو آهي تہ کير جي مٿان ’ٿر‘ يا ملائيءَ کي سنڌيءَ ۾ ’ٿر‘ ڪوٺبو آهي ۽ جڏهن هن علائقي مان سمنڊ پاسي ٿيو تہ اهڙي ٿيڻ ظاهر ٿي، ان ڪري ماڻهن ان کي ’ٿر‘ چوڻ شروع ڪيو.“

هِن ڏرتيءَ جي مالوند پٽيءَ جي اُتر ۾ ٻئراجِي علائقو ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ، اولهہ ۾ بدين ۽ ميرپورخاص ضلعو ۽ اوير ۾ هندستان جو پرڳڻو راجستان آهي. تنهنڪري هيءُ خطو انهن علائقن جي اثر هيٺ رهيو آهي. هتي پرمار سوڍن جي حڪمراني رهي آهي، جيڪي

ڪافي عرصو هِن خطي تي راڄ ڪندا رهيا آهن. انهن سوڍن جي زبان ڍاٽڪي هئڻ ڪري هتان جي اڪثريت پڻ ڍاٽڪي ڳالهائي رهي آهي، تنهن کان پوءِ جيئن ئي سومرا دور سگهه ورتي ۽ سومرا وڳهه ڪوٽ کان وٺي عمرڪوٽ تائين ڦلهجي ويا تہ عمرڪوٽ کي اُنهن پنهنجي ڦُوت جو ماڳ بڻايو.

اِن کان پوءِ وري سوڍن پنهنجي سگهہ کي سهيڙي عمرڪوٽ تي راڄ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انگريزن جي ڪاهہ تائين هِتي سوڍا حڪمران رهيا. تنهن کانپوءِ انگريز آيا، اُنهن بہ هِن پرڳڻي کي ٻن حصن ۾ انتظامي طور ورهايو. ڏاکڻو حصو پُڇ مان ڪنٽرول ڪيو ويندو هو ۽ اُترئين حصي جو مک مرڪز عمرڪوٽ هوندو هو. جنهن کي 'گڏ امراڻ' بہ چيو ويندو هو:

گوريان ڪيهر لڪيان، سوڍو چتر سُڄاڻ،
ٻڙ جهڪيا لانبي ٽٽان، آيو گڏ امراڻ.

ائين اهو علائقو ٻن حصن واري انتظام کانپوءِ وري هڪ ٿيو ۽ اڄوڪي هلي ضلعي ٿرپارڪر قائم ٿيڻ سان اچا بہ وڌيڪ محدود پسمنظر جي حوالي ٿيو ۽ محترم رائچند هريجن مطابق ٿرپارڪر کي طبعي لحاظ کان ڏسجي ٿو تہ اُن جا هِي ڀاڱا آهن:

1. ڪاٺڙ: ڇاڇري شهر کان وٺي اوپر طرف ٿوروو ۽ اُتر طرف گڏڙي تائين، هِن ڀاڱي کي 'ڪاٺڙ' چوندا آهن. هِن ڀاڱي ۾ واريءَ جون ڀٽون ننڍيون آهن، وڏا ۽ ڊگها وڻ گهٽ آهن. هِن ۾ ڇاڇري جي اُتر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو.
2. ڪنٺو: هِن ۾ ڇاڇري تعلقي جو ڏاکڻو ڀاڱو ۽ ننگرپارڪر تعلقي جو اُتر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو. هتي جي زمين ڀلي ۽ آباديءَ لائق آهي، جنهن ڪري ڪيتي سُٺي ٿيندي آهي.

3. **پارڪر:** هِن ۾ ننگرپارڪر تعلقي جو ڏکڻ وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو. زمين سنئين ۽ ڪڪرالي آهي. هتي واريءَ جو ڀٽون ڪونہ آهن. رائو گهٽو آهي. ڪارونجهر ٽڪري هن ئي ڀاڱي ۾ آهي.

4. **سامروٽي:** هن ۾ مٺي تعلقي جو ڏکڻ اولهہ ۽ ڏيپلي تعلقي جو اُتر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو. هِتي جِي زمين ڀلي آهي.

5. **ونگو:** هن ۾ ڏيپلي تعلقي جو اُلهندو ڀاڱو اچي وڃي ٿو.

6. **وٽ:** هِن ۾ ڏيپلي ۽ مِٺي تعلقن جا ڏکڻ وارا ڀاڱا اچن ٿا. هِي زمين جو ٽڪرو ڪڇ جي رڻ سان دنگئي ۾ ويجهو آهي. جنهنڪري هتي پاڻي تانگهو آهي.

7. **مهراڻو:** اڳوڻي مهراڻ نديءَ جي وهڪري جي پر وارو ڀاڱو آهي. هِن ۾ ڇاڇري تعلقي جو اولهہ ۽ عمرڪوٽ تعلقي جو ڏکڻ اوير وارو ڀاڱو اچي وڃن ٿا.

8. **ڍاٽ:** هِي سڄي ٿر جي وچ وارو ٽڪرو آهي. هِن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو ٿورو ٽڪر، ڇاڇري تعلقي جو گهڻو ڀاڱو ۽ مٺي تعلقي جو ڪجهہ اُتريون ڀاڱو اچي وڃن ٿا. هِن جي ڪري سڄي ملڪ کي 'ڍاٽ' بہ سڏيندا آهن ۽ رهاڪن کي 'ڍاٽي' چئبو آهي.

9. **اچڙو ٿر:** هن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو اُتريون ڪنارو ۽ کپري تعلقي جو اُتر اوير وارو ڀاڱو اچي ٿو ۽ اڳتي خيرپور رياست ۽ جيسلمير تائين دنگ اٿس. هِن کي 'بوٺٺ' ۽ 'ڊيٺا' بہ چوندا آهن هتي آبادي گهٽ ۽ ماڻهن جي بستي ڇڊي آهي.

## ٿر ۾ رائج ٻوليون ۽ زبانون

ٿر جي ٿڌيءَ ريت وارو روح کي راحت ڏيندڙ خطو ونگيءَ کان وٺي ٻڙ تلاءَ ۽ ڦولپريءَ تائين، رهمڪي بازار کان راڙڪوئيءَ تائين، ڏينسي ۽ ڏوتڙ کان گيڙڙي تائين، وسيع ۽ عريض ڦهليل ڌرتيءَ تي مختلف زبانون ڳالهائڻ وارن ماڻهن جو بسيرو رهيو آهي. تنهنڪري، چئي سگهجي ٿو تہ هِيءُ خطو پڻ گهڻ ٻوليائي خطو آهي، جنهن ۾ ڪنهن دور ۾ سنڌي، ڍاٽڪي، گجراتي، هندي، مارواڙي، پارڪري، اوسواڙي، لوهارڪي ٻوليون رائج رهيون آهن. انهن مان ڪجهہ ٻوليون ۽ زبانون متروڪ ٿي چُڪيون آهن. جيئن هندي، گجراتي، سنسڪرت ورهاڱي کانپوءِ تمام اڻ لکيون وڃي بچيون آهن. اجا بہ گجراتي ڪُجهہ ذاتين ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جيئن گجراتي ڪميونٽِي جا ماڻهوءَ جن جي اڪثريت ’صفائي سُترائيءَ‘ جهڙي ڪم سان وابستہ آهي. اُهي هِيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا، پر ان جي صورت ٻوليءَ جي حد تائين آهي، اها لکي نٿي وڃي نہ ئي اُن جي لکپڙهہ جو ڪو جوڳو انتظام آهي. هندي پڻ ڪُجهہ ماڻهو لکن ٿا يا ڄاڻن ٿا، پر اُها بہ ڌرمي ڪتابن تائين محدود آهي. لوهارن جي برادري، جيڪي پاري نگر جا مالڪ هئا، پر سمنڊ هٽڻ ۽ ٻين انقلابن جي ڪري، اُهي لوهارڪي ڪِرت ۾ لڳي ويا آهن. ڪولهين کي بہ پنهنجي ٻولي آهي، جيڪا سنڌن برادريءَ اندر ڳالهائي وڃي ٿي. هيءُ بہ مارواڙي ۽ پارڪريءَ جو امتزاج آهي. ڍاٽڪي ٻولي پڻ ٿر ۾ اڌ کان وڌيڪ آبادي ڳالهائي ٿي. ڍاٽڪيءَ کي ڪي ودوان الڳ ٻولي ڪري مڃين ٿا، ڪي گجراتي ۽ مارواڙيءَ جو لهجو چون ٿا تہ ڪي عالم سنڌيءَ جي پيٽ ڪري ڪوٺين ٿا، جيئن محترم گريئرسن لکيو آهي:

"عام رواجيءَ حساب سان تہ سنڌيءَ جا چار لهجا آهن. جيئن معياري (وچولي)، سرائڪي، ٿريلي ۽ لاڙي، ’ٿريلي‘، ٿر يا ريگستان ۾ ڳالهائجڻ واري سنڌيءَ جو نالو آهي، جيڪو سنڌ جي اُيرندي واريءَ سرحد تي موجود رڻ پٽ آهي، جيڪو راجپوتانا کان سنڌ کي جُدا ڪري ٿو. اُن جو هڪڙو بيو بہ ٿورو مختلف نالو آهي. "ٿريچي." مارواڙ ۾ رڻ پٽ کي ’ڍاٽ‘ چوندا آهن، ان ڪري هِن لهجي کي ڍاٽڪي بہ چوندا آهن."

محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ ساڳيءَ راءِ جو آهي:
"ڍاٽڪي ٻولي، آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ ۽ راجستان جي ثقافت کي ڳنڍيندڙ وچين ڪڙي آهي. ڪي راجستاني پهاڪا، دانائيءَ جا گفتا ۽ عوامي افسانا، ڍول مارئي وغيره. ڍاٽڪيءَ ذريعي سنڌ ۾ رائج ٿيا. ٻئي طرف سنڌ جا مثال ۽ پهاڪا، داستان ۽ افسانا بلڪ بيت ۽ شعر راجستان طرف رائج ٿيا. راجستان واري ڀاڱي ۾ آباد سنڌ جي قومن ۽ قبيلن سنڌي ٻوليءَ کي اِن طرف مشهور ڪيو."

ڍاٽڪي پهريائين گجراتي ۽ هنديءَ جي اثر هيٺ رهي آهي، پر جڏهن کان اُن سان سنڌيءَ جو ميل ميلاپ وڌيو آهي تہ پوءِ اُها سنڌيءَ جي رنگ ۾ رڱيل نظر تي اچي. باقي اُها انفرادي طور ٻولي آهي، جيڪا زبان ٿيڻ تائين پهچڻ ۾ اجا گهٽي محنت جي گهرجائو آهي

پارڪري: هِيءَ ٻولي ٿرپارڪر واري خطي ۾ ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب جي امتياز کانسواءِ ڳالهائي وڃي ٿي. هيءَ گجراتيءَ جو هڪ لهجو آهي. هيءَ بہ اجا ٻولي (لهجو) آهي. زبان بنجڻ لاءِ ڪي بہ ڪوششون نہ ٿيون آهن. ڪولهي برادري، سموري هيءَ زبان ڳالهائي ٿي. هن ٻوليءَ جي وياڪرڻي جوڙجڪ بہ بنيادي آهي ۽ خصوصاً پڇاڙين جو ملڻ ۽ اُن مان نوان لفظ نهڻ ۽ فعلي صورتن جي بيهڪ اييَاس لائق آهي.

مثال: ڪارونجهرني ڪور، روڙي لاڳي رليا مٽي،

ماٿي ٿهُوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو.

هِن ۾ 'ڏيپ' لفظ 'ڏيئي جي لاءِ آهي ۽ اُن ۾ 'تو' پڇاڙي ملائي صفت بنائي وئي آهي. هِن ٻوليءَ ۾ ڪٿي 'س' کي 'خ' ۽ 'ه' ڪري به اُچاريو ويندو آهي، جيئن:

مسلمان کي چون مُخلو (مُسلو)

سارو کي چون خارو

سنڌي: ٿر جي اتر اولهه واري حصي ۾ اڪثر ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا، جنهن تي جيڪڏهن غور ڪيو ويندو ته اُها سنڌي ٻوليءَ لاڙي لهجي کي وڌيڪ ويجهو نظر ايندي ۽ اُن جي جهيلار ڍگهي هوندي جيئن:

معياري: ڇا ٿو ڪرين؟

ٿري: ڪهڙو ٿو ڪريين؟

ٿر ۾ ڳالهائجندڙ سنڌيءَ ۾ ڍاٽڪي، گُجراتي، پارڪري ۽ هنديءَ جا لفظ پڻ شامل ٿي ويا آهن يا اُن جي نحوي ساخت تي پڻ اُن جو اثر پيو آهي.

ان کان سواءِ ٿر ۾ ڪجهه ذاتيون اهڙيون آهن، جيڪي سڀيون جو سڀيون ساڳي ٻولي ڳالهائين ٿيون. مثال طور ڪولهي: پارڪري ڳالهائين ٿا، مينگهواڙ ڍاٽڪي ڳالهائين ٿا، پرانهن ۾ لهجا مختلف آهن. ڀيل پڻ ڍاٽڪي ڳالهائين ٿا، پر اُن جو گهاڙيٽو مينگهواڙن يا ڪافي مسلمانن جي ڍاٽڪيءَ کان مختلف آهي. ڀيلن جي ڍاٽڪيءَ تي جهنگل ۾ ٿيندڙ شڪار، شڪار جي اصطلاحن ۽ اُتان جي ڪلچر جو گهرو اثر آهي. گجراتي ڪميونٽِي جنهن جو صفائي سُٿرائيءَ سان تعلق آهي، اُنهن کي به پنهنجي ٻولي آهي.

## ٿر ۾ رائج سنڌيءَ جا لهجا

ٿر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي شروعات سومرن جي دور ۾ ٿي، جڏهن پڙهن ۽ ڀانن ڳاهن وسيلي ڏاهپ، سخاوت ۽ سورهيائيءَ جا داستان لوڪ تائين رسايا ۽ ٿر ۾ سنڌيءَ جو رواج وڌيو جيڪو سمن جي دور ۾ سگهارو ٿيو ۽ ڪلهوڙا دور ۾ سهيڙجي پنهنجي بلوغت واريءَ صورت کي پهتو ۽ اڄ تائين اُهو سلسلو جاري آهي. هاڻي تہ مواصلات جي وسيلن جي سُڌرڻ سان ميڊيا جي ترقي ٿي آهي ۽ سنڌي ٻولي اڃا بہ وڌيڪ ترقي ۽ ڦهلاءُ ڪري رهي آهي. اُن سان گڏوگڏ ٻين ٻولين جي سُوڌ سنوار وارو ڪم بہ شروع ٿيو آهي.

هونئن تہ سنڌي سڄي ٿر جي مختلف حصن يعني چئني تعلقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌي ڳالهائيندڙن جي اڪثريت ڏيپلي ۽ مٺي تعلقي ۾ آهي ۽ اُن کان سواءِ ننگرپارڪر جو سرحدي علائقو جيڪو مِٺيءَ سان مِلي ٿو. تنهن ۾ پڻ سنڌي ڳالهائيندڙن جي اڪثريت آهي، پر انهن سيني ڀاڱن جي سنڌيءَ جو ڳوڙهائيءَ سان اڀياس ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ مُهراڻي ۽ ونگي جي سنڌيءَ جو لهجو الڳ آهي: سامروٽيءَ جي ماڻهن جي سنڌي نياري آهي تہ وَٽَ جا وانگي انتهائي رسيلي سنڌي ڳالهائين ٿا، جنهن ۾ جهنگلي جيوت ۽ مالداريءَ سان واسطو رکندڙ انيڪ اصطلاح شامل آهن. ڪنٽي جو سنڌي لهجو نيارو آهي تہ کاٽڙ جي پاسي جي کمت جي پنهنجي سُڃاڻپ آهي. ڍاٽڪي، جن جي مادري زبان آهي، تن جو سنڌي لهجو مختلف آهي. مثال طور: سمورا ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ اعرابن جي استعمال ۾ زير جو استعمال گهڻو ڪندا آهن ۽ لفظن جو جزم سان اُچار ڪندا آهن جيئن:

نَنڍي کي نِنڍو چون
صُبح کي صُبوح چون
ڳرُ کي ڳر چون

انهن ڌار ڌار ڀاڱن ۾ جملن جي نحوي سٽاءَ ۾ پڻ فرق آهي. مثال طور: سامروٽيءَ جا ماڻهو هن ريت ڳالهائيندا آهن:

’تو ڪِئين ڳرسِ‘ يعني تون ڪيئن ڪندين؟

اهو سمورو ڪم سينن ۾ آهي، جيڪو صدين کان هِن خطي جي ڀِٽن، ڀانن ۾ چارڻن وسيلي ۽ لوڪ گيتن ۾ ڳيچن وسيلي سانڍيو ۽ سانيبو اچي. تنهنڪري اِن زباني ورثي جي دستاويز بندي ڪرڻ ضروري آهي، جيئن اسان پنهنجي ادبي سرمايي ۾ موجود لوڪ ڏاهپ جي هيرن جواهرن کي محفوظ ڪري سگهون.

**مددي ڪتاب:**


1. تاريخ ريگستان: رائچند هريجن، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، 1988ع.
2. برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو جي. اي گريئرسن، ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2011ع.
3. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا: ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع.
4. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، 1999ع.


❑

يارو مل امراڻي

# ٿر جا لهجا ۽ انهن ۾ ڍاٽڪي لهجي جي اهميت

رات ريباري آ و يا وَٺا ڪالهوڙا ميهه،
ٿويا ٽڙائين تار ٿيا، پون پيج ڪريهه،
ٿر ڏاڏاٽو ڏيهه، سنبري موني سومرا.
(پارڪري بيت)

—

جل ڏيٺا جمڪين،
سنڌ تانهنجي ماٽي ري،
اُتر پگان جانجهريا، چولين ٿين چمڪين،
سنڌو تانهنجي ماٽي ري!
ڪاڙين راتين ڪامڻين، تاران سين ٺمڪين،
سنڌو تانهنجي ماٽي ري!
(شيخ اياز جي وائيءَ جو ڍاٽڪي ترجمو)

انسان پنهنجي وجود ڪان وٺي لکين سالن جي ارتقائي سفر کي طئه ڪري موجوده منزل تي پهتو آهي، ارتقائي سفر دوران انسان جي داخلي توڙي خارجي ڪيفيتن جي اظهار جي طور طريقن، فڪري پهلوئن، رهڻي ڪهڻي ۽ جسماني بناوت ۾ انيڪ تبديليون آيون آهن.

انسان جي انهيءَ سفري ڪهاڻي تي ڪڏهن لوڪ روايتن ۽ مفروضن جي آڌار تي تاريخ جي ناليءِ ۾ ڪڏهن سائنسي بُنيادن تي ڪي اصول جوڙي، اُنهن جي روشنيءَ ۾ تحقيق ٿيندي رهي آهي، نه ڪڏهن انساني سفر رُڪيو آهي ۽ نه وري ڪڏهن تحقيق جو عمل بند ٿيو آهي. انساني ڪهاڻيءَ تي تحقيق جي ڏس ۾ سائنسي بنيادن تي جُڙيل علم بشريات چئن مُرڪبن تي دارو مدار رکي ٿو: (i) جسم (ii) آثارِ قديم (iii) ٻولي ۽ (iv) ثقافت. ٿرپارڪر ضلعي ۾ اهي چارئي مُرڪب پنهنجي انفراديت ۽ شاهوڪاريءَ سان ملن ٿا. ٻوليءَ جي حوالي سان ٿر ۾ عام ڪهاوت آهي ته "ٻولي آن باپ پيجو ڪوتي" يعني 'ٻولي ماءُ جهڙي حيثيت رکي ٿي'. ٻوليءَ سان ماءُ جهڙي جذبات واڳيل آهي، هيءَ چوٽي ٿر جي ڌرتيءَ تي ڪنڊي جي وڻ وانگر اُپري آئي آهي، اُنهيءَ چوٽيءَ مان ٿر جي ماڻهن جي ٻوليءَ سان سچائي ظاهر ٿئي ٿي.

ٿر مان مُراد وسيع ريگستان آهي، جيڪو رحيم يار خان کان شروع ٿئي ٿو ناري جي پٽي جهليو ڪپري کان هيٺ لهندي مِٺي، ننگرپارڪر کان ٿيندو پاڙيسري ملڪ ڀارت جي رياستن تائين پهچي ٿو ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته ريگستان اُن گم ٿي ويل درياهه جو پيٽ آهي، جنهن کي 'هاڪڙو' سڏيو ويندو هو هي واريءَ جي ڏڙن، پٽن، ٽلين ۽ ڍهرن واري سرزمين 'هاڪڙا وادي' آهي، سنڌ جي هن ريگستاني علائقي (ٿرپارڪر) کي 'مُرڌر' يا 'مُرو ستل' پڻ سڏيو ويندو هو ٻن لوڪ دوهن ۾ 'مُرڌر' جو ذڪر هن ريت ملي ٿو ته:

آج گهٽا اُڻ ڏيس ۾، مُرڌر اوپر ميهه،
پنک هوئين تو اُڏ چلان، گهڙي ماهي گريهه.

(اڄ منهنجي مُرڌر جي خطي ۾ ساوڻ برسي رهيو آهي، منهنجي اندر ۾ وطن جي تانگهه وڌي وڃي ٿي آهي، ڪاش! مون کي پک هُجن ها ته آءٌ اُڏامي پنهنجي اباڻي اوتي تي پهچان)

سارين بڪاڻا سنڌ رين، مونگ مڏور ديس،
جهيڻو ڪپڙو ماڙبو مڙد مُرڌر ديس،

(ساريون سنڌ جون ۽ منگ مڏور ديس جا واڪاڻ لائق آهن. اهڙيءَ طرح نرم نازڪ ڪپڙو ماڙبي جو ۽ مرد مُرڌر ديس جا ساراهڻ جهڙا آهن)

پهرئين دوهي کي ڊاڪٽر عُمر بن دائود پوٽي پنهنجي هڪ قلمي نُسخي ۾ ڏنو آهي، ساڳئي حوالي سان 'راجستاني زبان و ادب'، جي ليکڪ'، باغ علي 'شوق' مٿيون دوهو لکيو آهي، ڊاڪٽر دائود پوٽي، مُرڌر ۽ مرو سٿل جي معنيٰ ريگستان ڏني آهي. مرڌر ۽ مرو سٿل جي ڪري ريگستان جي ماڻهن جي ٻوليءَ کي 'مرو ڀاشا' جو نالو ڏنو ويو آهي، باغ علي شوق پنهنجي ڪتاب 'راجستاني زبان و ادب' جي صفحي11 تي پدم شري سيتارام لالس جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته سيتارام 'ڌرم جلان ڌرڪو سان' جي مُقدمي ۾ تحرير ڪيو آهي ته 778ع ۾ هڪ جيني ڪتاب "ڪوليه مالا" ۾ ان وقت جي قابل ذِڪر ٻولين جي واڪاڻ ڪئي ويئي آهي، انهن ٻولين ۾ 'مرو ڀاشا' پڻ شامل آهي."

هنديءَ جي ماهرن مطابق 'مرو ڀاشا' جي لفظي معنيٰ به 'ريگستان جي ٻولي' آهي. ڏهين يارهين صديءَ ۾ مرو گُجر ۾ گُجراتي ۽ اُن جي اثر هيٺ آيل لهجن کي شامل ڪيو ويو اسان جي ٿرپارڪر ضلعي جو پارڪري لهجو اُنهيءَ مروگجر ۾ ڏيکاريل آهي، 'مرو گُجر' جي ادب ۾ جيني شاعرن ۽ اديبن جو وڏو هٿ آهي. اسان جي ننگرپارڪر جي علائقي ۾ به وڏي تعداد ۾ جيني آبادي رهندڙ هئي، جيني ادب ۾ قديم آثارن جي ذڪر ڪانسواءِ ٿر جي لوڪ ورثي جي تاريخ اڌوري آهي، سارنگ ڌر مروگجر جي دور جو وڏو شاعر آهي، جنهن جو ٿر جي مور بابت هڪ خوبصورت شعر ملي ٿو ته:

"اي مور تنهنجا ٿهوڪا ڪوين جي دلين ۾ لهي وڃن ٿا. تنهنجا پر سُهاڳڻ جي سينڌ جهڙا آهن. سُهاڳڻ جي سينڌ جنهن جي سيرن ۾ موهيندڙ گُل سينگاريل هوندا آهن. تنهنجي دوستي ڪاري گهاٽي ڪڪر سان آهي. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي تہ توکي اهو انعام ڇا تي مليو آهي."

'مرو پاشا' ۽ 'مرو گجر' وانگر ريگستان جي ٻوليءَ ۾ پنگل ۽ ڏنگل جا اصطلاح پڻ پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ چوٽ چڙهيا. برصغير جي ٻولين تي تحقيق ڪندڙ سر گريئرسن لکيو آهي تہ "سنڌ جي ڏٺ واري خطي، جوڌپور ۽ جيلسمير وارن علائقن ۾ جيڪي لهجا ڳالهايا ويندا هُئا. تن کي پنگل ۽ ڏنگل پڻ سڏيو ويندو هو اهي لهجا علم ادب خاص طور لوڪ ادب جي ميدان ۾ اهم سمجهيا ويندا هئا."

سرگريئرسن پنهنجي ڪتاب " Linguistic Survey of India"
۾ صحرا جي ٻولين سان گڏ ريگستان جي خطي ۾ 'ناگ اُپيرنش' جي ڪنهن وقت ۾ چوٻول هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. ناگ اُپيرنش کان وڌيڪ اسان جي خطي ۽ پر واري علائقي ۾ پنگل ۽ ڏنگل جو دنگل رهيو آهي.

پنگل ۽ ڏنگل جي مختصر ذڪر کان اڳ ۾ ٻن تاريخي حوالن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. جن جي 'ريگستان جي ٻولين' جي تاريخ ۾ اهم حيثيت ٻڌجي ٿي" (1) نائين صديءَ جي هڪ سنسڪرتي شلوڪ ۾ ريگستاني کيات (تاريخ) جي گيتن جو ذڪر ملي ٿو. (2) ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ هيمچندر گرامر جي قاعدن جو ڪتاب "سڌ هيم چندر" نالي تحرير ڪيو جنهن ڪتاب ۾ 'ڍولا مارو' جي داستان جا دوها ڏنا ويا آهن. دوهن جي ٻولي صحرائي آهي، انهيءَ ڳالهہ جي تصديق راجستاني ٻوليءَ جي ڄاڻو پدم شري سيتارام پڻ

ڪئي آهي، سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي تہ سنسڪرتي سلوڪ ۾ ڄاڻايل 'ريگستاني ڪيات' ۾ ملندڙ گيتن ۽ 'ڍولا مارو' جي دوهن جي ٻوليءَ ريگستان جو ڪهڙو لهجو آهي؟ ريگستان ۾ سيني بہ سيني هلندڙ 'ڍولا مارو' جي عشقيہ داستان جا دوها پندرهين صديءَ جي شاعر ڪلول ۽ سورهين صديءَ جي شاعر ڪشلاڀ ڏانهن منسوب ٿيل ملن ٿا، پر اهي شعر ڪنهن جا هئا؟ نامياري دانشور ڊاڪٽر تاراچند 1940ع ۾ پنهنجي هڪ ريڊيائي تقرير ۾ چيو هو تہ 'برصغير ۾ سڀ کان پهرين ريگستاني ٻوليءَ ۾ شاعري ملي ٿي'. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي انهيءَ راءِ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي واضح دليل نہ ڏنا آهن، پر انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڊاڪٽر تاراچند جي راءِ بر صغير جي ادب ۾ اهم رهي آهي، انهن حوالن ۽ ڊاڪٽر تاراچند جي راءِ جي روشنيءَ ۾ اسان کي ريگستان جي ٻوليءَ جي قدامت کي سمجهڻ لاءِ هڪ وڏيڪ ثابتي ملي سگهي ٿي.

**ڍنگل:** ڍنگل جو اصطلاح سڀ کان پهرين جيني شاعر ڪشلاڀ 15صديءَ ۾ استعمال ۾ آندو باغ علي 'شوق' مطابق اڪثر اِهو مڃيو ويو آهي تہ ڍنگل ريگستاني ٻوليءَ ۾ هڪ شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن جو موضوع رزميہ شاعري آهي. ڍنگل جي لاءِ اها بہ راءِ ڏني وئي آهي تہ هيءَ ڪا مڪمل ٻولي نہ، پر ريگستان جي ڏنارن، ڳنوارن ۽ هارين جو لهجو آهي. اُنهن ڳالهين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ ڍنگل ڀهراڙين جو نج نبار لهجو آهي، جنهن جون پاڙون عام ماڻهن جي دلين ۾ کتل آهن. ڍنگل جي واڌ ويجهہ ٻاجهر جي سونن سنگن سان جهومندڙ کيتن، ڳوٺن جي ريلن ۾ راتين نرڻ سان گڏ مڇ ڪچهرين کان وٺي جنگ جي ميدانن ۾ 'رڻ گجائي راڙو ڪرڻ' جي معرڪن ۾ ٿي آهي، جيڪڏهن واريءَ جي ڀٽن تي آباد

راجپوتن ۽ ڏرتيءَ جي اصلوڪن رهواسين جي ڏکن، سُکن، ابر جي اوسيئڙن ۽ ريتن رسمن کي سمجھڻو آهي تہ ڍنگل جي لوڪ ادب کي ضرور پڙهڻو پوندو. ريگستان جي ٻولي ڍنگل جي ادب ۾ نووَرنيءَ وانگر آرس موڙي تي، ٻوليءَ جو ڏيک انڊلٺ ٻڻجي پوي ٿو لفظ لفظ کي پنهنجو رنگ آهي. ڍنگل جي مشهور راسو مان 'جيتي راسو' مصنف ڪرت رائو 'رام راسو' مُصنف ماڌو داس، 'سترپال راسو' مُصنف ڏونگرسي، 'جگت سنگھ راسو' مُصنف گرڌر، 'ڪمان راسو' دلپت وجئہ شامل آهن، جن ۾ ريگستان جي سوين سالن جي تاريخ، تمدن ۽ ثقافت سمايل آهي. پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ ڍنگل جي رسم الخط ديوناگري رهي آهي، راجستاني ٻوليءَ جي لفظ ڀُڌ ڍنگل کي ديوناگريءَ ۾ 'جُڌ' لکجي ٿو اهڙيءَ طرح لفظ 'ايڪ' "اي ""هي" جو روپ اختيار ڪري ٿو.

**پنگل:** پنگل جي لفظ جي معنيٰ قاعدو آهي، پر باغ علي 'شوق' جي لفظن ۾: 'ريگستاني ٻوليءَ' ۾ هي لفظ برج ڀاشا جي لاءِ وڏي عرصي تائين استعمال ٿيندو رهيو. گھڻو پوءِ لفظ جي مفهوم ۾ تبديلي آئي، برج ڀاشا ۽ ريگستاني ٻولين جي سنگم ۾ جُڙيل هِن لهجي کي پنگل سڏڻ شروع ڪيو ويو. پنگل جو ٻيو نالو 'شڌ برج ڀاشا' بہ رهيو آهي. ريگستاني دانشورن، اديبن ۽ عالمن جو اڪثر جُھڪاءُ پنگل ڏانهن رهيو آهي، پنگل جو ادب ڍنگل جيترو ملي ٿو ننڍي ڪنڊ ۾ نرتيہ شاعريءَ جو هلاچو رکندڙ 'پرٿوي راج راسو' پنگل ۾ لکيل آهي، خوبصورت شاعر سورج مل جي شاعريءَ جي ٻولي پنگل آهي. 'پرٿوي راج راسو' کان سواءِ 'همير راسو' مُصنف شنڪر ڏر، 'ڪمان راسو' مصنف نعمت خان، ناميارا 'راسو مجموعا' آهن. پنگل جي رسم الخط ديوناگري آهي.

اسان وٽ ڍنگل ۽ پنگل جي ادب کي عربي رسم الخط ۾ سهيڙڻ جو ڪم نه هئڻ جي برابر ٿيو آهي. اهو اسان جي لوڪ ادب ۽ لوڪ لهجن سان وڏو الميو آهي. صحرائي ٻوليءَ جي لاءِ ديو ناگري ڏکي آهي. اڪبر اعظم جي نورتن راجا توڏر مل ماترائن کان سواءِ ريگستاني ٻولين لکڻ جي لاءِ لپي جوڙي هُئي. جنهن کي ڪجهه ماڻهو 'برهمي' سڏيندا آهن. عام طور "مُڙيا" چيو ويندو آهي. ديو ناگريءَ جي ڏکائي ۽ مُڙيا جي آسانيءَ بابت هڪ دوهو ملي ٿو ته:

دو ناگري اتي ڪٺن. سور ويو جن ويوهار.
تاتين جگ کي هت سُگم. مُڙيا ڪيو پرچار.

(ديو ناگري لفظ تي ماترائن سبب ڏاڍي ڏکي آهي. اُنهيءَ ڪري دنيا ۾ هاڻي ماترائن کانسوا 'مُڙيا' جو رواج جُڙي رهيو آهي)

ٿرپارڪر. دراوڙي ۽ راجپوتي تهذيب جو سنگم آهي. ٿرپارڪر جي طبعي تاريخ وانگر ٻوليءَ جي تاريخ آڳاٽي آهي. ٻين ٻولين جي لفظن کي پنهنجي ماحول ۾ اُجاري پنهنجي وُسعت ۾ سمائڻ وارو سگهارو ڳڻ به آهي. ٿرپارڪر جي لهجن ۾ جت پنج هزار سال پُراڻا سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جا لفظ ملن ٿا. اُتي ٻين ريگستاني ٻولين ۽ لهجن جو به ڀرپور اثر ملي ٿو. پوري ريگستان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي. ريتن رسمن لوڪ ڪهاڻين ۽ ڪوتائن جا ڪردار اڪثر ساڳئي رنگ ۾ رچيل ۽ هڪ جهڙائي رکندڙ آهن. پر انهن تي موهن جي دڙي جي تهذيب جي امر ڇاپ آهي. راجستان. گجرات ۽ ڪڇ ۾ ڪيترائي سنڌي قبيلا رهندڙ آهن. اسان جي هن ٿر ۾ رهندڙ اصلوڪن رهواسين جي وڏي اڪثريت صدين جي سفر ۾ شڪار ۽ مال چارڻ جي ڪرت ۾ رهندي. پوري ريگستان جي علائقن جي خاڪ ڇاڻي آهي. اُنهيءَ ڪري ريگستاني ٻولي ۽ لهجن جو هڪ ٻئي تي اثر

ماڪيءَ جي لار وانگي گهاٽو آهي، ٿرپارڪر طبعي طور (i) ڍاٽ/ ڍٽ، (ii) وٽ، (iii) ونگو (iv) سامروٽي، (v) پارڪر، (vi) ڪاھڙ (vii) 'ڪنٺي' جي نالن سان ستن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. عام طور اهو چيو ويندو آهي ته اُنهن سمورن ڀاڱن جي پنهنجي ٻولي آهي، پر مجموعي طور ٿر جي ٻوليءَ کي چئن لهجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو (i) سنڌي- ٿري لهجو (ii) ڍاٽڪي لهجو (iii) پارڪري لهجو (iv) مارواڙي لهجو.

ٿرپارڪر جي ٻوليءَ ۽ نمونن لهجن تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾ صحرا ۽ ٿر جي ٻين ٻولين ۽ لهجن جو مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. ته جيئن ٿرپارڪر جي ٻوليءَ کي بهتر نموني سان سمجهي سگهجي، انهن ٻولين جو اسان جي ٿر سان گهاٽو واسطو رهيو آهي، پروفيسر جهمٽ مل ڀانواناڻي پنهنجي ڪتاب "ڍولا ماروءَ جا دوها" ۾ لکيو آهي ته 'سنڌ جي صحرا ۽ ڀاڙيسري ملڪ جي صحرا جي ٻولين ۾ گهٽي علحدگي نه آهي ڊاڪٽر عزيز انصاري پنهنجي پي ايچ ڊي جي ٿيسز "اردو اور راجستاني ٻوليان" ۾ جهمٽ مل جي راءِ سان هڪجهڙائي رکندڙ راءِ ڏيندي لکيو آهي ته "راجستاني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج هڪٻئي جي بلڪل ويجهو آهي، سنڌي ۽ راجستانيءَ ۾ صوتي، صرفي ۽ نحوي هڪ جهڙائي تمام گهٽي آهي، خاص طور تي صحرائي لهجن ۾."

**مارواڙي:** مارواڙيءَ مان مراد مارواڙ جي علائقي جي ٻولي آهي، ريگستاني لهجن ۾ مارواڙيءَ کي وڏي مقبوليت آهي، جيڪا جوڌپور، بيڪانير، اجمير،ڪش گڙهه، پالڻ پور، جئپور سميت ٿرپارڪر ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ٿرپارڪر جي مارواڙيءَ سان ڍاٽڪي ۽ سنڌيءَ جو ميل جول گهڻو آهي، جنهن سبب ڪافي فرق ملي ٿو. تفصيل سان ذڪر ٿرپارڪر جي لهجن ۾ ڏجي ٿو هن مختصر جائزي ۾ راجستان جي مارواڙي شامل ڪئي ويئي آهي، ڀارت جي ريگستاني پٽيءَ جي مارواڙيءَ جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

سرور نهاوڻ پائون گيو ساٿيڙا ري سات،
کي سرور ڪِي مڇليان، مهانرو ليو ڇي پنور.

(منهنجو محبوب پنهنجي ساٿين سان گڏجي سمنڊ تي گهمڻ ويو سمنڊ ۾ وهنجندي سمنڊ جي ڪن مڇين. منهنجومحبوب مون کان کسي ورتو.)

ريڻ ڏن مت روئي، اپڻو ڏک اوران ڪني،
ڪست بتايا ڪوئي، ڇٽا نہ ڏيوتو ڇڪريا.

(ڏاريا ڪڏهن پنهنجا نہ ٿيندا آهن، غريب جو ڪير نہ آهي، ان جي ڪري پنهنجو ڏک ڏينهن رات بين وٽ روئي نہ ٻُڌائجي، ڪوي ڇڪريا چوي ٿو تہ تڪليفون ٻڌائڻ سان ڪوبہ ٻانهن ٻيلي نہ ٿيندو پنڻ واري کي ڪوبہ ڇٽا نہ ڏيندو آهي.)

راجستاني مارواڙيءَ جي رسم الخط ديو ناگري آهي.

**ڍونڍاري:** ريگستاني لهجن ۾ ڍونڍاري جئپور، ميواڙ جي اُترئين علائقي، ٽونڪ جي ڪجهہ علائقي ۽ اجمير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ڍونڍاريءَ جي مارواڙيءَ وانگر رسم الخط ديو ناگري آهي. ڍونڍاريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پيا مهنا ڪا جي ٿي چاليا، پرديس ڪد آولا....
اوجي مُهاڪا نائو...!

(منهنجا سانورا! تون پرديس وڃي رهيو آهين، ڪڏهن واپس ايندين منهنجا پيارا ورڻ جي ڪجان.!'

حوالو: راجستاني زبان و ادب ص40

**مالوي:** مالوي پنهنجي نالي سان پڌري آهي تہ هي مالوا جي ٻولي آهي، هيءَ ٻولي مالوا ڪانسواءِ ميواڙ جي وچئين حصي ۾ ڳالهائي

وچي ٿي. مالوا جو ٿر سان گهاٽو واسطو رهيو آهي، ٿر جي لوڪ ادب ۾ مالوي ٻوليءَ جو حصو شامل آهي. مالويءَ جي رسم الخط ديو ناگري آهي، مالويءَ جو نمونو باغ علي 'شوق' جي مدد سان هيٺ ڏجي ٿو:

جي ٿين مهانرو نام ني، جاڻو ورش ياني،
سورج سامبي پول هماري، ماڻڪ چوڪ نشاني،

(جيڪڏهن توکي منهنجو نالو نٿو اچي تہ چا ٿيو اُپرندڙ سج جي سامهون منهنجو نڪاڻو آهي، جنهن جي موتي چوڪ نشاني آهي.)

**ميواتي:** ميواتي منڊ و ۽ رسيلو لهجو آهي، الور ۽ ڀرت پُور جي علائقن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. ٿر جي صحرا ۾ ملندڙ لوڪ گيتن ۾ ميواتيءَ گيت مشهور آهن. ميواتيءَ ٻوليءَ جي رسم الخط ديوناگري آهي، ميواتي ۾ 'هہ' سان شروع ٿيندڙ ڪن لفظن ۾ الف جي تبديلي اچي ٿي.

**ميواتي جو نمونو:**

چوٽي سي مجهول، جا ۾ چوٽا چوٽا بيل،
چوٽو سو بالم گڍ والو ري...

(منهنجي ننيڙي محبوب جي ڍڳي گاڏي ننڍي آهي، اُن ۾ ننيڙا ننيڙا ڍڳا ٻڌي، منهنجو پرين مون ڏانهن اچي رهيو آهي.)

**واگري:** واگريءَ کي واڳڙي يا باگڙي پڻ سڏجي ٿو واڳڙ. ڏونگر پور ۽ بانسوارا جو آڳاٽو نالو آهي. واڳڙي پاڙيسري ملڪ ۾ ميواڙ جي ڏاکڻي حصي ۽ سونٺ جي اُترئين حصي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. اسان وٽ اصلوڪن قبيلن ۾ هڪ باگڙي قبيلو آهي ۽ پارڪر جي ڪولهين ۾ هڪ شاخ واڳڙيا ڪولهي پڻ آهي. اهي 'واڳڙ' باگڙ کان آيل ڏسجن ٿا. اُنهن جي ٻولي واگريءَ جي ويجهي آهي. واگريءَ جي رسم الخط ٻين راجستاني ٻولين وانگر ديو ناگري آهي. باغ علي شوق راجستاني زبان و ادب جي ص 41 تي واگري جو نمونو هن ريت ڏنو آهي.

لنگاتي گڏ سونو واپريو ري،
ڪي آيو واگريہ ديس،
موران ماران سون من ريسو ري،
(واگريہ ديس مان گهرايل سون مان جڙيل مالا سان منهنجو من
جُڙجي ويو آهي، مالا منهنجو من آهي)

### ترپارڪر جا لهجا:

**سنڌي۔ ٽري لهجو:** سنڌي ٽري لهجي مان مُراد، سنڌي ٻوليءَ جو اُهو لهجو جيڪو پنهنجي مخصوص اُچارن، چوٽين، پهاڪن، اصطلاحن سان ٿر ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن لهجي ۾ ٿر جي ولين، وڻن، گاهن، گسن، گهيڙن، مڙهن، پٽن، ريتن، رسمن، ويسن وڳن، زيورن، ڏينهن ڏهاڙن ۽ حياتياتي انيڪتا سميت ٻي جان شين جا منفرد نالا آهن، انساني ارتقا جي سفر کي سمجهڻ لاءِ ڪيترين ئي تاريخي چوٽيون، سماجي ۽ معاشي جائزي جا پهاڪا ۽ لفظن جي اُچارن جو پنهنجو انداز هن لهجي جي سُونهن آهي.

هن لهجي تي اسان وٽ تحقيق جي ڏس ۾ تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي، پر هي سنڌي ٻوليءَ جو اهم لهجو آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل توڙي جديد شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايو آهي، ٻوليءَ جي تاريخ جي ڪتابن ۾ عبدالجبار جوڻيجي ۽ هدايت پريم اُنهي احساس کي سمجهندي، پنهنجي ڪتاب "ٿر جي ٻولي" ۾ سنڌي۔ٿري لهجي تي هڪ باب ڏنو آهي، اِهو ساراهہ جوڳو قدم آهي، ڳالهہ ڪي اڳتي وٺي هلڻ ڪان اڳ ۾ سنڌي۔ٿري لهجي ۾ رڳيل شاعريءَ جي حُسناڪي روح ۾ اُتاريندا هلون:

وَرسي وطن جائيون، صحرا سَتر جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوچڻ اباٹن،

ويڙهيا، گُهمن وليين، جهانگي منجهہ جهنگن،
مون کي ماروئڙن، سُج ڳڻائي سيج ۾!

(شاهہ لطيف)

عُمر اباڻي پار ڏي، ڪرڙڪڪوريا ڪي وو....!
ڪوڪڙ چونديان ڪانڌ سين، يٽ چڙهي پيڪي وو...
سِگُر کين سقرا سئين جئن سيڪي وو...!

(سچل سرمست)

سر تي نوڙيون سومريون، جُهپا ڏين نہ جهل،
جهومڪ، جهومڪ پاپڙيون، جهومر، جهومر ڳل،
جهرڪي پيا جهانجهہ ۾، ڪائي انگ اٿل،
چا چا پيارا پل، وارياسي جي واٽ تي!

(شيخ اياز)

ڪِٽ، ڪِٽ ڪونيٽ توتيا چاٽيا،ڪِٽ، ڪِٽ لامن لُڏڪن پلڙا،
ڏس تہ گهگهيري ڳاڙهي تي آ، ڳاگُيءَ جا تيا ڳاڙها ڳلڙا،
گولاڙوپي چار سان ٻکجي، پَن پَن پيتا ڏي تو چِلڙا،
تر، تر، ترڪن توهر ڏئنريون، هير تڏيءَ جو تي هُٻڪارو
هاءِ هنيلا هوڏي پريتم، مُند ملهاري تون ريسارو:

(حليم باغي)

چانڊوڪي- چُٽاڪا،
ڇِٽيا چونٽري، چِت مان،
خوابن جا خاڪا

(تاج جويو)

ٿر جي نامياري تاريخدان رائچند هريجن 'تاريخ ريگستان' ۾ لکيو آهي تہ "ٿري مسلمان سنڌي ڳالهائيندا آهن، پر ٻهراڙيءَ ۾ نج سنڌي نہ آهي، ڪي ڪي لفظ مزيدار (قريل) آهن."

ٿر ۾ سنڌي- ٿري لهجو ڳالهائيندڙن ۾ اڪثريت ٿري مُسلم قبيلن جي آهي، هندن ۾ لُهاڻا ۽ برهمڻ (لُهاڻن جون ڏرمي رسمون ادا ڪندڙ برهمڻ) سنڌي-ٿري لهجو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت تعلقي ڏيپلي ۽ مِٺيءَ ۾ آهي، جڏهن تہ تعلقي ننگرپارڪر ۽ تعلقي ڇاڇري ۾ تمام ٿوري آباديءَ جو مادري لهجو 'سنڌي- ٿري' آهي.

سنڌي- ٿري لهجي کي ٿوري گهڻي فرق سان هيٺ ڄاڻايل ننڍن لهجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(i) **مهراڻي، ونگي ۽ سامروٽيءَ جو سنڌي ٿري لهجو:** لهجي جو هي نمونو ٿر جي ٿن طبعي ڀاڱن ۾ وڏي هڪ جهڙائيءَ سان ڳالهايو وڃي ٿو هن لهجي جون حدون تعلقي ڏيپلي ۽ تعلقي مٺيءَ ۾ آهن. هن لهجي تي لاڙ جو اثر آهي، هتان جي ماڻهن جي اچ، وڃ ۽ اُٿ ويهہ لاڙ سان آهي. مجموعي طور هنن ٽنهيءَ ڀاڱن، مُهراڻي، سامروٽي ۽ ونگي کي ڪس سڏجي ٿو اُنهيءَ ڪري هتان جي لهجي کي 'ڪس جو لهجو' بہ چئي سگهجي ٿو راضي شاهہ لڪياري، علي بخش ڏورٽ، بلاول اوٺو، مانيڪو اوٺو دوست محمد دوست ڏيپلائي، عزيز مهراڻوي، امر ساهڙ، خليل ڪُنڀار، ارشاد ڪُنڀار، بيوس بشير اوٺو، عليم گُلاٽي، چمن آر ٿري، امر رائسنگهہ راجپوت، دائود ساهڙ، وفا محمود نهڙي، غلام محمد راهمون، پيار علي نهڙيو صوبدار قاسمي اوٺو هن لهجي جا شاعر آهن. ڪونيٽن جي توتين جهڙي خوشبوءِ رکندڙ هن لهجي کي پنهنجي نثر ۾ سمائي جڳ جي مشهوري ماڻيندڙ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ عبدالقادر جوڻيجي کي سنڌي ادب جو پڙهندڙ ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهي. نثر نگارن جي نالن ۾ مقيم ڪنڀار، خالد ڪنڀار، راڻو مينگهواڙ گيانچند تيجاڻي ۽ زاهد اوٺو شامل آهن. سيد، نهڙي، اوٺا، ساهڙ، سميجا، جوڻيجا، درس، ميمڻ، حجم، نُون، ڪنڀر ۽ لُهاڻا هِن لهجي جو

ڳالهائيندڙ ڪُڙم آهن، جيڪي ڪَس جا رهواسي آهن. ڪوهه، ڪُجاڙو، ٻَرنهون، پاهُون، ڀِهون، آئين (اوهين)، آنڪي (اوهان کي) هن لهجي جي سُڃاڻپ جا لفظ آهن.

(1_ii) **وچولي ٿر جو سنڌي، ٿري لهجو:** وچولي ٿر جو سنڌي– ٿري لهجو مٺي، اسلام ڪوٽ کان وٺي ڳُنري ۽ ڪاهڙ جي اولهه ۽ ڏاٽ جي پرسان لڳندڙ علائقي جي ساندن، جوٽيجن، هاليپوٽن، سمن، سومرن، ڪُنيارن، راهمن، سيدن، جنجهين، بجيرن ۽ ٻين قبيلن جو مادري لهجو آهي. هن لهجي ۾ 'چيائين' کي چَئين، 'ڪيائين' کي ڳَئين، 'ڏنائين' کي ڏنئين وغيره اڪثر اُچارجي ٿو. پروفيسر سائينداد ساند، ڏنل شاهه 'راز'، حاجي محمد دل، حاجي محمد ڪُنير، محمد خان سميجو ساغر سميجو دوست محمد هاليپوٽو اشرف آزاد سمو متارو سمو ناشاد نصرالله سمو گلاب راءِ گل، جان محمد سمو هن لهجي جا تخليقڪار آهن.

(1_iii) **ڳُنري ۽ ڇاڇراڻي جو سنڌي- ٿري لهجو:** هن سنڌي ٿري لهجي تي ڍاٽڪيءَ جو اثر آهي، هن لهجي جون حدون تعلقي مٺيءَ جي سنهري درس ۽ وڪڙيي کان شروع ٿين ٿيون ۽ تعلقي ڇاڇري جي اونڌيهير جي ڳوٺن تائين آهن. هن لهجي جي ڳالهائيندڙ ۾ جنجهي، سما، سومرا، سنگراسي، نُون، راهمان، سميجا ۽ نُهڙي شامل آهن. سُهيل سانگي، نور احمد جنجهي، ايوب پروانو ڄام ساقي، نصير ڪُنير، سنيومل هميراڻي، علي اڪبر راهمون، غلام محمد جنهجي، امام آزاد جنجهي، نبي بخش درس، بادل هاليپوٽو ۽ ٻيا هن لهجي جا تخليقڪار آهن. ڄام ساقيءَ جي سياسي تقريرن ۾ هن لهجي جا اولڙا ملندا آهن.

(1- iii) **وٽ جو سنڌي- ٿري لهجو:** وٽ ٿر جي ڏاڪڻي پٽي ۽ رڻ سان لڳندڙ علائقي جو نالو آهي. هن علائقي ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي-

ٿري لهجي تي ڪڇي ٻوليءَ جو اثر نمايان آهي. هن لهجي ۾ 'ڪوهه'، 'ڪُڄاڙو' سان گڏ 'ڪرو' لفظ پڻ استعمال ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح 'اوهان جو' بدران آنجو 'ڪيائين' بدران ڪيئين، 'چيائين' بدران چئين، 'جانور' بدران جناور جا لفظ هن لهجي ۾ ڳالهايا وڃن ٿا.

وٽ واري علائقي ۾ لوڪ ادب جي حوالي سان ڳُجهارتن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. "وٽ" جي محفل ۾ ستـ سُري، "ٻـ نپي" "اچي ٿي" "وئي" واءُ لڳو جي لفظن جي گُونج هوندي آهي. وٽ جي ذات ڏٽين ۾ فقير بلالاڻي، گلو مياڻو حاصل فقير، خالق ڏنو درس، اشرف درس، امير هنگورجو، پروفيسر محمد هنگورجو ۽ ٻيا شامل آهن. ٿر جو مشهور مزاحيه ڪردار 'سائينو لنجو' پڻ هن علائقي جو رهواسي آهي، سائيني جي مزاح ڀريل ٽوٽڪن ۾ وٽ جو لهجو جهلڪا ڪائي ٿو. 'ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت' ڪتاب ۾ چيني لالواڻي وٽ جي شاعرن جي شاعري ڏني آهي، جيڪا ٻنيءَ علائقي (ڪڇ) ۾ مقبول آهي.

(i-iv) **لُهاڻن جو سنڌي ٿري لهجو:** ٿر ۾ رهندڙ لُهاڻو قبيلو ۽ لُهاڻن جون ڏرمي رسمون ادا ڪندڙ برهمڻ جو پنهنجو لفظن ۽ اُچارن وارو سنڌيـ ٿري لهجو آهي، لُهاڻن جي لهجي تي لاڙي، ڪڇي ۽ ڍاٽڪيءَ جو گڏيل اثر آهي، لُهاڻن جي اڪثر آبادي ٿر جي شهرن ۾ رهي ٿي، پر واپاري ڪِرت هُجڻ سبب ٿر جي هر لهجي ڳالهائيندڙن سان سندن واسطو رهي ٿو. انهيءَ ڪري لُهاڻن جي سنڌيـ ٿري لهجي تي ٿر جي ٻين لهجن جو رنگ سرس چڙهيل آهي. ولي رام ولڀ، ڪامريڊ روچيرام وڪيل، ڊاڪٽر شنڪر لُهاڻو شنڪر ساگر، دليپ ڪوٺاري، گل گوماڻي، ڪرشن شرما، من موهن گياني، ڪاتائو جاني، نندلال لُهاڻو وجئه شرما هِن لهجي جا نامور قلمڪار آهن، لُهاڻڪي لهجي ۾ 'پنڊ' سان 'پاڙ' جو لفظ لڳائيندا آهن. يعني "پاڙ پنڊ جو" چوڻ.

**(i-v) ننگر_ چاڇري جو سنڌي ٿري لهجو:** هن لهجي جي ڳالهائيندڙن جي آبادي ٿوري آهي. هن لهجي تي پارڪري، مارواڙي ۽ ڍاٽڪيءَ جي اثر سان گڏ سرائيڪي ۽ بلوچيءَ جا لفظ پڻ ملن ٿا. هن لهجي جا ڳالهائيندڙ ننگر ۽ چاڇري جا سما، خاصخيلي، ٽيبا، هاليپوٽا ۽ ٿوري تعداد ۾ نُهڙي، راهمان ۽ سميجا شامل آهن. عاجز حنيف سمو عبدالحڪيم پلي، ساگر خاصخيلي، امير بخش خاصخيلي، چٽو ڪپري، دوست محمد ڪپري، هن لهجي جا تخليقڪار آهن.

مٿيان مجموعي طور تي سنڌي_ ٿري لهجي جا نمونا آهن. هن لهجي ۾ ڪٿي 'هه' حذف ٿئي ٿو ان جي جاءِ تي 'اي' اچي ٿو وري ڪٿي 'اي' حذف ڪري 'اين' استعمال ۾ آندو وڃي ٿو. اهو اِهي، بدران اِي، پلي جي بدران پَلين ڳالهايو وڃي ٿو اوهين جو "هه" حذف تي 'يءَ' جي اضافي سان "آئين" جو وجود جڙي ٿو. 'هُو' پنهنجي شڪل بدلائي ٻئي سُر جي لفظ 'اوءَ' ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

نڪ جو اُچار گهڻو استعمال ۾ نٿو اچي، جنهن، ڪنهن، تنهن، جا لفظ 'جَهن، تَهن، ڪَهن جي صورت ۾ اُچاريا وڃن ٿا. اسم خاص ۾ ڍاٽڪيءَ وانگر "يو" جو واڌارو ڪرڻ هن لهجي جو پڻ رواج آهي. سومار، آچار ۽ مِنو نالا سوماريو آچاريو مِنيو جو روپ ڌارين ٿا. حرف جر ۾ توڙي حرف جملي ۾ 'پڻ' استعمال ٿئي ٿو. واحد_جمع جو طريقو پڻ سنڌيءَ جي ٻين لهجن کان مختلف آهي. ڳئون جو جمع ڳئن بدران 'ڳوئين' ڳالهايو وڃي ٿو اهڙيءَ طرح ٻانهن جو جمع ٻانهن بدران 'ٻانهين'، پٽ جو جمع پٽن بدران 'پٽين' ڪيو ويندو آهي.

سنڌي_ ٿري لهجي جا ڪجهه لفظ چوٽيون، پهاڪا، اصطلاح هيٺ ڏجن ٿا.

مر: پل: سرهي سيج پاسي پرين، مر پيا مينهن وَسن. (شاهه)

آڳاٽرو (آڳاٽرو): آڳاٽو

پاڇاٽرو: پاڇاٽو

پرهو: پَري

هُونِ: هُجن جهڙنيٽون نہ لهي، ڪڪر هُونِ نہ هُون. (شاهہ)

ڏوسي: زال

مِني: ڇوڪري (ننڍي ڇوڪري)

هيڪو: هڪ

ونتو: ورتو خريد ڪيو

ڳني آيو: وٺي آيو

مڙهو: جهنگ

مڙهو: پوڙهو

هورو: هٿ جو اشارو

هورو: يادگيري اچڻ (عبدالقادر جوڻيجي جي مشهور ڪهاڻي 'هورو' آهي)

مونگاريو: مُڱن واري ٻني

ٿوپاريو: ٿوين واري ٻني، ڳوٺ جو نالو

سِيمر: ڳوٺ جي آسپاس واري زمين

اَجهور: ڳوٺ جي ريل ۽ پير وارو علائقو

مَنجو: ننڍي کٽ

ساجڻ ڪرڻ: رڌ پچاءُ ڪرڻ

اگهون: گهٽو پري

ٻرو اچڻ: بُخار اچڻ

ڇانياڻ: ڪير ڄمائڻ لاءِ لسي وجهڻ

ڪيٽ: ٻني

وس وارڻ: ٻنيءَ جي سار سنڀال ڪرڻ

ڏاگهو: اُٺ

ڏونگرن، ڏاگهن ۾ ڏيرن، ٿنهي ڏنا ڏک. (شاهه)

جنڊو: گڏهه ۽ اُٺ تي پاڻي کڻڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل.

ڦوڳارو: ڦوڳن واري ٻني،

پاٺي، ٿويو چوٿائي: ماپ جا ٿانوَ

چڙهي: پاڻيءَ جو ٻوڪو

ڪوس: پاڻيءَ جو وڏو ٻوڪو

اکڙ: ڇڏيل ٻني، اڻ کيڙيل

اڏکڙ: ٻٽ جو پاسو

ڪالر: ٻاجهر جا ڪانا ڍڪي سٽي رکيل (دن)

ڪراڪ: ڪري جي ٻٽئيءَ مهل خيراتي ورهاست

پاٽيو/ڦانٽيو: گوار جي ڪٽي/موٺ جي ٻني گڏ ڪري رکڻ جي لاءِ سڻ سان ايو ڪوٺي وانگر ٺاهيو ويندو آهي

پاٽارو: ٻنيءَ ۾ فصل ميڙڻ مهل ڇٽن پنجن مٽين جي ميڙ کي چئبو آهي

سٽريون: ٻنيءَ ۾ تر اُکوڙي ننڍيون ڍريون ٺاهبيون آهن. پوءِ انهن کي ايبيون ملائي رکندا آهن

ڪايا: ڇوٽري/ لانڊيءَ جي لاءِ اڪ جون سنهيون ڪانيون وڍي ڇوڏا لاهي صاف ڪيل.

ڪڙس: ڇوٽري / لانڊيءَ کي ڪايا ڏئي ڪاين مٿان سنهي ڪانيءَ سان نوڙي ويڙهڻ

سانپڙي: ڪنڌيءَ جي ڪنڊن /ٿارن تي آمهون سامهون سنهي ڪاني ۽ نوڙي وهائڻ

لاجو: مڙهي ۾ گاهه کي اوچتي باهه جو لڳڻ

آڙڪ: ٻنيءَ ۾ گذريل سال جي ڇٽيل ٻج مان اپريل فصل

ڪڙاهه: واڙي، گهر جي گهٽي بند ڪرڻ جي لاءِ ڪنڊن جو ٽارو

اڙلي واڙي: گهر جي گهٽيءَ ۾ ٻه ڪاٺيون کوڙي ان مٿان آڏي ڪاٺي ڏيڻ

اوگها ڪرڻ: ٻنيءَ ۾ سوڙهه (گاهه، ٻوٽا، ڪچرو) ساڙڻ

آماڙي/ امهاڙي: مال جو ابتو ڦر

سونهڻ: چوئنري/ڪنڌيءَ ۾ نوڙي وهائڻ جي لاءِ ڪاٺيءَ جو نهيل سوئو

مل: چوئنري جون مکيه ڪاٺيون

سوتير: ڪڏ جون مکيه ڪاٺيون

ڪوئيار: چوپايو مال، جيڪو ڦر کي نه ڌارائي (کير نه پياري)

پاڍارڻ: مال کي ڏکو رسو وجهي گاهه ۾ ٻڌڻ (پالارڻ)

لابي: مال جي وارن کي ڪترڻ لاءِ وڏي ڪينچي

نيترو: کير ولوڙڻ جي رسي /ڏوري

ٻونگهرو: ڪري ۾ اناج صاف ڪرڻ جي ٻهاري

ٻنيءَ جي آخري حد واري زمين/حصو

- 'منهنجي جڪات جاڻي': (جڪات جي معنيٰ جُتي آهي) مطلب ته منهنجي جُتي کي خبر نه آهي. شيءِ/ڳالهه کان بيزاري اڻوٽت جو اظهار.
- 'ڄيڄ ۾ جاڻي ڪونه، لاڏي جي پوا' (پُوا جي معني پُڇي آهي) ڄيڄ جي خرچ جي پرواهه نه آهي، وقت کان اڳ ۾ تڪڙ ڪرڻ
- 'سج ماءُ گهر وبو': سج جي لهڻ کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪرڻ، جيئن سج پنهنجي محور ڏانهن موٽي ٿو ائين ماڻهو پنهنجي گهر ڏي وري ٿو.

- 'ڦِٽي کي کھڙي ڍِل': ڍِل ٻنيين جو ٽئڪس آهي، جيڪا ٻني خراب ٿي ويندي آهي، اُها غير آباد هوندي آهي، ان جي ڍِل نہ پوندي آهي، ايئن جيڪو خراب ٿي وڃي، اڻ چيو ٿئي، اُن کي ڇا ڪري سگھجي ٿو!
- 'سمن جي ٿوري ٻڌَن يا ترن': جڏهن ٿر ۾ هاڪڙو پنهنجي موج سان وهندو هو تڏهن، سنڌ جا سما حاڪم پنهنجي ڪپت جو پاڻي ڪٽي باقي وهائي ڇڏيندا هئا. پوءِ پُڇڙي وارا ماڻهو ٻڌن يا ترن، اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن ڪن چڱن مڙسن کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ پاڻي بند ڪري ڇڏيندا هئا، پوءِ پل پيا اُڃ مرن.
- 'وٺو تہ سٺ، نہ تہ اَٺ': ٿر جا ماڻهو ابر آسري هوندا آهن. جيڪڏهن مينهن وسي تہ اناج جا انبار ٿي پون، پر جي مينهن نہ پوي تہ مارو ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري بئراج ايريا ۾ وڃي لابارو ڪن. لاباري جي اُپت ان مٽن جيتري ٿيندي آهي، اُن تان پهاڪو جڙيو آهي.
- 'اونچا پن اُتن ڇڏيا': پنهنجي وس کان مٿي جي ڳالھ جي خواهش نہ ڪرڻ، گھٽي لالچ نہ ڪرڻ.
- 'ليي نہ لوٽڪ، مريڙي جون سڏون ڪرڻ'۔ (لوٽڪ ۽ مريڙو ٿر جي ياڄي ۽ گاھ آهن، لوٽڪ جا پن ياڄيءَ طور رڌي کائيندا آهن. مريڙي جي ياڄي" رڌي ويندي آهي، سوادي ٿيندي آهي. لوٽڪ جلد اپرندي آهي، مريڙو ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي. لوٽڪ جو آسرو نہ هجڻ، پوءِ بہ مريڙي جو خواهشون ڪرڻ.
- 'ڏيکارڻ لاءِ ڏيوو پرٽائڻ لاءِ پانچو': هن جو مقصد آسان آهي، قول، فعل جو تضاد، مُنافقي، جو ڏيک، مڱڻي وقت ڪنوار جي ماٽن کي ڏيوو نالي همراھ ڏيکارڻ ۽ پرٽائڻ مهل عيبن ڀريو 'پانچو' وٺي وڃڻ.

- 'ڏن جوڏي يا ڳوڏي': جوڏن جو مطلب جوان پُٽ ۽ ڳوڏن جو مطلب ڍڳا آهي، ٿري لهجي ۾ ڍڳن کي 'ڳوڏا' پڻ سڏيو ويندو آهي، هڪ گهر ۾ جيترا ڪمائيندڙ گهڻا هوندا، اوترو وڌيڪ ناڻو ايندو ٻهراڙيءَ جي زرعي ۽ مالداري معاشري ۾ جيترا وڌيڪ هٿ، اوترو وڌيڪ ناڻو ورهاڱي کان اڳ ۾ ٿري نسل جا ڍڳا مشهور هُئا، ڪڇ ڀُڄ ۽ گجرات جي پاسي وڏو ناڻو ڪندا هئا، اهو شاهوڪار جنهن وٽ ڍڳن جو مال گهڻو هجي. هي ٿر جي معاشي جائزي جي چوٽي آهي.
- 'نہ سمي ڪئي نہ سومري ڪئي': ٿر ۾ ڪو ماڻهو حد کان وڌيڪ ڏاڍائي، بُرائي وغيره ڪندو آهي تہ چئبو آهي ادا، هِن اهڙي ڪئي، جو اهڙي نہ سَمي ڪئي نہ سومري ڪئي. يعني اُهي حڪمران هُئڻ باوجود اهڙي نہ ڪري سگهيا، اُنهن کي ڏٽيءَ جو خوف رهيو..........
- 'گهران ڪنيو سين ڪونہ. وچان ڦرجي وياسين'
- 'وٽان نہ وٽان، وچ جو گراه ڪٽان'
- 'پلي نہ پائي، نالو منهنجو سون ٻائي'
- 'سائو چران چنڊ نہ لڳي'
- 'اُٺ جو اٽڻ ڪونهي پاڙي جي چِٽائي'
- 'ٽڪي جو ٽوبو روڪڙي جو ٽورو'
- 'ڪاڏي خرار ڪتن'
- 'ڏمر ڏولائو ڪمٽ ڪٽوري'
- ايري بہ ڏهٽي سيري بہ ڏهٽي
- 'ٽترن جو اهو رونڪو رهيو تہ غريب گهوڙي چڙهيا.'
- سچو پٽيل راج تي چٽي

- هوند تي آهي هونگار
- ڪنهن گهڙي جي آندل ڪاني ٻہ سياڳي
- ترن جو تيل ترن مان نڪري
- ترائي تاسري تار

(2) پارڪري: هي ٿرجو انوکو ۽ منفرد ٻوليءَ جو لهجو آهي، جيڪو پارڪر جي علائقي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو هي 'مُروگجر' ۾ اچي ٿو. پارڪري لهجي کي ٻن ننڍن لهجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(i) پارڪري (ii) ڪولهڪي پارڪري

(ii.1) پارڪري لهجو پارڪر ۾ رهندڙ سوڍا ۽ راجپوت قبيلا، ڪنُيار مينگهواڙ مهراج، چاڪي، شيخ، فقير ۽ ٻيا ڳالهائين ٿا.

(ii.2) ڪولهڪي پارڪري، پارڪرجا ڪولهي ڳالهائين ٿا.

پارڪري توڙي ڪولهڪي پارڪري، ٻنهي لهجن تي گجراتي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي، ڪولهڪي پارڪري، پنهنجي پاڙيسري صحرائي ٻولين جي اثرن سان گڏ پرو آسٽريلين ٻوليءَ جو سحر اجا پنهنجي وجود ۾ سمائي رکيو آهي، اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جو ميل ٻنهي لهجن يعني پارڪري ۽ ڪولهڪي پارڪري لهجن سان صدين جي سفر ۾ رهيو آهي. لسانيات جي ماهرن، پيٽر جي گرينگر ۽ نيتا جي گرينگر، پارڪريءَ کي متي ڄاٽايل ٻن ننڍن لهجن ۾ ورهائي پارڪريءَ تي گهڻو ڪم ڪيو آهي، انهن سنڌي ۽ گُجراتيءَ سان پارڪري ٻوليءَ جي ڀيٽ پڻ ڪئي آهي. مجموعي طور تي ٻئي لهجا سنڌيءَ سان ترتيب وار 52 ۽ 60 سيڪڙو گجراتيءَ سان 72 ۽ 75 سيڪڙو هڪ جهڙائي رکندڙ ثابت ٿيا.

ٿر جي ناميارين تاريخدان منگهارام اوجها پنهنجي ڪتاب "پراڻو پارڪر" ۾ لکيو آهي تہ 'پارڪر ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي

تي، تنهن کي پارڪري ڇئبو آهي. اها بگڙيل گُجراتي آهي، ڪولهين جو لهجو سيني کان نرالو آهي.'

هن وقت جي پارڪري، هڪ لهجي مان ٻوليءَ ڏانهن اُيري آئي آهي، ورهاڱي کان اڳ ۾ پارڪريءَ جو گُجراتيءَ سان ناتو گهڻو جُڙيل هو پارڪر جي ماڻهن جو وڻج واپار توڙي اچ وڃ گجرات سان وڌيڪ هئي، گجرات جي حاڪمن پارڪر کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ لاءِ هر دور ۾ جتن ڪيا. پارڪر جي خوبصورت راسوڙن ۾ گُجرات جو ذڪر آهي.

مانرا لال وڻجارا، مُون ني لي هالو گجرات

(منهنجا پيارا لال وڻجارا، مون کي پاڻ سان گڏ گجرات وٺي هل)

ورهاڱي کانپوءِ پارڪريءَ تي سنڌي ٻوليءَ جو اثر وڌڻ لڳو هن وقت جيڪڏهن سنڌي ۽ پارڪريءَ جي ڀيٽ ڪجي تہ ساڳيا نتيجا نہ ملندا. اُن جو سنڌيءَ سان سُبنڌ گهرو ٿيو آهي. پارڪريءَ جي الف-ب ۾ سنڌيءَ جي 52 اکرن سان ڇئن مخصوص پارڪري اکرن جو اضافو ڪري الف-ب تيار ڪئي ويئي آهي. انهيءَ الف-ب (عربي رسم الخط) ۾ ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن. پارو مل 'پريم' پارڪري، پونم پاسڪل ۽ سندس ساٿين ويجهڙائيءَ ۾ وڏي ڪوشش ورتي آهي. پارڪريءَ جا پڙهندڙ توڙي ڳالهائيندڙ 'پارڪري ٻولي ري پنچائت' ۽ نوجوان برطانوي اسڪالر رچرڊ هائيل جي پارڪريءَ لاءِ ڪيل خدمت کي ڪڏهن وساري نٿا سگهن. 1985ع کان پارڪريءَ کي غيرسرڪاري سطح تي اسڪولن ۾ پڙهائڻ جي ڪوشش ورتي ويئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ 'پارڪري ٻولي ري پنچائت' سنڌي پرائمري اسڪولن جي نصاب جو پارڪري ترجمو ڪيو آهي، جيڪو ڏاڍو خوبصورت آهي. پارڪريءَ جي نج نبار ڇئن وينجن ۽ پارڪريءَ ۾

سنڌيءَ جي اُچارن جي صوتيات جي تبديليءَ جو عبدالجبار جوڻيجي ۽ هدايت پريم پنهنجي ڪتاب "ٿر جي ٻولي" ۾ ذڪر ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن لاءِ پارڪريءَ جي وينجن ۽ اُچارن بابت بهترين مثال شامل ڪيا ويا آهن. آءٌ پڻ اڪثر ساڳيا مثال رکان ٿو.

1. ڏ: هي آواز ڏندن جو چوسٽو آواز آهي، د مٿان سنڌيءَ جي اٺن جي انگن جو نشان/ جزم جو نشان. سنڌي چار چوسٽا آواز آهن، پارڪري ڏ سان پنج ٿين ٿا. ٻ، ڏ، ڄ، ڳ ۽ ڏ.

2. هہ: اهو 'هہ' جو ڳرو آواز ساڳئي نموني هہ مٿان اٺن جي انگن جي نشان سان لکيو ويو آهي.

پارڪريءَ ۾ نانگ کي 'ناگ' سان گڏ 'هاپ' بہ چئبو آهي. بلا کي 'پرڙهہ' چئبو آهي.

3. ر: هي (ر) جو وسرگ آواز آهي يا (ڙ) جو ڙ سان گڏ (هہ) جو مخصوص آواز ڏئي ٿو ڍاٽڪيءَ ۾ اهو ساڳيو آواز موجود آهي. تاڙو معنيٰ تالو، ماڙو معنيٰ آڪيرو، ڇاڙي معنيٰ ٻڪري، (ٻڪريءَ کي ڪولهي 'ٻاڪري' چوندا آهن.)

4. زهہ: هي آواز (ز) جو وسرگ آواز آهي. سنڌيءَ جو اڪر 'جهہ' پارڪريءَ ۾ 'زهہ' ۾ تبديل ٿئي ٿو. مثال: جهونپڙي، زهونپڙي، جهاڙ، زهاڙ.

اهڙيءَ طرح سنڌيءَ جي ڪُجهہ مخصوص اُچارن جي پارڪريءَ ۾ تبديلي اچي ٿي.

(1) ٻ بدلجي ٿيو "ب" ۽ "و" ۾ ٻدڪ ۽ باغ ٻدران ٻدڪ ۽ واڳ/ٻاڳ.

(2) ج بدلجي ٿو "ز" ۾ ۽ ز بدلجي ٿو "ج" ۾ زمين: جمين، باز: باج

(3) ڄ بدلجي ٿو ج ۾ ڄه ۾ اڄ مان اج، آڄ (آڄه).

(4) ڇ بدلجي ٿو س ۾ ڇنڊ مان سندر.

(5) ڊ بدلجي ٿو ڏ ۾ دروازو مان ڏروازو.

(6) ڏ بدلجي ٿو ڏ ۾ گڏهه مان گڏيرو.

(7) ڊ بدلجي ٿو د ۾ ڊاک مان دراک، ڊ، ڍ ۾ پڻ بدلجي ٿو.

ڊيل: ڍيل.

(8) غ بدلجي ٿو ڳ ۾ لغڙ مان لڳڙ.

پارڪريءَ ۾ جيئني شاعرن، چارڻن، ڀاٽن، مڱڻهارن ۽ ٻين ڪوين وڏو ڪلام چيو آهي، پر انهيءَ کي سهيڙڻ جي وڏي پيماني تي ڪوشش نہ ٿي سگهي آهي. پارڪري لوڪ ادب تي سنڌيءَ ۾ رڳو ’پراڻو پارڪر‘ ملي ٿو. انهيءَ ڪانپوءِ منگهارام اوجها جي تسلسل ۾ ڪم نہ ٿي سگهيو آهي. ’پارڪري راسوڙا‘ لوڪ موسيقيءَ جا موتي آهن، جن کي سنڌي ادب جي مالها ۾ پوئڻ جي اشد ضرورت آهي. پارڪري لوڪ شاعرن، ڪٿي ڪٿي ميين شاهہ عنايت ۽ شاهہ لطيف جي تخيل جي اڏام کي ڇُهيو آهي. پارڪري ڪوتا ۾ روپلي ڪولهي ۽ پارڪرجي راڻن ڀاران انگريزن سان مهاڏي اٽڪائڻ واري معرڪي کي بهتر انداز سان بيان ڪيو ويو آهي.

پارڪريءَ جي ڪوين ۾ چنديرام ڀاٽ ۽ ڪرشن جي چارڻ مشهور ڪويراج آهن. پارڪريءَ جي ڪجهہ شعرن ۽ راسوڙن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

---

چيري چولي چانبڙي، ڏيل پراوي لوڻ،
ڪايا او ڪالوي ڪارمي، اوئنون اني ڏني جوڻ،
ڪيتل سريکو ڪوڻ، هاچو ور مي سومرا

—

مارئي ڍيڪا ڍوڙتي، ملير ڏس ني جوء،
سيج نيٺي سومرا، موني وٺي نہ سوء،
ور سچيلو ڪيتسي، ڏوجھو ڏيڪون نہ ڪوء،
تن ڪونڙئي توء، ماري من ماروءِ وسي.

—

پنتي ويراونئون، ڪرجو بات گھري،
اويي روئي مارئي، ويلي وير ڪري،
مني رويا گڏ پري، خبر لھجو ڪيتسي.

—

ڪارونجھر ني ڪور، مرئين تو پڻ مهلين نهين،
ماتي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو.

—

رنگ ڪلا، رنگ مهاسينگا، رنگ جوڏا راڻ،
رنگ ڪارونجھر ني ڪونگرا، رنگ سُگلي رهاڻ.

—

ڪوئل اني ڪانگ، ايڪج رنگ نا هوئي ڇي ،
پن رٽڪ جيري راڳ، اوڙکي ليجي اٽڪيہ

—

آڪ ڍاڪ ني پاس، سوا ڏشت ڦل سُون شوديئين،
موڙ مان نهين مناس، آپي ڪيان تي اٽڪيہ

—

پئہ پوٺي ني پريت، ٻڙي پن بدلي نهين،
اي پريت ني ريت، اوڙکي ليجي اٽڪيہ

—

پريم مڏيرا پان، چيڪ چانا رهي نهين،
پرگٽ تايہ نڏان، عالم جاڻي اٽڪيہ

—

پين پنو هاٿ ۾ ليڏو اخبار پڙتو زائي،
اي لاڏلو ڪنور مانرو سنڌ گهمڻ زائي!
مانرا منڙا مهمان يلي آويا،
هون تان ڪهڙي ڪران منوار ري!

جهڙيءَ طرح سنڌيءَ جا اُچار پارڪريءَ جي صوتيات ۾ بدلجن ٿا، اهڙيءَ ريت گجراتيءَ جا پڻ پنهنجي صورت بدلائين ٿا. گجراتيءَ جو "ڇي" معنيٰ "آهي"، پارڪري سڌ يا سي، ٻڻجي ٿو معنيٰ "ڇ" س ۾ تبديل ٿئي ٿو.

ٿر ۾ ڪُجهہ قبيلا گجراتيءَ سان ملندڙ لهجو ڳالهائين ٿا، پر اهو پارڪريءَ کي بہ ويجهو آهي، ان ڪري آءُ پڻ انهيءَ کي پارڪري سمجهان ٿو ڇاڪاڻ تہ گجراتيءَ ۾ ج، ڇ، ڏ، ڳ، م، ڻ جا اکر نہ آهن، انهن جي لهجي ۾ ڪن ڪن لفظن ۾ اهي اکر ملن ٿا. اهو ئي ڪارڻ انهيءَ لهجي کي پارڪري جو حصو ٻڌائي ٿو.

(3) مارواڙي (ٿر جو لهجو): ٿر ۾ نج نبار مارواڙي تمام گهٽ ڳالهائي وڃي ٿي. پر جيڪا ڳالهائي وڃي ٿي، اُها پنهنجي منفرد سڃاڻپ رکي ٿي، ٿر جي اصلوڪن رهواسين جي ڪُجهہ قبيلن جوڳين، مارواڙي مينگهواڙن، گوارين، لوهارن (ڪاريا) جو لهجو مارواڙي آهي.

مارواڙيءَ جو ٿر جي ٻين لهجن تي نمايان اثر آهي، ٿر ۾ سمن جي سلطنت هجي يا سوڍن جي صاحبي، سومرن جو دورحڪومت

هجي يا رائوڙن جو راڄ. ٿر جو مارواڙ سان گهرو لاڳاپو رهيو آهي. ٿرپارڪر جي وڏي آبادي مارواڙ جي خطي تي پنهنجا پير گهمائي چُڪي آهي. پرمارن جي وقت ۾ ’نوڪوٽي مارواڙ‘ ۾ ٿر شامل هو راءِ گهراڻي جي حاڪميت وقت ’مارواڙ‘ سنڌ جو حصو رهي آهي. ٿر جي لوڪ ادب ۾ مارواڙي ۽ ان جي پيٽ ٻولين (راجستاني ٻولين) جي رنگ ۾ رڱيل شعر، دوها، گيت، هيماريون، چوٽيون ۽ ڳُوڙها ملن ٿا. سنڌي لوڪ ادب ۾ شامل ڏهس، سينگار ۽ گرو چيلي جي سوالن جوابن ۾ مارواڙي ٻوليءَ جو اثر موجود آهي. ٿرپارڪر جا ڀڳت ۽ سگهڙ پنهنجي ڪچهرين ۽ راڳ رنگ جي محفلن ۾ مارواڙي ۽ ڪڙي ٻوليءَ جي شاعرن: ميران ٻائي، رويداس، ڏامون ڀڳت، لکمون مالهي، ڏونگر پُريءَ جي گيتن کي چاهه سان ڳائيندا آهن.

مارواڙ مان نڪرندڙ جوڳين، سامين ۽ ڪاپڙين جا قافلا هنگلاج وڃڻ لاءِ ٿر مان لانگهائو ٿيندا هُئا. ٿر ۾ ايندي ويندي راتين جون راتيون بيراڳي باهيون دُکائيندا هُئا. ٿري ماڻهن جي ڪيفيت، ”جان جان آهين اوطاقن ۾، تان تان مٿن گهور“ واري هوندي هُئي، انهن ڪاپڙين وٽ روحاني سڪون جو راز هوندو هو جنهن تي اهو راز کوليندا هُئا، اهو رچي ريتو ٿي انهن جي گسن جو پانڌيئڙو ٿيندو هو. جوڳين جي انهن قافلن ٿر جي لهجن تي مارواڙي جو وڏو اثر وڌو. ٿر اڳي ئي اڄ وچ، رشتن، ناتن ۽ حڪمرانيءَ جي اثرن سبب مارواڙيءَ سان ميل ڪائي رهيو هو. مٿس سامين جي سفر مُنڊيءَ تي ٺِڪ جو ڪم ڪيو. شاهه عبداللطيف، خيلفو نبي بخش ’قاسم‘، روحل فقير ۽ مُراد فقير جي شاعريءَ ۾ مارواڙيءَ جو ڏيک ملي ٿو. ڀٽائيءَ جوڳين جي انهيءَ پنڌ ۽ پريت جو ذڪر سُر رامڪليءَ ۾ ڪيو آهي، ڀٽائيءَ جي محفل ۾ مارواڙيءَ جي لوڪ شاعريءَ جو لطف ورتو ويندو هيو. جنهن

ڪي شاهہ جي فقيرن، شاهہ جي رسالي ۾ شامل ڪري ڇڏي آهي. ٿنائيءَ جي رسالي ۾ شامل سُر "ڍول مارو" ٿري مارواڙيءَ جو بهترين نمونو آهي.

اُتر واءُ ڪِوندي، پهلي موسم ميهہ،
ٻالاترڻ رو نيهہ، والا جَمر وساريين،

—

ڍولا مارئي ايسي، پاتلي سيپ پري ان ڪاءِ،
ناءَ نجيري نکتو مت لک ڳر ڪي جاءِ،

ڪوي گنگ ڀاٽ، بيربل، ڪرپارام، ايسرداس، هرڏان سميت ڪيترن شاعرن جي شاعري مارواڙيءَ جي ٿري لهجي ۾ ڍاٽڪيءَ جي گڏيل رنگ ۾ رڱجي لوڪ رهاڻين جو رس بڻجي ٿي.

مور ڇپيو آنڌي بادل آيا.
تري ڇپي، ڏيلي گهر جايا.
ڪڏوڪي نار ڪي چال ڇپ گئي،
نيڻ ڇپيانت نت پر گهر آيا.
چندر ڇپيو پک پونم پايا،
سورج ڇپيو اندر ميگهہ ملهايا،
ڍال بن رجپوت ڇپي گيو
ڏاتار ڇُپي گهر اچت آيا،
بيربل ڪهي سُڻ شاهہ اڪبر،
ڪرم ڇپي گهر ۾ ڪلفت پايا.(بيربل)

—

ڏن سِيڏو جڳ جس ڏي، ڏن ڦر دوس دهنت،
سدا سُڏِي ماڻسان، ڪُبڏي لوڪ ڪهنت،

—

نِگُڻ پوت، ناري نلهه، ڪونيي ڪارو نير،
نِڪر ميت جسراج ڪهي، چارون ڏهَت سرير. (جسراج)

—

گڻ آوگڻ جڻ گائون، سٽي نہ ڪوئي سانيڙي،
اُن نگري چت نائون، روهي آچي راجيا.
(ڪرپارام)

—

ڏن اوگي ڏاتار ياد ڪري ساري ايڙا،
سُومارَو سنسار نام نہ ليوي ناتيا.

—

ڪوري بن ڪيمت نهين، سگاڻي راڪي ساٿ،
هاجر روڪڙا هاٿ ۾، ويري پوجي هاٿ.

—

سونو سيسو سگهڙ نر، گڻ ڏيرا پولنت،
ڪونسي ڪتي، ڪنر نار ڪر لاگان ڪوڪنت

—

راجا جوگي اگن جل،اِئيان ري الٽي ريت،
ڏرتا رهئي پرسرام، ٿوڙي پاٽي پريت
راجا ڪس ڪو گوئيو جوگي ڪس ڪو ميت،
پاتر ڪس ڪي استري تينو ميت ڪُميت

—

سدا سنگ نہ سهليان، سدا نہ ڪاڙا ڪيس
سدا نہ جگ جيوڻو سدا نہ بالڪ ويس

—

متلب ري منوار روج جيماوي چورمو
بن متلب منوار راپ نہ پاوي راجيا

—

ساجن ساجن ڪر رهي ساجن مانري جي ري جڙي،
ساجن لکوان ڪاچوي بانچان گهڙي گهڙي

ٿري مارواڙي لهجي ۾ ڇوڪريءَ کي ’ٽابر‘، وڏي کي ’موٽو‘، ماٺهو کي ’منک‘، ڏينهن کي ’ڏن‘، منهنجو کي ’مانرو‘، تنهنجو کي ’ٿانرو‘ چيو ويندو آهي. راجستاني مارواڙيءَ ۾ مانرو کي ’مهانرو‘ لکيو وڃي ٿو. راجستاني مارواڙيءَ جي رسم الخط ديوناگري آهي، جڏهن تہ ٿري مارواڙيءَ جي رسم الخط عربي آهي.

ڍاٽڪيءَ لوڪ ادب تي مارواڙيءَ جو وڏو اثر آهي، 90 سيڪڙو ٿري مارواڙيءَ جي واس ۾ واسيل آهي. چارڻن، ڀاٽن، ڀانن ۽ مڱڻهارن جي اڪثريت مارواڙي لهجي کي ويجهي رهي آهي. مارواڙي ادب کي سهيڙڻ ۾ منشي ديوي پرشاد، لڪشمي ڪماري چونڊاوت، ظهورخان مهر، ڊاڪٽر موتي لال مينارين، پروفيسر شڪتيڏان ۽ ٻين جو اهم ڪردار آهي.

ڍاٽڪي: ڍاٽڪي مڪمل ٻولي آهي يا لهجو ٻنهي صورتن ۾ ڍاٽڪيءَ کي ريگستان ۾ نمايان حيثيت مليل آهي. ڀاڙيسري ملڪ ڀارت جي ريگستاني علائقن ۾ مارواڙي ۽ سنڌ جي ريگستان ۾ ڍاٽڪي، ٻين سمورن لهجن/ٻولين تي ڇانيل آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڍاٽڪيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جو ڇوٿون ۽ باغ علي شوق راجستاني ٻوليءَ جو ڇهون لهجو لکيو آهي. ڪرنل جيمس ٽاڊ سن 1818ع ۾ لکيل ’تاريخ راجستان حالات مارواڙ‘ ۾ اڻ سڌيءَ طرح ڍاٽڪيءَ کي هڪ ٻولي طور پيش ڪرڻ جي راءِ ڏني آهي.

”ٿر جي ٻولي“ ڪتاب جا مانوارا مصنف عبدالجبار جوٽيجو ۽ هدايت پريم، ڍاٽڪيءَ جا ٻه سئو لفظ مارواڙي، گجراتي ۽ سنڌي سان ڀيٽڻ ۽ گرامر جي اصولن تحت ڀيٽ ڪرڻ جي باوجود فيصلو نه ڪري سگهيا ته ڍاٽڪي ڪهڙي ٻوليءَ جو لهجو آهي يا هڪ ڌار مڪمل ٻولي آهي، گڏيل لفظن ۾ اهو ضرور چيو ويو آهي ته ڍاٽڪيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جو محاورو نٿو قرار ڏئي سگهجي.

لسانيت جي ٻن پرڏيهي ماهرن پيٽر گرينگر ۽ نيٽا گرينگر، پنهنجي تحقيق "A Preliminary Surrey of Languages of Sindh" ۾ ڍاٽڪيءَ جو جائزو وٺندي لکيو آهي ته جيڪڏهن ڍاٽڪي لهجو مارواڙي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو گڏ- وچڙ روپ آهي. جيئن گريئرسن جو به خيال آهي، اسين به هن نتيجي تي پهتا آهيون ته ڍاٽڪي محاورو سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ مارواڙي ٻوليءَ کي گهڻو ئي قريب آهي.“ جاٽايل ماهرن مطابق ڍاٽڪي اسان جي اڀياس دوران مارواڙيءَ سان 83 سيڪڙو هڪ جهڙائي رکي ٿي. (Peter J. Grainger and Xlita G. Grainger = A preliminary surrey of language of Sindh) Page No. (38, 39-41

لفظن جي ڀيٽ جي جدول کي استعمال ڪندي، عبدالجبار جوٽيجي ۽ هدايت پريم ڍاٽڪي ۽ ان جي پروارين ٻولين جو نتيجو هن ريت حاصل ڪيو آهي:

“ڍاٽڪيءَ جي بنيادي ٻه سئو لفظن جي سنڌي، مارواڙي ۽ گجراتيءَ سان هڪجهڙائيءَ جي نتيجن مطابق ڍاٽڪي ۽ سنڌيءَ ۾ 86.5 سيڪڙو ۽ ڍاٽڪي ۽ مارواڙيءَ جي وچ ۾ صرف 78 سيڪڙو ۽ ڍاٽڪي ۽ گُجراتيءَ ۾ 63 سيڪڙو هڪجهڙائي معلوم ٿي. انهيءَ بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته ڍاٽڪي سنڌي ٻوليءَ کي وڌيڪ ويجهي آهي.

(ٿر جي ٻولي منصف عبدالجبار جوڻيجو هدايت پريم ص 87
(1994ع) هتي سوال اهو اُڀري ٿو تہ پرڏيهي عالمن توڙي ڏيهي عالمن جي سروي دوران ڍاٽڪيءَ جو ڪهڙو اُپ- لهجو ڪنيو ويو آهي. ٻئي تحقيقون انهيءَ ڏس ۾ ڪي واضح حدون نٿيون ڏيکارين. ڍاٽڪيءَ ۾ دنيا جي ٻين ٻولين جيان ننڍڙا ننڍڙا اُپ لهجا بہ ملن ٿا. مقامي ڇوٽي ٻارنهن ڪوهين ٻي ٻولي". ان جو وڏو ثبوت آهي، اها حقيقت لفظن جي پيٽ کي متاثر ڪري ٿي. ڍاٽڪيءَ جي لغوي مُراد ٿر جي طبعي ڀاڱي ڍاٽ جي ٻولي آهي. ڍاٽ جي جاگرافيائي حد هريار ۽ ڇيلهار جي اُتر ۽ ايرندي ڏس کان ٿيندي، عمرڪوٽ ۾ 'ڏاڍي جي ڪس' کي ڇُهندي مناتڙ وٽ ، ڪاهوڙ ۽ ميگهي جي تڙ وٽ، ڪنني جي ڪنمال سان ملي ٿي. وسيع معنيٰ ۾ ڍاٽڪي ٿر جي ٻولي آهي، جنهن کي 'سوڍڪي' پڻ سڏيو ويو آهي. ٿرپارڪر ضلعي ۾ 54 سيڪڙو ماڻهن جي ڍاٽڪي مادري ٻولي آهي، 97 سيڪڙو آبادي ڍاٽڪي سٺي نموني سمجهي ۽ ڳالهائي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح عمرڪوٽ ضلعي ۾ 35 سيڪڙو آباديءَ جي مادري ٻولي ڍاٽڪي آهي، 70 سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي ڍاٽڪي سمجهي ۽ ڳالهائي ٿي. ميرپورخاص، سانگهڙ، بدين، ٽنڊي الهيار ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ ڍاٽڪيءَ جو وڏو واهپو ملي ٿو. جيسلمير کان لڏي آيل سلاوٽن جي ڍاٽڪي ٻولي آهي. اُتر سنڌ جي ڪُجهہ علائقن ۾ "ڍاٽڪيءَ" جا ٻول ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. اڪثر ڳالهائيندڙ هيٺين سنڌ جي آبادي آهي،

ڀارت جي ريگستاني علائقن ۽ دهليءَ جي ڀرپاسي ۾ رهندڙ سنڌي سماٽ قبيلن ۽ ٿري قبيلن (جيڪي سنڌ مان مختلف وقتن تي لڏپلاڻ ڪري ويا آهن) مينگهواڙ ناڪر، سوٿهڙ، چارڻ، ڀاٽ، مهيشوري،

سونارا، برهمڻ، سميجا، مگريا، نهڙي، راڄڙ، مهر، مگڻهار، جوڻيجا، بجير ۽ ٻيا ڍاٽڪي ڳالهائين ٿا.

ڍاٽڪيءَ جي مکيہ علائقي (Main Land) ۾ پاڙيسري ٻولين جي اثر بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ ۾ لکيو آهي تہ:

”سوڍن، نڪرن جي ٻولي ڍاٽڪي آهي، جنهن جي ننگرپارڪر واري پاسي گجراتيءَ جو اثر، وٽ واري پاسي (مٺي ۽ ڏيپلي تعلقي جي ڏاکڻين حصي) ڪڇ جي ٻوليءَ جواثر ۽ ڇاڇري تعلقي جي اُيرندي ڪنڌي واري پاسي راجستاني مارواڙيءَ جو اثر پيل آهي، مگر وچئين ”اوُنهر“ واري ڀاڱي جي ڍاٽڪي وڌيڪ صاف ۽ معياري آهي، جنهن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي بنيادي مرڪزيت ساڳي سنڌ واري آهي. مثلاً: ڪي ٿو ڪرين (ڇا ٿو ڪرين) ڪيڻ ٿو جائين (ڪيڏانهن ٿو وڃين) حرف اضافت لاءِ جيتوڻيڪ ”ري“ ۽ ”رو“ (جي، جو) هن وقت گهڻو استعمال ٿئي ٿو تنهن هوندي بہ ڪن حصن ۾ سنڌي (جي) ۽ (ج) استعمال ٿين ٿا.

’اونهر‘ لفظ ’اونڌيهر‘ آهي، جيڪو ڍاٽڪيءَ ۾ عام جام استعمال ٿئي ٿو جنهن جي لفظي معنيٰ آهي. ’اونهي پاٽيءَ وارو علائقو آهي‘. ’اونڌهر‘ جي علائقي ۾ تعلقي مٺيءَ جو ٿورو اُتريون ۽ اُيرندو حصو جڏهن تہ تعلقي ڇاڇري جو وڏو حصو اچن ٿا. پر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جنهن لهجي جو مثال ڏنو آهي، اهو مٺي ۽ اسلام ڪوٽ جي اُتر، اوڀر، ڇاڇري جي اولهہ ۽ ڏکڻ ۾ ايندڙ علائقي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. ڍاٽڪيءَ جي ننڍن لهجن جي ورهاست ڪجي تہ قابل ذڪر ننڍن لهجن ۾ مهراڻي جو ڍاٽڪي لهجو، سامروٽيءَ جو ڍاٽڪي لهجو، پارڪر جو ڍاٽڪي لهجو، وچولي جو ڍاٽڪي لهجو ۽ ڪاهڙ جو ڍاٽڪي

لهجو سامهون اچن ٿا. وري انهن ننڍين لهجن ۾ ننڍڙا ننڍڙا ذاتين جي مخصوص اُچارن ۽ تڪيہ ڪلامن وارا ننڍيا لهجا جوڙن ٿا، جن ۾ سوڍڪي لهجو مينگهواڙڪ لهجو ڀيلڪر لهجو سونارڪو لهجو واڻڪو لهجو ۽ ٻيا لهجا شامل آهن.

ڍاٽڪيءَ جي ننڍڙن ننڍڙن لهجن تي بحث ڪرڻ کان پهرين ڍاٽڪيءَ جي ريگستان جي ٻولين (لهجن) سان هڪجهڙائيءَ کي ٿورڙو نظر مان ڪڍجي تہ بهتر ٿيندو. باغ علي 'شوق' پنهنجي ڪتاب "راجستاني زبان و ادب" ۾ ٻولين جو اهڙو چارٽ پڻ ڏنو آهي، هتي پڻ اهو چارٽ ٿوريءَ وضاحت سان پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

| ٻولي | جملو |
|---|---|
| اردو | ايک بخيل کي پاس تهوڑا سا مال تها |
| سنڌي | هڪ ڪنجوس وٽ ٿورو مال هو. |
| مارواڙي | اَيڪ ڪنجوس ڪنَي ٿوڙو سومال هَو. |
| ميواڙي | اَيڪ مُونجي تيڙي ٿوروَ ڪ ڌن هَو. |
| ڍُونڍاري | اَيڪ مُونَجي ڪَنيٖ ٿورو سو ڌن ڇو. |
| مالوي | اَيڪ مُونَجي رَي ٿُورو مال مَتو ٿو. |
| ميواتي | اَيڪ ماکي چَوسَ کي پي ڪڇ مال متو هَو. |
| واگري | اَيڪ سمان ني ٿورو ڪ ڌَنَ هَتو |
| ڍاٽڪي | هيڪ مُونجهي وٽ ٿوڙوڪ ڌن هندو. |
|  | هڪ مونجهي ڪني ٿوڙو ڌن هتو. |

ڍاٽڪيءَ جي Main Land يعنيٰ ڍاٽ جو روزمرہ جي زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ ورهاڱي کانپوءِ پاڙيسري ملڪ جي ريگستاني ٻولين سان واسطو ڪٽجي ويو جنهن جو لوڪ ثقافت ۽ لوڪ ادب تي اثر پيو. ڍاٽڪيءَ جو 70 سيڪڙو لوڪ ادب، پاڙيسري ريگستاني ٻولين

جي اثر ۾ رڳيل آهي، صدين جي سفر ۾ تخليق ٿيل لوڪ جا نہ صرف لوڪ ڪردار ساڳيا آهن، پر انهن جا تخليقڪار بہ ساڳيا آهن. ڍاٽڪيءَ جي لوڪ ادب جي لاءِ ننڍي ڪنڊ جي ڏاتيار قبيلن: چارڻن، ڀاٽن، ڀانن ۽ مڱڻهارن جون وڏيون محنتون آهن. انهن جي پورهئي جي ذڪر ڪانسواءِ ڍاٽڪيءَ جي تاريخ اڌوري آهي. ڍاٽڪيءَ جي لوڪ ادب تي ٻين لهجن جي اثر بابت نموني طور ڪجھ شعر ۽ هيماريون هتي ڏجن ٿيو.

سرامڻ وڏي ايڪا دسي، ميگھ گجي اڌ رات،
تمر جائو پيا ماڏوئي تو مين جائون گجرات

—

اپ جتي آسرو موگهان جتي ميھ،
ساسو جتي ساسرو ساڙان جتي نيھ

—

آيو روپ سروپ، بن بادل برسي نهين،
ساڙان گهٽا سپوت، بن ڀائيان پيڙ ڀاجي نهين

—

ساجن هون تانري تڪي، وسان سمهلي واس،
ڪم ڪران گهر آپري، جي تمهاري پا٠س

—

سڪاڙي سيڻ ڀلا، ڏڪاڙي ڀلا ڏاٽيان،
ڏونگر تو ڏور ڀلا نيڙان نا پهاٽيان

—

ڪتي ڪڪر جر نهين، تون ڀوري ڏيکي مت ڀول،
گن ٿورو روپ گهٽو جيسا روهيڙي راتا ڦول

—

ساڪڙ ڪري سڪري، ورانڌ لڳائي واءَ،
ساسو کهي ڀهوئاري نا تون ڦهرئي جاءَ

—

بابليا ان گهر ڏجو جن گهر هوئين سانڍڙيان،
اڙگا نيڙا ڪرين جڪان رين لانبي وڪڙيان

—

اره ونڪو مڪ پٽلو ساوا گاس چرنت،
ٿان گهر هوئي مان ڏيجو ساسو سڏ ڪرنت

—

آساڙ ۾ اپجي اس ناميلي نام ،
سيج اپر ره گئي سنيالي رکجو سام

—

اسان جي ڏيهي عالمن مطابق ڍاٽڪي ادب جا جيڪي پُراڻا نمونا هٿ آيا آهن، سي ’سڏونت سارنگا‘ ۽ ’ڍول مارو‘ جي قصن ۾ ڪم آيل ڳاهن جي صورت ۾ آهن. جن کي ٿر جي تاريخي ۽ نيم تاريخي رومانوي داستانن جي عنوان هيٺ آندو ويو آهي. سڏونتؒ سارنگا جو قصو اسان جي عالمن پاري ننگر جي وچ واري دور جو سڏيو آهي، پر ڳاهن جي بناوٽ تي تبصرو ڪندي چيو ويو آهي ته اهي سومرن جي پهرين دور جون آهن. سومرن جو پهريون دور يارهين صدي عيسويءَ ۾ شروع ٿيو ۽ 1226ع ۾ سوڍن سومرن کان ٿر جو راڄ هٿ ڪيو. انهن ٻنهي دوران ۾ ڍاٽڪيءَ کي پذيرائي ملي آهي، پر ڍاٽڪيءَ جي ادب جي تاريخ آڳاٽي آهي، ڍاٽڪي ادب جي آڳاٽي نموني ۾ پيلن، ميگهواڙن سميت اصلوڪن رهواسين ۽ راجپوتن جا گيت ملن ٿا. جن جي قدامت پهرين عيسوي صديءَ کان اڳ جي آهي.

## ڍاٽڪي جي رسم الخط:

بنيادي طور تي ڍاٽڪي ٿرڪي وسائيندڙن ڀرين ماڻهن جي ٻولي آهي، جن جو وڏي وقت تائين "لڪت" سان واسطو گهٽ پيو سيني ٻہ سيني 'صدري علم' ذريعي پنهنجي ٻولي ۽ ادب کي سانديندا رهيا. پر پوءِ جڏهن لکت جو رواج پيو تہ انهن پروارين ريگستاني ٻولين جي رسم الخط کي استعمال ۾ آندو اها رسم الخط ديوناگري هئي. ڍاٽڪيءَ جي لاءِ ديوناگري رسم الخط وڏي وقت تائين رهي، ورهاڱي کانپوءِ ڍاٽڪيءَ جي مکيہ زمين (Main Land) جو سنڌيءَ سان واسطو وڌيو تہ عربي رسم الخط ۾ مقرر ڪيل الف-ب ۾ ڍاٽڪي لکجندي رهي، تان جو 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ڍاٽڪيءَ جي اُچارن ۽ آوازن کي اڳيان رکي ڍاٽڪيءَ جي الف-ب تيار ڪرڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون ۽ هن وقت تائين ڍاٽڪيءَ جا هينئينءَ ريت 34 اکر الف-ب ۾ رکيا ويا آهن. ا، ب، ٻ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، پ، ج، جھ، ڄ، ڇ، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ر، ڙ، ز، س، ق، ڪ، ک، گ، گھ، ل، م، ن، ڻ، و، ه، ي. ڍاٽڪيءَ جي هن الف-ب ۾ عربيءَ جا اکر ث، ح، ذ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ۽ ق شامل نہ ڪيا ويا آهن. ساڳيءَ ريت سنڌيءَ جا ٻہ چوسٽا آواز 'ڃ' ۽ 'ڳ' شامل ڪونہ آهن ۽ نڪاوان آواز 'ڃ' ۽ 'ڱ' بہ نہ ڏنل آهن 'ش' اکر نہ ڏيڻ تي دليل ڏنو ويو آهي تہ ڍاٽڪي ۾ 'ش' جو آواز گهٽو ناپيد آهي. عملي طور ڏنو وڃي تہ "ش" آواز ڍاٽڪيءَ ۾ ملي ٿو خاص طور تي مينگهواڙ قبيلي جي ڳوناٽي ٻوليءَ ۾، جيئن مهيشوري کي 'ڙ' ۽ 'ڙ' کي 'ر' اُچاريندا آهن. تيئن مينگهواڙ قبيلي جو ڀهراڙيءَ واروفرد 'س' کي 'ش' ۽ 'ش' کي 'س' طور اُچاريندو آهي، ڙ جو اکر ڍاٽڪيءَ جو هڪ مخصوص اُچار آهي، جيڪو حقيقت ۾ 'ر' جو وسرگ آواز آهي، ڍاٽڪيءَ ۾ 'ڙ ۽ هہ' جو گڏيل آواز ڏي ٿو. جنهن کي لکڻ لاءِ ڙ مٿان سنڌيءَ ٨ جو انگ ڏنو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر مُرلي ڌي ياوناٽي (جنهن يارت ۾ ٿري لهجي تي پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي) پنهنجي ٿيسز ۾ سنڌي ٻوليءَ جا 11 حرف علت ۽ ڍاٽڪيءَ جا 9 حرف علت ڄاڻايا آهن. ڊاڪٽر مُرليءَ مطابق اَ. آ. اِ. اي. اُ. اُو. اِيَ. او ۽ آن ڍاٽڪيءَ جا حرف علت آهن ۽ ڍاٽڪيءَ ۾ ايَ ۽ آو سُر نہ آهن.

ڍاٽڪيءَ جي ڀيڻ ٻولين يعنيٰ ريگستاني پٽي جي ٻين ٻولين ۾ باغ علي شوق مطابق 13 حرف علت آهن. باغ علي شوق راجستاني زبان ادب ۾ راجستاني ٻوليءَ جا حرف علت هيٺينءَ ريت ڏنا آهن. آ.ن. اَوُ آو يُ. ي. د. اُ.اِي.اِ. آ. اَ

روزمره جي ٻوليءَ ۾ جيئن مارواڙيءَ ۾ "و" ب ۾ بدلجي ٿو تيئن سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي اکر پنهنجي صورت بدلائي ڍاٽڪيءَ ۾ استعمال ۾ اچن ٿا. مثال طور اُت جو ت، 'ٽ' ۾ بدلجي ٿو اُٽ. ٿڏ جو ٿ ۽ ڏ. ٽ ۽ ڍ ۾ بدلجن ٿا ٿيڌ. تند جو بدلجي ٿو ت ۽ ٽنٽ ۾ اهڙيءَ ريت ڊ. ڏ ۾ غ. گ ۾. هه. س ۾. ت. ٽ ۾. و ب ۾. ظ. ض. ذ. ج ۾ بدلجن ٿا.

ڍاٽڪيءَ ۾ نون غني جو اُچار ڪونہ ٿئي. اسم خاص ۾ اڪثر ڪري "يو" جو اضافو ٿئي ٿو. جيئن آچار بدران آچاريو شنڪر بدران شنڪريو.دليپ بدران دليو ائين نالو ونڻ ۾ ٻاجهہ جو روپ پڻ ڏيک ڏيندو آهي، ري ۽ رو (جي. جو) جي حرف اضافت هوندي ڪن جملن ۾ سنڌيءَ جو "جي" ۽ "جو" پڻ استعمال ٿئي ٿو. مثال طور:

اي ڪيتر تانهنجو آهہ.

اي پنو مانهنجو آهہ.

ڍاٽڪيءَ ۾ دنيا جي ٻين شاهوڪار لهجن (ٻولين) جيان لفظن جو وڏو ذخيرو موجود آهي، جنهن جي فهرست جوڙجي تہ ڊگهي ٿي پوندي . سرحد جي هُن پار جُڙيل ريگستاني ٻوليءَ جي ڊڪشنرين

”هميرنام مالا“ سهيڙيندڙ همير رتنو جي، ”ٻنگل ڪوش“ سهيڙيندڙ نانگراج، ڪانسواءِ ’هيڪارتي ڪوس‘، اُڏارام ڪوس‘ ۾ ڍاٽڪيءَ جا سوين لفظ ڏنا ويا آهن. سنڌ ۾ ڍاٽڪيءَ جي باقاعدي ڊڪشنري نہ جُڙي سگهي آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ جي سربراهيءَ ۾ جُڙيل ڊڪشنري (سنڌي لغات) ۾ ٿري لفظن ۾ ڍاٽڪيءَ جا لفظ ملن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل توڙي جديد شاعرن جي شاعريءَ ۾ ڍاٽڪيءَ جا لفظ ۽ چوَٽيون پنهنجي منظر توڙي پسمنظر سان موجود آهن. ڊاڪٽر ڪنهيالال راجپوت جي لفظن ۾ ”جهڙيءَ طرح ڪمند ۾ رس، چندن ۾ خوشبوءِ، منديءَ ۾ رنگ لڪل هوندو آهي، اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي ڪيت ۾ چَوٽيون، ڪهاوتون ۽ پهاڪا سنگن وانگر جهولندي نظر ايندا آهن.‘ ٿر جي صحرا جي ٻولين ۾ ياگرت ڪانوريا جي ۽ گوبند اگروال، ٿر جي پهاڪن ۽ چوٽين ڪي ديوناگريءَ ۾ گڏ ڪيو آهي، سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي، لالجي سوٿهڙ، ڊاڪٽر پُرسي گدواڻي، جيٺي لالواڻيءَ مختلف ڪتابن ۽ مقالن ۾ ٿر جي پهاڪن ۽ چوَٽين کي سهيڙي ڪم آندو آهي. ٿر ۾ پهاڪي ۽ چوَٽيءَ کي ڪهاوت چيو ويندو آهي. ڍاٽڪيءَ جي ڪُجهہ لفظن، محاورن، چَوَٽين ۽ پهاڪن جي مُنهن ڏيکائي، هن مقالي ۾ ڪريان ٿو. تفصيلي بحث مباحثو ڪنهن ٻئي موقعي تي ڪبو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| سائيڪو | ست پُرهَن وارو ڪوهہ | سوئيڪو | سؤپُرهَن وارو ڪوهہ ’سوئيڪو‘ لفظ سؤ سالن واري ڪنبي لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| چيڙهو | ’ڏاڍو‘ خاص طور تي جيڪو جلدي نہ ٿُٽي يا ٽڪجي، | ’لاسوڙ‘ | جنهن ۾ ڪنڊا نہ هجن ’لاسڙ‘ سنڌيءَ جو بہ عام لفظ آهي. |
| اُڳڻ | اُيرڻ (سنڌي: اُڳڻ) | آنٽوئڻ | لهڻ |
| جانڪڙ جهارو سِيراڻ صبوحڙي | نيرڻ | دڪاڻ | اهو آسڻ، جتي موچي ڪم ڪن |
| ٻپارو | ٻن ٻهرن واري ماني | وراندڪي | شام واري ماني |
| وِراندِ | شام | وانڊِ | ننڍو ڳوٺ |
| ڍاٽي | ننڍو ڳوٺ | مويي | پهريون يا وڏو اولاد |
| ڪيڻ | ڪيڏانهن | ڪوڙ | ڪير |
| هُون | آئون يا مان | اَيين | اوهين |
| ڪنان | ڏانهن، وٽان | پاج | لينجهہ، اُيي پٽ جو رستَو |
| ٻڪڙ | پٽَ جو ور | ٽونڪ | پٽَ جي چوٽي |
| ماٽاري | ٻن پٽن جي ملڻ واري جاءِ | جُوئڻ | ڏسڻ |
| ڍڙڪاڻ | پٽ جي لاهي | چاڙي | ٻڪري |
| ٻڙين ڍيڪڻ | شدت سان واجهائڻ | جهاٻا | ترورا، عڪس |

| | | | |
|---|---|---|---|
| چيڪو | تڪڙو جلدي | ڪينهنڪ | تورو ڪُجهہ |
| سيڙهڪا | اچا, ميٺائڻ مائل | | |
| ماڇڪ | اڌ پڪل پيرون | راتڪا/ رتڪا | ڳاڙها پيرون |
| سگهہ ڏيڻ | ڳاڙهن پيرن جو پريل ٿانوَ ۾ سيڙهڪا پيرون وجهڻ | ٻوهو | جهونو وڻ |
| ٻوٽ | منهن | ٻُٽ | پڪڙيل نندي چار |
| نهڙي | ولوڙڻ لاءِ زمين ۾ هنيل ڪاٺي (نهرو: سنڌي) | ڪوٺينبڙ | مُٺ جيڏو چيڙ |
| ڪاتروڙ | اوطاق (جتي واڍا ڪم ڪن) | هلاڪ ٿيڻ | ٿڪجڻ |
| ڦوڪارو/ ڦونڪارو | سڻاهي پٽڻ | پگرني | جُتي |
| بيرو | ياءَ | بيهڻ | پيڻ |
| جيروئي | ڪرڙ | اسٽ | اصول |
| همين | هاٽي | هَتو هَندو | هو |
| ايها, ايتا, هيها | هتان | جيٽ, جٽ | جتي |
| هوئي | هائو | هوئي | هُجي |
| ٻُوهو جاڻ | هليو وڃڻ | لاري آوڻ | پويان اچڻ |
| ڪهاڻ ڪرڻ | چيو ڪرڻ | مائيتر | مائيٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اوڙڪاڻ/ اوڙڪڻ | سجاٽپ/ سجاٽڻ | پهلڪو | پهريون |
| آپ | پاڻ | باپ | پيءُ |
| اڙگو | پري | نيڙو | ويجهو |
| مِيت/مينت | نگاه, نظر | پيچڻ | بيهڻ |
| ڪيجڙي/ڪيجڙ | ڪندي/ڪندو | چاندٽو | روشني |
| پتر | اندر | مهين | ۾ |
| اونگ/ اونگهه | ننڊ | وهلو | جلد |
| ڪسڙات | حال احوال | ليڻ | وٺڻ |
| آپٽو | پنهنجو | آپرو | پنهنجو |
| اونڌو | اونهو | اُنهو | گرم |
| اوترو | اتر | ڪاچيلو | ذڪڻ |
| اُگوٽو | اوير | آنٽوٽو | اولهه |
| وِيجاڙو | بار | اوڪاٽو | مينهن وسي بس تيڻ/ وهندڙ پاٽي بند تيڻ |
| اوجهڙ | واٽ ڪان باهر, بنا رستي | پارڻ | پاڙڻ |
| هَتِي / هَندي | هئي | هوسي | هوندي |
| اُها /اوتا | اُتان | بچوڙو | وچوڙو |
| ڪوهڙ | ڪوه جي منهن جي ڪاني جنهن تي پوڻ پڌبي آهي, رسو وارڻ توڙي چڪڻ مهل پير پرائبو آهي | اواڙو/ آواڙو | ڪوه جي پر سان مال لاءِ پيارڻ حوض (اڪثر طور ڪچو هوندو آهي) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مڪڙا | ڪوس جون ڪاٺيون | ورت | ڪوه جو وڏو رسو |
| اڏ/اڏو | ڪوه ۾ اواڙي جيَ وچ ۾ ننڍو حوض | نِڪ | اڏ ۾ اوواڙي جي وچ ۾ نالي |
| واسي منهن | نيراٽي منهن | وائونڙ | وائونر(برسات کان اڳ ۾ واءَ / تيز هوا |
| گيو | ڪپڙو | اترڻ | لهڻ |
| مَر | نہ | سونهس | قسم,سوڳند |
| دناڙ | ڏنار | سرامڻ | سانوڻ |
| پدرو | بڊو | ناساري | ناهري |
| ماگ | مانگهه | ڦگڻ | ڦگڻ |
| گنات | اهي رشتيدار جن سان شادي مراديءَ جي ڏي وٺ ڪبي آهي (سيڻ) | واني | ڦلهيار |
| سنيڙڻ | پڏڻ | پسرو | پيهر |
| بيسڻ | ويهڻ | نولو | اجنبي, اڻ جاتل |
| تڙهو | ڪوه | سانڪورڻ | سٽڻ |
| تگي | ڪپ جي شاخ (تاري) | سوڪ | پهاڄ |
| روٽي پريسڻ | ماني وجهڻ/ماني لڳائڻ | ڏيڪڻ /جوئڻ | ڏسڻ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مانجھو | ڪيڙن مهل جاٽ جي اوڙ ڪان رهجي ويل زمين | ٻاءُ | پيءُ جو وڏو ڀاءُ |
| ٻائيجي | سس | اوهنجاڻ | تڪليف/ درد |
| هتاڙي | هتاري | ٿاڙي | ٿالهي |
| ٿمپيٽ | ٿالهو | ڪِي | ڇا/ ڇو |
| ڪِي لا | ڇا جي لاءِ | ڪُبڪاڻ ڪرڻ | عيب ڪيڻ |
| ڪِهيرو | ڪنهن جو | ڪِيرو | ڪنهن جو |
| لاسيا/ آٻٽ ڪرڻ | ڇيڙڪرڻ (رضاڪاران گڏجي مدد ڪرڻ) | ڇانتي نا ڏيڻ | بيگر نہ ڏيڻ |
| مهنتر | مينگهواڙن جو پٽيل | ڇوڙيلي، ڪاڇڻ، تلي | تري ٻڪرين جا قسم |
| مونگهڙو | دروازو | ڇيهاٽ | گدري جي قار |
| ڏينچي | متيءُ جو ڪيٽ | ٻاٽو | پُسي |
| گوڊ | ٽڙ / پاڙن وارو حصو | ڪڙسيو | پٽل جو لوٽو |
| نيپوجهر | نمن جو ٻور | ٽوئيا | ڪچيون سنگريون |
| پڙه/پيره | ڪندي جا ڪچا پن | سنڪ | ڪندي جا پن |

| | | | |
|---|---|---|---|
| تسيو | متيءَ جي ننڍي ماٽلي جو قسم | گاسيو | اُٽ تي تيار پاڪڙو/ پاڪڙي تي ويھڻ واري جاءِ |
| مريو | گيھ ماپڻ جو ننڍو ماپو | ٽپري | گيھ ماپڻ جو ماپو چار مريا= ھڪ ٽپري |
| راھيترو | گهر جو ڪچو پونگو | وڪاري | لانڍي جنهن جي ڇڇي (ڪکن) تي متيءَ جا ليپا ڏنل ھوندا آھن |
| منڍھيڙو | منھ/ڳڙھ | ھلاڪي | تڪليف |
| موجو(موزو) | اڳيان نوڪ وريل واري جتي | مگران | ننڍين دڙن/ھيٺ ميدانن وارو واريا سو علائقو |
| ٽڙي | پٽ | ڏپوئڻ | وزن ڏيڻ |

- ڏوٽي وٺا ميھ: چوطرف، سڪ، شانتي، خيرات وارو مينهن وسڻ.
- روٽي اڪ ڪرڻ: ڪنهن کي تپائي ڏيڻ
- امل پاٽي بند ڪرڻ: سماجي احتجاج ڪرڻ
- مڏ ڪرڻ: ڪنهن کي سيڪت ڏيڻ، مارڪٽ ڪرڻ
- ڏمر ڏولاٺو ڪمٽ ڪٽوري = ڏمر، ڏک، ڪاوڙ تڪليف جو اھڃاڻ ۽ صبر، ماٺ ڪٽوريءَ وانگر خوشبودار آھن.

- نيبوڙيان پچڻ تاڻي ڪانگڙان رو مُنهن پچڻ: نمورين جي پچڻ مهل ڪانگن جو منهن پچي پوندو آهي، نمورين نہ ڪائي سگهندو آهي، نموريون ڇڻي وينديون آهن. تڏهن انهن جي لاءِ اُتاولا هوندا آهن.
- ڏوڙ ڏني، رک رتني: ڏني ۽ رتنيءَ ۾ ڪو فرق نہ آهي، ڏوڙ ۽ ڦلهيار (رک) ۾ جيئن فرق نہ آهي.
- راوڙو گهوڙو روهي روڪڪ. واڪاڻيان نہ واڪاڻجين= راجائي گهر جو گهوڙو ۽ روهي (آزاد سيمہ ٻيلي) جي ڪک (گاهہ) جي ساراهہ ڪرڻ بيوقوفي آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهي هوندا ئي بهتر. اها "ڪامن سينس" (عام سمجها) جي ڳالهہ آهي، انهيءَ گهوڙي جي سدا چاڪري هوندي آهي، ۽ اُهو گاهہ جيئن اُپري ٿو ايئن سُڪي ٿو. ڪوئي مال ڪائڻ لاءِ اُتي نہ ويندو آهي.
- ورتياگرهہ جئو واهتو ڪو تو ڏيکين: ڏکن جي ڪارٽن جي چاڻ هجي، پوءِ بہ پچائون ڪجن، اُهي سور ڪٿان آيا آهن. سورن ۾ گهيريل ماڻهو پنهنجي قسمت جا ستارا ڪهڙا معلوم ڪرائي، پنهنجي دردن ڏانهن نگاهہ وجهي، پاڳ جون لڪيرون سامهون نظر اينديون.
- ايئن رهيو جيئن ڪيتو ڏياڙي سين رهيو: ماڻهو پولاري ( پل ) ۾ هُجي، اج نہ سياڻي ويندس، جڏهن ڪنهن ماڳ تي پهچي تہ خبر پوي، اهو ڏڻ يا موقعو وغيره گذري ويو. پوءِ هٿ مُهنڻ ۾ ڪهڙو فائدو.
- آپ سين ڏاڍو جمر برابر: پاڻ کان ڏاڍو جمر (موت جي فرشتي) برابر آهي، ان کي روڪي نٿو سگهجي.
- ٻيسي ڏوهئجي ٻڪري، ٻيچي ڏوهئجي اُٺ. جيڪو لڳي واءُ، اوئي نا ڏيجي پُٺ: ٻڪريءَ کي ٻيهي ڏهڻ گهرجي ۽ اُٺ کي ڏهڻ جي تقاضا اها آهي تہ ٻيهي ڏوهجي، اُٺ کي ويهي نٿو ڏُهي سگهجي. اهڙيءَ طرح جيڪو واءُ لڳي، ان کي پُٺ ڏجي، هوا کي سامهون هلڻ ڏکيو آهي.

- نيات سين ڇيهه نہ پلو: ماڻهوءَ کي پنهنجي برادري ۾ رشتيداريہ کان علحده نہ ٿيڻ گهرجي.
- آپ پرڻي هي ٻني ري وار: يعنيٰ پاڻ پرڻي هاڻي ٻني (ٻني ڇيڙا) جي واري آهي، تہ ۾ آگسٽ_سيپٽمبر ۾ چوکريون ٻني ڇيڙ کي پرٽائڻ جي رسم ڪنديون آهن. گيت ڳائينديون آهن. زرعي معاشري جي خوشيءَ جي ريت آهي، هن چوڻيءَ جو مطلب تہ پاڻ ڪنهن شيءِ جو فائدو وٺي يا هاڻي ٻئي کي وٺي تو ڏي.
- نہ جيتان رو جاني نہ موئان رو ڪانڌي (نہ جيئرن جو چاچي نہ مرندڙن جو ڪانڌي)
- جهڙو گهڙو تهڙي ٺڪري، جهڙي ماءِ تهڙي ڌڪري: جهڙو گهڙو هوندو آهي، اهڙي ٺڪري هوندي آهي، جهڙي ماءَ تهڙي ان جي ڌيءَ ٿيندي، بنياد جو اثر پوندو آهي.
- وٺو تہ ورساڙو نہ وٺو تہ انهاڙو: (جيڪڏهن وٺو تہ وسڪارو آهي، نہ وٺو تہ اونهارو آهي، وقت ساڳيو آهي، ان جا اثر ڌار ڌار آهن. وسڻ سان سک تي پوندا آهن، نہ وسڻ سان ڏک آهن.
- چيتر چمڪيو نہ پلو ويساک وٺو نہ پلو

  سيٺ ٹوٺو نہ پلو راجا رٺو نہ پلو

(ٿري ماڻهن جي صدين جي ساڃاهہ مطابق چيٽ جو مهينو چمڪيو (وڄ جو چمڪو) پلو نہ آهي، ويساک جي مهيني وسڻ سنو نہ آهي، جي وٺو تہ وسڪارو سنو نہ ٿيندو اهڙيءَ طرح سيٺ جو بيزار ٿيڻ ۾ راجا جو ناراض ٿيڻ سنو نہ آهي.
- پرڻي او پاڙي، جڻي او جاڻي (جيڪو شادي ڪري، اهو ئي پالي سگهي ٿو جيڪو ڄيڻندو آهي اهو ئي ٻار جو مزاج ڄاڻيندو آهي
- جايا پُڄين ( ماڻهو ڪيترو بہ ارڏو هجي، پر هن کي اولاد جهڪائي ڇڏيندو آهي، اولاد اڳيان بيوس ٿي پوندو آهي )

- ٻاگيان رو ٻوت ڪمائين (ٻاگوندن لاءِ جن به ڪمائيندا آهن. مطلب ته انهن جي لاءِ ڪا تڪليف نه هوندي آهي. آسانيءَ سان ٿيندو آهي)
- نيوان رو ٺاه ڪونهي، نگرڙو رو وارو وار (چوئنري يا لانڍيءَ جي ڪکن جي ڇيڙن کي نيوا ڇنبو آهي جتان ڇُٽاڪا ٽمندا آهن. اهي گهٽا هيٺ هوندا آهن. راهيتريءَ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ جهڪي وڃبو آهي، پر انهن جو ڪو نمونو نه آهي همراه جهڪ جهڪاءِ ٻيو ڪري
- اُني را واٿاڙو ڏس ڏئين (اُني جو واٿهڙو ڏس ڏيندا آهن)
- سورهي سکي اڙڪي ري گهاءَ جهڙي (ماءَ ٻچيو پنهنجي ڌيءَ کان ته تون ڪيئن آهين؟ ڌيءَ ورندي ويڙهي ڏني ته تمام سُکي ستابي آهيان، جهڙو ٺونٺ جو ڏک هوندو آهي اهو ڪيتري تڪليف ڏيندو آهي
- ساڏان سين سنمنک، پنچان سين پورو(ساڏن جهڙو ۽ نڳن سان سندن ٺوليءَ جو همراه. زماني سازيءَ جي انتها)
- اونگ نه جوئي اوڇڻ، بک نه جوئي اولڻ: ننڊ بسترو نه نهاريندي آهي، بُک اولڻ جي پُڇا نه ڪندي آهي
- رلي ليهه سين جاڻ (رلي جي ليهه کان وچڻ. خراب حالت ٿيڻ)
- تل سونگهيا سوڌا چٽ ڪرڻ (معني ڪجهه نه ڇڏڻ هر شيءِ کائي وڃڻ)

ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ ڪجهه ذاتين جا مخصوص تڪيه ڪلام ۽ اُچار آهن. انهن جي لهجي مان انهن جي ذات جو اندازو لڳايو ويندو آهي. جيئن مهيشوري 'ر' کي 'ڙ' ۽ 'ڙ' کي 'ر' طور اُچارين. ڳالهائڻ مهل هر ڳالهه جي شروعات ۾ "جِڪي لگ" جو تڪيو ڪلام هوندو اٿن. اهڙيءَ طرح ڀيل قبيلو ڀهراڙين ۾ ڪچهري ڪندي يا روز مره جي زندگيءَ بابت ڳالهائيندي "ارر" جو لفظ سڀ کان پهرين اڪثر چوندو آهي. سامروٽيءَ جا راجپوت ڍاٽڪي ڳالهائيندي پنڊ ۽ 'ڪيلا' جو لفظ وڌيڪ استعمال ڪن. ڇاڇري واري پٽيءَ ۾ وري 'همين' ۽ 'مانٿي' جو استعمال گهڻيرو ٿئي ٿو.

ڏاتڪيءَ جي الف_ ب، گرامر، ڏاتڪي لفظن، چوٽين ۾ ڏاتڪي ڳالهائيندڙن جي مخصوص تڪيہ ڪلامن ۾ اُچارن بابت هي مختصر جائزو آهي، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انهن تي جامع سائنسي بنيادن تي ڪم ڪرڻ گهرجي.

ڏاتڪيءَ جي الف_ ب تيار ڪرڻ گهرجي، ان ڳالهہ جي تحقيق جي ضرورت آهي تہ سوڍن ۾ سومرن جي صاحبيءَ دوران ڏاتڪي لکڻ لاءِ ڪهڙي الف ب هئي؟

ڏاتڪيءَ کي هن وقت لکت جي ضرورت آهي. ٿر جي گلوڪارن کي سلام پيش آهي، جن پنهنجي ڳائڪيءَ وسيلي ڏاتڪيءَ کي پذيرائي ڏني آهي اسان جي لوڪ فنڪارن مُراد فقير، مائي ڀاڳي، موهن ڀڳت، صادق فقير، استاد شفيع فقير، ڪريم فقير، ميوي فقير، فوزيہ سومرو ٻڍي فقير، عارب فقير، حسين فقير، حيدر رند، ڀڳڙي ڀڳت، سروپ ڀڳت، مصري ڏيپلائي، رجب فقير، سميت سوين ڳائڻن ڌرتيءَ جي ڌنن ۾ لوڪ گيتن کي ڳائي دنيا ۾ ڏاتڪيءَ جو پريم رس پهچايو آهي. ساڳئي وقت اسان جي لوڪ ڀڳتن نندي ڪنڊ جي ويدانتي ۾ صوفي شاعرن جي شاعريءَ کي ڏاتڪي رنگ ۾ آڻي، هتان جي عوام کي سچ جو پيغام ڏنو آهي، ميوي فقير جهڙي ٻاجهاري انسان، الهڏني جوڻيجي سميت ٻين راڳين جي رهنمائي ڪري انهن کي ڏاتڪي ڳارائي، اهڙيءَ طرح اهي شاعر بہ جس جي لائق آهن، جن ڏاتڪيءَ ۾ پنهنجون تخليقون سرجيون آهن، انهن ۾ مرچو ورتيو مهندرو مستانو اميرحمزو نهڙي، سروپ چندر شاد، سائينداد ساند، پيارو شوانڻي، ڪريم فقير، ميوو فقير، فيض محمد فراقي، رامچند اوڏ، امولڪ امر، راجا ڏيپلائي، پريو لال، سوائي مانڌو سردار سانگي، پيمون آري ۾ ٻيا شامل آهن

- ماٺاري ماٺي موريڙو ٻولي
  مانرو هينئڙو هچڪولي

پاڻي پريوڙي گهاگهر
مانري ڍوڙائي ڍولي
(سائينداد ساند)

- هون تو هلي ري هيل پرڻ ماءِ متي ٻوليو ري مور
مين تو روئي ڀنوئي چُنڙي ري ڪور
آوٺو هوئي تو آئو بلالا ٻاجهرڪي جهليو اهِ ٻور
(امولڪ امر)

راقم الحروف ٿر جي نوجوان شاعر پياري شواڻيءَ شيخ اياز جي شاعريءَ جو ڍاٽڪي ترجمو ڪيو آهي

- وٺ دڪائي ٻيس، آوي رات امانس ري،
جڻ ڪ اُوجهاٽو اوڇتو
ڏيئا ڏيئا ڏيس، آوي رات امانس ري!
ڀهلي جوت جياڙ تون،
پڇي پکي ٻ ٻيس، آوي رات امانس ري!
ارها انڌوڪار ۾،
تين سورج سنديس، آوي رات امانس ري،

- ڏيئو ٻاڙ ڏيئو ٻاڙ،
تانهانجي ڌرتي ڏيئا ڌڪاري تون مَ ڌڪار
ڏيئو ٻاڙ ڏيئو ٻاڙ!!
گهر گهر ۾ اهِ گگهه انڌارو هينئو نا هار
ڏيئو ٻاڙ ڏيئو ٻاڙ،
جاسي وٺ اونجهي سامي جوت جياڙ
ڏيئو ٻاڙ ڏيئو ٻاڙ

- مٺيار آويو مٺيار ڙي،
آويو چنان ۾، والا ڪنان ۾

گانا گڇي ۽ جونجھار ڙي
مٺھيار آويو مٺھيار ڙي.
موتي لٽاوي، جوتي لٽاوي،
ڪي ڪي سجاوي سنسار ڙي
مٺھيار آويو مٺھيار ڙي،
هئہ هئہ سھليان، سجيان گھليان
اُوئي رو سجيان سين پيار ڙي
مٺھيار آويو مٺھيار ڙي

—

- ڦٽڻ لڳي اهِہ ميندي متوڙا،
  نيڻان جھليو ٻورا

—

- ڪھتاٽي رهيس ڏور،
  مانھانجي آس ڏڪان رو ڏيولو
  مانھانجو هر سانجھي اوسيڙو
  مري نا سگھسي مور
  ڪھتاٽي رهيس ڏور. (ترجمو يارومل امراٽي)

- پلو آهين ياٽ، وايان نان ويچين پيو
  پلا ڪيئي چمڪات اهين ڪيڻ را
- سھاڳڻ ڦلڙي نڪ ۾ منھين گھتي لڏي تِي،
  سانجھي ٻُڏي تِي، تارا اُگيا اپ منھين
- جي تون ڪھين آپ، ڪڪوجھي هَتي مارئي،

تو تون ڪوڙو سومرا، ڪوڙو تاهاجو باپ،
ڏرتي آيري چاپ، اوڙڪي تِي روپ منهان.

- مور ٿهوڪا ڪرين جيٽ، اوٽ هوئيس هُون
ڪري جاد تون جڏهين وسين ميهولا

- اي نڏڙي ري رات، تڙ منهين ڪيئي ڪوڙٽين،
وجين تاڙين اوچتين، تروڙي سجي سانت،
آئي تانهاجي وات، راسوڙا روڪجي گيا

(ترجمو: پيارو شيواڻي)

ڍاٽڪي سنڌ جي هڪ وڏي آباديءَ جي ٻولي آهي. ڍاٽڪيءَ جي اهميت نہ صرف سنڌي ادب ۾، لوڪ ادب جو ذخيرو رکندڙ جي حيثيت آهي، پر ٿر، پاڪستان جي مشهور پنج ايڪو رينج ۾ شامل هئڻ ڪري، هتان جي صدين جي سفر ۾ حياتياتي انيڪتا جا نالا ۽ انهن متعلق ڳالهيون ڍاٽڪيءَ ۾ آهن. سيني بہ سيني ملندڙ هتان جي ادبيات ،سماجيات، ثقافت ،تاريخ تهذيب ۽ ماحوليات ڪي 'صدري علم' مان لکت جو روپ ڏيڻ لاءِ ڍاٽڪيءَ جي ترقي ضروري آهي.

('ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا_ سيمينار ۾ پڙهيل)

دليپ ڪوٺارِي

# ٿر جي سامروٽِي لهجي جون لِساني ۽ جاگرافيائي حَدُون

## ٻولِي:

ٻولِي، اظهار جي سگهاري وَٿُ آهي. ٻولِي سڀيتا جوسرچشمو آهي. ٻولِي اُهو واهڻ ۽ وسيلو آهي، جنهن سان انسانن درميان رابطاڪارِي (Interaction)، سُجهاءُ ڪارِي (ommunication) ۽ جذباتِي ترجمانِي (Expression) ممڪن بڻجي ٿِي. ٻولِي، انسان جي جذبن، خيالن، سوچن، اُمنگن،اُڌمن، نظرين ۽ احساسن جِي هڪٻئي ڏانهن مُنتقلِيءَ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري ٿِي.

جنَنِي (جنم ڏيڻ وارِي، ماءُ) ۽ جنم ڀومِيءَ کان سواءِ ٻولِي پڻ، انسان لاءِ 'ماءُ' جو مقام رکي ٿِي. جيئن ماءُ جي مُورت ماڻهوءَ لاءِ ٻاجهه جِي صورت آهي، تيئن پنهنجي ديس يا پرديس ۾ پنهنجي علائقي جي ماڻهوءَ سان، پنهنجي علائقائي لهجي ۾، رابطي ۾ آچڻ جو عمل بہ اطمينان ۽ خوشِي آڇي ٿو. هم ٻوليائِي رابطو ماڻهوءَ جي رُوح کي گرمائي ٿو وجهي. پنهنجي ٻوليءَ جو پڙلاءُ پوڻ سان انسان جِي ڪيفيت ڪيئن بدلجي ٿِي، اُن لاءِ فقط ايترو تصور ڪريو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ثقافتِي ورثي تان گهور ويندڙ ڪو سنڌِي پرڏيهہ ۾ ترسيل آهي ۽ اُتي اوچتو ڪنهن موبائيل فون جو آڊيو پليئر آن ٿيڻ تي هن جا ڪن سَرلا

تي وڃن ٿا ۽ آواز جي گُونج ۽ سُرائتا ٻول، هن جي من ۾ ڪيفيت کي لمحي بہ لمحي تبديل ڪندا رهن ٿا. جي ڪلام جا ٻول آهن: ”منهنجي مارُن جو آهي پنڌڙو پريہ اُتان اوڻي آچي ڪو خبر ڪري..!“ تہ ڇا اُن موبائيل فون واري سان هم ڪلاميءَ لاءِ هرڪجڻ سُياويڪ ناهي؟

جيئن دُنيا جون سڀ قومون پنهنجِي پنهنجِي ٻولي رکن ٿيون، تيئن اسان سنڌين وٽ بہ پنهنجي صديون پُراڻي، شاهوڪار ۽ وڌندڙ ويجهندڙ ٻولي آهي. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ارتقائِي سفر جي طويل تاريخ، پنهنجي نَحوي سِٽاءُ، پنهنجو معيارِي لهجو (Standard Dialect)، پنهنجي لِپي (Alphabet)، پنهنجا وِيا ڪرڻِي يا گرامر وارا قاعدا، شاندار علمِي ۽ ادبِي ورثو (ڪلاسيڪِي توڙي جديد) . مُختلف لهجا/ مُحاورا ۽ اُپ ياشائون، ذيلي اُپ ياشائون ۽ اَڻ۔ ڳُڻ لفظِي ذخيرو آهي. لفظن جي اَمُلهہ خزاني تان ڪنهن جو قول ياد ٿو اچيم: ”لفظ ئِي سڀ ڪُجهہ آهن، نہ تہ آواز ۽ اوناڙوُن جهنگلن ۾ ئي جام آهن.“ سنڌِي ٻوليءَ جو بيحد پرم رکندڙ شاعر ’شيخ اياز‘ بہ پنهنجي هڪ نثرِي ٽُڪري ۾ لکيو آهي تہ ”هر لفظ جي پويان هڪ رُوح هُوندو آهي، جيڪو صدين جِي ارتقا کان پوءِ جنم وٺندو آهي“. اُن ڪري اسان کي سنڌي ٻوليءَ جِي تعمير، ترقِي، ترويج، ترتِيب ۽ تشرِيح وارين رِٿائن تي عمل درآمد ڪرڻ سان گڏوگڏ اُن جي مختلف لهجن جي متروڪ ۽ معدُوم ٿيندڙ لفظن کي لِکت ۾ آڻي محفوظ بہ ڪرڻو آهي تہ مُروجَ لفظن جو ذڪر ڪري چِٽائِي بہ ڪرڻِي آهي، ’ٻولِي ماءُ‘ اسان سيني کان اِها تقاضا هميشہ پئِي ڪندِي آئي آهي.

ٿر جي ڍاٽ واري ڳوٺ چيلهار جو مرحوم رحم علِي لونگاٽِي حجام مليريا کاتي ۾ سُپروائيزر هو. هُو ٿر جي خطي سان لاڳاپيل

لفظن، اصطلاحن ۽ چوڻين وغيره جا علمي ۽ اَنُوماني بُڻ بنياد ۽ اشتقاقي جوڙجڪ وارِي ڄاڻ گڏ ڪرڻ جو شُغل رکندو هو. مرحُوم جڏهن ميرمار مُهم جي سلسلي ۾، ٺوهاري وارن سان گڏجي ڀهراڙين ۾ ويندو هو تہ ٿوري گهڻي اِها ڪِرت بہ ڪري وٺندو هو. رحم عليءَ جي پُٽ ذوالفقار حجام کان مُون کي ويهارو کان مٿي اِهڙا لفظ ۽ اصطلاح موصول ٿيا. مرحوم رحم عليءَ جي ڪيل اِها معمولي ڪوشش لفظن جي عِلمِي ۽ مَنطقِي گُهرج سان ڪيترِي مُطابقت رکي ٿِي يا گڏ ڪيل ڄاڻ، ڪيترِي نئين ۽ دُهرايل آهي، اِهي سوال پنهنجي جاءِ تي بلڪل اهميت لَهڻن، پر هن جِي دلچسپِيءَ کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهِي نٿو سگهجي. مثال طور هن جي گڏ ڪيل چند لفظن جو ذڪر ڪرڻ هتي بيجا نٿو ڀانيان:

- **اوتارو:** هِي لفظ 'اور تارو' مان نڪِتل ٿو لڳي. اور معنيٰ ٻيو+ ٿارو معنيٰ پاسو يعني گهر کان پرپرو ڏارئين مهمان کي ترسائڻ وارِي جاءِ 'اوتارو' چوائي ٿِي.
- **اوطاق/ اورطاق:** اور= ٻيو غير مائٽ + طاق= دروازو يعني گهر جي مُک لنگهہ يا دروازي کان پاسِيرو دروازو جتان مهمانن کي لنگهائي گهر ۾ ترسائجي.
- **ٻڪِري** = ٻہ ڪِيرِي:

**امڪاني پسمنظر:** جيئن تہ ٻڪريءَ کي کير ڏيڻ جا ٻہ ٿڻ يا نار هوندا آهن، تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو تہ ٻہ ڪِيرِي منجهان لفظ ٻڪري نڪتل هجي.

- **اَنجَلَ** : اَنَ = اَناج + جل = پاڻي يعني داڻي پاڻيءَ جي اختيار.

استعمال ۾ آڻڻ جو پس منظر: ٿر ۾ خاص طور ڳوٺاڻا ماڻهو هڪٻئي کان خبرُون چارُون وٺڻ مهل جڏهين سامهين کان اِهو پڇندا آهن تہ

ٻيلِي فلاڻي ڳوٺ ڪڏهن ويندين؟ جواب ۾ هُو ڪڏهن اِهو ٻہ چوندو آهي تہ جيڪو 'ان جل' جي اختيار! معنيٰ جڏهن اُتي جو داڻو پاڻِي لکيل هوندو.

- **اوچتو(اورچِتو)** : اور = ٻيو + چِتَ = خيال يعني ٻئي خيال ۾ يا ٻئي ڪنهن ڌيان ۾.
- **آڙنگ** : آءُ = اچڻ + رنگ = رُوپ. ويس يعني اَچڻ جا ويس. شايد انهيءَ ڪري برسات اچڻ جي ماحول کي آڙنگ چئبو آهي.
- **ٻاجهر** : هڪ قسم جو اَنُ يا اَناج :

**امڪانِي پسمنظر**: باراني علائقن جي رهواسين لاءِ هي اناج خاص معنيٰ رکي ٿو. تہ واسي تہ هن اَنُ جو قَسمُ پڻ کائِيندا آهن. لوڪ شعُور سان سلهاڙيل ڳوناڻا هن اناج کي الله جي ٻاجهہ يا رحمت سمجهن. تنهنڪري غالباً اهو امڪان آهي تہ انهيءَ اَنُ داڻي جو نالو "ٻاجهر" شايد لفظ ٻاجهہ منجهان ئي جُڙيو هجي.

اهڙا ٻيا بہ ڪُجهہ لفظ هُن گڏ ڪري پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري رکيا هُئا. جيڪڏهن ٻوليءَ جي علم (لسانيات) جا چاهيندڙ وڌيڪ مُدلل نموني سان. اهڙِي ڪا سرگرمِي مُستقل طور ڪندا رهن تہ اُن جا نتيجا يقيناً ڪارائتا ۽ لاياڻتا ثابِت ٿِيندا.

مٿي اسان بيان ڪري آيا آهيون تہ لفظ گهڻو ڪجهہ بلڪ سڀ ڪُجهہ آهن. نہ تہ آئيوپٿا اُها ئِي آهي. پر لفظن جِي تفريقِي ادائگِي، صوتياتِي تمثِيل ۽ قرِيل گهريل معنوئيت (Meaning) مُختلف لهجن/ مُحاورن (Dialects) کي جنمي ٿِي. ڪنهن ٻوليءَ جا گهڻا ۽ مُختلف لهجا، اُن ٻوليءَ جِي گُونا گُونيت ۽ رنگارنگيءَ (Diversification) جا ساکِي ۽ اُهڃاڻ هُوندا آهن. اِنفراديت ۽ خصوصيت جا بي مثل پنڌار رکندڙ اسان جي سنڌِي ٻولِي واقعي ڀاڳوند ۽ بختاور آهي، جو اُن

۾ اسان کي سبي، ڪڇي (ناڙي جي)، اُترادي، لاڙي، ڪڇي (سنڌي)، ڪاڇي، ماڻيلوِي (اوباوڙي)، لاسِي(ڪوهستانِي)، ماڄر، ڪڪرالِي ۽ ڪاري وارِي ٻولي ۽ ٿرِي- ڍاٽڪي ٻولِي وغيره وارا مُکيہ محاورا ملن ٿا، جن جا وري ڪيترائِي اُپ لهجا يا ذيلي ياشائون آهن.

ٻوليُون ۽ لهجا، پنهنجي سماجِي واهپي ۽ معيشتِي ڳانڍاپي سان پنهنجو وجود برقرار رکي سگهندا آهن. سماجن جِي 'شهرجڻ' (Urbanized) واري عمل سان، محاورن واري مٽ مان لفظِي ڀنڊار جون ڪيتريون ئِي شيون هارجِي ويندڀون آهن تہ ڪي نيُون ۽ نهڪندڙ توڙي اَڻ نِهڪندڙ شيون اُن ۾ شامل بہ ٿِي وينديون آهن. ٻهراڙين جِي فطري زندگي، نجُ نبارُ رنگ ۽ ڌرتيءَ سان سلهاڙي رکندڙ سرگرميون (ڪيتِي، مالدارِي، لوڪ شُعاري وغيره) مُحاورن جي وسعت کي قائم رکندي، اُنهن جي جيئدان ثابت ٿينديون آهن ۽ اهڙيٰ جِيوتَ کان ڪٽجِي ويندڙ ماڻهو ڪيترن ئِي قيمتِي لفظن جي ڪن رس کان محروم ٿِجي ويندا آهن. اِن جو ننڍڙو مِثال، مٿِي شهر جي لوهاڻہ جاتِيءَ جو آهي، جنهن جِي اڪثريت هاڻ مال متاع ڌارڻ کان وَڻُون وجي ٿِي، اُن ڪري اهڙن گهرن جا چارا ايندڙ نسل، مُستقبل ۾ 'جهاڻولو'، 'ڪُبياڙ'، 'ڦنڍر'، 'ڪَتر' ۽ سُونٺا وغيره جهڙن لفظن ۽ اصطلاحن کان شايد ئِي وانجهجي وڃن.

پنهنجي مقالي جي موضوع "ٿر جي سامروٽِي لهجي جُون لِسانِي ۽ جاگرافيائِي حدون" متعلق ڪُجهہ اظهارڻ کان اڳ ۾ آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ هن سيمينار ۾ مقالا پڙهندڙ ٻيا سمورا محترم دوست يا تہ ڳوٺاڻو پس منظر رکندڙ آهن يا ذڪر ٿيندڙ لهجي سان سِڌو سنئون لاڳاپيل آهن/ رهيا آهن، اُن ڪري سندن پاران ونڊيندڙ ڄاڻ وڌيڪ وَثُوق وارِي ٿِي سگهي ٿِي. جڏهن تہ آءٌ نِيم شهرِي يا شهرِي

ماحول ۾ پليو ۽ نپيو آهيان. لسانيات جي گهري ۽ اونها اسرار کوليندڙ مضمون تي، اِن نقطہ نگاھ کان مُون پهريون پيرو قلم کنيو آهي. جيتوڻيڪ 'ٿريو' هئڻ ناتي 'ڍاٽڪي' آءٌ بہ سمجهان ۽ خوب ڳالهائي بہ وجان.

'پارڪري' لهجي سان وڏن جو واسطو رهندو اچي، اُن ڪري مطلب تائين پُڄي وڃان. پر سامروٽِي لهجي ۽ اُن جي علائقائي حدبندِي ۽ تفريقي سِٽاءُ وارو سُٽَ سُلجهائڻ جي ڏس ۾ واضح طور محسوس ٿيو تہ اِهو انتهائِي محنت طلب، تحقيق طلب ۽ وقت طلب ڪم آهي، جنهن سان پُوريءَ ريت نباھ ڪرڻ لاءِ، ڪُجھ ڏينهن ۽ ڪُجھ صفحا بنھ ٿورا آهن. اِها ڳالھ اُن ڪري بہ محسوس ٿِي جو "سامروٽي لهجي" ۾ طبعي ۽ تفريقِي طور اُپ ياشائن يا ذيلي محاورن جو تعداد، ٿر جي بين علائقائي مُحاورن جي بنسبت وڌيڪ نظر اچي ٿو. بيو ٿہ اِن لهجي تي ڍاٽڪِي ۽ پارڪري لهجي جيترو مدِدي مواد ميسر ڪونهي. ٿيون تہ 'شهرجڻ' جي عمل هن ياڱي کي ڪُجھ وڌيڪ اثر هيٺ آندو آهي. اُن ڪري سامروٽِيءَ جي سيني ڏسائن ۾ رهندڙ مُختلف ذاتين جي چُوندڊ ڳوٺن ۾ باقاعدي گهرِي کوجنا جِي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ شهر ۾ ملندڙ 'سامروٽيا' پنهنجي لهجي جي سؤ سيڪڙو رنگ سان سامهان ڪونہ پئي آيا ۽ پِروبنگ (Probing)يا پُڇ پُڇان ڪرڻ بہ صاب ڪونہ پئي پئِي.

بهرحال سامروٽِيءَ جي لهجائِي ڇاڻ ڇا جيڪي بہ لال هٿ اچي سگهيا آهن يا آءٌ جيئن جيئن اُنهن کي سمجهي سگهيو آهيان، تيئن اُهي شيون اوهان آڏو آڻيان ٿو. اِن ڏس ۾ اڃا وڌيڪ ڇنڊِي ۽ واضح معلومات کي، آءٌ پنهنجو سڀاڳ ۽ رُوح پَرورَ رهنمائِي سَمجهندُس.

### ٿر جي ٻولي يا سنڌي ٻوليءَ جو ڍاٽڪي ٿري لهجو:

ٿر جي ٻولي/ ڍاٽڪي ٻولي يا ٿاريلي لهجي کي لسانيات جي مُختلف ماهرن، محققن ۽ تاريخ نويسن، پنهنجي پنهنجي رايي ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

- پنهنجي ڪلاسيڪي ڪتاب " تاريخ ريگستان" – ڀاڱي پهرئين جي صفحي 361 تي سرڳواسي رائچند هريجن رقم ڪيو آهي تہ: " ٿر جي ٻوليءَ کي " ڍاٽڪي ٻولي" چئبو آهي، جا سنڌي، گُجراتي، مارواڙي ۽ ڪڇي ٻولين جو ميلاپ آهي. منجهس ڪيترا نِجُ سنسڪرت اکر آهن. البت لُهاڻا ۽ ڪيترا مُسلمان سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن، پر اُها بہ نِجُ سنڌي نہ آهي. ڪيترا ٿري لفظ ڳاڏڙ آهن، جنهن کي گويا "ڍاٽڪي سنڌي" چئجي تہ بہ ٺهي. چوندا آهن تہ "ٻارهين ڪوهين ٻولي ڦري". سڄي ٿر ۾ بہ ساڳئي قسم جي ٻولي نہ ڳالهائبي آهي. پارڪر جي ٻوليءَ جو لاڳاپو گُجراتيءَ سان گهڻو آهي، وٽ ۽ ونگي جي ٻولي پنهنجي، تہ ڪاٺڙ جي پنهنجي، ڪنٺي جي جُدا تہ سامروٽي ۽ ڍاٽ جي علحدي مُهراڻي جي ٻولي وري مزيدار هن جو لاڳاپو سِنڌي ٻوليءَ سان سرسيرو-ڪيترا هڪڙي ڀاڱي جا لفظ ٻئي ڀاڱي ۾ سمجهڻ مُشڪل – سامروٽي طرف "ھ" جو اُچار آڻ لکو ڪن.

- جڏهن تہ مُرلي .ڊِي ڀاوناڻي نالي ٻوليءَ جي ماهر پنهنجي " سنڌي ۽ ٿري" عُنوان تي ڊِنل تفصيلي ليڪچر واري ڪتابڙي (جيڪو مُون پنهنجي اِدارت ۾ شايع ٿيندڙ ٽِماهي " ٿرديپ سماچار" ۾ قسطوار ڇپيو پڻ هو) ۾ ٿري ٻوليءَ متعلق لکيو آهي تہ " ڪيترا ماڻهو ٿري ٻوليءَ کي ڍاٽڪي ٻولي بہ چون ٿا، پر جنهن کي اسين 'ڍاٽڪي' ٻولي ٿا چئُون، اُها دراصل راجستاني ٻوليءَ جي اُپ ڀاشا آهي. ٿر ۾ ڍاٽڪي نہ، پر ٿري ٻولي ڳالهائي ويندي آهي". اِن حوالي سان نندي ڪنڊ جي نامور ماهر

لسانيات سر جارج ابراهم گريئرسن ڍاٽڪي ٻوليءَ جا ٻه قسم ڄاڻايا آهن :

1. هڪڙي ٿاريلي يا ڍاٽڪي، جيڪا سنڌ جي ٿر ۽ پارڪر وارِي ايراضيءَ ۾ ڳالهائي ويندي آهي.
2. ۽ ٻي ڍاٽڪي ٿري جيڪا اولهه راجستان جي مارواڙي اُپڀاشا آهي. گريئرسن جي راءِ موجب ٿاريلي ٻولي ٿر جي شڪارين ۽ آئُوٽ ڪاسٽ ماڻهن جي ٻولي آهي.

- سنڌي ٻوليءَ جي ماهرڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جي راءِ موجب: "ٺڪر (راجپوت)، ڪِراڙ (واڻيا) مينگهواڙ ڀيل وغيره اصل راجپوتانا ۽ گجرات طرف کان آيا آهن. ٿر کي ڪڇ، راجپُوتانا جو پاڳو (مارواڙ ۽ جيسلمير) ۽ ننگرپارڪر کي پالڻپور رياست (گُجرات جو طرف) ويجها آهن. ٿر جي ڪيترن ماڻهن جي انهن سيني هنڌن جي رهاڪن سان لهه وچڙ گهڻي آهي. انهن سببن ڪري، سنڌي راجستاني ۽ گُجراتي ٻولين جي ميلاپ منجهان ٿر ۾ هڪ بنهه نئين ٻولي ايجاد ٿي، جيڪا ڍٽ يا ٿر جي ٻولي سڏجي ٿي. اها ڳاڙڙ ٻولي راجستاني ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي ........... ڍاٽڪي ٻولي گُجراتيءَ کي گهڻو ويجهي آهي."

(صفحو نمبر 68، ٿر جي ٻولي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم)

تاريخن جي حوالي مان معلوم ٿو ٿئي ته ٿر جي حصي تي راجستان جي راجپُوتن جي پرمار ڪُل جي راجائن جو راڄ 996ع ۾ هو ان وقت الور، امرڪوٽ ۽ ننگرپارڪر مارواڙ جي راجا ڏِڄي ٻڙاه جي هٿ ۾ هئا. هُن پنهنجو سڄو راڄ پنهنجي پٽن کي ورهائي ڏنو. اُن وقت سنڌِس پُٽ جوگراج امرڪوٽ تي راڄ ڪندو هو. جيئن ته راجا مارواڙ کان لڏي اچي اُتي رهيا. ان ريت ٿري ٻوليءَ تي مارواڙي ٻوليءَ جو اثر پيل آهي.

ٿري ٻوليءَ جي لهجي يا اُن جي مُختلف مُحاورن متعلق رائچند هريجن جِي مُستند راءِ کي اهميت پئي رهِي آهي. هن صاحب موجب ٿر جا مُکيہ چار لهِجا آهن. جيڪي ڍاٽڪي لهجو مهراٽي جو لهجو پارڪري لهجو ۽ سامروٽي لهجو چوائين ٿا. مجموعي طور ٿر کي ڍاٽ پڻ سڏجي، تنهنڪري ٿري ٻوليءَ کي ڍاٽڪي ٻولي بہ چون. پر ان جو واهپو ٿر جي مُختلف جاگرافيائي حدبندين ۾ مُختلف نوعيتن، معنائن ۽ سنڌيءَ جي معياري لهجي وارن لفظن جي آميزش سان ٿيندو رهيو آهي.

پنهنجي موضوع 'سامروٽيءَ واري لهجي' تي اَچڻ کان اڳ ۾ اَچو تہ ڏسون سامروٽيءَ جي علائقائي حدبندي آهي ڪيئن:

ٿر جي طبعي ڀاڱن ۾ ڪاٺُڙ، ڪنٺو پارڪر، سامروٽي، ونگو وَٽ، مهراٺو ڍاٽ (جنهن ۾ شامل تعلقي مٺيءَ جي ڪُجهہ علائقي ۽ ڇاڇري کان اورئين حصي کي ' اُونهير' بہ چون) ۽ اَڇو يا اڇڙو ٿر سميت ڪُل نوَ ڀاڱا اچي وڃن ٿا.

سامروٽيءَ جو علائقو:

سامروٽيءَ ۾ مٺي تعلقي جو ڏکڻ – اولهہ ۽ ڏيپلي تعلقي جو اُتر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو. زميني ساخت موجب هتي ڀِٽُون وڏيون ڪونہ آهن. هتي جي زمين ڀلي ۽ مٽيءَ واري آهي، جنهنڪري آبادي سُٺي ٿئي. پوکي راهي، زرعي زرخيزي ۽ پيداواري فصلن جي حوالي کان هتي ڪٽڪ، بصر ۽ جوئر جي پوک پڻ ٿئي. هن پَٽ جي ماڻهن کي ' سامروٽيا' پڻ چيو وڃي ٿو.

ٿر جي طبعي ڀاڱن واري نقشي تي نظر ڊوڙائيندا سين تہ پتو پوندو سامروٽيءَ جو علائقو رڻ ڪڇ سان دنگئي ۽ ويجهي زميني ٽڪري 'وٽ' سان ڏکڻ طرف سان ڪڇ ايراضيءَ تائين گڏوگڏ هلي ٿو

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| هوس | هَتو | هندس | هتو | هَنتو |
| هيڏانهن | اِيڻ | هيڻ | آئين | هيئا |
| ڪيڏانهن | ڪيڻ | ڪيڻ | ڪينئان | ڪيڻ/ ڪيٿ |
| پوئتي | پَڇو | پاهُون | پاڇو | پاهُون |

سامروٽِي لهجو سنڌي ۽ ڍاٽڪِيءَ جي گڏيل اثر وارِي اڏوگابرِي سنڌي اُپ ڀاشا آهي. سامروٽِي لهجي ۾ الف جي جاءِ تي هميشہ 'ھ' جو استعمال ٿئي. 'ڪِٿ' جي بدران 'ڪيٿ'. سنڌيءَ جي 'پاڻ' ۽ ڍاٽڪِي جي 'آپ' لفظن وارِي معنيٰ ۾ سامروٽِي لهجي جا ماڻهو 'پِنڊَ' لفظ وڏيڪ استعمال ڪن. سامروٽِي مُحاوري ۾ هِي، هِيئا، هوٿ، هُوئا، هَندو هَتو جهڙا لفظ جُملن ۾ استعمال ٿين. 'ٿي' جي بدران 'تي' آهي، (جيڪو ساڳيو ڍاٽڪي ۾ بہ رائج آهي)، 'ڏانهن' جي بدران 'نا'، 'وڃان ٿو' يا 'جائُون تو' جي بدران 'جائِين تو' جا لفظ ڪتب آڇن.

مثال طور:

- آءُ گهر وڃان ٿو (سنڌي)

**سامروٽيءَ جو ڏيپلي وارو مينگهواڙڪو لهجو:** آءُ گهري جائيندو

- آمان جنڊ پيهي ٿِي (سنڌِي)

**سامروٽيءَ جو ڏيپلي وارو مينگهواڙڪو لهجو:** امان گهرٽ پيهي تِي. (ڍاٽڪِيءَ ۾ گهرٽِي چون.)

- اوهِين ڪهڙي طرف پيا وڃو؟

**سامروٽيءَ جو ڏيپلي وارو مينگهواڙڪو لهجو:** اوهين ڪهڙي پاسي جائو تا؟

- اوهين هيڏانهن آڇو.

- **سامروٽيءَ جو ڏيپلي وارو مينگھواڙڪو لھجو:** آئين ھيڻ آئو؟
- اوھين ھوڏانھن وڃو.

**سامروٽيءَ جو ڏيپلي وارو لھجو:** آئين ھوڻ جائو؟

ھيل سال وسڪارو پلو ٿيو آھي.

**سامروٽي لھجو:** ؟ ھِيئي سال وسڪارو سُٺو آھي.

- ڪالھہ ٿڏڙيءَ جو تھوار ھو.

**سامروٽيءَ جو ڏيپلي وارو لھجو.** ڪالھہ ٿڌِڙي رو پَربُ ھَندو.

- اج ٻنِي ڪيڙي آيو آھيان.

**سامروٽيءَ جو ڏيپلي وارو لھجو:** اَڄُ ٻنِي پوڪي آھيو آھِين.

- ٿُون ڪٿي ويو ھُئين؟

**سامروٽِيءَ جو ڏيپلي وارو لھجو:** ٿُو ڪيٿ گِيو ھَنتو؟

- آئُون پِنڊ گِيو ھَندو / ھَنتو. (آئُون پاڻ ويو ھُئس.)

- **پوسرڪي ۽ ھيلاريي واري پاسي جو مينگھواڙڪو سامروٽي لھجو:**

تورو پيِاءِ ڪيڻ گِيو آھي؟ (تُنھنجو پيءُ ڪيڏانھن ويو آھي؟)

**سامروٽِي لِھجو:** مُون رو پياءِ (پيءُ) گوٺين نھارڻ گِيو آھي. (مُنھنجو پيءُ ڏِگِيون نھارڻ ويو آھي)

- تنھنجي ماءُ ڇا پئي ڪري؟

**سامروٽي لھجو:** تورِي ماءِ ڪِي ٿِي ڪري؟

مُون رِي ماءِ مانِي پچائِين پَئِي. (منھنجي ماءُ مانِي پچائي رھِي آھي.)

سامروٽِيءَ جي لِھجي ۾ واحد لفظن کي جمع ڪرڻ دوران الف جِي جاءِ تي 'ي' اچي، مثال طور: اِٺين، پِٺين، رِڍين، سانڍين، گائين وغيره.

'سامروٽيا' ڪافِي لفظن ۾ 'ڙي' جو استعمال اَڻ لکو ڪن. جيئن: مِنڙي، نينگرڙي ۽ وراندِڙي رو (شام جو) وغيره.

جملي جي شروعاتي لفظ تي زور ڏيئي ڇڪي ڳالهائڻ سامروٽي لهجي جِي خاص سُڃاڻپ آهي. پر ياد رهي تہ سامروٽي لهجو ’ڊِرو‘ ڇڪجي آدا تئي ٿو نہ ورِي ڊاٽ جي ڇاڇراٽي پٽ واري مُحاوري مِثل ڊڙڪي ۽ دابي يا ڏماڪي سان اينگهجي ۽ اُچارجي ٿو.

مثال طور: هِيٽا، هيڻ، ڪيٿ گيا تا؟

ايڏانهن، اِن پاسي ڪيڏانهن ويا هئا؟

سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز سامروٽيءَ کي پنهنجِي هڪ وائِيءَ ۾ هيئن ساريو آهي:

**ڪير وانگي ڪلِي، ويندينءُ مُون سان مِلِي،**

**سامروٽيءَ ۾ ڪڏهين ..!**

سامروٽيءَ محاورو ڳالهائيندڙ مينگهواڙ جاتِيءَ جا ڪي ماڻهو ٽِڪِيءَ يا گورِيءَ کي ’حب‘ چون، ڪمري يا ڪوٽِيءَ کي ’هٽ‘ چون (جڏهن سنڌِيءَ يا ڊاٽڪِيءَ ۾ هَٽ، دُڪان لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جِيئن: هٽ + تاڙ)

ماليهار ڪارِبهار ۽ سَجائِي وغيره ۾ ڳالهائِي ويندڙ سامروٽِي لهجي ۾ استعمال ٿيندڙ ڇِتِي سنڌِيءَ جو استعمال وڌيڪ ٿئي. اِتان جُون بجِير، حجام ۽ بيون ذاتيُون سنڌِي ڳاڙ سامروٽِي لِهجو هن رِيت ڳالهائِين:

آئُون اسڪُول جان تو. (آئون اسڪُول وَجان ٿو).

تاهجو نالو ڪِي آهي (تُنهنجو نالو ڇا آهي؟).

تِنا ڪهڙي خبر! (توکي ڪهڙي خبر!) [ ڊاٽِڪِيءَ ۾ تِينا (’ي‘ وڌيڪ ) چَون.]

اُتي ڪير هَتو (اُتي ڪير هو.) [ مخصُوص سامروٽِي لهجي جيان نُون غُنہ جابجا ساڳِيءَ ريت ڪونہ واهپي ۾ اچي. جيئن ’هَنتو بدران ’هَتو‘ ئِي چون.]

مانھنجو ڳوٺ مالِيهار آھي. (مُنھنجو ڳوٺ مالِيھار آھي.)

انھن جُملن تي غور ڪبو تہ نظر ايندو تہ سامروٽِيءَ جي اڳ ۾ آيل مُحاوري جيان ’وڃان ٿو‘ جِي جاءِ تي ’جائِين ٿو‘ جو لفظ استعمال ٿيو آھي، پر ھتي ’جان ٿو‘ ڪتب آيو آھي. اھڙيءَ رِيت مانھنجو ۾ ’ن‘ (نُون) غُني جو استعمال ٿيل آھي. جڏھن تہ ڍاٽڪِيءَ جي تِينان بدران ھِتي ’تِنان‘ استعمال ڪيل آھي.

سامروٽِيءَ جي مُحاورن مان محظوظ ٿيندي اَچو تہ ڪُجھہ ’وٽ‘ طرف بہ وَڌُون، ڇوتہ وَٽُ ۾ سامروٽِي، ھڪ ٻئي سان گڏيا پيا آھن ۽ ڪيترائِي ساڳيا لفظ ۽ اصطلاح ٻنھي ھنڌن تي استعمال ٿين ٿا. وَٽ: مھاڙيي، ونگڙ، موران ٿلِي، اوڪراڙي، ڦاڙھيار، ميھاڙِي ھنگورجا، ڏنوڙو گانگاڻ (ڪامريڊ شيوڪ سانگِي جو ڳوٺ)، آڪلِي، وينجھٽيارِي (فقيرشير محمد بلالاٽِي جو ڳوٺ)، ڏَنڍِي (پروفيسر محمد ھنگورجي جو ڳوٺ)، ڇوٽھار، ڄاڙونيڙِي، سُوجاويرِي، ساماري، ڇاتوڙ ڍاپي نَجار (اڳوٽِي تعلقي نائب ناظم ڪانڄِي مل رانوڙ جو ڳوٺ)، گوڏيي، ڇڇِي ھوڙ ڍوٽِي، ڏُونجھہ جوٽيجا، ماڃَنِي، ڏرمر گوڏانگڙِي، گوارڻ، ھاري مار، گھونو تيراڻ، ڇڇِي، مانڊياڪر(مٺِيءَ ڪاليج جي رٽائرڊ ڪارڪن لطيف ھنگورجي جو ڳوٺ) ۽ نبِي سر پوسٽ وغيره وارا ڳوٺ ’وَٽُ‘ جي پَٽَ ۾ سمايل آھن. ھتِي جِي ٻوليءَ جا مِثال ھن ريت آھن:

اج آئون ٻھين نان گيو ھندو. (اَڄُ آئُون ٻڪرين ۾ ويو ھُئس).

آئون پڙھہ رو اُنِيتي ٻھيان تا گِيو ھَندو پَنھون ڪوھِي تي پيٺاري، ھِيٽان مُونھہ لنگھائي، ھي ھاٽي آھي ٻينوآن. (آئُون صُبح جو اُٿندي ٻڪرين ۾ ويو ھُئس ، ٻڪريون ڪُوھِيءَ تي پِيئاريءَ ، بس اِجھو لنگھائي ، ھاٽِي اَچِي وينو آھيان.) [جِيئن ڪائوڙيا يا ڪاٽڙ جا ماٽھو صُبح

لاءِ 'ساڪڙلو' جو لفظ گهڻو استعمال ڪن. تيئن وَٽُ، سامروٽي ۽ راهُوماڻ ۾ 'پِرُهه رو' وارو لفظ وڌيڪ واهپي ۾ اَچي.]

وَٽَ جِي ٻوليءَ به سنڌي ۽ ڍاٽڪي جي وچٽري مُحاوري وارو مثال آهي.

سامروٽيءَ جي علائقي ۾ ٻڪري کي 'ڀِهُون' به چون. جڏهن ته ڍاٽ ۾ ڇاڙي ۽ وٽ ۾ ڀِهُون ئي چَون. سامروٽيءَ ۾ ماڻهوءَ لاءِ 'ماڙهُو' جڏهن ته ڍاٽ ۾ 'ماڻس' ۽ 'ماڻِي' جا لفظ استعمال ٿين. سامروٽيءَ مُحاوري ۾ مينگهواڙڪو لهجو ڳالهائيندڙ ماڻهو ڪمري يا ڪوٺيءَ کي هَٽ چون. سامروٽي مُحاوري ۾ 'آئُون' ۽ 'مُون' جو لفظ اڪثر مينگهواڙ ذات جا ماڻهو ئي استعمال ڪن. جڏهن ته آروڪِي، ڪُوڙيئي، سِجائِي، ڪارِي ۽ ڪاروڙي جا نڪرُ به ڪنهن قدر مُون ۽ آئون لفظن جو استعمال ڪن. جڏهن ته سَجائِي جا نڪر وري نيٺ سنڌي ئِي ڳالهائين. سامروٽيءَ جي پڪي 'ڙي' اُچارڻ وارِي روايت بدران مالڏي نڪر 'ڙي' کي 'ري' ڪري ڳالهائين. مثال طور: 'ٽالهِي' کي 'ٽارِي' چون ۽ 'پيڙا ٽيو' کي 'پيرا ٽيو' چون. وغيره. انهن ۾ 'ڇو ۽ ڇا لاءِ ڪيو؟' جي بدران ڇيو ويندو آهي ته 'ڪِئه لاءِ ڪريو؟'.

سامروٽيءَ ۾ وسندڙ ڏيپلي جا جُوٽيجا هِيئن ڳالهائين:

- آئون شهر نا (ڏانهن) وڃان تو.
- آئِين ڪِتان پيا آچو.

جُوٽيجا 'ٻُڌائي' کي 'سُڻائي' چون. 'نه' جي بدران 'م' استعمال به ڪن ۽ اڪثر ڪري جُملي جِي شرُوعات ۾ 'ٻيلِي' جو لفظ گهڻو اُچارين.

مجمُوعي طور تي ائين چئجي ته سامروٽي لهجو يا مُحاورو پنهنجي اندر ڪيترن ئِي ذيلي مُحاورن کي سمائي وينو آهي ۽ انهن ۾ ڍاٽڪي ۽ سنڌيءَ لفظن جي پڪي صُورت جو ميلاپ سَرس آهي.

آخر ۾ هڪ ڳالهہ اِها بہ ڪبي تہ ٿر جي ڏاٽ خاص طور ڍاچراتي ۾ مسلمان ذاتين ۾ سِنڌِيءَ جو واهپو ورلي ئِي آهي، اُهي اڪثر 'ڍاٽڪي سنڌي' ۾ ئي هڪبئي سان رابطي ۾ اَچن. جڏهن تہ سامروٽيءَ جي مسلمان ذاتين ۾ پُختي سنڌي يا گاڏڙ ساڏڙ سنڌيءَ جو ئي استعمال ٿئي يا وري پنهنجي مائٽاڻي ٻولي، جيئن بلوچ، چانديا يا وسائيپوٽا وغيره سرائيڪي ئِي ڳالهائين.

حوالا ۽ حالي احوالي ڪردار:

- 'تاريخ ريگستان'، ياڱو پهريون ۽ ٻيو مُصنف: رائچند هريجن
- 'ٿر جي ٻولي'، ڊاڪٽر عبدالجبار جُوڻيجي ۽ هدايت پريم جي مُرتب ڪيل ڪتاب مان ڪنيل، ڪاڪي پيرُو مل مهرچند آڏواڻي جو رايو
- 'ٿري ۽ سنڌي' (ليڪچر)، مُرلي .ڍي، ياوناڻي
- محمد اسماعيل ڪُنڀر، عبداللطيف حجام، مرچُو مل مينگهواڙ ڪينئراج سنگهہ تپيدار وغيره سان گفتگو.

❑

قلومل ميگهواڙ

# ڍاٽڪي: ٻولي، محاورو يا لهجو؟

هر قوم پنهنجي تاريخي سڃاڻپ ۽ ثقافتي ورثي کي ٻوليءَ ۾ سانڍي رکندي آهي دؤر بدلجي ويا آهن. ٻوليون پڻ ڪمرشلائيز (Commercialize) ٿي چڪيون آهن. ڪيتريون ئي ٻوليون وقت جي ور چڙهي ويون ۽ ڪيترين ٻولين جو وجود خطري ۾ پئجي ويو آهي. ڌاري ٻوليءَ کي سِکڻ سمجهڻ سان توڙي جو ڪيترائي فائدا هُجن ٿا، پر هڪ اهم نقصان اُهو ٿيندو آهي ته جيڪي به ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کان پري ٿين ٿا. اُهي پنهنجي قومي سُڃاڻپ وڃائي ويهن ٿا. انهيءَ ڌارا ۾ اُهي ٻوليون به ويچاريون نظر اچن ٿيون. جيڪي پنهنجي تاريخ ۽ ادب به رکن ٿيون، لکين ماڻهو کين ڳالهائين ٿا ۽ پنهنجي خطي ۾ نصابي حيثيت پڻ رکن ٿيون. اُتي انهن ٻولين جو ڇا ٿيندو جيڪي آهن ته قديم، پر پنهنجو محدود دائرو رکن ٿيون. مقامي سطح تي صرف ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ انهن جي رسم الخط به طئي ٿيل نه آهي. اهڙين ئي ٻولين مان 'ڍاٽڪي' پڻ هڪ آهي.

ڍاٽڪي، ٻولي آهي يا لهجو؟ يا سنڌي ٻوليءَ جي ٽري لهجي جو ننڍو لهجو؟ انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪرڻ لاءِ اسان اهو ڏسنداسين ته اُها ڳالهائي ڪٿي پئي وڃي ۽ انهيءَ متعلق ماهرن ڪهڙي تحقيق ڪئي آهي.

رائچند هريجن لکي ٿو تہ:

”سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي جا طبعي ڀاڱا بہ آهن. هڪڙو ’ڏٽ‘ يعني واريءَسو پِٽُن وارو ڀاڱو ٻيو ڏاڍي (سخت) زمين وارو ڀاڱو جنهن ۾ نارو ۽ ميرپور خاص وارا ڀاڱا اچي وڃن ٿا. ٿر واري ڀاڱي ۾ بہ ٿر ۽ پارڪر بہ جُدا قسم جي زمين جا ٽُڪرا آهن. جي ٿرپارڪر ضلعي جو هڪ ڀاڱو آهن. هاڻوڪي ٿرپارڪر ضلعي کي اهو نالو انهي مٿين ٻن ٽڪرن تان مليو آهي (تاريخ ريگستان، جُلد پهريون، ص 1)

مٿين حوالي کي واضح ڪجي تہ ٿرپارڪر، ڪو پوري ٿر (واريءَسي علائقي) جو نالو ناهي، اهو ضلعي جو نالو آهي، جنهن ۾ پارڪر، مهراڻي ۽ ناري جا ڪجهہ حصا شامل آهن. مطلب تہ ضلعي انتظام طور ’پارڪر‘ کي ٿر سان ملايو ويو ۽ نالو رکيو ويو ’ٿرپارڪر‘، پارڪر هڪ الڳ علائقو آهي، جنهن ۾ گهٽي قدر پٿريلي ۽ ڪلراٺي زمين آهي ۽ تمام ٿورو ٽڪرو واريءَسو پڻ شامل آهي. (جيڪو پٿريلي ۽ ڪلراٺي جي ڪس ۾ آهي). هريجن صاحب ، جنهن ٻيءَ ڳالهہ کي منجهايو آهي، سا اِها تہ واريءَسي پِٽن واري ڀاڱي کي ’ڏٽ‘ سڏيو آهي، اها غلطي جي اي گريئرسن کان بہ ٿي آهي، جيڪو ’ٿريلي‘، ’ٿريچي‘ يا ڏاٽڪيءَ کي هڪ ئي ٻولي قرار ڏيندي، انهيءَ علائقي جي باري ۾ بہ ٻُڌائي ٿوجتي اُها ڳالهائي وڃي ٿي، لکي ٿو تہ:

”ٿريلي“ ’ٿر‘ يا ريگستان ۾ ڳالهائجڻ واري سنڌيءَ جو نالو آهي. جيڪو سنڌ جي ايرندي واري سرحد تي موجود رڻ پٽ آهي، جيڪو راجپوتانا کان سنڌ کي جدا ڪري ٿو. ان جو هڪ ٻيو بہ ٿورو مختلف نالو آهي، ’ٿريچي‘ مارواڙ ۾ رڻ پٽ کي ’ڏاٽ‘ چوندا آهن، اُن ڪري لهجي کي ’ڏاٽڪي‘ بہ چوندا آهن. پر نالو ڪهڙو بہ هجي، اهو سنڌي ۽ مارواڙيءَ جو مڪسچر يا گاڏڙ لهجو آهي ۽ هڪٻئي مٿان اثر

جي لحاظ کان مختلف جاين تي ٿورو فرق رکي ٿو“ گريئرسن صاحب اڳتي لکي ٿو تہ ”ٿر جي ذڪر اوير ۾ ’پارڪر‘ جو علائقو آهي، جيڪو ٿر کان ائين مختلف آهي. جو اُن ۾ واريءَ جي ڀٽن بدران پٿر جون ٽڪريون آهن. پارڪر جي بنهہ ذڪر اوير پاسي گجراتي ٻولي آهي، پر ٻين هنڌن ۾ سموري ٿر ۾ اهو سنڌيءَ جو ’ٿريلي‘ يا ’ٿريچي‘ لهجو ڳالهايو وڃي ٿو جنهن کي راجپوتانا پاسي وري ’ڍاٽڪي‘ پڻ چوندا آهن. راجپوتانا ۾ لفظ ’ڍاٽ‘ جي معنيٰ آهي ’ريگستان‘، اهو خاص طور ’ٿر‘ ۾ اهو خاص طور ’ٿر‘ ۾ اُن سان دنگئي راجپوتانا جي رياست جيسلمير واري ريگستاني خطي لاءِ ڪم اچي ٿو.“ (گريئرسن، صفحو 62 ۽ 227)

رائچند هريجن ’ٿر‘ لفظ تي تفصيل سان لکيو آهي (ڏسو تاريخ ريگستان 1، صفحو 1)، تہ ’ڍٽ‘ جي پڻ وضاحت ڪئي آهي. هريجن صاحب هڪ پاسي ڍٽ کي ٿر (سنڌ ۾ آيل ٿر) جو وچ وارو ٽڪر ٻڌائي ٿو (نقشو پڻ ڏنل آهي)، لکي ٿو تہ:

”هي ’ڍٽ‘ سڄي ٿر جي وچ وارو ٽڪرو آهي، هن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو ٿورو ٽڪر، ڇاڇري تعلقي جو گهڻو ڀاڱو ۽ مٺي تعلقي جو ڪجهہ اترين ڀاڱو اچي وڃن ٿا“.

جناب هريجن صاحب پنهنجي ڪتاب ”تاريخي ريگستان“ ۾ هڪ طرف چوي ٿو تہ (رائچند هريجن، تاريخ ريگستان 1، ص1) ”هتان جي رهاڪن کي ڍاٽ چئبو آهي ۽ اُتان جي ٻوليءَ کي ڍاٽڪي چئبو آهي. ٻئي پاسي هو ڍٽ ۽ ’ٿر‘ کي هڪبئي ۾ منجهائي ٿو تہ.

ٿر کي ’ڍٽ‘ چوندا آهن، تنهنڪري ٻوليءَ کي ڍاٽڪي چون. سيئي ٿري ماڻهو ڪو ڍاٽڪي ڪونہ ڳالهائيندا آهن. لهاڻن کان سواءِ باقي ٻيون سڀ هندو ذاتيون ڍاٽڪي ڳالهائينديون آهن. مسلمان ۽ لهاڻا، سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن، تہ بہ ڍاٽڪي ٻولي ڳالهائي ۽

سمجهي سگهندا آهن. ٿر جي سنڌي ٻولي ٻه نج ڪانهي، ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ ٻه ٿر جي جدا جدا ڀاڱن جي رهاڪن جي وچ ۾ لفظن جو ڪجهه نه ڪجهه تفاوت ضرور آهي. پارڪر گجرات کي ويجهو آهي، تنهنڪري پارڪر جي ٻوليءَ تي گجراتي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي. ڍاٽ جا گهڻا رهاڪو اصل مارواڙ کان آيل آهن، تنهنڪري، اتي مارواڙي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي. مهراڻو ناريءَ کي ويجهو آهي، تنهنڪري اتي سنڌي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي." (ريگستان، II، ص 134)

مٿئين حوالي ۾ جيڪا ڳالهه منجهيل آهي. سا اها ته رائچند صاحب 'ٿر' کي ڍاٽ سڏيو آهي، جڏهن ته پورو 'ٿر' ڍاٽ ناهي انهيءَ جي ثابتي خود ئي اڳيئن حوالي ۾ هو ڏئي چڪو آهي. باقي جيڪي اهم ڳالهيون آهن، سي هي آهن ته:

(i) ڍاٽڪي هڪ ڳاڙ ٻوليءَ آهي ۽ انهيءَ جا لهجا پڻ آهن.

(ii) مسلمان ۽ لهاڻا، سنڌي (سنڌيءَ جو ٿري لهجو) ڳالهائيندا آهن.

(iii) ڍاٽڪيءَ تي مختلف پاسن کان مختلف پاڙيسري ٻولين جا اثر آهن.

پيرومل لکيو آهي ته:

ڍٽ معنيٰ 'ٿر يا ورياسو' مُلڪ پر حقيقت ڪري اهو ٻه ٿر جي هڪ ڀاڱي جو نالو آهي ۽ اُن جون حدون هن طرح آهن:

اُتر ۾ بهاولپور، روهڙي ۽ خيرپور رياست جو وارياسو ڀاڱو ڏکڻ ڏي ڏيپلي ضلعي جي ڳوٺ ٻلهياريءَ تائين رڻ جي ڪس دنگ سان، ايرندي ڏي جوڌپور رياست جي سرحد ۽ اُلهندي ڏي نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعن (هن وقت جي) ڏاڍي زمين وارا هنڌ. ٿورن لفظن ۾ هن طرح چئبو ته. ڪاٿر آهي ٿر جي اتر ڏي، پاٿر آهي ڏکڻ ڏي ۽ انهن ٻنهيءَ ٿرن جي وچ کي وارياسو ڀاڱو 'ڍٽ' سڏجي ٿو (پيرومل: لطيفي سئر)

سڀ کان پهرين جي. اي گريئرسن ’ڍٽ‘ کي مارواڙي ٻوليءَ جو لفظ ٻڌائيندي اهو لکيو آهي تہ انهيءَ جي معنيٰ آهي ”ريگستان“ انهيءَ ڳالهہ کي رائچند هريجن بہ ورجائي ٿو تہ ٿي پاسي وري ’ڍٽ‘ کي ’ٿر‘ جو ياڳو سڏي ٿو. رائچند هريجن جي ٻي راءِ وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿي، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن ’ڍٽ‘ راجپوتانا جي مارواڙي علائقي ۾ رائج آهي ۽ اُتان جي ٻوليءَ جو لفظ آهي تہ اُنهيءَ علائقي تي لاڳو ڇو نہ ٿيو ۽ اُتان جي ماڻهن کي ’ڍاٽي‘ ڇو نہ سڏيو ويو ۽ اُتان جي ٻوليءَ کي ڍاٽڪي ڇو نہ ٿو چيو وڃي ۽ انهيءَ ٻوليءَ کي مارواڙي ڇو ٿو چيو وڃي؟

ڍٽ اصل ۾ ڍاٽڪيءَ جو ئي لفظ آهي ۽ ٿر (سنڌ جي ايراضيءَ واري ٿر) جي وچ وارو علائقو آهي. جنهن جي وضاحت مٿي ڪري آيا آهيون. اُنهيءَ ڳالهہ جي گواهي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سرمل مومل راڻي ۾ پڻ ڏئي ٿو.

”ٿون ڍاٽي، ڍَٽ ڌڻي، ڍولا! تنهنجو ڍَٽُ،
پاڻي ٿُراڙي توريان، تہ مُلڪ نہ تنهنجو مَٽ
لاهي ڪَسَر ڪَٽُ، ڪوڙ قناتون ڪاڪِ ۾“
(شاهہ جو رسالو II، ٻانهو خان شيخ، ص 466)

واريا سي زمين کي ’ٿر‘ چيو وڃي ٿو (پنجاب واري پاسي کي پنجابيءَ ۾ ’ٿل‘ چيو وڃي ٿو)، جڏهن تہ ’ڍٽ‘ انهيءَ جو ياڳو آهي. انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت کان پوءِ انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر پڻ لازمي آهي تہ ٿر سياسي، سماجي، تاريخي، ثقافتي ۽ ٻوليءَ جي اعتبار کان سنڌ کان الڳ ياڳو رهيو آهي.

”ٿر“ پارڪر تي آڳاٽي وقت کان پرمار سوڍا راجپوتن جي سرداري هئي. اُهي ڪڏهن سنڌ ۽ ڪڏهن دهليءَ جي بادشاهن جا تابعدار ۽ ڪڏهن خودمختيار ٿي پئي رهيا آهن.“(تاريخ ريگستان I، ص 25)

ڪاڪي پيرومل جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جي صفحي نمبر 225 تان حوالو ڪڍندي، رائچند هريجن لکي ٿو تہ:

تر جي سوڍن وٽ جيڪي دستخط احوال آهن، تن مان معلوم ٿئي ٿو تہ وڪرمي نسبت 1054= 996ع ڌاري الور، آمرڪوٽ ۽ ننگر پارڪر، مارواڙ جي راجا ڌوٽي براهہ جي هٿ ۾ هئا ۽ پُٽس جوگراج امرڪوٽ تي راڄ ڪندو هو." (تاريخ ريگستان I، ص 37).

ضلعي ٿرپارڪر متعلق رائچند هريجن وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"انهيءَ پاڳي ۾ ٻيا بہ ڇهہ تپا (سوا ٽن ديهن جي) جن ۾ ناري ۽ جمڙائو هيٺ آباد ٽيندڙ ٽڪر پڻ اچي وڃي ٿو. داخل ٿيل آهن. مگر زمين جي لحاظ سان اهي خاص سنڌ جو پاڳو آهن ۽ اُنهن جو ٿر سان ڪو لاڳاپو ڪونهي، باقي ڇئن تعلق مان ڏيپلي، مٺي ۽ ڇاڇري جا سڄا تعلقا، ننگر پارڪر تعلقي جي ڏهن تپن مان ست تپا اصلي ٿر مُلڪ آهي. امرڪوٽ ۽ کپري تعلقن جون ٿي ديهون بہ ٿر جو پاڳو آهن." تاريخ ريگستان II، ص 6).

توڙي جو ٿر سنڌ جو حصو آهي، پر 'ٿري' عام طور اجا تائين بہ ٿر ۽ ناري کي بہ الڳ علائقا سمجهن ۽ سڏين ٿا. انهيءَ ڳالهہ جو اندازو ترين (ڊاتين) جي انهيءَ مقولي مان بہ لڳائي سگهجي ٿو، جيڪو هو ڪنهن کي پٽ طور هيٺن چوندا آهن تہ:

"تانهانجا ناڙٺ جائين" (يعني- تنهنجا ناري وڃن).

ٿر ۾ ڏُڪار ۽ ٻُک بدحاليءَ جي صورت ۾ وقتي طور تي اُهي پنهنجا گهر گهاٽ ۽ پکڙا ڇڏي پنهنجو مال ڪاهي، ناري جي طرف رُخ ڪندا آهن، جيڪا انهن لاءِ وڏي ڦتڪار ۽ بدحاليءَ جي علامت آهي، يعني گهر ڇڏڻ ئي انهن لاءِ تمام خراب ۽ ڏُکي ڳالهہ آهي ۽ هو جڏهن بہ گهر ڇڏيندا آهن تہ 'نارو' ئي انهن جو استقبال ڪندو آهي،

سو اُهي ناري وڃڻ کي ڪنهن سُٺي سڱوڻ طور نہ ٿا ڏسن.

انهيءَ حوالي سان جيڪڏهن ڪو هن پاسي مزدوري لاءِ ايندو تہ چوندا آهن! ”سنڌ ڪمائُوڻ گيو آهَہ‘ (يعني سنڌ ڪمائڻ ويو آهي).

’ٿر‘ ۽ ’ڍٽ‘ جي ان وضاحت کان پوءِ ڏسنداسين تہ ڍاٽڪي ٻوليءَ متعلق ماهرن جي ڇا راءِ آهي. جي. اي گريئرسن ۽ رائچند هريجن جا اشارا مٿي اچي چُڪا آهن. انهيءَ ڳالهہ جي اپٽار وڌيڪ ڪنداسين. جي. اي گريئرسن ڍاٽڪي کي مارواڙي ۽ سنڌيءَ جو گاڏڙ لهجو قرار ڏيندي وڌيڪ لکي ٿو تہ:

جُلد نائين ۾ انهن لهجن (ڍاٽڪي ۽ مارواڙي) جي باري ۾ لکڻ مهل مون کي اهو تاثر هو تہ اُتي انهن لهجن کان سواءِ سنڌيءَ جو هڪ خاص لهجو مارواڙي، سنڌيءَ جي گاڏڙ لهجن مان هڪ لهجو آهي.“ (گريئرسن، ص 228).

انهيءَ لهجي يعني ڍاٽڪيءَ جو مثال ڏيندي گريئرسن لکي ٿو تہ:

”هتي آءٌ ٿر ۽ پارڪر جي ٿريليءَ جو هڪ نمونو ڏيان ٿو ۽ هڪ جيسلمير جي ڍاٽڪيءَ جو مشهور گيت ڏيان ٿو اُهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ اُهي سڀ مثال گاڏڙ ساڏڙ ٻوليءَ جا آهن، جيتوڻيڪ انهن ۾ حيرت جي ڳالهہ اِها آهي تہ ٿر ۽ پارڪر جي نمونن جي ڀيٽ ۾ جيسلمير وارا نمونا معياري سنڌيءَ کي وڌيڪ ويجها آهن. اُهو صاف ظاهر آهي تہ ٻولين جو اُهو ميلاپ ميڪانڪي آهي. سنڌ جا مخصوص ٻٽوينجن (حرف صحيح) موجود آهن. پر ٿر ۽ پارڪر واري پاسي گهٽ آهن ۽ ٻين پاسن کان بنهہ ڪو نہ آهن، اُن کان سواءِ لفظن جو پڇاڙڪو چوٿو سُر بہ ظاهر ڪونهي. دراصل سنڌيءَ جي مِزاج جي خلاف، جنهن ۾ آخري حرف تي ڪا حرڪت ضرور هوندي آهي، مارواڙيءَ وانگي لفظ ڪنهن نہ ڪنهن حرف صحيح تي ختم ٿيندا

نظر اچن ٿا“. (گريئرسن، ص 229)

آءٌ هيٺ گريئرسن جي ڏنل نمونن جا ڪُجهه ٽُڪرا جائزي لاءِ پيش ڪريان ٿو:

پهرين نمونن (ڊيگهه ڪان بچندي صرف هڪ شعر ڏجي ٿو):

”آج اويلا ڪِيون آوِئا، ڪهه رومُج مِ ڪام؟
تارو مَنَهه تو گهر نهين اِئي سُگٽي-روسام“
(گريئرسن ص 299)

(اڄ اويلا ڇو آيا آهيو مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟
توهان جو منشي تہ گهر ناهي هِن سُگٽي جو (منهنجو) يتار)

مٿي پيش ڪيل دوهي ڪان علاوه انهيءَ نموني جي ٻين سيني دوهن جي ٻولي، ڍاٽڪيءَ ڪان ڦريل آهي، توڙي جو ڪجهه قدر ڍاٽڪيءَ سان ملندڙ آهي، پر اِها مارواڙي ۽ هنديءَ ڪي تمام گهڻو ويجهي آهي. مثال طور مٿئين مثال جا ڪجهه لفظ جهڙوڪ: آج، اويلا، ڪِيون، آوئا ڪهه رو مج مِ ڪام، ٿان رو مَنَهه نهين وغيره ڍاٽڪيءَ ۾ صفا مختلف آهن يا اُچار ڦريل آهن:

جيئن آَج اويڙا، ڪيئن / ڇو آئيا ڪيهيڙو مين (مون)، ڪم، تانهانجو مُنِچي (سنڌي مان آيل تو لڳي) نيس وغيره.

اهڙي قسم جو ٻيو بہ ڪيتروئي: منظوم شڪل ۾ ادب، ٿر جي ڍاٽين جي سينن ۾ اڄ بہ دفن آهي، جيڪو سيني بہ سيني هلندو اچي ٿو پر اهو عام ناهي. اِها شاعري جيڪا لوڪ داستانن تي ٻڌل آهي، مذهبي ۽ اخلاقي قسم جا شعر ملن ٿا، جيڪي دوهي يا سورٺي جي

گهاڙيٽي ۾ آهن. جن کي اُتان جا مقامي ماڻهو سَوئيا، ”ڳوڙها“ ۽ ڏَئُو ئو (ڏُوهي/ دوهي جي بگڙيل صورت) چون ٿا. جيڪي نالا گهاڙيٽي جي حوالي سان نہ ٿي بلڪ مواد، موضوع ۽ فڪر جي حوالي سان پيل آهن. اُهي ڪِن مخصوص قسم جي ماڻهن کي ياد آهن. جيڪي هندي، گجراتي، مارواڙي، سنسڪرت ۽ ڍاٽڪيءَ جي لفظن جو مجموعو آهن. اهڙي قسم جا شعر عام ماڻهوءَ جي سمجهہ کان ٻاهر (معنوي توڙي فڪري حوالي سان) آهن. سمجهائيندڙ همراهہ کي گهڻي قدر مذهبي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي ۽ انهيءَ کي ’ڀڳت گياني‘ يا وڏو ڄاڻو‘ سمجهيو ويندو آهي. حقيقتاً اِها شاعِري اهڙي قسم جي ماڻهن جي ذاتي ٻوليءَ ۾ نہ آهي، فقط اُهي ياد ڪندا آهن. پوءِ ڪچهرين ۾ ٻڌائيندا آهن. جنهن کي گهڻي ياد هوندي آهي، انهيءَ کي وڏو وِدوان ۽ گِياني سمجهيو ويندو آهي. ڄاڪاڻ جو اُمي (شعر) ڪيترن ئي نسلن کان منتقل ٿيندا آيا آهن. انهن تي مقامي ماڻهن جي ٻوليءَ جو اثر ڪجهہ قدر پئجي چڪو آهي. جيڪو ماڻهو ڍاٽڪي نٿو ڄاڻي، اُهو انهن شعرن جي ٻوليءَ کي ڍاٽڪي ٿو لکي. اِئين سمجهڻ صحيح نہ ٿيندو اُهي شعر ڪنهن هِي ٻوليءَ جا يا مختلف ٻولين جو گاڏڙ ساڏڙ نمونو آهن. جاگرافيائي ويجهڙائيءَ سبب ۽ مذهبي پرچار جي اثر هيٺ اِتان جي ماڻهن تائين پهتل ڏسجن ٿا. ڪيترن ئي شعرن ۾ تہ هندي، گُجراتي ۽ ڪَڇي وغيره ٻولين جي شاعرن جا نالا پڻ ڪم آيل آهن. مطلب تہ اِها شاعري هندي ۽ گُجراتي ادب مان ڦٽل ڏارا آهي، جنهن مارواڙ وچان گذرندي، نہ صرف هندي، گُجراتي ۽ مارواڙيءَ جو اثر قبوليو آهي، پر راجستان جي ڳوِين جي راجستاني (خاص طور مارواڙيءَ) ٻوليءَ جي شاعري پڻ هن خطي جي ماڻهن تائين پُهچي ۽ انهن پنهنجن ڪنن ۾ سانڍي رهاڻين کي رُوح بخشڻ سان گڏوگڏ پنهنجن

روحن کي پڻ ريجهايو ۽ ريجهائيندا رهن ٿا. جيئن تہ اتان جي ماڻهن (ڍاٽين) جي ٻولي مختلف آهي، انهيءَ ڪري انهن اها ڳوٺا پنهنجي ٻوليءَ جي مِزاج مطابق قبولي ۽ سالن جي سفر سبب ڪيترائي ڍاٽڪيءَ جا لفظ گڏوِچڙ ٿي پيا ۽ ٿيندا رهن ٿا. ”1045ع کان 1569ع تائين راجستاني ادب جيتري قدر تيزيءَ سان لکيو ويو آهي، انهيءَ ۾ جين ڌرم وارن جو گهڻو حصو آهي. اُن وقت گُجراتي ۽ راجستاني هڪ ئي ٻولي هُئي، جنهن کي ’مرو گُجر‘ پڻ چيو ويو آهي. انهيءَ دؤر جي نظم ۽ نثر جا ڪيترائي ڪتاب بي رحم زماني جي هٿان نابود ٿي ويا آهن. انهيءَ دؤر ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ شاعرن جا نالا تاريخ جي صفحن ۾ ملن ٿا. جن مان ڪجهہ نالا هي آهن: ڌن پال، جي ولڀ سُري واديو سُري، نيم چند. وڃي سلين سُري وغيره آهن اِها ڳالهہ طئي شُده آهي تہ جينين (جين مت وارن) جيترو بہ نظم ۽ نثر لکيو هو انهيءَ جو خاص مقصد پنهنجي مذهب جو پرچار ڪرڻ هو جيڪا انهن جي ضُورت هُئي. انهيءَ جي باوجود جينين جيتري قدر راجستاني ادب کي مالا مال ڪيو انهيءَ جو اعتراف ڪرڻ کان سواءِ انهيءَ زبان جي ادبي تاريخ اڻپوري هوندي، انهن محبتن جا گيت ڳاتا تہ حُسن ۽ عشق جا نغما پڻ آلاپِيا ۽ رزميہ شاعريءَ ذريعي راجپوتن جو رت پڻ گرمايو. راجستاني ٻوليءَ جي مشهور شاعر ’شارنگ ڌر‘ جو ذڪر راجستان جي قديم شعر ۾ ٿئي ٿو“ (باغ علي شوق، ص 26)

مٿئين سڄي پسمنظر ۾ ڏسنداسين: هڪ تہ انهيءَ خطي (راجستان ۽ ٿر. خاص ڪري ڍٽ) تي راجپوت سوڍن جي حڪومت آهي ۽ راجپوت سوڍن کي آريا نسُل مان سمجهيو ويو آهي. ان ڪري حاڪمن جي ٻولي سنسڪرت هئي ۽ انهن بابت قصيدا چوڻ وارن شاعرن جي ٻولي يا تہ هئي ئي سنسڪرت يا وري سنسڪرت جي اثر

هيث هُئي. ٻيو تہ جين مت وارن جي ٻولي گجراتي ۽ ڪجھہ قدر هندي ۽ سنسڪرت جو ميلاپ هئي. اهو بہ صاف ظاهر آهي تہ ٿر واري خطي ۾ جين مت جي مڃيندڙن جا اُهڃاڻ مليا آهن. اهڙيءَ طرح انهن (جينين) جي ٻولي ٿر تائين پُڄڻ ڪري پنهنجا اثر ڇڏيا ۽ اتان جي مقامي ماڻهن مذهبي اثرن سان گڏ ٻوليءَ جا اثر قبوليا ۽ اُها شاعري پڙهي، ٻانن ۽ جينين جي ذريعي مارواڙ کان ٿيندي جڏهن هن خطي ۾ پڳي، تہ اِتان جي ڪجھہ ماڻهن شاعريءَ جي معنيٰ ۽ فلسفي کان متاثر ٿي انهيءَ کي ياد ڪيو ۽ پوءِ اُها پنهنجن ماڻهن کي ٻڌائي. نتيجي طور اِنهن شعرن جي ٻولي تہ عام ماڻهن کي گهٽي مختلف ۽ مشڪل لڳي، پر جڏهن وضاحت ۽ سمجهاڻي ڇاتائون تہ هو پڻ انهي شاعريءَ جي عظمت کي قبولڻ لڳا ۽ اهڙيءَ طرح اُهي سمجهائڻ واري عمل کي يعني سمجهاڻيءَ کي 'گيان' ۽ انهي فلسفي کي بہ 'گيان' سڏڻ لڳا ۽ اُنهيءَ سمجهائيندڙ کي 'گياني'. انهيءَ مان اِها ڳالھہ واضح ۽ ثابت ٿئي ٿي تہ اِهڙي قسم جي شاعري ڍاٽڪي ٻوليءَ جي ناهي، باقي انهيءَ تي ڍاٽڪي جو اثر آهي ۽ لفظن جي ڦير ڦار ضرور آهي، جيڪو هڪ فطري عمل آهي، اُن هيث ڍاٽين انهن لفظن کي تبديل ڪري پنهنجي ٻوليءَ جا لفظ داخل ڪيا. جيڪي انهن جي زبان تي نہ پئي چڙهيا. يا وري شعر هڪ کان ٻئي ماڻهوءَ تائين پهچڻ دؤران مختلف ۽ مشڪل لفظ وِسري وڃڻ جي صورت ۾ مفهوم ۽ معنيٰ ذهن ۾ رکندي، متبادل لفظ پنهنجي ٻوليءَ (ڍاٽڪي جا) گاڏڙ ڪيا. ڍاٽڪي ٻوليءَ سان وڏي ناانصافي اِها ٿي آهي تہ، اُنهيءَ ٻوليءَ کي نہ سڃاڻڻ جي بُنياد تي اهڙي شاعري ڍاٽڪيءَ جي حصي ۾ وجهي، ڍاٽڪي جي اصلي شاعريءَ جي ادب کي سهيڙيو نہ ويو آهي.

اهڙن شعرن جا ڪجھہ مثال هيٺ ڏِجن ٿا:

**سوائِيا:**

(1) هَنسان نان سرمر گهٽا، پوپ گهٽي پمريس،
سُگهڙان نان ساجن گهٽا، ديس توڙي پر ديس

(يعني: هنجهه پکين لاءِ سمنڊ گهٽا، پؤنرن لاءِ باغ گُل ڦُل (باغ) گهٽا، سُڄاڻ/ سُگهڙن لاءِ ساجن گهٽا پوءِ اُهي ديس ۾ هجن توڙي پرديس ۾)

(2) ڪِنِتا رک ڪرڪو هرڻ ڪيسا گهي کائہ،
اَڪ ٻنِيڙَئہ، لُوئان جهَڙَئہ ٿُريان آڳڙجائہ

(اي منهنجا ڪانڊا' همت ڪر، پروسو رک، هرڻ پلا کهڙو نِج گيهه کائيندو آهي' هو تہ اڪ کائيندو آهي ۽ لوُءَ (اونهاري جي گرم هوا)
پيئندو آهي، پر ٿرِي گهوڙي کان بہ اڳ اڳ ۾ پيو پهچندو آهي).

**ڳوڙها:**

('ڳوڙهو' هڪ ڏکي منظوم صنف آهي، جنهن جي هر هڪ لفظ جو اُنهو پسمنظر آهي، ڳوڙهن جو لفظي ترجمو ڪرڻ مُشڪل آهي ڏيکهه کان بچندي، ڳوڙها بنا ترجمي جي انهيءَ مقصد لاءِ پيش ڪجن ٿا تہ اُهو ڄاڻي سگهجي تہ جيڪڏهن ٻولي ڍاٽڪي ناهي، بلڪ گُجراتي، هندي، سنسڪرت، مارواڙي ۽ ڍاٽڪي يعني ٿـري ٻوليءَ جي خاندان جي سيني ٻولين جو ميلاپ آهي. جڏهن تہ ڪيترن ئي محققن انهيءَ کي ڍاٽڪي يا ٿريءَ ٻولي سڏيو آهي، جن مان پهريون شخص جي. اي گريئرسن آهي).

(1) هَڙ هَڙُوئويان پڏِري هاڙي ڇَتر سُڄاڻ
پڙرا باهيا موتي نپجين نينڻ ڪرين ليڏاڻ

شاعر راجيو چوي ٿو ته: اهڙو بادشاهه جنهن وٽ گڻ ۽ اوگڻ جي تميز نه هجي ۽ نه ملڪ ۾ نياء (انصاف) هجي جتي ٻُڙيءِ ڪڙهڪ ٿي قيمت ۾ هجن انهيءَ کان ته جهنگ ڀلو آهي).

(4) من/ مرَته/ مايا/ مرَ/ مرَ/ جاوَته/ سَرِير.
آسا تِسِنا/ ڏوني/ نين/ مرته/ گيو/ داس/ ڪبير
(من، مايا ۽ جسم سڀ ڪُجهه مري وڃي ٿو پر آس، سِڪ ۽ اُميد ڪڏهن به نٿا مرن، چئي ويو داس ڪبير)

(5) مَن/ مَرئه/ مايا/ مَرئه/ مَر/ مَر/ جاوئه/ سَرير.
آسا/ تِسِنا/ ڏوني/ ماريِ/ نانڪ/ پيو/ فقير.

(ٻيو نمونو)

گريئرسن جي ٻئي نموني جو جائزو وٺڻ لاءِ ٿورو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"هڪ ماڙهو کي ٻه پُٽر ها. هُنن منجها نڍي پُٽر ابا کي چَيو اي ابا، مال منجها ڀانگو هو سو مون کي ڏي" (گريئرسن، ص 232).

هي نمونو سنڌي ٻوليءَ جو آهي، جنهن تي ڀاڙيسري ٻولين جو اثر ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ کي ڀاٽڪيءَ ۾ چئبو ته:

"هڪئه ماڙهُو را ٻهُ ڏِڪرا هَتا. اونئان مين موڙاڳ ٻاپ نان ڪهينتَئہ ٻا ڏن مين مانجهانجي ٻنَتي آهئہ اومِنان ڏي".

(ٽيون نمونو)

مومل مجمانن ـ جا، هنيَہ نه ٻجنَ هڪ (حق)
هِڪ اوجاڪا انکن کي، بيا لتاڙيا لَڪ.
چاڙي چادر ڪٽ، ونجي سُتي سيتل راءِ سان".
گريئرسن، ص 234)

شعر سنڌيءَ جو آهي، جنهن تي ٿري لهجي جو اثر آهي،
ڍاٽڪيءَ ۾ انهيءَ شعر کي هيئن لکبو ته"
مومل مِينهِينمٽان را. اِيئن نين پَنجين هَڪ،
هيڪ اوجا ڪا انکيان نان، بيجا لتاڙيا لڪ،
چاڙي چادر منجي ڪٽ، جائي سُتي سيتل راءِ سين.
گريئرسن مٿي پيش ڪيل مثالن مان جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن. (وضاحت لاءِ ڏسو گريئرسن، ص 230 کان 232) تن مان ڪُجهه هيٺ ڏجن ٿا:

جيڪي منهنجي سمجهه مطابق ايئن مناسب ناهن.

(i) 'ڏ' کي 'ڊ' اچاريو ويندو آهي.

(ii) 'ٽ' جي اچار سان گڏ 'ر' پڻ اچارين.

(iii) شرطيه ماضي لاءِ 'هوندا ۽ 'آ' ۽ 'آ' هڪ ٻئي جي بدران ڪم ايندا آهن.

(iv) 'پهه-جو' ۽ 'پاڻ-جو' ٻئي مستعمل آهن.

(v) 'هن' بـ عام آهي، پر مفعولي جمع آهي'. 'هنن'

(vi) متعدي مجهول جي فاعلي حالت ۾ ضمير موصول آهي، 'جيهين'.

**مٿي ڏنل نتيجن جو جائزو ترتيبوار ڏجي ٿو.**

(*i*) ڍاٽڪيءَ ۾ 'ڏ' اچار آهي ۽ انهيءَ کي ڪيترن ئي لفظن ۾ اچاريو ويندو آهي ۽ ڪٿي بہ 'ڊ' ۾ تبديل ٿيندي نظر نٿو اچي-جيئن: ڏڪرو(پٽ)، ڏوسِي (زال)، ڏَس (ڏهـ)، ڏَهي (ڏؤنٽرو) ڏاگو (اُٺ)، ڏُٺارڪو (مرد جو نالو)، ڏوڪِرو (ڪُراڙو) ڏاتِرو (ڏاتو)، ڏُڪاڙ (ڏُڪار)، ڏانجهڙيوڙو شرارتي) وغيره.

(*ii*) 'ٽ' سان گڏ 'ر' نٿو اچاريو وڃي، بلڪ 'ٽ'، 'ٽ' ۾ ڦري ٿو ۽ 'ٽ'

سان گڏ 'ر' اچاريو وڃي ٿو. 'تر' جي صورت ۾:
جيئن سُتَر (سٺ)، مُتو (مُٺ)، ٽرن (ٽي) تريس (ٽيهه) ٽُروس (ٽوهه) وغيره

(iii) ڍاٽڪيءَ ۾ شرطيه ماضيءَ لاءِ 'هنڌ' ۽ 'هوندا' بجاءِ 'هُئنت' استعمال ٿيندو آهي.
مثال جي تون اُٿ گيو هُئنت تو تنان اوماڙهو ملنته
(جيڪڏهن تون هُتي ويو هجين ها ته هو توسان ملي ها).
مطلب ته فعل جي پڇاڙيءَ نت جو اضافو ٿيندو آهي.
مثلاً: ڏيکَنت= ڏيک+نت (ڏسي ها)
ٽوڙنت= ٽوڙ+نت
کائوُنت= کاءُ+نت

(iv) 'پنهنجو يا پاڻ-جو' (ضمير مشترڪ) استعمال ۾ ناهن. جڏهن ته 'آپڻو' ۽ اپرو/آپرو' استعمال ۾ آهن:
مثال طور: "اَئه اينئان رو اَپرو گهر اَهئه".
(هي انهن جو پنهنجو گهر آهي)
(2) "ٿنا ڪرو آقي ڪرسين، آپڻو ڪي جائه"
(ڇڏي ڏيو پاڻهي ڪندا، پنهنجو ڇا وڃي!)

(v) ڍاٽڪيءَ ۾ 'هن' (واحد) ۽ هنن (جمع) بجاءِ اِيئَئه'۽ اينئان' استعمال ٿئي:
اِيئَئه نان ڏي (هن کي ڏي)
اَينئان نان ڏي (هنن کي ڏي)

(vi) 'جيهين' نه بلڪ 'جِڪئه' استعمال ٿئي.
اُنهيءَ کان سواءِ گريئرسن صاحب، جن لفظن کي 'ٿريلي' ٿريچي' يا ڍاٽڪيءَ جا جاٽائي لکيو آهي، تن جي صحيح

صورت (ڍاٽڪيءَ ۾) ڏجي ٿو:

| گريئرسن | | ڍاٽڪيءَ ۾ (صحيح) |
|---|---|---|
| ويندس | (ويندُس) | جائيس |
| چنودس | (چوندُس) | ڳهيس |
| ٻہَ | (ٻہ) | ٻہ |
| ابا | (ابا) | ٻا |
| مهي، مي، مُو | (آءُ) | هُون |
| مهي | (مون کان) | مين سين |
| آپان | (اسين) | اپين |
| تهہ، تو تا | (تون) | ”تون“ (تين= تو |
| ڪنداسي | (ڪنداسين) | ڪُرسان |
| ڪرين_هوند | (آءُ جيڪر ڪريان) | ڪريو هُئنت وغيره |

**ڪاڪي پيرو مل جي راءِ:**

ڪاڪو پيرو مل ڍاٽڪيءَ کي الڳ ٻولي تسليم ڪندي لکي ٿو تہ ”ٿر ۾ ڍاٽڪي ٻوليءَ بہ چالو آهي، هن وقت اُتي جيڪي نکُر (راجپُوت) ڪراڙ (واڻيا)، مينگهواڙ ڀيل وغيره آهن، سي اصل ۾ راجپوتانا ۽ گُجرات طرف کان آيا آهن. ٿر جي ڪيچ راجپوتانا جو حصو (مارواڙ ۽ جيسلمير) ۽ ننگر پارڪر کي پالڻپور رياست (گُجرات) ويجها آهن. ٿر جي ڪيترن ئي ماڻهن جي انهن سيني هنڌن جي رهاڪن سان لهہ وچُڙ گهڻي آهي، انهن سببن ڪري سنڌي، راجستاني ۽ گُجراتي ٻولين جي ميلاپ منجهان ٿر منجهہ هڪ بنهہ نئين قسم جي ٻولي ٺهي پئي آهي، جا ’ڍاٽڪي‘ يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻولي سڏجي ٿي. اها ڳاڏڙ ٻولي راجستاني ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي ۽ خود ’ڍٽ‘ لفظ راجستاني ٻولين جو آهي.

مثلاً:

هون آيو هتو= آءُ آيو هوس

اسين~ آيا هتا= اسين آيا هئاسون

تون آيو هتو= تون آيو هُئين.

آيي آيا تان= اوهين آيا هُئا.

او آيو هتو= هو آيو هو.

او آيا هتا= هو آيا هئا.

ڍاٽڪيءَ ۾ جمع متڪلم ۽ مستقبل صيغو 'آن' جي اضافي سان آهي، جيئن تہ اسين جاسان (اسين وينداسين). ساڳيءَ طرح جتڪيءَ ۾ 'آسِي اجان تا' (اسين ايندا سون) آهي، شايد اها سنڌءِ آڳاٽي آهي، جيڪا هن وقت سنڌيءَ ۾ بدلجي چڪي آهي". (ڊاڪٽر بلوچ، ص 38 ۽ 39) سيي کان پهرين ڳالهہ تہ ڊاڪٽر صاحب 'ڍاٽڪي ٻولي' لکي، ڍاٽڪيءَ کي ٻولي تسليم ڪندي نظر اچي ٿو.

انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڊاڪٽر بلوچ صاحب ايڪيهين جون 2008ع تي 'سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ 'سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ۽ محاورا' موضوع هيٺ منعقد ٿيل سيمينار جي صدارتي تقرير ۾ پڙهِ ڪئي تہ ڍاٽڪي ۽ جتڪي سنڌ جون شاهوڪار ۽ قديم ٻوليون آهن. ڍاٽڪيءَ کي مارواڙي يا ٻي ڪنهن ٻوليءَ سان ملائي منجهائڻ نہ گهرجي".

پر ڊاڪٽر صاحب جي اُها ڳالهہ مستند نہ آهي تہ ڍاٽڪي صرف سوڍن ٺڪرن جي ٻولي آهي. ها اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هڪ ذات کان ٻيءَ ذات تائين يا هندوءَ کان مسلمان تائين ٻولي ٿوري گهٽي (نہ هئڻ برابر) تبديلي ضرور رکي ٿي. انهيءَ جا سبب، انهن ذاتين جو تاريخي پسمنظر، ريتون، رسمون مذهبي اثر ۽ ثقافت تي سگهن ٿا. انهيءَ لاءِ اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي تہ ڪهڙيون ذاتيون ڪهڙيءَ لَڙهيءَ ۾ پوئيل آهن ۽ اهڙيءَ طرح فرق جا

سبب به سمجهي سگهن ٿا. هي به هڪ الڳ ۽ وسيع موضوع آهي. ٻيءَ ڳالهه ته ڊاڪٽر صاحب ڍاٽڪيءَ جي مرڪزيت سنڌي زبان سان ٿو ملائي (هڪ ٻن جملن جي مثالن جي مدد سان.) مثال پنهنجي جڳهه تي درست آهن، پر منهنجي خيال ۾ اهو سنڌي ٻوليءَ جو اثر ٿي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب ڍاٽڪيءَ جي حرف اضافت لاءِ چوي ٿو ته ڍاٽڪيءَ ۾ 'رو' ۽ 'ري' آهن ۽ ڪٿي ڪٿي 'جو'، 'جا' به نظر اچن ٿا. 'تاهه' معنيٰ 'تنهنجو' جو مثال وغيره. منهنجي خيال موجب اِهو پڻ سنڌيءَ جو اثر آهي. بنيادي طرح 'مانرو' (منهنجو) ۽ ٿانرو (تنهنجو) وغيره آهن، جي مارواڙي کان آيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهيءَ کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي لفظن سان 'رو' 'ري' ۽ 'را' 'جو'، استعمال 'جو'، 'جي' معني ۾ ٿئي ٿو. مثلاً: ڪيري (ڪنهن جي)، ڪيرو (ڪنهن جو) ايئئہ رو (انهيءَ جو) وغيره.

ڍاٽڪيءَ ۾ موجود 'ت' کي ڊاڪٽر صاحب 'هئڻ' جي صيغي ۾ رکي ٿو جڏهن ته ڪاڪي ڀيرو مل جو خيال آهي ته اِهو 'تو' 'تي' يا 'تا' جي بدلي ڪم اچي ٿو جنهن جي 'هه' اُچاري نه ٿي وڃي. ڍاٽڪيءَ ۾ 'تو' اچاريو وڃي ٿو ڊاڪٽر صاحب انهيءَ جي جاءِ تي 'هتو' لفظ ڪتب آندو آهي. مثال طور: 'هون آيو هتو' ( آءَ آيو هئس) صحيح ٿيندو 'هون آيو تو'. جڏهن ته ڍاٽڪيءَ ۾ 'هتو'، 'هتا' يا 'هتي' لفظ استعمال ٿيندا آهن، پر اهي معاون فعل طور نہ پر ڪنهن به شيءِ جي موجود هجڻ بابت هوندا آهن: اُتِ گلاس هتو؟ (هُتي گِلاس هو؟)

ڊاڪٽر صاحب جيڪا آخري ڳالهه ڪئي آهي، اُها ان ڪري درست نہ آهي جو اهو صرف 'آن' تائين محدود ناهي، ڇاڪاڻ ته زمان مستقبل جي حالتن ۾ فاعلي تبديلين سان اِهو صيغو بدلبو رهي ٿو.

مثال طور:

هون جائيس (آءَ ويندس)

اپين جائتو (اوهين ويندؤ)

ائئه جاسين (اهي ويندا)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ هدايت پريم جي راءِ:

هدايت پريم لکي ٿو تہ ”ٿر ٻولين جي لحاظ کان بيحد گهڻو خوش نصيب علائقو آهي. ٿر جي مختلف حصن ۾ مختلف ٻوليون يا لهجا رائج آهن. تہ وري مختلف نسلي گروهہ پنهنجون پنهنجون ٻوليون ڪم آڻيندا آهن. ٿر ۾ هيٺيون اهم ٻوليون ۽ لهجا ڳالهايا ويندا آهن:

1. سنڌي ٻولي يعني ان جو ٿري لهجو.
2. ڍاٽڪي يعني ٿر جي ڏٺ واري حصي جي ٻولي.
3. پارڪري، ٿر جي پارڪري واري حصي جي ٻولي.
4. مارواڙي، راجستاني ٻولين جي هڪ اهم ٻولي، جيڪا مارواڙ مان آيل مينگهواڙ مالهي، چارڻ، ڀيل ۽ ٻيا ڳالهائين ٿا.
5. گُجراتي يا ڳن راتي، گجرات مان لڏي آيل، ڀيل، ڪولهي، مينگهواڙ وغيره ڳالهائن ٿا. (هدايت پريم، ٿر ص 273 ۽ 274)

”سموري ٿر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٿري محاورو ۽ ڍاٽڪي محاورو عام رواج ۾ آهن. سنڌ واري علائقي ۾ سنڌي ٻولي وڌيڪ اثرائتي نموني موجود آهي، جڏهن تہ راجستان واري حصي ۾ مارواڙي ٻولي وڌيڪ اثرائتي آهي. ٿر جي سنڌ واري حصي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٿري محاورو رابطي واري ٻولي جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري جي اهميت جي پيش نظر لساني جاگرافيءَ جي جديد اصولن تحت وڌيڪ کوجنا ڪرڻ جي بيحد ضرورت آهي. ڪيترن عالمن هن محاوري کي الڳ طور هڪ محاورو نہ ڄاتو آهي، ڀيرو مل ۽ رائچند درست بيان ڪيو آهي، پر گريئرسن ۽ داد محمد بروهي 'ٿري' نالي سان جيڪو محاورو پيش ڪيو آهي، سو ڍاٽڪي محارو الڳ حيثيت رکي ٿو.

گريئرسن ٿاريلي محاوري نالي سان ٻہ نمونا ڏنا آهن. هڪ ضلعي ٿرپارڪر مان ٻيو جيسلمير مان، ٻئي ڍاٽڪي محاورا آهن، جڏهن تہ ٿر جي سنڌي ٻوليءَ جو ڪو بہ نمونو ڪونہ ڏنو اٿس. محاوري جي سري هيٺ گهڻو تڻو ڍاٽڪيءَ جو احوال ڏنو اٿس. حالانڪ ڊاڪٽر داد محمد بروهي "سبيءَ خطي جي سنڌي محاورن جو لساني جائزو" جي عنوان هيٺ پي.ايچ.ڊي ٿيسز جي صفحي نمبر 24 تي ڏنل مثالن ۾ هيٺينءَ ريت ٻہ ٻہ اکر استعمال ڪيا آهن:

موجو/مانڙو تونجو/ تانڙو ڪئينجو/ ڪيئنڙو

ان مان صاف سمجهڻ گهرجي ها تہ موجو تونجو ڪئنجو لفظ سنڌي محاوري جا آهن. جڏهن تہ مانڙو تانڙو ڪيئنڙو لفظ ڍاٽڪي محاوري جا آهن. ٿر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو محاورو ۽ ڍاٽڪي محاورو بہ الڳ الڳ محاورا موجود آهن. اهڙو احساس غالباً ڊاڪٽر داد محمد کي ڪو نہ ٿيو" (ٿر جي ٻولي، ص 63 ۽ 64).

ڪتاب 'ٿر جي ٻوليءَ مان ورتل متئين حوالي مان هڪ بہ اهڙا نڪتا آهن، جن جي چند چاڻ ڪجي ٿي:

(i) گريئرسن جي ڏنل نمونن کي ڍاٽڪيءَ جا محاورا چيو ويو آهي، جڏهن تہ گريئرسن ٽي نمونا ڏنا آهن. جن مان پهريون نمونو هندي گجراتي، مارواڙي ۽ ڪڇيءَ جو ميلاپ وڌيڪ ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ڍاٽڪيءَ لفظن تي مشتمل نمونو آهي، ٻيو نمونو آهي، سنڌيءَ جي ٿريءَ لهجي جو جنهن تي ڍاٽڪيءَ جو ڪجهہ سُنوالو اثر آهي، ٽيون نمونو تہ لاڙي سنڌيءَ جو آهي، جنهن تي ٿريءَ جو وڌيڪ ۽ ڪجهہ قدر ڍاٽڪيءَ جو اثر آهي (انهيءَ جي وضاحت اڳ بہ ڪري آيا آهيون).

(ii) مانڙو تانڙو ۽ ڪيئنڙو ڍاٽڪيءَ جا لفظ ناهن، بلڪ اهي مارواڙيءَ جا لفظ آهن، جيڪي ڍاٽڪيءَ ۾ 'مانهانجو' 'تانهانجو' ۽ ڪيرو' آهن.

(iii) مصنفن ڍاٽڪيءَ کي سنڌي ۽ سنڌيءَ جي ٿري لهجي کان الڳ تسليم ڪيو آهي، پر ڳالهه کي ڪجهه قدر منجهائي به ڇڏيو آهي. هڪ طرف ڪتاب جو نالو آهي ’ٿر جي ٻولي‘ ته ڪتاب اندر ’ٿري محاورو‘ ٽئين پاسي ڍاٽڪيءَ کي الڳ محاورو ٿا ڳڻين. پر واضح نٿا ڪن ته جيڪڏهن محاورو ته ڪهڙي ٻوليءَ جو؟ ٻئي پاسي وري ڍاٽڪيءَ کي الڳ ٻولي تسليم ڪندي نظر اچن ٿا.

”ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي ۽ رائچند صاحب به ڍاٽڪيءَ جي باري ۾ ڪافي ڪجهه معلومات گڏ ڪري پنهنجي ڪتابن ۾ ڏني آهي، پر هنن ڪٿي به اهو نه ڄاڻايو آهي ته ڍاٽڪي هڪ ٻولي آهي. دراصل اسان جي اڳيان هي سوال آهي ته ڍاٽڪي محاورو آهي يا هڪ مڪمل ٻولي؟ جيڪڏهن محاورو آهي يا مارواڙي يا گجراتي جو؟ اهو چوڻ ڪافي نه آهي ته ڍاٽڪي، سنڌي، مارواڙي، گجراتي ۽ ڪڇيءَ جو گاڏڙ (Mixture) آهي. جيڪڏهن ڪنهن به مخصوص ٻوليءَ جو محاورو ثابت نه ٿو ڪري سگهجي ته پوءِ ڍاٽڪيءَ کي ڇو نه هڪ مڪمل جداگانه ۽ خودمختيار ٻولي قرار ڏنو وڃي“ (ٿر جي ٻولي، ص 77)

ڍاٽڪيءَ کي هڪ الڳ ٻولي ثابت ڪرڻ لاءِ انهيءَ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي تاريخي پسمنظر، ٻوليءَ جي تاريخي پسمنظر، علائقي جي سياسي تاريخ، ثقافتي اڀياس، پاڙيسري ٻولين سان تقابلي اڀياس ۽ صوتياتي، صوفياتي، ۽ نحوياتي اڀياس جي ضرورت آهي، جن مان ڪجهه موضوعن تي آئون پنهنجي وس آهر ڪم ڪري چڪو آهيان ۽ ٻين تي ڪم ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو.

متئين سڄي بحث ۽ مطالعي کان وڌيڪ آءٌ خود ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ هئڻ ڪري اهو خيال رکان ٿو ته ڍاٽڪي هڪ الڳ ٻولي آهي، نه ڪي سنڌيءَ جو لهجو آهي، ان کان سواءِ منهنجي نظر ۾ اهو به درست ناهي ته ٿري يا ڍاٽڪي کي هڪ ئي لهجو/ محاورو آهي ۽ نه ئي کو سنڌي جي

پيڻ آهي، بلڪ ڍاٽڪي، مارواڙيءَ ۽ گجراتي جي سڳي ڀيڻ آهي ۽ ان جو ڪڇيءَ، پارڪري ۽ هنديءَ سان پڻ ڀيڻن جهڙو سنبنڌ آهي.


**حوالا ۽ مددي ڪتاب:**

1. جي.اي گريئرسن، ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين "برصغير جي ٻولين جو لساني جائزو" سنڌي ٻوليءَ جو باختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، 2000ع
2. باغ علي شوق، راجستاني زبان و ادب" (اردو) راجستاني سيا گزدر آباد ڪراچي 1992ع.
3. ڪاڪو ڀيرو مل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ، 2004ع.
4. رائچند هريجن، تاريخ ريگستان ياگو پهريون ۽ ٻيو سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ، 1988ع.
5. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ". پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي" ڄامشورو 1999ع
6. هدايت پريم، "ٿر" (مرتب: عبدالقادر منگي)، سنڌيڪا اڪيڊمي 1996ع
7. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم "ٿري ٻولي"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد 1994ع.
8. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي زبان جي ماهيت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، 2007ع.
9. پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي، "علم لسان ۽ سنڌي زبان" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1996ع.
10. ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو II، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.


❑

آزاد سميجو

# سنڌي ٻوليءَ جي ماترائن حرف علت (سُر) ۽ وينجن جي ارتقائي ڪاياپلٽ ۾ ڍاٽڪيءَ جو اڀياس

ننڍو کنڊ هند آريائي ۽ غير آريائي ٻولين جو عجائب گهر آهي. اُن ۾ ٻولين جون ڪيتريون ئي برادريون وڏيون ويجهيون، پکڙيون ۽ پروان چڙهيون آهن. ڪيتريون ئي ٻوليون اهڙيون آهن، جيڪي مري مِٽي فنا ٿي چُڪيون آهن، اُنهن جو قديم علمي ۽ ادبي ذخيرو ڪنهن حد تائين محفوظ آهي. مثال طور: سنسڪرت. ڪي ٻوليون اهڙيون بہ هُيون، جن جا آثار ٻُڌائن ٿا تہ اُهي اعليٰ تهذيب ۽ تمدن جون ترجمان هيون، جيئن: موهن جي دڙي ۽ هڙپا جا قديمي آثار. ڪي ٻوليون اهڙيون بہ آهن، جيڪي پنهنجي جُدا تاريخ ۽ ادب بہ رکن ٿيون، ڪروڙين ماڻهو ڳالهائن بہ ٿا ۽ انهن کي نصابي حيثيت پڻ حاصل آهي، جهڙوڪ: سِنڌي، هندي، پالي، ۽ گُجراتي ۽ اُردو وغيره. ڪي وري اهڙيون بہ ٻوليون آهن، جيڪي آهن تہ قديم، پر انهن جو ڪو رسم الخط طئي ٿيل آهي ۽ نہ ئي ڳالهائيندڙن جي گهڻائي، فقط مخصوص ۽ محدود جاگرافيائي خِطن ۾ پويان پساهہ کڻي رهيون آهن، 'ڍاٽڪي' پارڪري، مارواڙي ۽ جتڪي، انهيءَ پوئين برادريءَ جون

ٻوليون آهن. جديد لسانيات جا ماهر ڪنهن بہ قديم ٻوليءَ تي تحقيق لاءِ اُن ٻوليءَ جي ننڍن ننڍن لهجن، مُحاورن ۽ ٻين ننڍين پاڙيسري يا دنگئي ٻولين تي ڪم ڪرڻ کي لازمي قرار ڏين ٿا. ڇاڪاڻ تہ نظر انداز ٿيل ننڍيون ننڍيون ٻوليون، لهجا ۽ محاورا، علمي ۽ ڪتابي اُٿل پُٿل جو تمام گهٽ شِڪار ٿيل هوندا آهن. تنهنڪري، اُنهن جو لفظي سرمايو ڌاتُوئي توڙي غير ڌاتُوئي آراڌاين جي اثر کان گهٽي ياڳي محفوظ ٿي رهندو آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ جي حوالي سان اُن جو اشتقاقي اڀياس (Etymological Study) تمام ضروري هوندو آهي، جنهن مان ٻوليءَ جي لفظن جو مختلف دورن ۾ مختلف مرحلن ۽ منزلن مان گذرڻ دوران انهن جي آيل ڌاتن، وينجنن ۽ ماترائن/ سُرن جي ارتقائي ڪاياپلٽ (Evolutionary Transformation) جو اندازو لڳايو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ ميدان تحقيق لاءِ بلڪل خالي آهي. هڪ ٻن لُغتن ۾ ڪن لفظن جي ڌاتُن ۽ موجوده صرفي شڪلين جا اشتقاق تہ ڪڍيا وياآهن، پر اُن کي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي اشتقاقي تاريخ هرگِز قرار نٿو ڏئي سگهجي. آءٌ هتي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ارتقائي تاريخ رقم ڪرڻ جي عمل ۾ ڍاٽڪي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت حوالي سان چند دليل پيش ڪريان ٿو:

پهرين ڳالهہ تہ ڍاٽڪي هڪ قديم ٻولي آهي، نصابي، ادبي، ڪتابي ۽ سرڪاري ٻولي نہ هُئڻ ڪري اُن جا آواز ۽ صرفي صيغا ٻاهرين اثر کان آزاد رهيا آهن. ڍاٽڪيءَ جي لِساني جاگِرافيءَ (علائقي) ۾ وسندڙ لوڪن جي ٻاهرين اچ وڃ بہ نالي ماتر رهي آهي ۽ ويجهي ماضيءَ ۾ هن خِطي ۾ غير زبان قومن جي آباديءَ جو ڏس پتو بہ نٿو ملي. تنهنڪري هِن ٻوليءَ جا اصلوڪا لفظ گهٽو ڪري نج يا

اصليءَ جي قريب ترين رُوپ ۾ باقي آهن. جو اهوئي سبب آهي، جنهن لسانيات جا عالم زالن جي ٻوليءَ کي ٺيٺ اصلوڪي ٻوليءَ قرار ڏين ٿا. ڇاڪاڻ تہ اُهي مردن وانگر ٻاهر اچ وڃ گهٽ رکنديون آهن.

ڪاڪو ڀيرو مَل پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جي صفحي نمبر 112 تي لکي ٿو تہ:

"ٽر جا ڪتري" لُهاٽا، مينگهواڙ منڊيءَ بدران منڊري، پُٽ بدران پُٽر ۽ ڪيٽ بدران ڪيٽر چوندا آهن، جنهنڪري چئبو تہ سندن اُچار سنسڪرت کي گهڻو ويجها آهن. (1)

ساڳئي ڪتاب جي صفحي نمبر 130 تي لکي ٿو تہ:

"سنسڪرت وارن ٽيٽيهن اکرن مان ويدڪ "ڙ" سنسڪرت ۾ حرف علت آهي، جنهن جو اُچار رڳو 'سنڌي، گُجراتي ۽ مرهٽيءَ' سانديو آهي ۽ ٻين ٻولين وڃائي ڇڏيو آهي، سنڌيءَ ۾ ڪوبہ لفظ "ڙي" سان شروع ڪونہ ٿو ٿئي، سڌ ڪرڻ مهل "ڙي" چئبو آهي، سو اصل "اڙي" آهي (2)

ڪاڪو ڀيرو مَل "ڙ" جي باقي رهڻ کي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت لاءِ دليل طور پيش ٿو ڪري، ڏٺو وڃي تہ مٿي ذڪر ڪيل ٿنهي ٻولين جي ڀيٽ ۾ ويدڪ "ڙ" جو واهپو ڍاٽڪي لفظن ۾ سيني کان سرس آهي. ڍاٽي لوڪ اجا تائين مرد کي مڙد، ڪارينگ کي ڪاڙينگ ۽ نِري کي نڙي اُچاريندا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سنڌي ٻوليءَ جي تحقيقي جرنل سال: سيپٽمبر 2008ع جي صفحي نمبر 23 تي محترمہ ڪشني ڦُلواڻيءَ جي جوڌپُور يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل پي.ايچ. ڊي مقالي جو حوالو ڏيندي لکي ٿي تہ:

”ورهاڱي کان اول اولهہ راجستان جو سمورو حصو سنڌ صوبي سان جُڙيل هو جنهن کي ٿر (ٿار پرديش) چئجي ٿو ورهاڱي بعد جيڪو حصو ڀارت جي حد ۾ آيو اُتي سنڌي سنسڪرتي (تهذيب) پنهنجي جيئري جاڳندي روپ ۾ قائم آهي.“ (3)

ساڳئي مقالي ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”حقيقت ۾ ٿر جو ريگستاني کيتر، سنڌي ڀاشا (ٻوليءَ) جو بُنيادي کيتر آهي ۽ هتان جي ڪڻ ڪڻ سنڌي سڀيتا، سنسڪرتي ۽ سنگيت جي رنگ ۾ رڱيل آهي.“ (4)

ڊاڪٽر الانا صاحب اڳتي هلي پروفيسر جهمٽ مَل ڀاوناڻيءَ جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”اپڀرنش مان جُدا جُدا ديس' ڀاشائون سنڌي، راجستاني، گُجراتي ۽ هندي وغيره ڄمي ڌار ٿيون. اُها جُدائي عيسوي يارهين صديءَ ۾ شروع ٿي، پر پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ صديون سنڌي ۽ اولهہ راجستاني لوڪ وهنوار ڀاشا ۾ گهڻو ڦيرو ڪو نہ آيو حڪومتي ٻوليءَ ۾ برابر گهڻو ڦيرو آهي، پر عام خلق جي ٻولي ساڳئي رهندي آئي، جا اُن وقت اولهہ راجستانيءَ کان گهڻي علحيده ڪا نہ هُئي. ڪي صديون پوءِ هاڻوڪي سنڌ جي ڪجهہ حصي جو راجستان سان سياسي ۽ سموريءَ سنڌ جو راجستان سان پنگتي ناتو هلندو رهيو.“ (5)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 21 جون 2008ع تي سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ پاران ’سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ۽ محاورا‘ جي موضوع هيٺ ٿيل سيمينار ۾ صدارتي تقرير دؤران چيو تہ ’ڍاٽڪي ۽ جتڪي سنڌ جون شاهوڪار ۽ قديم ٻوليون آهن. ڍاٽڪيءَ کي مارواڙي يا ٻي ڪنهن ٻوليءَ سان ملائي منجهائڻ نہ گهرجي.‘ (6)

متين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا لسانياتي ماهر ڍاٽڪيءَ جي قدامت ۾ اُن جي سنسڪرت توڙي پراڪرت جي ڏاتن سان ويجهڙائيءَ جا نه فقط قائل آهن، پر اُن جا پر چارڪ پڻ آهن.

آءٌ پنهنجي موضوعي دعويٰ جي ثابتيءَ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڳچ سارن لفظن جي اول سنسڪرت ۽ پوءِ پراڪرت ڏاتن کان وٺي موجوده صيغن وارين صورتن سان وينجنائي ۽ ماترائي (سُرن Vowels واري) ڪاياپلٽ (Transformation) پيش ڪريان ٿو. جنهن ۾ سنڌي لفظن جي ڪايا پلٽ ۾ ڍاٽڪيءَ جو مقام واضح ٿئي ٿو.

لفظي ارتقائي ڪايا پلٽ دوران سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ هيٺيون تبديليون ٿين ٿيون:

(الف) لفظن يا صرفين وارا مرڪب آواز پاڻ ۾ سمائجي، هڪ ٻئي تي اثر ڪري، نئين آواز ۾ تبديل ٿين ٿا.

(ب) پوئين آواز جي اثر کان پهريون آواز وڃان ٿي هڪ نئين يا ٽئين آواز جي رُوپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

(ٻ) تاريخي ارتقا دوران هڪ آواز منجهي ٻيو آواز اختيار ڪري ٿو.

(ڀ) تاريخي ارتقائيت جي عمل مان گذرندي، هڪ آواز بلڪل گُم ٿي وڃي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جا لفظ جيئن جيئن تاريخي ارتقا جي عمل مان گذرندا وڃن ٿا، تيئن تيئن متيان چارئي اصُول پنهنجو اثر ڏيکاريندا وڃن ٿا. هر لفظ جو اصل ڏاتوءَ ڏانهن پوئتي پيرو کڻڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته مختلف زمانن ۾ مختلف سياسي، سماجي، معاشي ۽ ٻوليائي اثرن مان گذرڻ دوران اُهو لفظ ڪيئن اُچاريو ويندو هو.

(الف) سنسڪرت جي ڌاتن مان پراڪرت ۾ پراڪرت کان پوءِ ٻيا مرحلا طئي ڪري ڪي لفظ ک/گھ/ٿ/ جا اکر 'ھ' ۾ بدلائي ڇڏين ٿا. مثال طور:

مُکيہ> مُک> مُھ> مھ> منھ> منھن

ميگھ> مِھ> ميھ> مينھ> مينھن

گراس> گاٿ> گاھ> ڳاھ

تنهي لفظن جي ماترائي (سر/ Vowel واري) ۽ وينجني ڪايا پلٽ جا پاڇل پيرا کڻبا تہ ڏاتڪي لفظ پھرئين مرحلي ۾ پراڪرت جي ڌاتوءَ ۾ ٻئي مرحلي ۾ سنسڪرت جي ڌاتوءَ ۾ داخل ٿئي ٿو جڏهن تہ تنهي لفظن جو موجوده سنڌي صيغو ٽئين ۾ ڪٿي چوٿين مرحلي ۾ پراڪرتي ڌات ۾ چوٿين يا پنجين مرحلي ۾ سنسڪرت جي ڌاتوءَ ۾ شامل ٿئي ٿو.

(ب) يا 'چ' جو 'ر' ۾ بدلجڻ ۽ 'ش' جو اصل 'س' ۽ پوءِ 'ھ' ۾ بدلجڻ مثال طور:

ايڪادش> ايڪاره>ايگياره> اي ياره> يارھ> يارھن

دوادش> اپارس> بارس> ٻارھ> ٻارھن

تريودش> تيريودس> تيريورھ> تيرھ> تيرھن

تنهي مثالن جي ارتقائي رُوپ بدل ۾ ڏاتڪيءَ ۾ سنڌيءَ جي پيٽ ۾ پھرئين لفظ ۾ ٽي گھٽ. جڏهن تہ

(ٻ) 'ي' جو 'ج' ۾ بدلجڻ. مثال طور:

يوون> جو ون> جوبن> جوڀن

يوترن> جوترڻ> جوٽرڻ> جوٽڻ

ٻنهي مثالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو موجوده صيغو چوٿئين مرحلي ۾، جڏهن ته ڍاٽڪي پهرئين لفظ ۾ ٻئي ۽ ٻوئين لفظ ۾ پهرئين ئي مرحلي ۾ پراڪرت جي ڌارا ۾ شامل ٿئي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ارتقائي عمل مان گذرڻ دؤران ڪڏهن ڪڏهن ڪي آواز گُم يا حذف به ٿي ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ ملن ٿا، جن ۾ اڌ ڏهاڪو صدي اڳ 'ر' جو آواز ڪڍيو ويندو هو پر هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ انهن لفظن مان 'ر' جو اُچار گُم ٿي ويو آهي.

ترسڻ> ترسڻ> تسڻ> تسڻ> ٿهڻ

گرام> گام> گان> ڳوٺ/ گائون

انهيءَ مثال لاءِ شاهه ڪريم جو بيت پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ 'ر' ڪمِ آندل آهي ۽ تنهن وقت اُهو اُچار عام هو جيڪو اڄا تائين اُترادي لهجي ۾ ڪنهن حد تائين باقي آهي، پر ڍاٽڪيءَ ۾ گهڻي ياڳي قائم آهي.

چندن چُور ڪريندي، رتو منهن ڪماڻ

سڄڻ ڏڄڻ نه ٿئي، رُسي جي سؤ وار.

انهيءَ دوهي ۾ لفظ 'ڪندي' بدران 'ڪريندي' استعمال ٿيل آهي. پراڻي شاعريءَ ۾ اهڙا اڪيچار مثال اسحاق آهنگر وغيره جي بيتن ۾ موجود آهن. ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ اڄ تائين 'ڪرڻ' جا سمورا مشتق 'ر' جي شموليت سان اُچاريا وڃن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ارتقا ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي به مختلف آواز پاڻ ۾ سمائجي/ ادغام ڪري، هڪ نئين آواز ۾ بدلجن ٿا، جيڪو اڳوڻي آواز کان ٻنهي مختلف هوندو آهي ۽ اڪثر ڪري

وسرگ (aspirated) ٿي هوندو آهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر ٽرمپ جي خيال ۾ سنڌيءَ ۾ اُنهن ساڳوٽن لفظن جو وهڪرو اوسرڳائي منزل کان اڳتي پار نٿو ٿئي ۽ بعد ۾ پراڪرت جي مرحلي تي مڪمل ٿي ويجي ٿو.

ڪاڪي ڀيرو مَل 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ۾ بہ هن ڳالهہ جو اظهار ڪيو آهي، تہ ڊاڪٽر، مارواڙي ۽ گجراتي ٻولين ۾ وِسرگائيءَ جي ڀيٽ ۾ اوسر گائيت وڌيڪ نظر اچي ٿي. هيٺ انهيءَ سلسلي ۾ چند مثال پيش ڪجن ٿا:

(الف) 'گيہ' ۾ 'گ'، 'ر' ۾ سمائجي، 'ڳ' ۾ بدلجي ٿو:

آگر> آگ> آڳ

(ب) 'گيہ' ۾ 'گ' ۽ 'ي' پاڻ ۾ سمائجي 'ڳ' ۾ بدلجن ٿا:

ڀاگيہ> ڀاگ> ڀاڳ

يوگهي> يوگي> جوگي> جوڳي

(ب) 'تيہ' ۾ 'تہ' ۽ 'ي' پاڻ ۾ سمائجي 'ڄ' ۾ بدلجن ٿا:

ستيہ> ستّ> سچ

هتيا> هَتا> هچا

(پ) 'ديہ' 'د' ۽ 'ي' پاڻ ۾ سمائجي 'ڄ' ۾ بدلجن ٿا:

ويديہ> ويدّ> ويڄّ> ويڄ

اديہ> اڌ> اڄَ> اڄ

ودبا> وڌا> وڄا> وڄا

(ت) 'ڌيا' ۾ 'ڌ' ۽ 'ي' پاڻ ۾ سمائجي پهرئين 'ڄ' ۽ پوءِ 'جهہ' ۾ بدلجن ٿا:

سنڌيا> سندا> سنڄا> سنجها

(ٺ) ' ست' ۾ 'س' ۽ 'ي' پاڻ ۾ سمائجي پهرئين 'ت' مشدد پوءِ 'ٿ' ۾ بدلجن ٿا:

هست> هتّ> هٿ

ڪستوري> ڪتّوري> ڪٿوري> ڪٿوري

ڍاٽڪيءَ ۾ اڄا تائين 'ڪستورو' يا 'ڪستوري' جا اُچار عام مروج آهن.

(ٿ) 'ڪش' ۾ 'ڪ' ۽ 'ش' پاڻ ۾ سمائجي پهرين 'ش' مشدد پوءِ ڪ ۽ ٽئين مرحلي ۾ ڇ بدلجن ٿا.

لڪشمي> لشّمي> لڪمي> لڇمي

لڪشڻ لشّڻ> لکڻ> لڇڻ

ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ 'لڇمي' ۽ 'لڇڻ' ڪانسواءِ 'لکمي' ۽ 'لکڻ' جا اُچار گهٽو ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي اول جي پيٽ ۾ وڏيڪ سنسڪرت جي قريب آهن.

(ٿ) 'شڇَ' ۾ 'ش' ۽ 'ڇ' پاڻ ۾ سمائجي پهرئين 'ش مشدد پوءِ نڇ ۽ آخري مرحلي ۾ 'ڇ' ۾ بدلجن ٿا.

پڇيہ> پنّ> پنڇ> پڇ

(پ) 'در' ۾ 'د' ۽ پاڻ سمائجي پهرئين 'د' مشدد پوءِ 'ڏ' يا 'ڊ' ۾ بدلجن ٿا. نندر> نندّ> نند

چندر> چندّ> چنڊ

جڏهن تہ ڍاٽڪيءَ ۾ پڻ 'نندر' ۽ 'چندر' جا اُچار عام آهن، جيڪي سنسڪرتي الاصل آهن.

هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب يا مرتب لفظن جي ترڪيب يا ترتيب دؤران اُن جي ٻنهي جُزن ۾ ٿيندڙ تبديليءَ جو جائزو بہ پيش ڪجي ٿو:

(الف) جيڪڏهن ڪنهن مرتب لفظ جي شروعاتي ڀاڱي جو آخري جُزو 'س' هجي ۽ آخري ڀاڱي جو پهريون جُزو 'م' هُجي، تہ 'م' جي اثر ڪان 'س' بدلجي 'ر' ٿي ويندو آهي.

نس+مل>سمل> نرمل

(ب) جيڪڏهن ڪنهن مرتب لفظ جي شروعاتي ڀاڱي جو آخري جُزو 'س' هُجي ۽ ٻئي ڀاڱي جو شروعاتي جُزو 'ل' هُجي تہ 'م' جي اثر سان 'س' بدلجي 'ر' ٿي ويندو آهي.

نس+لج> نسلج> نرلج> نرلج

ڊاتڪي آخري ڀاڱي جي پڇاڙيءَ واري جُزي جو آواز وسرڳ طور مروج آهي.

(ٻ) جيڪڏهن ڪنهن مرتب لفظ جي شروعاتي ڀاڱي جو آخري جُزو 'ت' هجي ۽ ٻئي ڀاڱي جو شروعاتي جُزو 'چ' هُجي، تہ 'چ' جي اثر ڪان 'ت' بدلجي 'چ' ٿي ويندو ۽ پوءِ 'ج' مشدد ۾ بدلجي، چوٿين مرحلي ۾ وسرڳ ٿي ويندو آهي.

اُت+ چارڻ> اُتچارڻ> اُچچارڻ> اُچارڻ> اجارڻ، اُچارڻ

ڊاتڪيءَ جي هن ڪُتنب وارا لفظ اوسرگائي مرحلي ۾ ئي غوطو هڻي وڃن ٿا.

(پ) جيڪڏهن ڪنهن مرتب لفظ جي شروعاتي ڀاڱي جو آخري جُزو 'ت' هُجي ۽ ٻئي ترڪيبي ڀاڱي جو شروعاتي جُزو 'ج' هُجي تہ 'ج' جي اثر ڪان 'ت' بدلجي 'ح' ٿي ويندو ۽ آخري مرحلي ۾

'ج' پنهنجي هم جنس ۾ ادغام ڪري اوسرڳ تي ويندو ۽ ڏاتڪي وهڪرو وِسرڳائيءَ ۾ ٿي ڪٽجي ويندو. ست+ جن> ستجن> سججن >سجڻ >سڄڻ

(ت) جيڪڏهن ڪنهن مرتب لفظ جي شروعاتي ياڱي جو آخري جُزو 'هہ' هُجي ۽ ٻئي ياڱي جو شروعاتي جُزو 'ج' يا 'ب' هُجي، تہ انهن جي اثر ڪان 'هہ' بدلجي 'ر' تي ويندو آهي ۽ اڳيون اوسرڳ غوطو هٽي وسرڳ تي ويندو آهي ۽ ڏاتڪي وهڪرو جمود جو شڪار ٿي ويندو آهي.

نهہ+ جل> نهجل> نرجل> نرڄل

نهہ+ بل> نهبل>نربل> نرٻل

(ٿ) جيڪڏهن ڪنهن مرتب لفظ جي شروعاتي ياڱي جو آخري جُزو 'هہ' هجي ۽ ٻئي ياڱي جو شروعاتي جُزو 'ق' جي اثر ڪان 'هہ' پهرئين 'ش' ۾ بدلجندو آهي ۽ پوءِ 'س' تي ويندو آهي ۽ ڏاتڪي وهڪرو بہ گڏوگڏ هلندو آهي.

نهہ+ قل> نهقل> نشقل> نسقل

مٿين تجرباتي مثالن تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ چئي سگهجي ٿو تہ سنسڪرت مان پراڪرت ۽ پراڪرت جي مرحلن ڪان هاڻوڪي مرحلي تائين پهچڻ دوران سنڌي ٻوليءَ جا لفظ جن آراڏاين مان گذريا آهن، تن ۾ اُهي پنهنجا وينجن ۽ ماترائون جذب ڪري، ادغام ڪري يا سوس ڪائي تبديل ڪندا رهيا آهن. اُن جي ڀيٽ ۾ ڏاتڪيءَ جو لفظي سرمايو تمام گهٽ بدليو ۽ پلٽيو آهي.

هيٺ ڏاتڪيءَ ۽ سنڌيءَ جي ڳالهائڻ وارن لفظن جو جائزو پيش ڪريون ٿا، اُن مان پتو پوي ٿو تہ ٻنهي ٻولين جي چپاون، ڏنداون، مهاراون، مورڌني، سخت ۽ نرم تارونءَ وارن آوازن ۾ ڪيتريون ئي

هڪجهڙايون بہ آهن، پر اُن جي باوجود اُهي هڪ ٻئي کان نرالا پڻ آهن. ڏنو ويجي تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڏوڪٽا وسرڳ ڍاٽڪيءَ ۾ سيپ جا سيپ اوسرڳ طور اُچارجن ٿا، جيئن:

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| ڪهڙو | ڪيڙو |
| تهڙو | تيڙو |
| جهڙو | جيڙو |

سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي لفظن جي آخري ۾ 'همزو' هن ٻوليءَ ۾ غائب نظر اچي ٿو:

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| ماءُ | ما |
| پيءُ | پا |
| ڪاءُ | ڪا |
| ڳاءِ | ڳا |

سنڌي ٻوليءَ جا گسڪيدار اوسرڳ آواز ڍاٽڪيءَ ۾ هن ريت بدلجن ٿا:

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| غ (غُلام) | گُلام |
| خ (خير) | ڪير |
| خ (خبر) | ڪبر |

سنڌي ۽ ڍاٽڪيءَ کي صرفيات جي روشنيءَ ۾ پرکينداسين تہ بہ ڍاٽڪي صرفيات سنڌيءَ جي ڀيٽ ۾ پراڪرت يا سنسڪرت جي صرفيات کي وڌيڪ ويجهو بيٺل نظر ايندا، جيئن:

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| تنهنجو | تان جو/ تاجو/ تان رو/ تان رو |
| منهنجو | مان جو/ مان رو/ مارو |
| ڪنهن جو | ڪي رو |

هيٺ حرف جر ۽ فعل جو جائزو ورتو ته 'ي' ۽ 'آ' جو آواز زَبر ۽ زيرِ ۾ بدلجي ويندو آهي، جيئن:

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| جتي | جتَ |
| ڪتي | ڪتَ |
| هُتي/هِتي | اُتَ/اِتَ |
| آهي | آهي |
| آهسِ | آهين |
| ڪتي وينو آهين ؟ | ڪتي بينو آهين |
| هِتي ڇا آهي ؟ | اِتَ ڪِي آهي |

ڍاٽڪيءَ جا ظرف سنڌيءَ جي ڀيٽ ۾ ٻاندا نظر اچن ٿا. ساڳيو طريقو جدگالي، پنجابي، ڪوهستاني ۽ ٻين جمود جو شڪار ٻولين ۾ به روا آهي.

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| جيڏانهن | جٽڪو |
| تيڏانهن | تِٽڪو |
| ايڏانهن/اوڏانهن | اِٽڪو/اُٽڪو |

ضمير ۽ اُنهن جي پڇاڙين جو اڀياس ڪبو ته هيءُ فرق نظر ايندو.

| ڍاٽڪي | سنڌي |
|---|---|
| هُون | آئون |
| اسين | اسين |
| ابهان/ ابهين | اوهان/ اوهين |
| او | هُو |
| ايءَ | هِي |
| آپين/ آپيان | پاڻ |

هيٺ ڪِن چوند سنڌي لفظن جون ترتيبوار سنسڪرت، پراڪرت، ڍاٽڪي ۽ سنڌي صورتون پيش ڪجن ٿيون، تِن سان پڙهندڙ بخوبي اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ آريائي لفظي ڌارا ۾ سنڌي ۽ ڍاٽڪي ٻنهي مان ڪهڙي ٻولي اصليت جي قريب آهي؟

| سنسڪرت | پراڪرت | ڍاٽڪي | سنڌي |
|---|---|---|---|
| آشاد | آساڍ | آساڙ | آڪاڙ |
| اَنتر | آنتر | آنترو | آنڊو |
| اِنڪو | آنڪرو | آنڪوڙو | آنگوڙو |
| آهاو | آها | آها | آنهن |
| انگارڪ | انگارگ | انگارو | اَڱارو |
| انگار | انگار | انگار | اڱر |
| انگن | انگڻ | آنگڻ | اڱڻ |
| ٻادر | ٻادرو | ٻادرو | ٻڊو |
| ٻياج | ٻياج | ٻياج | وِياج |
| وست | ويس | ٻيس | ويهہ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| وٽڪ | ٻٽڪ | ٻٽڪو | ٻُوٽي |
| ٻهڪري | ٻهگري | ٻهنگري | ٻُهاري |
| پراترج | پاترج | پاتريجو | پائيٽو |
| پوم | پوم | پوم | پُون |
| ٻهگني | ٻهٽي | ٻين | پيڻ |
| تِل | تل | تل | تِر |
| ٿُوتڪار | ٿوتڪار | ٿوتڪار | ٿوڪا |
| ترنن | ترٽن | ترٽڻ | ٽُنڻ |
| ترسن | تست | تسڻ/ترسڻ | ٿهڻ |
| ٿڪِ | جدڪي | جڙڪي | جهرڪي |
| داتر | دنتر | ڏانترو | ڏاٿو |
| ڪنپن | ڪبنن | ڪنپڙ | ڪنبڙ |
| ڪرپاس | ڪپاس | ڪپاس | ڪپهه |
| ڪنيا | ڪنيا | ڪنيا | ڪيا؟ |
| ماٽس | ماٽس | ماٽس | ماٺو |
| مانس | منس | مانس | ماس |
| مارگ | مگ | مارگ | ماڳ |
| منتري | منتري | منتري | مانڊي |
| منج | منح | منج | مُچ |
| منجر | منجر | منجر | مُچر |
| مِرگي | مِرگي | مِرگي | مرگهي |
| وٽڪا | جٽڪا | ٽِڪي | وٽي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| وِديت | وِج | ٻُج | وِج |
| ورش | ورس | بوس | ورهہ |

لفظي ڏارا جي هن چوڦنگي اپياس ۾ ڊاٽڪي ٻولي ڪڏهن پراڪرت جي مرحلي ۾ پير پايو ويئي آهي تہ ڪڏهن وري اُن ڪان بہ اڳتي سنسڪرت سان ساهہ سيباٽي بيٺي آهي. قديم پراڪرت اسٽيج سان سهڪار هن ٻوليءَ جو لفظي سرمايو تحقيق جو طلبگار آهي. اهڙي تحقيق سان نہ رڳو هِن ٻوليءَ جو آخري نالو نشان ڪتابن ۾ قائم رکي سگهبو پر اُن سان سنڌي ٻوليءَ جي نج سنسڪرت ڌاتو ئي لفظن جي ارتقائي تاريخ جون منزلون ۽ مرحلا پڻ طئي ٿيندا. اُن ڪانسواءِ ظاهر پراڪرت جي سلسلن جي اپڀرنش شڪلين ۾ 'اونتا' آڪهہ جي ٻولين جا سنڌي ٻوليءَ تي اثر ۽ سنڌيءَ جا انهن تي اثر پڻ ظاهر ٿيندا. جنهن سان سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ۽ تشريح جون نيون واٽون بہ سمجهي سگهبيون. ڇاڪاڻ تہ ڊاٽڪي پراڪرت واري زماني کان وٺي هيل تائين جمود جو شڪار رهي آهي، اُن جي نہ ڪا رسم الخط طئي ٿي آهي ۽ نہ ئي تعليم، تدريس ۽ تحقيق جي علمن مان گذري آهي: جيڪا ٻولي انهن مرحلن مان گُذري ٿي، سا ارتقائي لحاظ کان لفظن جي تصريف، تبادلي، تخليق تجديب، گردان، ادغام سوس ۽ حذف جي مرحلن مان پار ٿي اڳتي وڌندي رهي ٿي. نتيجي ۾ پنهنجون اصلي اڳياڙيون، پڇاڙيون، ماترائون، وينجن، وسرگائيون، اوسرگايون وغيره بدلائيندي بدلائيندي ڪڏهن ڪڏهن اصل لفظن جي ڌاتن جي هيئت ئي ڦيرائي ڇڏيندي آهي. بعد ۾ اِيندڙ نسلن کي ڪو پتو ناهي پوندو تہ مطالعي هيٺ آيل لفظ جو ڌاتو يا اصل ڇا آهي؟ ۽ هي لفظ آخرڪار ڪهڙن قاعدن هيٺ مختلف گرداني مرحلن مان گُذرندو موجوده شڪل جو حامل بڻيو آهي.

آءُ پنهنجي مقالي بعنوان 'سنڌي ٻوليءَ جي وينجنن ۽ ماترائن جي ارتقائي ڪاياپلٽ ۾ ڍاٽڪيءَ جي اڀياس' سان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ ٿر جي ڏار ڏار ڀاڱن جي ننڍڙين ايراضين تي ڇانيل ڍاٽڪي ٻوليءَ جون محاوراتي ۽ لسانياتي آراڏايون ۽ اُن جون صوتي، صرفي ۽ نحوي خصوصيتون اسان کي لساني ڪيتر ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت جي زماني ۾، نہ تہ اُن جي بلڪل قريب ضرور وٺي وڃن ٿيون، جيڪڏهن هن ٻوليءَ جو لفظي سرمايو جيئن آهي ۽ جتي آهي، جي بنياد تي محفوظ ڪيو وڃي تہ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ارتقائي تاريخ جي لغت (Dictionary of etymological of Sindh Language) مرتب ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملندي.

## ڪتابيات:


1. Foundation of language Lions H. Gray, Memillan Co, New York 1958.
2. جي. اي گريئرسن، ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين، 'برصغير جي ٻولين جو لساني جائزو'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2000ع.
3. ڦلواٽي ڪشني ڊاڪٽر، 'راجستان ۾ سنڌي لوڪ ڳاٿا' - راڳيندڙ ٿماهي سپون، فيبروري ۽ مارچ 2004ع. ص 43.
4. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، جُلد پهريون، شُمارو پهريون، سال: سيپٽمبر 2008ع. سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد
5. ساڳيو
6. مينگهواڙ ڦلومل: 'ڍاٽڪي ٻولي'، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، جُلد ٻيو شُمارو پهريون، سال سيپٽمبر 2008ع، ص 23. سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد
7. سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ 1400هہ.

8. صديقي، ابوالليث ڊاڪٽر، 'جامع القواعد'، اردو سائنس بورڊ، لاهور 2004ع.
9. بيگ مرزا قليچ، 'سنڌي ويا ڪرڻ'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
10. شوق باغ علي، 'راجستاني زبان اور ادب'، راجستاني سيا، گزدر آباد، ڪراچي 1992ع.
11. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ 2004ع.
12. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي ادب جي تاريخ'، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1999ع.
13. هريجن رائچند، 'تاريخ ريگستان'، ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ، 1988ع.
14. جتوئي علي نواز حاجن خان پروفيسر، 'علم لسان ۽ سنڌي زبان'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي1976ع.

❑

ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري

# سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو: مارواڙي

ٻولي انسان جي جذبن، خيالن، ۽ احساسن جي عڪاسي ڪري ٿي. هر علائقي ۽ ملڪ جي رهڻي ڪهڻي، جاگرافيائي حالت ۽ سياسي حالتن جي اُپٽار ٻوليءَ ذريعي ئي ممڪن آهي. سنڌي ٻوليءَ جا اهڃاڻ موهن جي دڙي واري قديم تهذيب ۾ مليا آهن. تاريخي ڪتابن جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته پهرين اتر هندستان وارو حصو سمنڊ هو. جڏهن اهو سمنڊ ڪان ٻاهر آيو ته زمين جي ان ٽڪري تي جيڪي ماڻهو رهڻ لڳا، سي ڪولن ۽ سنٿالن جا ابا ڏاڏا هئا. اها ثابتي موهن جي دڙي مان لڌل ڪولن ۽ سنٿالن جي لاشن مان پڻ ملي آهي، ان جا ڪجهه نشان اسان جي ٻوليءَ ۾ اڃا تائين ملن ٿا. جيئن ويهن واري طريقي سان ڳڻپ ڪرڻ.

رابنس. آر. ايچ. ٻوليءَ ۽ محاورن جي سڃاڻپ لاءِ ٽي اصول مقرر ڪيا آهن:

1. ڳالهائڻ جا نمونا، جيڪي پاڻ ۾ اختلاف ته رکن، پر بنا ڪنهن خاص ترتيب جي هڪ ٻئي لاءِ سمجهڻ جوڳا هجن. مثال طور: برطانيا ۾ انگريزي ڳالهائڻ جا سڀ نمونا انگريزيءَ جا لهجا آهن، جڏهن ته ويلش، آئرش ۽ گالڪ ڌار ٻوليون آهن.
2. ڳالهائڻ جا نمونا ساڳي سياسي وحدت واري ايراضيءَ ۾ رائج هجن، جيئن بنگالي ۽ پنجابي، جيڪي ورهاڱي وقت گڏيل بنگال ۽ گڏيل پنجاب ۾ مروج رهيا آهن.

3. ڳالهائڻ جا اهي نمونا، جن جو هڪ ئي رسم الخط هجي ۽ هڪ ئي ڪلاسيڪي ادبي ذخيري جا وارث هجن. مثال طور چين ملڪ اندر رائج چينيءَ جا لهجا ۽ چين ملڪ کان ٻاهر هلنڊڙ چينيءَ جا لهجا، هانگ ڪانگ، فارموسا، سنگاپور وغيره ملڪن جا چيني محاورا، جن جو رسم الخط تہ هڪ آهي، پر اچار مختلف آهن

جارج گريئرسن، 'لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا' جي جلد ائين ۾ سنڌيءَ جي جائزي دوران سنڌيءَ جي هيٺين محاورن جو اڀياس ڏنو آهي:

(1) معياري سنڌي (وچولو)، (2) سرائيڪي سنڌي (سري وارو)، (3) ٿاريلي، (4) لاڙي، (5) لاسي، (6) ڪڇڪي

ايچ. ٽي. لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب "سنڌ: هڪ عام جائزو" ۾ سنڌي ٻولي ۽ ان جي لهجن بابت لکي ٿو تہ: "معياري سنڌي يعني ادبي ٻولي اها آهي، جيڪا وچولي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. تنهن کان سواءِ سنڌيءَ جا پنج محاورا يا اپڀاشائون بہ آهن.

سرائيڪي، جيڪا مٿينءَ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي؛ ٿريلي يا ڍاٽڪي، جا اڀرندي رڻ پٽ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي: "لاڙي، جا سنڌوءَ جي ڊيلٽا واري ڏيهہ لاڙ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ڪڇي، جا ڪڇ جي اڀيٽ ۾ ڳالهائجي ٿي ۽ لاسي، جا ڪراچيءَ جي پرپاسي ۾ ۽ لسٻيلي جي ڏکڻ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي

ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ بہ ڍاٽڪي يا ٿريءَ کي سنڌي محاوري ۾ شامل ڪيو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جا محاورا هن ريت ڏنا آهن:

(1) سريلي (اترادي)، (2) وچولي، (3) لاڙي، (4) ٿريلي، (5) لاسي، (6) ڪڇڪي.

لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا جي خيال مطابق سنڌي ٻوليءَ جا محاورا هي آهن:

(1) اترادي يعني سريلي، (2) وچولي، (3) لاڙي، (4) ٿري، (5) ڪوهستاني، (6) ڪڇي، (7) لاسي.[5]

جي. اي. گريئرسن ٻه اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته:

"ٿاريلي نالو آهي سنڌي ٻوليءَ جي ان روپ جو جيڪو ٿر جي ريگستان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. "ٿر" سنڌ جي اوير پاسي واري سرحد تي هڪ رڻ پٽ آهي، جيڪو سنڌ کي راجپوتانا جي رياست مارواڙ کان ڌار ڪري ٿو. هن محاوري کي "ٿريچي" به چيو ويندو آهي.

مارواڙ ۾ رڻ پٽ کي "ڏٽ" سڏيو ويندو آهي. اتان جي محاوري کي "ڏاٽڪي" محاورو سڏجي ٿو. سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جي گاڏڙ ساڏڙ محاوري جو مختلف هنڌن تي ٿورو فرق آهي، جنهن جو سبب ٻنهيءَ مان ڪنهن هڪ ٻوليءَ جو وڌيڪ اثر هجڻ آهي

ٿر جي ٻوليءَ کي "ڏاٽڪي" چئبو آهي، جا سنڌي، گجراتي، مارواڙي ۽ ڪڇي ٻولين جو ميلاپ آهي

ٿر جي علائقي ۾ رهندڙ مختلف قبيلن جهڙوڪ: سونارن، سامين، ڪنڀارن، لوهارن، مينگهواڙن، مهيشورين، برهمڻن، چارڻن ۽ ٻين ڪيترن قبيلن جا ماڻهو مارواڙي ٻولي ڳالهائيندا آهن. "جيسلمير واري راجپوتانا رياست جي ڏکڻ ۾ ٿر ۽ پارڪر جي اجا به اوير ۾، راجپوتانا اندر ئي مارواڙ رياست جو ملئي خطو پوي ٿو. ملئي جي مکيه ٻولي مارواڙي آهي. پر ان جي، ٿر ۽ پارڪر جي وچ واري سرحد سان لاڳو هڪ سوڙهو پٽو اهڙو آهي، جتي جي ٻوليءَ کي مارواڙي ماڻهو 'سنڌي' چوندا آهن. اهو سنڌي ۽ مارواڙيءَ جو گڏيل لهجو آهي. جيڪو سموري سرحد سان لاڳو علائقي کان جيسلمير واري ڏٽ تائين

ڳالهائجي ٿو. ان پٽي ۾ ڏٽ جي اوپر ۾ اهو ريگستان يڪو هلندو وڃي راجپوتانا جي وچ ۾ پوي ٿو جتي پهرين ٻولي جيڪا ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، سا آهي راجستانيءَ جي مارواڙي لهجي جي هڪ صورت. مجموعي طرح سان، اسان وٽ ذڪڻ اولهه ۾ مارواڙي ملئي آهي، ٿرپارڪر ۾ جيسلمير جي ڏاٽ ۾ ڳالهائڻ جا مختلف قسم ملن ٿا، جيڪي سڀ سنڌي ۾ مارواڙيءَ ۾ مختلف تناسب سان ٿيل ملاوٽ جو نتيجو آهن. انهن کي سنڌيءَ جا يا مارواڙيءَ جا لهجا چئي سگهجي ٿو

"مارواڙي، ڀارت جي رياست راجستان جو هڪ مکيه لهجو آهي. 1980ع جي انگن اکرن موجب سنڌ ۾ لڏي آيل مارواڙين جو تعداد اٽڪل هڪ لک آهي.

لسانيات جي محقق ڊاڪٽر غلام علي الانا مطابق "سنڌي ٻولي ۾ سنڌ" جي اوپر طرف وارين ڀارتي راجستان وارين رياستن جي ٻولين ۾ هڪجهڙائيءَ جو هڪ وڏو سبب هي به آهي، جو هڪ طرف، گجرات جي سورت بندر تائين ٻئي طرف نربدا نديءَ جي اورئين ڪناري ۾ اراولي ٽڪرين تائين نه صرف سنڌو تهذيب ۾ تمدن ۾ ان جي رائج "سنڌوئي ٻولي" ۾ ان جون شاخون ڳالهايون ويندڙيون هيون، پر برهمڻ گهراڻي جي حڪومت واري زماني (642ع کان 712ع) ۾ اهي سمورا علائقا، قديم سنڌ جي سلطنت جي ماتحت هئا. اهوئي سبب آهي، جو انهن رياستن ۾ سنڌوئي ٻوليءَ جا لهجا (ڪڇي لهجو ايرندو لهجو اتر- اوپر وارو لهجو) ڳالهايا ويندا هئا. اهوئي وڏو سبب آهي، جو پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻيءَ کي سنڌ ۾ راجستاني ٻولين ۾ گهٽي علحدگي نظر ڪانه آئي.

ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ سنڌي ۾ مارواڙيءَ جو پاڻ ۾ سنبنڌ بيان ڪندي لکيو آهي ته: "ٿر ڏويڙن ڏي سنڌي ٻولي، راجستانيءَ

(مارواڙي وغيره) سان وڃي گڏي آهي. خود مارواڙ ۾ ڪيترا ماڻهو سنڌي بہ ڳالهائين، تہ مارواڙي بہ ڳالهائين. ائين سنڌ جا ڪيترا لفظ مارواڙيءَ ۾ ۽ مارواڙيءَ جا سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن.

”راجستاني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج، هڪٻئي جي بلڪل ويجهو آهي. ۽ سنڌي ٻولي ۽ راجستانيءَ ۾ صوتي، صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائي تمام گهڻي آهي.“

لسانيات جي ٻن ماهرن Peter J- Grainger ۽ Nita J-Granger جي ڪيل سروي مطابق ”پارڪري“ جنهن کي پارڪري گجراتي بہ چون ۽ ٻيو نمونو پارڪري، ڪولهي، ڪنري، ميرپورخاص طرف ڳالهائين، هي ٻئي ٻوليون مارواڙيءَ سان 68 ۽ 73 سيڪڙو هڪجهڙائجي رکن ٿيون.

برصغير جي ٻولين تي تحقيق ڪندڙ ماهر گريئرسن راجستاني ٻولين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، ”سنڌ جي ڏٿ واري خطي، جوڌپور ۽ جيسلمير وارن علائقن ۾ جيڪي لهجا ڳالهايا ويندا هئا، تن کي ڀنگل ۽ ڊنگل جي نالن سان سڏيو ويندو هو. اهي لهجا علم ادب، خاص ڪري لوڪ ادب واري ڪيتر ۾ اهم لهجا شمار ڪيا ويندا هئا، جن جا مثال بہ ملن ٿا.“ سر گريئرسن بہ قديم زماني ۾ گجرات، ڪاٺياواڙ راجستان ۽ ان جي اولهہ واري علائقي ۾ علم ادب جو ذريعو ناگر اپڀرنش کي بيان ڪيو آهي. اها زبان ادبي لحاظ کان هنن خطن تي ڇانيل هئي.“ [14]

”سنڌ جي ڏکڻ- اوڀر، اوڀر، اتر- اوڀر ۾ ڀارت جي موجوده رياست گجرات، ڪڇ، ڪاٺياواڙ جي اڳوڻين رياستن سميت راجستان ۾ موجوده هرياڻا ۽ هماچل پرديش رياستن جي پوري ايراضي، اهڙيءَ طرح سنڌ جي اتر ۾ موجوده پنجاب ۽ ان (پنجاب) جي بہ اتر ۾

ڪشمير، اتر اولهہ طرف داردستان ۽ اولهہ بلوچستان ۽ ايران جي خوزستان واري علائقي ۾ رائج ٻولين. هرياڻا جي ٻولي بانگڙو ۽ موجوده پنجاب صوبي جي ٻولين لهندي (ان جي ڏار ڏار لهجن) هندڪو داردستان جي ٻولين ۽ موجوده سنڌي زبان جي لسانياتي، تهذيبي ۽ تمدني هڪجهڙائيءَ جي تقابلي اڀياس ڪان پوءِ. هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ جيئن تہ مٿي ڄاڻايل سڀ علائقا. قديم زماني ۾ سنڌوماٿر جي تهذيبي، تمدني، سماجي ۽ سياسي دائري ۾ داخل هئا. انهيءَ ڪري انهن سيني علائقن ۾ سنڌوماٿر ۾ رائج قديم زبان سنڌوئي پنهنجن ڏار ڏار لهجن جي وسيلي اثر انداز هئي ۽ سيني علائقن ۾ پکڙيل هئي. انهن مان ڏار ڏار هرهڪ علائقي ۾ 'سنڌوئي' ٻوليءَ جو ڏار ڏار لهجو ان علائقي جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي اثر موجب ڳالهايو ويندو هو. اهوئي سبب آهي، جو موجوده سنڌي ٻوليءَ سان گجراتي ۽ سنڌي، سنڌي ۽ مارواڙيءَ ۾. سنڌي ۽ ميواتيءَ ۾. سنڌي ۽ بانگڙو ۾. سنڌي ۽ سرائيڪيءَ ۾. سنڌي ۽ ملتانيءَ ۾. سنڌي ۽ پوٺاهاريءَ ۾. سنڌي ۽ ڏنيءَ ۾. سنڌي ۽ شاهپوريءَ ۾. سنڌي ۽ ڇاڇيءَ جي سنڌيءَ ۾. ڪشميريءَ ۽ سنڌي ۽ دارديءَ ۾. سنڌي ۽ ڀيليءَ ۾. سنڌيءَ ۽ باگھريءَ جي وچ ۾ تمام گهڻي لسانياتي، تهذيبي ۽ تمدني هڪجهڙائي نظر اچي ٿي."[15]

سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جي لساني لاڳاپن جي تحقيق ڪندڙ پريتم پياسيءَ جي تحقيق مطابق "سنڌ ۽ مارواڙ ٻئي خطا ويجها ۽ قريبي تعلق رکندڙ آهن. نہ صرف ايترو پر ڪن عالمن جي خيال ۾ مارواڙ جا اصلي باشندا ۽ سنڌ جا اصلي باشندا هڪڙي ئي نسل سان تعلق رکندڙ آهن. مارواڙ جو علائقو ڪيترن ئي سالن ڪان ڪڏهن سنڌ جو تہ ڪڏهن راجستان جو ٿي رهيو آهي. هزارين سالن ڪان مارواڙين ۽ سنڌين جا پاڻ ۾ سياسي، تجارتي، سماجي، مذهبي ۽ تهذيبي ناتا رهيا آهن.

سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو (دراوڙ) مارواڙي نسلي لحاظ کان هڪبئي جي بلڪل قريب آهن. بمبئي انٿراپالاجيڪل جرنل 1930ع موجب ذڪرڻ اوپر سنڌ جا باشندا هڪبئي سان ويجهو تعلق رکن ٿا. ڪجھ مارواڙي قبيلا اصل ۾ سنڌي هئا. مارواڙ کان سنڌ ڏي تمام گهڻو اڳاٽا پهتا، ڪي تہ اڄ کان هزارها سال پهرين آيا آهن. جيڪي آرين جي حملن ۾ هتان ڀاڄ کائي گنگا ماترئ ۾ پهتا، جتان ٻيهر واپس موٽ ڪاڌائون. اهڙن قبيلن ۾ ڀيل ۽ مينگهواڙ خاص آهن. اهي قبيلا جيئن تہ گنگا ماترئ ۾ هزارين سال رهڻ بعد وريا تہ بلڪل بدلجي چڪا هئا. ان ڪري سندن ثقافت ۽ ٻولي هر طرح سان مارواڙي تي پئي، انهن پهرين آهستي آهستي ٿر ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ پوءِ اتان اڳتي سنڌ جي ميداني علائقن تائين پهتا.“

پريتم پياسيءَ پنهنجي لکت ”سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جو لساني لاڳاپو“ ۾ مارواڙ کان سنڌ ڏانهن ايندڙ مختلف قبيلن بابت لکي ٿو تہ: ”سوڍن سان گڏ چارڻ بہ آيا، جيڪي پڻ ٿر جي مختلف ڳوٺن ۾ رهن ٿا. مگر عمرڪوٽ جي ڀرسان ’ڪاروڙو چارڻ‘ اڳاٽو ماڳ آهي، جتي اڄ چارڻ رهن ٿا. ناگوري، جيڪي اصل ۾ ناگ قبيلي مان هئا، ۽ سندن اصل وطن ناگور آهي، سي پڻ اڳاٽا سنڌ ۾ آيل آهن. اهي تاريخ کان گهڻو اڳي جوڌپور واري علائقي تي راڄ ڪندا هئا. جتي اڄ بہ ناگادر ندي، ناگ تلاءُ، ناگاڻہ ۽ ناگور انهن جا اوائلي نشان آهن. ميئو ذات وارا پڻ اصل ۾ مارواڙ کان آيل آهن. ۽ ميواڙ جا رهاڪو هئا. گومتيا مهر تہ نج مارواڙي آهن ۽ جيسلميري لهجي ۾ پڪي مارواڙي ڳالهائين ٿا. پشڪرڻا ۽ سريمالي برهمڻ اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ آيا، جيڪي اصل ۾ جسونت پوره جا رهاڪو هئا، سي پڻ عمرڪوٽ ۽ ڀرپاسي ۾ رهن ٿا. ان کان سواءِ پنجولي مهاجن، سونارا،

درزي، ڪتري، لوهار، جٽ وشنوئي، ڪنيار، ڪائي پٽيل، هيرا، سيروري، نائي، تنبولي گانچي، گانا، ڪوچي، مالهي، گوجر، تيروا، ڪلال تيلي، بنجارا، جلاها، ڏوبي، ڪڇيرا، لکيرا، چوڙيگر، اوڏ، سلاوٽ، ڪوچڙا، ڊيگر، نيرگر، رنگريز گواريا، جتيا، ڍاڍي، سانسي، ڀيل ميرو ڪاريه، جوڳي، باگڙي، ورتيا، سوٿهڙ ڀنگي، چاوا، جاٽ، سامي، ڪرباگر وغيره پڻ مارواڙ کان سنڌ ڏي آيل آهن.“

مٿي ڏنل حوالن مان سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جي تاريخي، سماجي، سياسي، مذهبي ۽ لساني لاڳاپن جي خبر پوي ٿي. ”مارواڙي لهجي جا ٻه ٽي نمونا آهن. مثال طور مسلم مارواڙي، جوڌپور مارواڙي ۽ ڀيلن جي مارواڙي“(19)

Nito Granger ۽ Peter-J-Granger جي خيال مطابق ”ٿيئي مارواڙي ٻولين ۽ لهجا پاڻ ۾ اٽڪل 87 سيڪڙو هڪجهڙايون رکن ٿا.“

ٿر ۾ مارواڙي ادب، ڍاٽڪي ادب جي ذريعي گهڻو متعارف ٿيو آهي. مارواڙي، ٿر جي ڍاٽڪي لهجي کي به پنهنجو لهجو سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ ڍاٽڪيءَ ۾ جيڪو به ادب آهي، ان ۾ نوي سيڪڙو مارواڙي ادب جو اثر آهي ۽ اڪيچار مارواڙي لفظ موجود آهن.

”راجستاني مارواڙي ادب، راجستان جي سياڻن ۽ سگهڙن جي ڪري سنڌ ۾ مشهور ٿيو. ڪڇ ۽ گجرات جي حاڪمن وانگر راجستان جي راجائن مان سنڌ جي سوڍن ۽ ٻين مٽيون مائٽيون ڪيون. جنهن جي ڪري پڻ مارواڙي ادب ڦهليو. مارواڙي ادب سنڌ جي ٿر واري ڀاڱي ۾ گهڻو آهي، جنهن سنڌي ادب تي پڻ پنهنجو اثر ڇڏيو آهي. سنڌي ادب جون ڪجهه صنفون مارواڙي ادب تان ورتيون ويون آهن. جنهن ۾ ”گروچيلو“ خاص آهي. ان کان سواءِ ”هيماريون“ ۽

"ڳوڙها" پڻ مارواڙي ادب جو حصو آهن.[21] هيٺ مارواڙي ۽ سنڌي لفظن جي ڀيٽاڀيٽي لسٽ ڏجي ٿي:

| سنڌي | مارواڙي |
|---|---|
| ماڻهو | منخ (منش جي بگڙيل صورت) |
| ڇوڪرو | ٽابر (سنڌيءَ ۾ بہ هي لفظ ڪم ايندو آهي) |
| زال | لگائي |
| ماءُ | امان (سنڌيءَ ۾ بہ ڪم ايندو آهي.) |
| پيءُ | باپو باپ |
| ڀاءُ | ڀائي |
| پٽ | ڏيڪرو |
| ويجهو | نيڙو نيڙيو نيڙڪو |
| پري | اگو |
| ڪنوار | لاڏي (سنڌيءَ ۾ بہ ڪم ايندو آهي) |
| گوشت | مونخ |
| ڏينهن | ڏن (ڏسڻ سنڌيءَ ۾ بہ ڪم ايندو آهي) |
| گل | ڦول (سنڌيءَ ۾ بہ ڪم ايندو آهي) |
| ڪٿي | ڪيٿ |
| ڪيئن | ڪيو |
| مٿو | ماٿو |
| ٽڪرو | ڇيڪو |
| سٺو | ڦٽرو ٺاهوڪو (سنڌيءَ ۾ بہ ڪم ايندو آهي) |

**حوالا:**


1. Robins R.H General Linguistics, An introductory Survey 1967, P-58.
2. جي. اي گريئرسن، مترجم: ڊاڪٽر فهميده حسين، "برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، 2000ع، ص 60.
3. ايچ. ٽي لئمبرڪ، مترجم سليم احمد، "سنڌ هڪ عام جائزو"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، سال 1990ع، ص 396 ۽ 397.
4. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڄام شورو سنڌ، سال 1998ع، ڇاپو پنجون، ص 91.
5. ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سال 1983ع، ص 9.
6. Gricrson G.A. Linguistics Survey of India Vol-8, Part-1, year 1919.
7. رائچند هريجن، "تاريخ ريگستان"، (ڀاڱو پهريون) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڄام شورو 1988ع، ص 361.
8. جي. اي گريئرسن، مترجم: ڊاڪٽر فهميده حسين، "برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، 2000ع، ص 227 ۽ 228.
9. Peter J- Grainger and Nita J- Grainger, Preliminary Survery of Languages of Sindh, 1980, P-26.
10. ڊاڪٽر غلام علي الانا، مهاڳ، "برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، حوالو ڏنل آهي. ص 27.
11. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پنجون، 1998ع، ص 90.
12. عزيز انصاري، ڊاڪٽر، "اردو اور راجستاني بوليان"، پي. ايچ ڊي لاءِ مقالو شعبءِ اردو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو ص 103.
13. Peter J- Grainger and Nita J- Grainger, Preliminary Survery of The Languages of Sindh, year 1980, P-124.

14. Grienson/ Linguistic Survey of India Volume-1, Part, 1927, Page-124.

15. ڊاڪٽر غلام علي الانا مهاڳ، "برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، ص 26.

16. پريتم پرياسيءَ جو مقالو "سنڌ ۾ مارواڙي ٻوليءَ جو لساني لاڳاپو"، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ- آگسٽ 2000ع، ص 15.

17. حوالو ايضاً، ص 18.

18. حوالو ايضاً، ص 19.

19. هدايت پريم جو مقالو "ٿر جون ٻوليون"، (چوَ) "ٿر"، مرتب: عبدالقادر منگي، ٿر پبليڪيشن مٺي، ضلعو ٿر، 1993ع، ص 344.

20. Peter J- Grainger and Nita J- Grainger, Preliminary Survery of Languages of Sindh, 1980, P-38.

21. پريتم پياسيءَ جو مقالو "سنڌي مارواڙي ٻوليءَ جو لساني لاڳاپو"، ص 19.

❑

ميمڻ عثمان اديب

# ٿري لوڪ ادب جو هڪ پهلو
# پروليون ـ ڏٺ ـ ڳوڙها ۽ هيماريون

اسان جي ٿر ملڪ ۾ هي فن، ڏاهپ ۽ چڱن ڳڻن وارا گهٽائي هئا ۽ هينئر بہ آهن. هتي آءٌ ٿر ۾ لوڪ ادب جي صنفن 'پروليون، ڏٺ، ڳوڙها ۽ هيماريون' بابت مثال پيش ڪري انهيءَ فن جي نزاڪت ۽ ڏاهپ جو ذڪر ڪندس ۽ هر هڪ صنف جي وضاحت ڪري ثابت ڪندس تہ اهو ادب، جنهن کي اسان صرف وندر ۽ ڪچهريءَ جو هڪ قسم چئون ٿا، ڪيڏو نہ وسيع ڏاهپ ۽ دانائيءَ وارو آهي. اُهي اِسان جون گهرو وندرون ۽ رَس رِهاڻ جون ري خرچيون ۽ بي ملهيون، بي بها سوُکڙيون آهن.

مارو ويچارا، سارو ڏينهن مال چاري ۽ پورهيو ڪري، رات جو واندا ٿي وندر خاطر اچي ڪنهن اوطاق يا پٽيل جي اوتاري ۾ گڏ ٿيندا آهن. ٿريءَ ڪاڇي توڙي جبل جا ماڻهو هونئن بہ اڪثر ڪري ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ٿيندا آهن. آخرڪار هنن کي ڪا تہ وندر ڪپي رهاڻ يا ڪچهريءَ کي رَس وٺائڻ خاطر پرولين، هيمارين، ڏٺن، ڳوڙهن يا بيت بازيءَ جي ڏي وٺ ٿيندي آهي ۽ ڏاڍي مزي واري محفل مچندي آهي، آءٌ انهيءَ وندر جي سُوکڙين جي هر هڪ ذات جي مثالن سان جُدا جُدا وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

واهه جو ٺاهه ٺاهي، اکرن کي راند بنائي هيرا ڦيري جو هُنر هلائي، ڪچهريءَ کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، حقيقتن ۾ ڳالهه ۾ ڪجهه بہ نہ آهي، هڪ مائي عمر ويهه پنجويهه سال، جيڪا ڪو ستون اٺون مهينو اُميد سان بہ هُئي، تنهن کي ٻڪريءَ کي ڳڻيندو ڏسي، اُها ڏٺ ٺاهي ويئي، مائي پنجويهه سالن جي ۽ اُميد سان، ٻڪري ٽن سالن جي عُمر جي ۽ سوئا يعني ڪير واري، ڳالهه پڌري پيئي آهي.

**ڳُوڙها:**

هن ۾ ڏاهپ سان لڪ ۾ ويڙهي سيڙهي ڳالهه ڪبي آهي، جيڪا هوند سِڌي طرح چوندي ڪجهه تڪليف ۽ حجاب ٿئي، ڳُوڙهن ٻُڌندي ايئن سمجهه ۾ اچي ٿو تہ اڳي ماڻهو مرد توڙي زالون ڏاڍا ڏاها، هوشيار ۽ عقلمند هئا، خاص طور هن ڏس ۾ـ

**مثال:** هڪ نئين پرڻيل ڪنوار جيڪا رات جو گهوٽ جي کٽ تي هُئي، تنهن جي فجر جو گهوٽ وٺان ويندي کٽ هيٺان، جُتي رهجي ويئي، هاڻي اُها هوءَ ڪٺي ڪيئن؟ سوهن طرح گهوٽ کي چوائي تي موڪلي:

رتي ڏٻي رنگ پري، پيئي پلنگان هيٺ
ڪٺان تو لاڄ مران، ڏيکي ڏيوَر جيٺن.

جُتيءَ کي رتي ڏٻيءَ سان تشبيهه ڏنائين، پر شرط آهي تہ سامهون بہ ڪو اشارو سمجهڻ وارو هُجي، نہ تہ پيو پلنگ هيٺ 'رتي ڏٻي' ڳوليندو.

**مثال:** سس ننهن جي پاڻ ۾ گفتگو ۽ سوال جواب آهي. ٻئي ڏاڍيون هوشيار ۽ ڪوڪا ڳلوٽ پڙهيل آهن. ڪنوار نئين پرڻيل آهي گهوٽ بہ ـ چار مهينا ٻاهر رهي انهيءَ رات گهر آيو آهي. سندس پاڻ ۾ محبت آهي تہ سڄي رات گڏ ۽ جاڳي گُذارڻي آهي، پر اِنهيءَ جي برعڪس ڪنوار اَن جو تس ڪٽي جنڊ پيهڻ لاءِ آڌيءَ رات جو اُٿي، سس جي

چؤنري جي بند دروازي کي بيٺي کڙڪائي، سس اچي دروازو کوليو تڏهن نُنهن تي چوي:

منجهاري برک برکٽو سو برک ميري پاس
مير پريت سي جو جهٽو ساسُو کول کماڙ

منجهاري= ٻلي- انهي جو برک يعني کاج "ڪوئو ڳُوئي جو کاج اناج، مير پربت= جند. کماڙ= ڪواڙ دروازو.

سس جي چؤنري ۾ جنڊ پيل آهي، ننهن چوي ٿي ته "اي سسس! مون وٽ اَنَ جو تس آهي آءُ جنڊ پيهڻ آئي آهيان، تون دروازو کول.

سس کي عجب لڳي ٿو ته هيءُ نهي نُڪي گڏي بني بيٺي آهي، اجا آڌي رات آهي ته مُڙس کي ڇڏي جنڊ پيهڻ ڇو آئي آهي؟ سا ٽي پڇيس:

لتڪنت لونب للاڙ پر، تو ابلاڪي جات
آپنا پرين چوڙ ڪر، ڪيون چلي اڌ رات

يعني اجا تنهنجا هار سينگار پنهنجي جاءِ تي قائم آهن. تون اڌ رات جو پنهنجو مڙس ڇڏي، جنڊ پيهڻ آئي آهين ؟ هاڻي انهيءَ جو جواب ننهن ڏئي ٿي:

يوم ڏسڻ رپ ٻوليون توست ڏني پُٽ
شو تلڪ سارنگ پيو تڏ آئي هون اُٿ

يوم= ڌرتي-يوم ڏسڻ= زمين ۾ رهندڙ سو آهي چوو- جنهن جو رپ معنيٰ مارينڌڙ آهي ڪُڪڙ- يوم ڏسڻ رپ= ڪڪڙ بانگ ڏني ۽ شوتلڪ سارنگ معنيٰ مور، سو پڻ ٺهوڪيو ۽ مون ڀانيو ته فجر ٿي وئي، انهيءَ ڪري، تو سُت يعني تُنهنجي پٽ ورائي پٽ ڏني ۽ سُمهي پيو ۽ آءُ اَنُ پيهڻ لاءِ اُٿي آيس. جواب معقول هو پر سَسُ به چڪور

هُئي، سا اهڙي تڪڙي ڪيئن ٿي مڃي، ساٿي چوي:

تر نہ گنو ترن ڪو رنگ ٻرمي نہ رين
ماٹڪ لڙ ٹُٽي نهين، اجا تہ ڪاجل نين

يعني تنهنجي ڳلن واريون تروڪڙيون اجا صحيح سلامت بيٺيون آهن ۽ تو اجا مڙس سان سيج رمي نہ آهي، تنهنجي نرڙ تي ڳتيل وارن جي لڙي بہ پنهنجي هنڌ تي قائم آهي ۽ وکري نہ آهي، اجا تہ تنهنجي اکين جو ڪجل بہ سرڪو ۽ سالم بيٺو آهي. تون مڙس سان سيج نہ رمي آهين، خير نہ آهي؟ ٻئي پاڻ ۾ رُٺل آهيو ڇا ؟ نُنهن تي جواب ڏي:

بهت دنون ڪي بيڇڙي، بات رهي بلماءِ
تڪوئڪ سورج گرهيو تلڪ رهيو اڻ ٺاهہ

يعني اي سس! اسان گهڻن ڏينهن جا وڇڙيل هئاسون' ڳالهين ۾ رهجي وياسون، مٿان اوپر ڏي ڳاڙهاڻ ڏسي، پايم تہ رات وهامي ويئي. برابر تون، جيڪي چوين ٿي سو سڀ صحيح آهي، تڏهن مس وڃي سَسُ مطمئن ٿي.

هاڻي ڏسو تہ ڳوڙهي ۾ ڪيتري ڳالهہ ٿي ويئي. اهڙيءَ طرح هر ڪا ڇوٽي موٽي ڳالهہ ڳوڙهي ۾ چوندا، سمجهندا ۽ سمجهائيندا هئا.

ڳوڙهي جو ٻيو نمونو هي بہ آهي تہ عزازت، قرابت پڻ لفظن جي هيرڦير ۾ ايئن ويڙهي ٻڌائيندا آهن، جيئن هڪ ڳجهارت ۽ ڳوڙهو ٺهي پوي.

مثال: مائي اُٺ تي چڙهي ويٺي آهي ۽ مرد اُٺ جي مهار وٺيو پٺي ويو ڪنهن پُڇيس تہ هيءَ اُٺ تي چڙهيل مائي تنهن جي ڇا ٿي لڳي؟ هاڻي هن جيڪا عزازت ٻڌائي، سا اوهان بہ ٻڌو۔ چيائين تہ:

بات ڪران تو لگي بڙا، سنگت پڙجاءِ چيٽي
ايئي رِي ساسُوا ور مانجهي ساسُو آپس مين مان اور بيٽي

يعني هن مائيءَ جي سس ۽ منهنجي سَسُ پاڻ ۾ ماءُ ڌي آهن.

معنيٰ: هي مرد، هُن مائيءَ جو سهرو هو.

مثال: هڪ مرد ۽ هڪ مائي ٻئي گڏ پئي ويا. ڪنهن سندن عزازت بابت پڇين مائيءَ جواب ڏنو تہ هن جا ماما منهنجن مامن کي ماما چوندا هئا. ڳالهہ ۾ ڪجهہ نہ آهي، صرف لفظن جي هير ڦير آهي. هو پاڻ ۾ ماءُ پٽ ماسي ياٽيجو ٿين.

مطلب تہ اڳي ٿپي ٿپي تي ڳوڙها ويڙهيل ڳالهہ عقل ۽ ڏاهپ جا گفتا چوندا هئا تہ سمجهندا بہ هئا، ٿاهيندڙ بہ هئا تہ ڳوليندڙ بہ هئا.

هاڻي اچون ٿا هيمارين تي:

**هيماري:**

ڳجهارت وانگر گهڻ ٿپي هوندي آهي. هيماري گهڻو ڪري شادين جي موقعي تي، گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن جي وچ ۾ عقل جي پرک هوندي آهي ۽ خاص طور ساليون پيٽيوئي کي هيماريون ڏيئي منجهائيندڀون آهن. ڪي هيماريون تہ ظاهر ۾ نہ وڻڻ جهڙن لفظن تي مُشتمل هونديون آهن، پر معنيٰ انهن جي صحيح ۽ سٺي هوندي آهي.

**مثال:**

اوٺي اوپر ويل پکڙ، ويل ري تو گوڊ نهين
گوڊي لاڪا قُول قولن ڪي تو قُر نهين
راجا ڪنچي ٻاڻ، ٻاڻ ڪي تو سَرَ نهين

ويل، قول، ٻاڻ چڪڻ- اُهي ٽي ٿپہ آهن ۽ انهن ۾ لڪ آهي 'ويل' معنيٰ 'چوپڙ'، 'قول' 'ساريون'، ٻاڻ چڪڻ= ڍارو هٽڻ. پڇٽي آهي: 'چوپڙ'

**مثال:**

هر هريون پون پاتڙي، هاري چِتر سُجاڻ
هٿن وهائي ٻاجهري، نيڻ ڪِين ليڏاڻ

هر= قلم- پوُن پاتڙي= ڪاغذ. هاري= لکندڙ-هٿن وهائي ٻاجهري= هٿن سان لکيو آهي، نيڻ ڪڍن ليڏاڻ= اکين سان پڙهيو آهي: ڪاغذ تي لکڻ پڙهڻ
**مثال:**

(ii)اي ميان اوهان جي ملڪ ۾ مون مُئي مٿيندي ڏٺي
جنهن جو ساهه نڪو سسي مون گاهه چرندي ڏٺي

پيچٽي آهي: اڌوڙيا رڱڻ- مينگهواڙ ڪل رڱڻ لاءِ اونڌي ٽنگي، انهيءَ ۾ پاڻي ۽ مصالحو پري ڇڏيندا آهن. پوءِ پاڻي ٿورو ٿورو پيو ٽمندو آهي، انهيءَ تان هيماري نميل آهي.
**مثال:**

ڏونگر ڪڙڪي، ندي وهي، وهي اچ ڪير
تسياري پاني نه پئي، ڳولي ٻلون وير

معنيٰ ندي پاڻيءَ جي وهي پئي، پر انهيءَ جو پاڻي ڪو ڪيترو اجايل هوندو ته به پي نه سگهندو. پيچٽي آهي اکين جا لُڙڪَ.
**مثال:**

نه گهڙين نه گهڙ تيئن نه ڪوهه نه واهه. پيتو ساري پرٿوي
پيتو گهوري سوڏي راءِ پکي، اُن تڙان اُج مرندي ويا
پيچٽي آهي: "ڪير".

❑

پريتم 'پياسي'

# ڳُوڙها_ هيماريون ۽ ڪاڪري

(لوڪ ادب جون صنفون)

'هيماريون'، 'ڳُوڙها' ۽ 'ڪاڪري' لوڪ ادب جون اهم ۽ نراليون صنفون آهن. هي صنفون هندستان جي راجستان مارواڙ ڪڇ ۽ پاڪستان جي سنڌ پرڳڻي جي ٿر علائقي ۾ رائج آهن. ٿر سنڌ جو اهڙو خطو آهي، جنهن تي ٻن ثقافتن جو اثر نمايان آهي: راجستاني ثقافت، (2) سنڌي ثقافت. ٿر تي راجستاني تهذيب ۽ ثقافت جو اثر سنڌ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. ان ثقافتي پسمنظر ۾ 'لوڪ ادب' شهه رڳ جي حيثيت رکي ٿو. ٿر جو لوڪ ادب گهڻو تڻو راجستاني ۽ ڪڇي لوڪ ادب جي اثر هيٺ آهي. جڏهن راجستان ۽ ڪڇ کان سفر ڪري لوڪ ادب ٿر ۾ پهچي ٿو ته اهو پنهنجي مڪمل صورت اختيار ڪري ٿو. ٿر جي ثقافت ۽ تهذيب، لوڪ ادب لاءِ موافق ۽ مطابقت رکندڙ آهي.

ٿري ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم لهجو آهي، پر راجستاني چون ٿا ته ٿري، مارواڙي ٻوليءَ جو لهجو آهي. ٿر اهڙو خطو آهي، جتي اولهه کان سنڌي ۽ اوڀر کان راجستاني ٻولين جو اثر نمايان آهي. نتيجي طور ٿري ٻوليءَ جنم ورتو آهي. هڪ خيال اِهو به آهي ته ٿري، هڪ مڪمل ٻولي آهي، ۽ اُن جا مختلف لهجا آهن، جيئن: ڍاٽڪي،

پارڪري ۽ مارواڙي لهجا وغيره. جيڪڏهن ٿريءَ کي مڪمل ٻوليءَ جو درجو ڏبو تہ پوءِ اُن جو معياري لهجو ’ڍٽ وارو لهجو‘ ٿيندو.

ٿري لوڪ ادب ۾ ٽن ٻولين جا لفظ ۽ لهجا نمايان آهن، جي هي آهن: هندي، مارواڙي ۽ ڪڇي ٻوليون، جڏهن تہ سنڌيءَ جو اثر اُن تي مختصر آهي: اُن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ٿري لوڪ ادب اوير کان سفر ڪري، ٿر ۾ اچي ٽانئيڪو ٿيو آهي.

’هيماري‘ ۽ ’ڳوڙهي‘ کان سواءِ ’ڪاڪري‘ جهڙيون انمول لوڪ ادبي صنفون، ٿر ۾ پهچي، اتي جون ٿي ٿي ويون آهن. انهن صنفن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ وارا اڄ بہ سنڌ ۾ موجود آهن، پر انهن صنفن تي جيڪو ٿرين کي ملڪو حاصل آهي، اُن جو مثال نٿو ملي. سچ پچ انهن جو اپياس ڪندي عقل دنگ رهجيو وڃي تہ ٿر جي سباجهڙن ۽ سادڙن ماڻهن ۾ ايڏي وڏي ڏاهپ ۽ ڪاريگري ڪٿان آئي آهي.

’ڳوڙهن‘ ۽ ’هيمارين‘ تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٿورو ڪجهہ لکيو آهي، جيڪو لوڪ ادب سلسلي جي هڪ ڪتاب ’پروليون – ڏئون معمائون ۽ ٻول‘ جي ڇهين باب ۾ ڏنل آهي. ڊاڪٽرصاحب هن باب ۾ 187 ’هيماريون‘ ۽ اٺ ’ڳُوڙها‘ شامل ڪيا آهن ۽ انهن جي ساخت بابت بہ لکيو آهي. منهنجي خيال موجب انهن 187 هيمارين مان هڪ بہ مشڪل هيماريون هونديون، باقي سڀ پروليون ۽ ڳجهارتون آهن، جن کي ٿريءَ ۾ ’اڏيون‘ ۽ ’ساکيون‘ چئبو آهي. اُهي ساڳيون نموني سنڌ جي ٻين ڀاڱن ۾ پڻ رائج آهن. فرق رڳو لهجي ۽ ٻوليءَ جو آهي. ان ڪري صرف ٻوليءَ جي بنياد تي صنف تبديل نہ ٿيندي آهي. هتي اهڙا بہ ٽي مثال پيش ڪجن ٿا:

(1) رتي دبي رنگ پري، پئي پلنگان هيٺ،

کٹان تو لاڄ مران- ڏيکي ڏيور ڄيٺ.

(ڳاڙهي رنگ سان هڪ دبي پلنگ هينيان پئي آهي، کٹان تي تہ لڄ تي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ڏير ۽ ڄيٺ ڏسي وٺندا)

پيڇٽي: جُتي

(2) ناري سينچي، ڌرُ پيئي،
جي ري ڏِگ مِگ ڏانڊي،
بنا ڏانڊي گهڙي مانڊي،
بنا ڪتينگڻ جميو مهي،
مڙد ري پيٺ ۾ استري ٿهي.

(عورت پاڻي ڇڪي ڪڍي پئي ۽ ترُ پيئي پيو يعني وِل پاڻي ڇڪي پئي ۽ ڇانهون پيئي پيو. ان جي لچڪيدار ڏانڊي آهي، بنا ڏانڊيءَ جي هڪ نِڪر گهڙيل آهي، يعني بغير ڪنهن ڪتاڻ وجهڻ جي ڏهي ڄمي پئي آهي، يعني ڇانهينءَ جو ڳر ٿهي پيو آهي. مرد جي پيٺ ۾ عورت ٿهي وئي آهي يعني ڇانهين اندر ڪُري (ٻج) ٿهي وئي آهي)

پيڇٽي: ڇانهون

اهڙيءَ طرح ٿر ۾ وري گهڻ ٿيي 'ڳجهارت' کي 'ساکي' يا سادي ٻوليءَ ۾ 'اڏي' چئبو آهي. ٿر جي هڪ ڳوٺ ڪالاريو جي رهواسي سرڳواسي لاڏو ڀڳت جي هڪ اهڙي ساکي آهي.

(3) چئو مُکو ڦل نيپجي، پيٺو ڏيان ڏري،
مثل جِڪي ري موتيان، پارک ڪون ڪري،
نہ هاتي، نہ باجاري، نہ راجا ري گهري،
'لاڏو' ساکي موڪلي، سنت بيچار ڪري.

(يعني هڪ اهڙو ڦل پيدا ٿئي ٿو جنهن کي چار مُک (مُنهن) آهن، جيڪو هڪ هنڌ ڏيان لڳائي ويٺو آهي. اُهو موتيءَ جي مثال

آهي، پر اُن جي پرک ڪير ڪري؟ اُهو نہ ڪنهن دڪان تي ملي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن بازار ۾ موجود آهي ۽ نہ ئي راجا مهاراجا وٽ آهي. لاڏوءَ اِها ڳجهارت موڪلي آهي، تہ سنت يا ڏاها اُن تي ويچار ڪن)

**پيچٽي: ڳاڱي (ڳهانگهيٽي)**

ساڪيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي تشبيهون، اشارا ۽ ڪنايا استعمال ٿيندا آهن، جيئن:

ندي ڪناري رُونڪڙو پينسان- سينگو هوءِ،

مان گهر آيا پرامتا، تين گهر هو تو جوءِ.

(نديءَ ڪناري تي هڪ ٻوٽو ٿئي ٿو اُن جو ڦل مينهن جي سڱ جهڙو ٿيندو آهي ۽ منهنجي گهر مهمان آيا آهن، تون ڏس، تو وٽ هجي تہ ڏي)

**پيچٽي: مرچ**

(4) ندي ڪناري نيپجي، جي رو سارو ساٽ نہ هوءِ،

مين گهر آيا پرامتا، تئين گهر هو تو جوءِ.

(نديءَ (سمنڊ) جي ڪناري تي هڪ شيءِ پيدا ٿئي ٿي، جنهن جي ڪا حد حساب ئي ناهي. منهنجي گهر مهمان آيا آهن، تون ڏس تو وٽ هجي تہ ڏي)

**پيچٽي: لوڻ**

پاڙ پتلي جَر اُونڊو متي لانبا جُهوڙا ڪيس،

اهڙي پلي سوڪڙي، سيٹان مياهان پيٺ.

(هڪ وڻ جنهن جي سنهي پاڙ آهي، پاٽي اونهو آهي، ان جو ڦل ڊگهن جُهوڙن ۾ ٿئي ٿو. اهڙي پلي شيءِ سيٹن کي سوڪڙي ڪري موڪلجي)

پيجٽي: سِنگريون

(5) اڌ ڪاڙو مک ونگڙو سوڙهان بيسان ڏنت.

تان گهر هي تو ڏيجو مانري سانسو ساڏ ڪرنُت.

(اڌ ڪارو آهي، مُنهن وريل اٿس. ان کي سوڙهن ويهون ڏند ٿين ٿا. اوهان جي گهر هجي ته مون کي ڏجو. منهنجي سس سڌُ پئي ڪري.)

پيجٽي: ڏاٽو

اِهي ڳجهارتون آهن نه ڪي 'هيماريون'. پر جيئن ته 'هيماريون' ۽ 'ڳوڙها' نالي وانگر ئي ايترا ته ڳُوڙها ۽ پيچيدا آهن، جو انهن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ٿر جي ڳُوڙهن تي لکڻ لاءِ ڪتاب گهرجن. هن وقت ڳُوڙهن جي خوبصورت صنف، جهڙوڪر ختم ٿي رهي آهي. ٿر جي هن صنف تي ٿورو ڪجهه سرڳواسي رائچند هريجن لکيو آهي، ان کان پوءِ اڄ تائين مختلف ليکڪ رائچند جي لکيل گيتن ۽ ڳُوڙهن کان وک به اڳتي وڌائي نه سگهيا آهن. ٿر جي واهڻن ۽ وستين ۾ ڪي ٿورا ماڻهو ملندا، جن کي هڪ به ڳُوڙها ياد هوندا، نه ته ٿيو خير. سنڌ جي هيءَ محبوب صنف جهڙوڪر موڪلائي پئي وڃي. اُن طرف اسان جي ادبي ادارن کي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

ڳُوڙهو:

'هيماري' ۽ 'ڳُوڙهي' ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته جنهن 'ڳوڙهي' ۾ سوني تشبيهه، سون ۽ سوني زيور وغيره جو ذڪر ٿئي ته اها 'هيماري' سڏبي آهي، (هنديءَ ۾ 'سون' کي 'هيم' چوندا آهن) نه ته ان کي 'ڳوڙهو' سڏبو آهي. ڳوڙهو بناوت ۽ ساخت جي لحاظ کان گهڻ ٿپي ڳجهارت وانگر آهي ۽ ان جا ڪافي نمونا ٿين ٿا.

ڳُوڙهن جو ارٿ (پيچٽي) ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي اوٽ ۾ لڪل هوندو آهي. ڳُوڙهن جا عام طور ٻہ نمونا ٿيندا آهن: هڪ ’معياري ڳوڙهو‘ ۽ ٻيو ’غيرمعياري ڳُوڙهو‘. غير معياري ڳُوڙهو ڳجهارت وانگر سادو ٿئي ٿو پر ڳجهارت جي ابتڙ اُن ۾ اشارن بدران اوٽ ۾ انوکي لِڪ هوندي آهي. سِڌي اشاري بدران جنهن شيءِ ڏانهن اشارو ڪبو اُن کي اُن جي حيثيت مطابق پيچبو آهي. جڏهن تہ معياري ڳُوڙهي ۾ استعارو عام هوندو آهي، ۽ اُن جي پيچٽي **سُت**، **رِپ**، **واهڻ** ۽ **ورڻ** وغيره جي اوٽ ۾ لڪل هوندي آهي. انهن لفظن جو مفهوم هن طرح آهي:

1. **رِپ:** رپ جي معنيٰ آهي: مٿانهين حيثيت رکندڙ ماريندڙ کائيندڙ اُن شيءِ جو ماريندڙ وغيره. مثال طور: ٻليءَ جو رپ ڪُتو ڪنهن جانور جو رپ شينهن، موتين جو رپ هنج ۽ ڪوهہ جو رِپ تلاءُ وغيره.
2. **سُت:** سُت جي معنيٰ آهي پُٽ، اولاد، ڪنهن شيءِ مان پيدا ٿيندڙ چيز وغيره. مثال طور: وڻ جو سُت چوڏو پن، ڪاٺ ۽ ڪاٺ جون شيون وغيره ٿين. ڏڳيءَ جو سُت گابو ڪَل، چيٽو گيهہ وغيره. نديءَ جو سُت، سپ، مڇي، ڪوڏ وغيره.
3. **واهڻ:** هن لفظ جي معنيٰ آهي ذريعو يا سواري، هي لفظ گهٽو ڪري ڌرمي قسم جي ڳُوڙهن ۾ استعمال ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هر ديوتا لاءِ ڪانہ ڪا ساهہ واري سواري هوندي آهي. مثال طور: گڻيش ڀڳوان جي سواري ’ڪوئو‘ آهي، هنگلاج ماتا جي سواري ’شينهن‘ آهي، شِو ڀڳوان جي سواري ’ڍڳو‘ آهي ۽ لڪشمي ديويءَ جي سواري ’چبرو‘ آهي.
4. **گرو:** گُروءَ جي معنيٰ سيکاريندڙ يا اُستاد آهي. مثال طور شينهن جو گُرو ٻلي هوندي آهي. اهڙيءَ ريت ڪم ايندڙ ڪنهن اهم شيءِ کي بہ گُرو چئبو آهي.

5. پرک: هن لفظ کي ٻَکُ بہ چوندا آهن. جنهن جي معنيٰ آهي ڪاڏو مثال طور: شينهن جو ٻَکُ ڪو بہ جانور پکيءَ جو ٻَک اَنُ، مرد جو ٻَکُ عورت وغيره هوندي آهي.

6. ورڻ: ورڻ جي معنيٰ آهي 'رنگ' مثال طور: سون جي رنگ جهڙو ڏينيُو- رات جي رنگ جهڙي ڪا بہ ڪاري چيز وغيره.

7. اُن کان سواءِ ڪن خاص ماڻهن جي نالن، ڏنڌن ذاتين ۽ ڪِرت سان ملندڙ نالا پڻ شامل هوندا آهن. مثال طور: (1) راجا راوڻ جو ياءُ ڪُنڀ ۽ ڪُنڀ جي معنيٰ دلو يا گهڙو (2) لوهار يا لوهاريءَ جي معنيٰ تلوار وغيره.

ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪئين لوازمات ڳُوڙهن ۾ استعمال ٿيندا آهن.

'ڳُوڙها' هڪ قسم جون ذکيون ڳجهارتون آهن. جن ۾ راز اهڙي تہ انوکي نموني ڇُپايل هوندو آهي، جو اُن کي ڳولڻ لاءِ وڏي سُچيتائي ۽ ذهانت جي ضرورت هوندي آهي. اِهي 'ڳوڙُها' ايترا تہ ڳجها ۽ ڳُوڙها ٿيندا آهن. جو اُنهن جي تہ تائين پهچڻ ۽ اُن جو پيرو کڻڻ سولي ڳالهہ نہ هوندو آهي. 'ڳوڙهي' کي فقط اُهو شخص سولي نموني پيچي سگهي ٿو جيڪو لغت توڙي استعارن کان چڱيءَ طرح واقف هجي. 'ڳوڙها' ٻوليءَ ۽ لغت جا پنڌار ٿيندا آهن. جن ۾ اهڙا ڪيئي لفظ شامل هوندا آهن، جن جي معنيٰ سمجهڻ تمام گهڻي ذکي هوندي آهي. اُن کان سواءِ ڳُوڙها پيچڻ لاءِ اِهو بہ ضروري آهي تہ پيچندڙ سالڪ ڏرمي قصن ۽ ڪهاڻين کان بہ واقف هجي، ڇو تہ اڪثر ڳُوڙها انهن قصن سان تعلق رکن ٿا. ڳُوڙهن کي ساخت ۽ هيئت جي لحاظ کان مختلف قسمن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هيٺ اهڙن ڳُوڙهن جا قسم بيان ڪجن ٿا:

(1) پهرئين قسم جا ڳُوڙها، ايئن ڪٽي سمجهجي تہ اِهي ’ڳهڻ نپيون ڳجهارتون‘ هوندا آهن. جن ۾ اشارا، ڪِنايا گهٽ بلڪ نہ هئڻ جي برابر هوندا آهن. پر ’استعارو‘ عام هوندو آهي. هي ڳُوڙهن جو سادي ۾ سادو ۽ عام قسم آهي.

(1) پُتري هتي رُت ونتي رهي پتا ڪي سنگ
پُتري پُتر جنميو پونم ڪي چند.

**معنائون:** (1) پُتري= ڌي، (2) رت ونتي= رُت آيل- ڏُڪي، سِپ، جنهن جو پتا يعنيٰ پيءُ= سمنڊ، پُتر= پٽ، پونم جو چنڊ= موتي.

**سمجهاڻي:** سِپ پنهنجي پتا يعني سمنڊ ۾ رهندي هئي، ڌيءَ (سپ) پُٽ (موتي) کي جنم ڏنو.

**پڇڻي:** موتي

(2) هر هَريو پُون پاتلي، هاري چِتر سُجاڻ،
هٿين وهائي ٻاجهري، نيڻ ڳدي ليڏاڻ.

**معنائون:** (1) هر= هَرُ (2) هريو= سائو (3) پُون = زمين (4) چتر= سُگهڙ، سياڻو (5) سُجاڻ= سجاڳ، هوشيار (6) ليڏاڻ= ڳُڏ ڪيڻ.

**سمجهاڻي:** هر (قلم) ۽ پون پاتلي (ڪاغذ) هٿن سان وهائڻ يا پوکڻ معنيٰ لکڻ ۽ نيڻن سان ڳُڏ ڪيڻ معنيٰ پڙهڻ.

**پڇڻي:** خط، ڪاغذ، قلم

(3) ڏونگر ڪڙڪي ندي وهي، وهي اچو کيرُ،
تسياري پاڻي نہ پئي، کوجو ٻلونت وير.

**معنائون:** (1) ڏونگر= جبل، (2) تسياري= اُجايل (3) کوجو= ڳوليو (4) ٻلونت وير= بهادر ڀاءُ.

**سمجهاڻي:** ڪڙڪي سان جبل مان ندي وهي پئي، جڏهن تہ اڇو کير آهي، پر اجايل هوندي بہ پاڻي نٿي پيئي.

**ڀڃاڻي: لڙڪ**

(4) مُک پکيڙي باڇڙي، ٽڻان پکيڙي گا،
راجا پُڇي رات نان، نت نت ليهي جا.

**معنائون:** (1) مُک = مُنهن (2) پکيڙي= کان سواءِ (3) باڇڙي = گابي (4) ٽڻان= تيج (5) گا= گانءِ، ڳئون. (6) ليهڻ= ڏائڻ.

**سمجهاڻي:** راجا راڻيءَ کان پڇي ٿو ته هڪ مُنهن کان سواءِ گابي آهي ۽ هڪ بغير اوهه جي ڏڳي آهي، جيڪا ذري ذري پئي ڏائي.

**ڀڃاڻي: سرميداڻي**

(5) ڏڌ سُت ڪي ليڪي وسي، تو مندر ڪي بيچ،
سانگي راڌ برڌ سين، سام ڪرو بخسيس،

**معنائون:** (1) ڏڌ = سمنڊ (2) سُت= موتي. (3) وسي= وسي ٿو (4) مانگي= گهري ٿو (5) راڌ برڌ= پوڙها، جوان (6) سام= شام، مڙس.

**سمجهاڻي:** ڏُڌ معنيٰ سمنڊ، اُن جو سُت ٿيو موتي، اُهو مندر جي وچ ۾ به آهي، يعني ڏيئي جهڙو، يعني موتي ننڍي وڏي جي گهُرج آهي.

**ڀڃاڻي: موتي**

(2) ٻئي قسم جي ڳوڙهن ۾ عورتن، مردن، هاٿين گهوڙن ۽ ٻئي قسم جي اسمن جون وصفون شامل هونديون آهن، پر گهڻو ڪري عورتن جون وصفون شامل هونديون آهن، پر عام قسم جا ڳُوڙها آهن. انهن ڳوڙهن جي ڀڃاڻي ڪنهن هڪ شيءِ ۾ سمايل ڪانه هوندي آهي، پر اشارن جي وصفن سان ڀڳي ويندي آهي.

(1)

چار پنک، چار ٿل، ڇٺو پگ، گت چال،
موهن ڪي منجري چالي لي سندري پاڻ برڌ لال،

(1) پنک = پکي (2) چئو پگ= چوپايو جانور (3) گت= نمونو (4) منجرو= حاضري پرڻ.

آهر، ڏاڙهم، نارگي، سروق ڦل سيس،
سيس سارسو سندري چئو ڦل گت چال.

(1) آهر= يعني مرچن جهڙي تيز (2) ڏاڙهم= ڏاڙهونءَ جهڙا ڏند (3) نارگي= نارنگي جهڙو اُرهه (4) سروق ڦل= ناريل (5) سارسيو= مٿو يعني ناريل جهڙو مٿو آهي. اهي ٽيا چار ڦل

ڪڙ ڪيهر، مرگهه لوچن، هينوَرَ لجيا نار،
مدهد جيون آوي ملتي، چئو پگ گت چال.

(1) ڪڙ= چيلهه (2) ڪيهر = شينهن يعني شينهن جهڙي چيلهه. (3) مرگهه= هرڻ (4) لوچن = نيڻ، معنيٰ هرڻ جهڙيون اکيون (5) هينور= گهوڙي (6) لجيا= گهُنڊ= معنيٰ گهوڙيءَ جهڙو گهنڊ، نظرون هيٺ (7) مدهد= هاٿي يعني هاٿي جهڙي هلڻي. اِهي ٽيا چار جانور.

پسُون پئون جيسا ڪيرناس ڪوئل ڪنٺ سهاگ،
سوئا چونچ چيلڪا، هالنت هنس سياگ.

(1) پسُون پئون= پنؤر جهڙا. (2) ڪيرناس= پرون. (3) ڪنٺ =نڙي. (4) سوئا= طوطو (5) هنس هالنت= هنج جهڙي هلڻي طوطي جي چهنب جهڙي ڳاڙهي ۽ خوبصورت. چپ (زبان)؛ ڪوئل جهڙي ٻولي اِهي ٽيا چار ڪنين وارا پکي. اِهي چارئي عورتن جون وصفون آهن.

ٽيون قسم:

ٽئين قسم ۾ اهڙا ڳُوڙها شامل آهن، جن ۾ ڳُوڙهي جو ارٿ (مطلب) ڳُوڙهي جي پهرين سٽن ۾ سمائي، آخري سٽ ۾ پيچڻي رکي ويندي آهي ۽ اهو مطلب وارو نالو وٺڻ سان ڳُوڙهو پجي پوندو آهي.

(1)

پٽر سُت کي پُتلي، رهہ وڻ سُت کي پاس،
اجيا سُت کو اوڏٺو رهہ پرس کي پاس،

**معنائون:** پُتلي= گُڏي، هتي کا چيز اجيا= ٻڪري، اوڏٺو= پھرڻ، پائڻ، پُرس= مرد.

**مطلب:** پٽر معنيٰ ڌرتي، ان جو ست تيو لوهہ، معنيٰ لوهہ جي کا چيز يعني تلوار، وڻ جو سُت تيو کاٺ، معنيٰ کاٺ جو کوکو يعني مياڻ، اجيا ٻست جو اوڏٺو= اُن جو پھراڻ، معنيٰ پوش کل جو ٿھيل آهي ۽ اُها مرد وٽ رهي ٿي.

**پَچٺي ٿي: تلوار**

(2)

سکر سيس اُپجي، اُرهہ منڌڙ وچ هوءِ،
اوٺان کا جوگي راگ سٽائو تو آڻ ڏي سيکوءِ،

**معنائون:** سکر= هرڻ، سيس= مٿو اُپجي= پيدا ٿئي ٿو اُرهہ= ارهہ، ٿڻ، منڌڙ= جوڙجڪ، اوٺان= ان جو آڻ ڏي= آٽي ڏين.

**مطلب:** هرڻ جي سِر تي سگ پيدا ٿئي ٿو ۽ اُهو جوڳيءَ جي ڳچيءَ ۾ اُرهہ تي لٽڪيل هوندو آهي. اي جوڳي اهو سگ وڄاءِ تہ توکي سيکو خيرات آٽي ڏين.

**پَچٺي: ٻسنک.**

**چوٿون قسم:**

چوٿين قسم جا ڳُوڙها ڄڻ تہ ڏنون يا ڏٺ پروليون آهن. پر ڏٺ پرولين ۾ هن قسم جي ڳُوڙهن ۾ بنيادي فرق هوندو آهي. ڏٺ پروليون ساديون هونديون آهن، جن ۾ سنوان سڌا اشارا هوندا آهن. مثال طور:

جهنگل ۾ تو منگل ڏيکيا، سُير ڏائي بياهي ڪون،
پچيس برس ڪي چوري ڏائي، تين برس ڪي مائي ڪون؟

**سمجهاڻي:** معنيٰ تہ جهنگل ۾ هڪ تماشو ڏٺم. جو سُير (ڍُڪي) ڪير پٽي ڏائي تہ پوءِ ويامي ڪير آهي؟ 25 سالن جي چوري پٽي ڏائي تہ ٽن سالن جي مائي ڪير آهي؟

**پيڄاڻي:**

جهنگ ۾ ڏٺائين تہ هڪ 25 سالن جي پيٽ سان مائي ٽن سالن جي ٻڪري جهلي اُن کي ڏائي رهي آهي. اِهو لقاءُ ڏسي سگهڙ مٿين ڏٺ پرولي ڏني.

پر ڳُوڙهي جي اصليت لِڪ يا اوٺ هوندي آهي، جيڪا خاص مهارت سان رکيل هوندي آهي. اهڙي مهارت پرولي يا اڏيءَ ۾ نہ هوندي آهي. جڏهن تہ اهڙي قسم جي ڳُوڙهن ۾ اشارن ۽ استعارن جو تہ ڪمال هوندو ئي آهي، پر ڪو لقاءُ ڏسي ڪو سگهڙ ڳُوڙهو ناهي پيش ڪري تہ ان ۾ اوٺ ڪمال درجي جي ۽ انوکي لِڪ هوندي آهي. هن قسم جي ڳُوڙهن ۾ ڪنهن ڳالهہ جو هئڻ ضروري آهي. مثال طور:

(1)

ڏُڏ ست بچڙيو گنگ سين، جائي پڙيو پڙ لنڪ،
هيم سُتا پرتاب سين، آڻ پکاريو انگ

**معنيٰ:** ڏڏ= سمنڊ+ بچڙڻ= وچڙڻ، گنگ= پائي، جائي= وچي، پڙيو = ويو يا ڪِريو پڙ لنڪ= پڙ لنڪ يا پر لڪ (پرلوڪ) دور دراز علائقو معنيٰ پري هليو ويو هيم= سون، پرتاب= مهرباني، پکاريو= پڄايو پُسايو.

رپ يعني تارن کي لڪائيندڙ بادل تمام گهٽا ۽ تيز اچي رهيا آهن، جلدي ڪر، ڪٽ اندر ڪر ۽ ڏيئو ٻار.

**پنجون قسم:**

پنجين قسم جا ڳُوڙها ڪمال جا آهن، جن ۾ اشارا، ڪِنايا ۽ استعارا گڏوگڏ هلندا آهن ۽ انهن جي خاصيت اِها آهي تہ اِهي ڪن خاص ڪهاڻين ۽ واقعن جي پسمنظر ۾ بيان ڪيل هوندا آهن. ڳُوڙهو پڇڻ کان پوءِ ڳُوڙهو ڏيندڙ تي لازمي هوندو آهي تہ اُهو سموري ڪهاڻي يا واقعو بيان ڪري ٻڌائي، جنهن جي پسمنظر ۾ اِهي ڳوڙها ڇپيا ويا آهن. مثال طور:

**ڪهاڻي (1)**

لنڪا جو راجا، راجا راوڻ، شري رامچندر جي زال سيتا ماتا کي هرڻ (اغوا) ڪري ويو ۽ وڃي لنڪا ۾ قيد ڪيائين. جڏهن راجا راوڻ جي زال منڊروءَ کي اُن جي خبر پئي، تڏهن هوءَ راجا راوڻ وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي تہ

پنجاري ڪرجو متي، سونهاري سين سنگ،
جتي ڏرجڻ آوسي، لوهاري سين جنگ،
سوناري جاتي رهسي، رهسي سُوتاري،
ٻٽيائي بکر جاسي، کهي ياپي ڪونياري،

**معنائون:** پنجاري= پرائي زال، ڪرجو= ڪجو متي= نہ، سوناري= سهڻي، خوبصورت، ڏرجڻ= دشمن، آوسي= ايندو. لوهاري= لوهہ واري، تلوار. جاتي رهسي= ويندي رهندي، هلي ويندي، سوتاري= پينگ، سُڄ، ٻٽيائي= ٻٽيل، تهيل تُڪيل، بکر= وڪري ويندي، جاسي= ويندي، ڪونياري= ڪونيي جي.

**سمجهاڻي:** راوڻ جي زال منڊرو چوي ٿي تہ "اي راجا پرائي سهڻي زال ڏسي اُن سان سنگ نہ ڪجان، ڇاڪاڻ تہ جلد ئي دشمن اچي ويندو ۽ تلوار سان جنگ ڪندو اُها سهڻي زال تہ هلي ويندي، پر هي ٺهيل ٺڪيل لنڪا بہ برباد ۽ تباهہ ٿي ويندي. رڳو سُڃ ئي سُڃ هوندي. اِها صلاح ڪنڀ ڪرڻ* (راجا راوڻ جي ننڍي ڀاءُ) جي ڀاڀي ڏئي رهي آهي.

**ڇهون قسم:**

هي معياري قسم جا ڳُوڙها آهن. جيڪي ڪن ڌرمي ڪهاڻين يا واقعن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. مگر هنن ڳُوڙهن ۾ اجائي ڊيگهہ نہ هوندي آهي. بس هڪ بند تي مشتمل هوندا آهن. هي ڳُوڙها ڌرمي قصن ۽ واقعن کان غير واقف ماڻهو ڀڃي نہ سگهندا آهن، ڇوتہ هي ڳُوڙها بيحد پيچيده ٿيندا آهن.

(1)

ڏڌ ست ناٺ ڏڌ ست بڪيو، ڏڌ ست بيگو ٻولاءِ،
ڏڌ ست آوت نهين، ميرو ڏڌ ست رپ اُڏجاءِ

**معنيٰ:** ڏڌ = سمنڊ، بڪيو = ڪاڏو ڪائي ويو بيگو= جلدي

**سمجهاڻي:** جڏهن ديوتائن گڏجي سمنڊ کي ولوڙيو تہ ان مان بہ شيون نڪتيون، هڪ امرت ۽ ٻيو زهر، اُهو زهر ڪنهن سبب لڪشمي ديوي پي وئي ۽ زهر جي اثر ڪري مرڻ لڳي. تڏهن چوڻ لڳي تہ ڏڌ ست معنيٰ زهر، ڏڌ ست= لڇمي. ڇاڪاڻ تہ لڪشمي ديوي بہ سمنڊ جي پيداوار آهي، ڏڌ سُت = امر ڪونيا، امرت جيڪو پيئڻ سان مئل انسان جيئرو ٿي پوي. سو چوڻ لڳي تہ مون کي جلد امر ڪُونيا آڻي ڏيو جيڪڏهن امرت جلدي نہ گهرايوَ تہ سمنڊ جو سُت بادل ۽ بادلن جو رپ هوا. جنهن جو مطلب ٿيو پساهہ معنيٰ تہ منهنجو ساهہ اُڏامي ويندو هليو.

**ستون قسم:**

هي ڳُوڙها، اهم، گوناگون ۽ معياري قسم جا آهن. هنن ڳُوڙهن ۾ قصا ۽ واقعا بيان ٿيل هوندا آهن. هرهڪ قصي يا واقعي ۾ هڪ کان وڌيڪ ڳُوڙها شامل هوندا آهن. يعني ٻتا ڳُوڙها آهن. اِهي ايترا ڳُوڙها ۽ عميق ٿيندا آهن، جو انهن کي سمجهڻ ۽ پجڻ هرڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي هوندي. اِهي موضوع جي لحاظ کان ٻن قسمن جا ٿين ٿا. پهرئين قسم ۾ ڏرمي ۽ ٻئي ۾ زال مڙس، سس، نُنهن ۽ ٻين ناتن رشتن جا سوال جواب ۽ ڳالهه ٻولهه شامل هوندي آهي. ٻنهيءَ قسمن جي ڳُوڙهن ۾ سوال جواب يا ڳالهه ٻولهه شامل هوندي آهي. مثال طور:

**ڌرمي ڳُوڙها:**

مها ٻلوان راجا بليءَ يڳيه (قرباني) ڪيو. تڏهن ديوتائن ڏٺو ته جيڪڏهن راجا يڳيه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته اِهو ڏاڍو ڏکيو پوندو. اُن ڪري ڪنهن به طرح اِهو يڳيه ناڪام ٿيڻ گهرجي. نيٺ صلاح مصلحت کان پوءِ وشنو ڀڳوان يڳيه ناڪام ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. تڏهن سندس زال لڪشمي ديويءَ چيس ته راجا بلي، مها ٻلوان آهي، هو توکي ڏاڍو ڏکيو پوندو. بهتر آهي ته اِهو ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏ؟ پر وشنو ڀڳوان هٺ ڪري روانو ٿيو جڏهن راجا بليءَ وٽ حاضر ٿيو. تڏهن پنهنجو قد گهٽائي ٻارهن آڱر ڪيائين ۽ ڄامڙو بڻجي راجا کي چوڻ لڳو ته يڳيه ۾ جيڪي به برهمڻ حاضر هجن، تن کي مُنهن گهريو دان نه ڏنو ويو ته يڳيه مڪمل نه ٿيندو. جيئن ته آءٌ به هڪ برهمڻ آهيان ۽ مون کي به دان ملڻ گهرجي. راجا کيس چيو 'گهُر جيڪي گهرجيئي'. ڄامڙي چيو مون کي منهنجون اڍائي وکون ڌرتي ڏي. راجا عجب ۾ پئجي کيس چيو ته اُن کي ڇا ڪندين؟ ڄامڙي چيو: ڪنيا/ جُهوپڙي ناهي، اوهان جي پر ۾ رهندس. اُن تي راجا چيس ڇگُو پر قدم. تڏهن هن پنهنجو قد وڌائي

تمام وڏو ڪيو. ايتري قدر جو سموري ڌرتي صرف ٻہ وکون ٿي، تڏهن راجا سمجهي ويو تہ هي وشنو ڀڳوان آهي، پر وعدي موجب اجا هن کي اڌ قدم ڌرتي ڏيڻي هئي. ان ڪري راجا بلي سمنڊ جي مٿان سُتو ۽ وشنو ڀڳوان کي چيائين تہ هي منهنجو سرير ائين سمجهہ تہ ڌرتي آهي، اُن کي ماپي اڌ قدم کڻ. راجا بلي سُتو ۽ مٿان وشنو ڀڳوان لت ڏنس تہ وڃي سمنڊ جي تري ۾ پيو. راجا بليءَ يڪدم سندس ٽنگ جهلي ورتي ۽ چوڻ لڳو تہ اوهان جو وعدو آهي تہ تنهنجي پير سان ڪتيا ٿاهي رهندس، سو پنهنجي وچن انوسار هاڻي اتي ئي مون وٽ رهڻو پوندو. جڏهن هيءَ خبر لڪشمي ديويءَ کي پيئي تہ ڏاڍي اداس ٿي ۽ پنهنجي ور کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سمنڊ اندر راجا بليءَ وٽ ويئي ۽ چوڻ لڳي تہ:

ڏڏ ست ڪي نيچي بسي، تو موهي ڪي بيج،
راڏا رائي مانگت هي، موهي ڪرو بکسيس.

**معنائون:** ڏڏ = سمنڊ. بسي= وسي ٿو رهي ٿو- ويٺو آهي. موهي= منهنجي، مانگت= گهُري ٿي، بکسيس= بخشش، دان.

**مطلب:** لڪشمي ديوي چوي ٿي تہ سمنڊ جي هيٺيان جيڪو ماڻهو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ويٺو آهي، اِهو مون کي دان ڪر- اِهو ٻُڌي راجا چيس:

لالان کهو تو ڏس ڏيان، موتي ڏس بيس،
ايهہ ڪُڙ مانُ ايڪ هہَ نهين ڪران بکسيس.

**معنائون:** لالانُ = لالون. کهو تو = چوين تہ. ڏس = ڏهہ بيس= ويهہ. ڪُڙ= ڪُرخاندان. پُري پيڙهي، ڪران= ڪندس.

**مطلب:** راجا بليءَ چيو تہ هيرا، جواهر، لالون وغيره چئين تہ توکي ڏيان، باقي هي تہ سڄي ڪُر مان هڪ ئي آهي، ان ڪري هي دان طور نٿو ڏئي سگهان.

تڏهن لڪشمي ديويءَ ڏاڳو ڪٽي راجا بليءَ جي ڪرائيءَ ۾ ٻڌو ۽ چيو تہ مون توکي رکشا ٻنڌڻ ٻڌو آهي، هاڻي تون منهنجي ڌرم جو ڀاءُ آهين ۽ ڀاءُ جو ڀيڻ جي رکشا ڪرڻ ۽ ڪامنا پوري ڪرڻ فرض آهي. تڏهن راجا بليءَ وشنوءَ کي وچن کان مُڪت/ آزاد ڪيو ان ڏينهن کان وٺي هندو رکشا ٻنڌڻ (راکي ٻنڌڻ) جو تهوار ملهائين ٿا.

## ڪهاڻي (2)

هڪ دفعي شِوِ ڀڳوان ۽ پاروتي گهمندي ڦرندي ايوڌيا آيا. تڏهن پاروتي، ماتا سيتا سان ملڻ لاءِ ويئي، ڪڇهري ڪندي ڪندي پاروتيءَ سيتا کي چيو تہ منهنجا وار سموهہ ۽ سنوار گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن منهنجا وار وچڙي ويا آهن ۽ وارن ۾ چيڙهہ پئجي ويو آهي. سيتا وار سموهڻ ويئي ۽ ڳالهيون ڪندي رهي ۽ وارن کي بہ گهُوري ڏسندي رهي، ڇاڪاڻ تہ پاروتيءَ جا وار هوبهو شري رامچندر جي وارن جهڙا هئا، سو وارن کي ڏسي اچي روئڻ ۾ ڇُٽڪي، جڏهن لڙڪ پاروتيءَ جي هٿ تي ڪريا، تڏهن پاروتي ڪانئس پڇيو:

هيمر سيتا ٻوجهڻ لاڳي، سُڻ جنڪ سيتا اڪ بات،
ڪر ٻر ڏڌِ جهرنت هتہ ڪهو اسي ڪُسڙات.

**مفهوم:** هيمر = هيماچل، پاروتيءَ جي پيءُ جو نالو هيماچل هو ٻُوجهڻ = پُڇڻ، لاڳي = لڳي+ جنڪ = راجا جنڪ، سيتا جو پيءُ+ ڪر= هٿ، ڪرائي، ڏڌ = سمنڊ، پاڻي، لڙڪ، جهرنت= جُهري پيو، اسي = ان جي، ڪُسڙات= خير عافيت، خبرچار.

**مطلب:** هيماچل جي ڌيءُ پاروتي، راجا جنڪ جي ڌيءُ سيتا کان پڇي ٿي تہ ڪرائيءَ تي لڙڪ ڪرن پيا، ماجرا ڇا آهي؟

سيتا وراڻيو تہ

ڪيهر ڪوبڪ ڪهي چليا، برتيا رامڻ سيس،
رجني پُوت نرڪتي، نيڻ گهٽيا جگ ڏيٺ

**مفهوم:** ڪيهر = شينهن، بڪ = ڪائيندڙ مارينڌڙ برتيا=وڍيو ڪٽيو ڏار ڪيو رامڻ = راوڻ، سيس= سر، رجني= ڌرتي، پوت = پٽ، نرڪڻ= ڏسڻ، ڏيٺ= ڏسندي.

**مطلب:** سيتا ماتا ورندي ڏئي ٿي تہ شينهن جو شڪار ڪندڙ سُوروير (بهادر) چئي ويو هو تہ جلد واپس ايندس، پر جنهن راوڻ جا 10 سر ڪٽيا هئا، 10 مهينا ٿي ويا آهن، اڃا هو نہ آيو آهي. ان ڪري ڌرتيءَ جي پٽ جون واٽون ڏسندي روئي روئي انڌي ٿي پئي آهيان.

(1)

هڪ عورت پاڻي ڀرڻ وئي هئي، پر جڏهن هوءَ واپس گهر پهتي تہ ان وٽ ڪوبہ دلو وغيره نہ هو هُوءَ مايوس هئي ۽ هٿ ۾ سينڊوئي (سينهو) جهليو بيٺي هئي. اِهو منظر ڏسي سندس مڙس پڇيو:

ڏڌ ست رپ سونُ چالتي، اب ڪيون چالي اڌير،
گورک مُندرا هاٿ ۾، ڪهان گيو راوڻ بير.

**مفهوم:** ڏڌ= سمنڊ، سون= سان، چالتي= هلندي هُئين، ڌير= سُست هلڻي- ڍري، گورک مندرا= سينڊوئي، راوڻ بير= راوڻ جو ياءُ.

**مطلب:** مڙس چوي ٿو تہ سمنڊ جو ست موتي آهي ۽ ان جو رپ هنج آهي، مطلب تہ تنهنجي هنج جهڙي هلڻي هئي، اِها هلڻي ڪيڏانهن وئي، سينڊوٽي تنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ راوڻ جو ياءُ ڪنڀ ڪرڻ (ڪنڀ معنيٰ دلو يا گهڙو) يعني تنهنجو گهڙو ڪيڏانهن ويو؟

عورت وراڻيو:

ڪوئي ڪي رپ هيڻ گئي، ڏوڙيو گوڪل بير،
لڙيو بيٺو گوري ڪو بڻسيو راوڻ بير.

**معنيٰ:** ڪُوئو = ڪوهه. ڏوڙيو = هِلايو گوڪل نير = پاڻي، لڙيو= وڙهيو ٻيٺو= پٽ، گوري= گڏيس ڀڳوان جي ماءُ جو نالو ٻڌسيو = ڀڳو ٽٽو ٻير= ڀاءُ.

**مطلب:** عورت چوي ٿي تہ ڪوهہ جي رپ معنيٰ مٿاهين حيثيت رکندڙ آهي. ترائي معنيٰ آءُ ترائيءَ تي پاڻي ڀرڻ ويس، دلو پاڻيءَ جو ڀري ٿورو لوڏيم تہ هيٺ گوري جي پٽ گڏيس ڀڳوان جي سونڍ يعني پٽر لڳو ۽ دلو ڀڄي پيو.

(2)

هڪ عورت واٽ وٺيو پئي وئي، پرسان ڏٺائين تہ هڪ مور پنهنجا خوبصورت پر ساهي چٽري ڪريو ٻيٺو آهي. اِهو لقاءُ ڏسي هن پنهنجي مڙس کي چيو تہ:

اُپ ڪو چندو ڏيکيو پان پان ٻهون رنگ.
هيڪ اچنُيو ڏيکيو آءُ بتائون ڪنت.

**معنيٰ:** چندو = چنڊ، چنڊ جهڙو ڏيکيو = ڏٺو آهي، پان پان = پن پن ۾، ٻهون = ڪيترائي، گهڻا اچنُيو= لقاءَ ڪنت = مڙس، پتار.

**مطلب:** عورت چوي ٿي تہ مون اُپ ۾ هڪ چنڊ جهڙو خوبصورت لقاءُ ڏٺو آهي، جنهن جي پن پن ۾ ڪيترائي رنگ آهن. اچ تہ توکي ٻڌايان. مڙس سمجهي ويو تہ سندس ونيءَ ڇا ڏٺو آهي ۽ ڇا چوڻ ٿي چاهي، تنهن چيو تہ

هيٺي سُوڪو اوپر هريو پان پان ٻهون رنگ،
او اِندر گهٽا جو التيو بادل بادل چند.

**معنيٰ:** هيٺي= هيٺ، سُوڪو= سُڪل، اوپر= مٿي، هريو= سائو سرسبز اِندر= برسات جو ديوتا، برسات، بادل، ڪنوڻ، گوڙ گهٽا = برسات جو مانداڻ، التيو = وٺو.

**مطلب:** مڙس چوي ٿو تہ هيٺ سُڪل (مور جا پير ڪارا آهن) ۽ مٿي سڄو سرسبز آهي. اُن جي پن پن (پر پر) ۾ ڪيترائي رنگ آهن ۽ مٿان وري جو برسات جو مانداڻ متو آهي تہ هرهڪ ڪنب چنڊ پئي لڳو (مور نچيو پئي)

(3)

اڳي عورتون وڏي آسُر جو اُٿي اَن پيهنديون هيون ۽ سج ايرڻ شرط رَسوئي تيار ڪنديون هيون. هڪ عورت اڌ رات جو پلجي اچي پنهنجي سَس جي دروازي جو ڪڙو کڙڪايو چوتہ جنڊ اُتي رکيل هو. سس سوچيو تہ هي اڌ رات جو الائي ڪير آيو آهي، سو دروازو نہ کوليائين ۽ اندران ئي پُڇا ڪيائين تہ تون ڪير آهين؟

منجهاري برک برڪٽو سو بک ميري پاس،
مير پربت سي جُهجهٽو ساسو کول ڪماڙ.

**معنيٰ:** منجهاري = ٻلي، برک = ٻک يا ڪاڏو برڪٽو= ڪائيندڙ ميرپربت = جبل جو مير معنيٰ جنڊ، ڇيڪو پٿر جو ٿهيل هوندو آهي، جو جهٽو = جنڊ، ساسُو = سس، ڪماڙ= ڪواڙ دروازو.

**مطلب:** ٻليءَ جو ڪاڏو ڪوئو ۽ ڪوئي جو ڪاڏو اَنُ مون وٽ آهي ۽ مون کي جنڊ پيهڻو آهي، اُن ڪري دروازو کول تہ آئون اَن پيهان.

سس اندران چيس:

لٽڪنت لوُٻ للاڙ پر، تون ابلا ڪي جات،
اينا پرين ڇوڙ ڪر، ڪيون چلي اڌ رات.

**معنيٰ:** لٽڪنت = لڙڪي پئي، لُڏي پيئي، لونب = لڙهہ — سر هار سينگار، للاڙ= للاٽ، نراڙ پيشاني، ابلا = نماڻي نار، جات = ذات = يعني تہ تون نماڻي نار، عورت ذات آهين.

**مطلب**: تنهنجي پيشانيءَ تي اڇا موتين جي لڙهہ پئي لٽڪي اي نماڻي عورت! تون پنهنجو مڙس ڇڏي، اڌيءَ رات جو ڇو آئي آهين.

عورت جواب ڏنو:

يوم ڏسڻ رب ٻوليو تين ست ڏيني پُٽ،
شو تلڪ سلينگ پيو. تڏ آئي هو اُٺ.

**معنيٰ**: يوم = ڌرتي، ڏسڻ = زمين ۾ پيدا ٿيل، ڏيني = ڏني + شو تلڪ = شِوپڳوان کي چنڊ جو تلڪ لڳل هوندو آهي، سارنگ = آسمان.

**مطلب**: (زمين ۾ پيدا ٿيندڙ ڇچڙ يا جيت ڪائيندڙ ڪڪڙ ٻانگ ڏني ۽ تنهنجي پُٽ پُٽ ورائي، مٿان وري چنڊ بہ آسمان ۾ مٿي چڙهي آيو هو تڏهن آئون اٿي آيس.)

تنهن تي وري سس چيو:

تِر نہ گنو تِرن ڪو رنگ پر رمي نہ رين،
ماڻڪ لڙ توٽي نهين، اڇا تہ ڪاجل نيڻ.

**معنيٰ**: تِر = ٽورڙو ذرو ترن = ڳل تي ڪارو داغ، رين = رات.

**مطلب**: تنهنجي ڳل جا تِر بہ اڇا سلامت آهن، موتين سان جڙيل لڙهہ بہ ٽُٽي ناهي، اکين ۾ ڪجل بہ سلامت آهي، ڇا تو سيج سجائي نہ آهي ۽ رات سڄي ايئن ئي وئي اٿئي.

نُنهن چيو تہ:

بهت دنون ڪي بيچڙي، بات دهي بلماءِ،
تڪوئڪ سورج گرهيو تلڪ رهيو رڻ ٺاهہ.

**معنيٰ**: بيچڙي = وڇڙيل، بلماءِ، وهامي وئي، گذري وئي، تڪوئڪ = جلدئي، گرهيو = ڳاڙهاڻ تي.

**مطلب:** اسان گهڻن ڏينهن جا وچڙيل هئاسين ۽ سڄي رات ڳالهين ۾ گذري وئي. ۽ اوير طرف سج جي ڳاڙهاڻ بہ نظر پئي آئي، ان ڪري تلڪ سلامت بيٺو آهي.

تڏهن سس وچي دروازو کوليو.

**اٺون قسم :**

اٺين قسم ۾ اهڙا ڳُوڙها شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ هڪ لفظ هڪ کان وڌيڪ دفعا مختلف معنائن سان استعمال ٿيل آهي، مگر هرهڪ لفظ جي معنيٰ ڌار ڌار آهي.

(1)

سارنگ لي سارنگ ڪو چاليو سامهون سارنگ ٽائي،
جي ساڏ ڏيان سارنگ نان، تو مُک ڪو سارنگ جائي.

**معنيٰ:** سارنگ = مور پکي، سارنگ= نانگ، سارنگ= گجگوڙ، ساڏ= سڏ.

**مطلب:** مور جيئن ئي نانگ کي ڪٽي متي اُڏاميو تہ اوچتي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آيس. مور پنهنجي فطرت مطابق گوڙ جي سامهون ڪوڪ ڪندو آهي، سو سگهڙ مور جي واتان چوي ٿو تہ جيڪڏهن گوڙ سامهون ڪوڪ ڪريان ٿو تہ منهن (چهنب) مان جهليل نانگ ڇڏائي وڃي ٿو.

(2)

سارنگ لي سارنگ ڪو چالي، سامهون سارنگ پرپور،
آهي سارنگ هلملي، پان توڙي گهر ڏور.

**معنيٰ:** سارنگ = عورت، سارنگ = دلو سارنگ= پاڻي، سارنگ برسات، آگهي= اڳ ۾، هلملي = ڦتڪڻ، رڙهڻ، وٺ ڪائڻ، سارنگ = نانگ، پانُ= پنڌ.

**مطلب:** هڪ عورت دلو کڻي پاڻي ڀرڻ وئي ۽ واپسيءَ ۾ جڏهن دروازي تي پهتي تہ ڏسي تہ اتي هڪ نانگ پيو وٽ کائي، اِهو لقاءُ ڏسي سگهڙ چوي ٿو تہ هاڻي گهر پنڌ تہ آهي ڪونہ. تمام ٿورڙو فاصلو آهي، مگر نانگ وينو آهي، ان ڪري هاڻي جڻ تہ گهر تمام پري آهي. ۽ پويان برسات بہ ڪنيو پئي اچي.

**هيماريون:**

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ڳُوڙهن ۽ هيمارين ۾ بنيادي طور ڪو فرق نہ آهي. جيترا ڳُوڙهن جا قسم يا نمونا ٿين ٿا، هيمارين جا پڻ اوترائي قسم هوندا. چوتہ هيماريون ۽ ڳُوڙها هڪ ئي آهن. مگر جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويوآهي، جنهن بہ ڳُوڙهي ۾ سون= سونهري رنگ، سون جي زيورن ۽ سون سان ملندڙ ڪنهن شيءِ جو ذڪر ايندو سا ڳوڙهي بدران 'هيماري' سڏبي آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ هيماريون جڻ تہ 'ڳوڙهيون پروليون' آهن. جيڪي هيم يعني سون واريون آهن. اِها جڻ تہ هڪ سوني سوکڙي آهي، جيڪا سيڻن ڏي موڪلي ويجي ٿي ۽ اڪثر زالون شاديءَ جي موقعي تي هيماريون ڏينديون آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ هيماريءَ گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن جي وچ ۾ عقل جي پرک آهي ۽ خاص طور ساليون، پيٽوئي کي هيماريون ڏئي منجهائينديون آهن.

تحقيق ۽ ڳولا بعد آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ 'هيماري' اصل ۾ ڳُوڙهو ئي آهي. خود لفظ 'هيماري' جو اشتقاق بہ ٻڌائي ٿو تہ هيم = سون، آري = واري. يعني سون واري. اهڙو ڳُوڙهو جنهن ۾ سون جو ذڪر هجي، 'هيماري' آهي. مثال طور:

(1)

آساڙ مهيڻي نيپجي، اُڻ ناميڻي نام
سُندر وساري سيج تي ليتا آئيجو شام.

**معنيٰ:** آساڙ= آکاڙ جو مهينو نيپجي= پيدا ٿئي ٿو اُڻ= اُن، ناميڻي = نالي واري، سندر= خوبصورت عورت، ليتا = وٺيو اچجو شام = مڙس يا پتار.

**مطلب:** آکاڙ جي مهيني ۾ هڪ ڦل پيدا ٿئي ٿو (نمن ۾ نموريون پيدا ٿين ٿيون) ان نالي سان ملندڙ ڪا چيز سيج تي وساري آئي آهيان. اي بالما! اِها چيز ڪنيو اچجو.

**ڀجڻي:** نيبوري، نيموري، گلي جو زيور

(2)

هيم ورڻ، پيچي لڙڻ، ڇهه پگ پکيو چار،
ڳوڙهو راجا پوچ رو سُرتا ڪرو بيچار.

**معنيٰ:** هيم = سون، ورڻ = رنگ، پيچي = پويان، لڙڻ = وڙهڻ، پگ= پير، پکيو = ڪنپ، سُرتا= عقل وارا، وينجهار.

**مطلب:** هڪ چيز آهي جنهن جو رنگ سون جهڙو آهي، جيڪو پُٺيان کان وڙهي ٿو. ان جا ڇهه پير ۽ چار پر آهن. هي راجا پوچ ڳوڙهو موڪليو آهي. عقل وارا وينجهار ويچار ڪن.

**ڀجڻي:** ڏينيو

## ڪاڪري:

’ڪاڪري‘ معنيٰ پٿر جي ننڍڙي ٽُڪري، ڪڪري يا پٿري.
هيءَ صنف ’ڪاڪري‘ باقاعدي ڪا صنف ناهي. هي هڪ شغل آهي.

هن شغل کي ٿر جي ڪن ڀاڱن ۾ 'سوپاري' بہ چوندا آهن، پر لفظ 'ڪاڪري' گهڻو مشهور ۽ اڪثر استعمال ٿئي ٿو.

ڪاڪري يا سوپاري جو شغل آهي، جيڪو عقل ۽ ذهانت جو اعليٰ امتحان ۽ پرک آهي، 'ڪاڪري' لوڪ ادب جي زمري ۾ اچي ٿي ۽ هي شغل غالباً مارواڙ ڪڇ ۽ ٿر کان سواءِ دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ رائج ناهي. هي هڪ اهڙو امتحان آهي، جنهن کي ڏسي اُن وقت جي انسانن جي اعليٰ ذهانت، هوشياري ۽ تدبر جي خبر پوي ٿي. هن وقت هي شغل بلڪل ختم ٿي چڪو آهي. مشڪل سان ٿر جي ڪنهن ڀاڱي ۾ اهڙو عمر رسيده بزرگ هوندو جيڪو هن امتحان مان گذريو هجي يا اکين ڏٺو شاهد هجي.

ڪاڪري يا سوپاريءَ جو شغل اڳئين زماني ۾ ٺيڪ ٺاڪ رائج هو. اڳي جڏهن اوطاقن، اوتارن ۽ دُڪانن ۾ مچ ڪچهريون مچنديون هيون، جتي وڏڙا ڦانگ (ڪانب) ٻڌي اچي ويهندا هئا ۽ هاري، ناري، سانجهيءَ جي مانيءَ ٽڪر کائي، اچي دڪانن ۾ ڪٺا ٿيندا هئا يا خاص طور جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪا ڄڃ ايندي هئي تہ اُن ۾ ڄاڃي خاص طور سڄاڻ مڱڻهار ۽ سالڪ ماڻهو چونڊي گڏ وٺي ايندا هئا، جيڪي پنهنجن سيڻن سان ملڻ وقت هڪ ٻئي جي ذهانت پرکڻ ۽ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ لاءِ يا محفل مچائڻ لاءِ هي شغل ڪندا هئا، ڇوتہ ان زماني ۾ اِهي شغل وندر ۽ وروهن جا اهم ذريعا هئا. ان مهل کو سڄاڻ شخص 'ڪاڪري' لڪائيندو هو. هن شغل ۾ ٽن ماڻهن جو هئڻ ضروري آهي. هڪ ڪاڪري لڪائڻ وارو، ٻيو ان جو شاهد ۽ ٽيون سُرندو يا ڪماڃ وڃائڻ جو ماهر مڱڻهار. اِهي ٽيئي ڄڻا گڏجي صلاح ڪري ڪنهن مشهور شهر، ڳوٺ يا هنڌ جو تعين ڪندا هئا. ڳوٺ، شهر يا هنڌ منتخب ڪرڻ کان پوءِ اتي ڪاڪري

لڪائيندا هئا ۽ پوءِ ڪچهريءَ ڏانهن مخاطب ٿي چوندا هئا تہ "ادا فلاڻي ماڻهوءَ ڪاڪري لڪائي چڏي آهي، هاڻي ٻُوليو تہ اُن ڪٿي لڪائي آهي" ۽ پوءِ ڪاڪري ڳولڻ وارا، مڱڻهار کي چوندا تہ ابا هاڻي روانو ٿي. مڱڻهار پنهنجو سرندو ڪيڏي ڪچهريءَ ۾ وڄائڻ شروع ڪندو ۽ ڪاڪري ڳولڻ وارا سُرندي جي آواز جو پيڇو ڪندا هئا، جڻ تہ ڪماچ جو آواز انهن جو پيري هجي.

مثال طور: مٺي شهر ۾ اهڙي ڪچهري لڳي آهي. ۽ ڪاڪري لڪائڻ وارن عمرڪوٽ شهر ۾ قلعي جي وچئين برج تي (جتي لوهہ جون توپون نصب ٿيل آهن،) انهن مان هڪ پتل جي توپ اتر طرف نصب ٿيل آهي، ان ۾ ڪاڪري لڪائي آهي. ۽ هاڻي مڱڻهار پنهنجو سرندو کڻي وڄائڻ شروع ڪيو آهي ۽ ڪاڪريءَ جا پارڪو پيري، سُرندي جو آواز ٻڌي چوندا تہ:

"ادا، مٺي شهر ۾ پيو گهمين؟"

مڱڻهار ڪنڌ لوڏي 'ها' ڪندو ۽ سُرندو وڄائيندو رهندو ۽ پارڪو وري ان جو پيرو کڻي چوندا تہ،

مٿي آسمان ڏانهن وڃين پيو.

هاڻي هيٺ لٿو آهين،

هاڻي وري اچا وڏيڪ هيٺ لٿو آهين.

هاڻي اُتر طرف آيو آهين.

وري ڏکڻ طرف.

'ها'

هاڻي وري اوير ۾.

هاڻي وري اتر طرف ڏانهن وڃين پيو.

مگھار مسلسل سُرندو وڃائيندو رهندو ۽ سرندي جي آواز ۾ گهُٽون گوهيون ڪائيندو رهندو ۽ سگهڙ وري پيرا ڪڻندو ۽ چوندو رهندو.

هاڻي اتر آهين.

هاڻي 10 ڪوهه ڪن دور اتر طرف آهين.

هاڻي پندرهن ڪوهن تي آهين.

هاڻي پنجاهه ڪوهه ڏُور هليو ويو آهين.

پنجاهه ڪوهه تي بيهي رهيو آهين.

ان ڪان پوءِ سگهڙ سوچيندو تہ مٿي شهر ڪان اتر طرف 80 ڪوهن تي ڇا آهي؟ انومان لڳائي چوندا تہ اتي پڪ سان 'عمرڪوٽ' آهي. اتي سگهڙ مگھار ڪاڪري لڪائيندڙ ۽ شاهد ڪان شهر جي تصديق ڪندا ۽ پوءِ مگھار وري سُرندو وڃائڻ شروع ڪندو ۽ سگهڙ آواز جو پيڇو ڪندو.

ادا، جاجڪ شهر جي چوڏاري پيو گهمين،

هاڻي اولهہ ڏانهن مُڙيو آهين،

بس اتي ئي ڦيرا پيو ڪڏين.

متان 'مومل جي ماڙي' تہ ناهي۔ جواب ملندو.

'نہ'

تہ پوءِ پڪ سان قلعو هوندو.

ها! بلڪ صحيح!

ٺيڪ آهي، اڳتي وڃاءِ، مگھار وري ڪُماچ وڃائيندو ۽ سڄي ڪچهري تمام ڏيان ۽ خاموشيءَ سان هي شغل ٻڌندي رهندي

هاڻي قلعي جي اتر ۾ آهين.

ڏکڻ.

وري اوير

وري ڦري اتر طرف آيو آهين
وري قلعي جي وچ ۾ آهين
اِتان ڇُرين بہ نٿو
ها۔ نيڪ آهي وچئين بُرج ۾ لڪل آهي.
مگٿهار ڪنڌ لوڏي تصديق ڪندو ۽ وري ڪماچ جو آواز ٻُرندو.
برج جي اتر طرف
ڏکڻ طرف
هاڻي وري الهندي ۾ آهين
وري اوير
وري ڦري واپس اُتر آيو آهين
هاڻي اتي بيهي رهيو آهين
متان اُترين توپ ۾ تہ ناهي؟
مگٿهار يڪدم ڪماچ وڄائڻ بند ڪندو ۽ ڪاميابيءَ جون مبارڪون ڏيندو. سڄي ڪچهري واهہ واهہ جي آوازسان گونجڻ لڳندي هي شغل هاڻي بلڪل ئي ختم ٿي چُڪو آهي. نہ اُهي سالڪ سگهڙ رهيا آهن ۽ نہ ئي اُهي ڄاڻو مگٿهار.

ويو سڄ وڻن تان، راسيون ڏيئي رنگ!

❑

پارومل ڪولھي

# ٿر ۾ پارڪر ۾ ڪولھين جي ٻوليءَ ۽ ادب

ڪولھي سنڌ جي اوپر ڏکڻ جابلو ۽ پٽن واري علائقي جا رھاڪو آھن، جنھن کي 'پارڪر' سڏجي ٿو. انھيءَ جي آباديءَ جو سٺ سيڪڙو رڳو ڪولھين تي مشتمل آھي. گھڻو ڪري ھرھڪ خاندان کي پنھنجي زمينداري آھي. ھي قبيلو ھندو ڌرم جي ھڪ مھذب شاخ آھي، ڪين پنھنجون ريتون رسمون، وار ٻرق شادي وواھ جا رواج، ٻوليءَ جو لھجو پوشاڪ، خوشين جي موقعن تي لوڪ وارتائون، لگن، گيت، دوھا ڇند، راس منڊل، ڀڄن، واڻيون، ٻين قبيلن کان انوکو رنگ ڍنگ ڏين ٿيون، تنھنڪري ڪولھي تھذيب يافتہ قبيلن ۾ شمار ٿين ٿا. سندس لوڪ ساھتيہ انمول ۽ شاھڪار آھي.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اٽڪل پنجاھہ سٺ سالن کان، ڏارين جي دٻاءَ، ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي عام نشرياتي ڦھلاءَ سبب قبيلن جي پراڻي تھذيب وڃائجي رھي آھي. ھن مشيني دور ڪولھين جي حقيقي زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو آندو آھي. نئين ٽھيءَ پنھنجي وڏن کان مليل "لوڪ ورثي" کي وساري ويٺي آھي، ايتريقدر جو حيا ۽ ادب جون حدون بہ اورانگھي رھيا آھن. ڪين ڪير سمجھائي، تہ جيڪو قبيلو پنھنجون ريتون رسمون ۽ رواج، ٻولي، پوشاڪ، لوڪ وارتائون، لوڪ گيت وڃائي ويھي ٿو اُھو مٽيءَ جي ڍڳ وانگر آھي، جنھن جي ڪا تاريخ نہ ٿي رھي. جيڪي قومون ۽ قبيلا پنھنجين روايتن کي زنده

رکيو اچن، سي ڏارين جي حملن هوندي بہ ناس نٿيون ٿي سگهن. پر جيڪي قومون ۽ قبيلا ٻين قومن جي تقليد ڪن ٿيون، سي پنهنجو پاڻ کي مٽائي، ڏارين ۾ ضم ٿي وڃن ٿيون.

ڪولهي لوڪ روايتن ۽ ادب کي برباد ٿيندو ڏسي ڏک ٿئي ٿو لوڪ مالها ٽٽڻ سبب. ڪارونجهر جي وادين. پٽياٽي ۽ گوڙڌرو نئين جي ريٽن: ڪيٽن ۽ ڪوهن جا نشان ريٽجي ويا آهن.

نڪي ساگر سُڪا، نڪي ڪاٽين ڪوٽ،
موتي سُجهن مهراڻ ۾، پارڪر پيرون پالوٽ،
ڍٽ، وٽ، ڪاڇي ڪاهہ، ور ڏئي ونگي موٽ،
ڪاهوڙي ڪوجهي تون، رهہ رات رتي ڪوٽ،
اتان ڏسجي پيو ڏيجهي، تنهن ڪامڙيو تي ڪوٽ،
گهٽا گهايل گهوٽ، هتي دفن ڏوڙ ۾

—

موتي، منڊيون، مٽيا، ريٽيا، منجهين ريٽ.
پريما! پيٽون پيٽ، تہ سرتين سونهي سنڌڙي

—

امر جڳ اوءِ جن، سهيڙي ساهت،
رکي ماضي مهندان، ڪن حال تي ڳڻ ڳت،
ميڙي موتي مستقبل لاءِ، رکن آئيندي عبرت،
جاڳائين جا ڳرت، وجهي وک وتري

—

ڏئي جهاتي جهات، اورانگهي ٿين اڳيرا،
اک عقابي ڪات، پروڙري پارڪري

—

اُڪر پهچائي انتها، ڪيائون حد هنر،
چِڏيا چٽ چتر، نقاش پنهنجي نقش جا.

—

سورهن سئو سُندرين سان، نچي نٽ ڪٽ نتور،
گوڙي منجهه گوڙدرو ڪرشن ڪُڏائي ڪامڻيون.

—

مورتي پوڄا جي مخالفن، برصغير جي مورتي چتر ڪلا کي وڏو نقصان پهچايو آهي. اليگزينڊر (سڪندراعظم) پاڻ سان گڏ اهڙا آرٽسٽ آندا هئا، جن افغانستان توڙي ڀارت جي پهاڙن کي تراشي وڏيون وڏيون ديوهيڪل مورتيون تيار ڪيون هيون. مندرن ۾ رهائشي يونن ۾ انهيءَ هنر جو ڪمال ڏسڻ وٽان هو. جن کي بنياد پرستن ڍهرائي، چٽ ڪرائي ڇڏيو آهي.

ٿر، جي ڌرتي باراني آهي، جتي هڪ نه ٻئي سال ڏڪاري حالتون پيدا ٿين ٿيون. چيٽ مهيني (اونهاري) ۾ ته لُڪن جون جريون لڳنديون آهن. ڪيترا گلابي مکڙا، پنهنجي لالي ڇڏي ڪومائجي ويندا آهن. ماڻهن جو وڏو تعداد گذر معاش جي تلاش ۾ اندرون سنڌ ۾ اچي پيٽ پاليندو آهي. گهر گهر مان هڪ يا ٻه ڀاتي سنيال لاءِ پوئتي رهي پوندا آهن. جن جي چهرن تي وسڪاري تائين اُداسي ڇانيل هوندي آهي. لڪن جا جهولا هنن جي زندگيءَ سان مذاق اُڏائيندا رهندا رهن. سخت گرميءَ سببان ڪارونجهر جا پهڻ نڪاءَ ڏيو ٻه اڌ ٿيو پون. وڻن جا پن ڇڻيو رونڪڙا ٿيو پون. ڪانءُ جي اک ڀيئي نڪري، جيڏانهن نظر ڦيرجي ته ويرانيءَ کان سواءِ ڪجهه ٻه نظر نه ايندو آهي، ماڻهو اهڙي روئداد ڏسيو همت هاريو ويهن. ڪوهن تان پاڻي آڻيو پوي، ڳوٺ جون پنهاريون رات وهامڻ تائين کوهن تي ميڙاڪا ڪن. هڪ

گهاگهر پرڻ ۾ ڪلاڪ لڳيو وڃي، جنهنڪري ڏالون جهاتن ۾ اچيو وڃن. هن مهيني ۾ سڄي رات ننڊ ڪونہ ڪن. پرڀات جو وري پنگهٽ (کوهہ) تي لٽ لڳيو وڃي. ڳاهٽ ٽيل عورتن جو عجيب منظر هوندو آهي. آڪاڙ جو چندرما ڏسندي ئي مارن جا منهن سرها ٿين. ڏري ڏري پيا آڪاش منڊل ڏانهن نگاهون ڦيريندا تہ من ڪتان ڪو وڄ جو چمڪو ڏسڻ ۾ اچين. جيڪڏهن ڪنهن وڄ جو تجلو ڏٺو تہ وڏي واڪي هڪ ٻئي کي ڊوڙي ڊوڙي واڌايون ڏيندا. اڄ تہ آڪاڙ آڳميو آهي، اُتر طرف ڪڪرن جي ڪارونڀار ۾ وڄن جا چمڪار آهن. ٻئي طرف مور موج جي ڏسڻ وٽان آهي. ڪارونجهر جي اتاهين چوٽين تي ٺهوڪا ڪري پيو چوي، 'نہ ٻوليان تہ ڦاٽي مران.'

ميگهہ راجا پاڻ ڪڪرن تي سوار آهي، بدن جو رنگ ڪارو سانورو اٿس، پيلي پوشاڪ سان ملبوس، هڪ هٿ ۾ تيز ڌار تلوار (وڄ) اٿس، وڏي پيڪي ۽ تيج سان، پنهنجن پنجن استرين، ٽنڪ، ملهار گجري، ڀوپالي ۽ ديس ڪار سان گڏ عشق ملهار پيو ڳائجي. اٺن پٽن: سارنگ، جلڌر، نٽ نارائڻ، شنڪر، ڪلياڻ، گجڌار ۽ شاهاڻو ڪانرو ۽ اٺن پارجائن/ نُهرن: نٽ ڪانرا، گوادري، ڪنہ منات، بهاري، مانجهہ، پرج، نٽ منجري ۽ شڌنات سميت پنهنجي پوري پريوار ۽ ڪٽنب سان گگن گونجائيندو ڪيئي تال تماشا ڪندو ڏيهہ تان ڏولاوا لاهڻ لاءِ ڏوڪيندو اچي، ماٺهن ۾ چوٻول تہ 'آيوڙي آيو'. سندن پيچ پيچ پٺي پوي، هر جيو جنتر جي دلين ۾ خوشيءَ جا خزانا کلي پيا آهن. تامٽي ڌرتي ڦڙي ڦڙي لاءِ آسائتي آهي، اجهو هڪ ڪولهي (شاعر) ڪان رهيو ڪين ٿيو:

ڌرتي تون سياڳٽي، تاري اندر جيسا پڙتار،
پيهروا ليلو ڪنچوو گلي ڦولن ڪيسا هار.

ٽپهريءَ جو وڏڦڙو ٽي وسڻ لڳو. آڪاڙي چنڊ موتيءَ داڻو ڪن ۾ نديون، نالا، ڍنڍون ۽ تلاءَ ساگر جيان ڇلڪي پيا، آڪاڙ آئي آنند منگل لڳي ويا، اوهيرا اوڪون ڪري پوٺن پٽن ۽ ڪارونجهر مٿان وسڻ لڳا. جيٺ مهيني جي لڪن ۾ لوسائيل ڏيل ۽ ميرا ٽيل مهاندا، ڪن ۾ روپ بدلائي گلاب جي لاليءَ جيان ٻکڻ لڳا. هارين هر سنباهيا، پوٺن پٽن ۾ پلر جي پالوٽ ٽي، هن هريءَ پريءَ برکا رُت ۾، هر ڪنهن جو ويراڳي منڙو پنهنجا سڄڻ ساري اٿيو آهي، هن مستيءَ پري مند ۾ پارڪر جي پٽن تي ڪيتريون ئي ڪامڻيون گونڊ ملهار ڳائيندي ٽولن ۾ ٺهڪندي، ڪوهن، ڪيٽن، تلائن تي نظر اچي رهيون آهن. سندن من جي گگريا، پنهنجي پريتم لاءِ ساگر جيان ڇلڪيو پوي، ويتر جو مور پيپها پيهون پيهون ڪندا ڪارونجهر جي حسين وادين کي گونجايو وجهن، ڪڪرن جي ڪڙڪاٽن، وڄن جي چمڪاٽن سريلو ماحول بنائي ڇڏيو آهي. جيٺ مهيني ۾ پياسا چپ پاڻيءَ لاءِ سڪا ٽي، پر اڄ ته ڏاڏاڻو ڏيهه وٺو آهي، پوٺن، پٽن، ندين تراين ۽ تلائن ۾ پلر جي پالوٽ ٽي آهي. ڪا وينگس ويندي ئي گاگهر کي ڏٻوئي، سر تي رکيو راهن رمندي اچي، چي: منهنجو پاراٽو وٺو: پريتم لاءِ سندس جيءَ ساگر جيان ڇلڪيو پوي.

صورت سانوري، جٿا ڏاري
ميگهه راجا ني، واڌر اشواري

هاٿ ۾ 'تلوار' پوشاڪ پيتامبر، تمي ڇو پتا، ڌرتي ماتا،
ساٿي ديسڪار، تنڪ ملهار، سپ جيون ڪا، تمي پالڻ داتا،
پوپالي گجري، آنکون مان خمار، وينتي ڪرون، رڪشا ڪرو ديوتا،
آ پائچون گهر ناري، پڌارو ڪر پارڪري...

—

سارنگ جلڏر، نارائڻ شنڪر، اندر اڪاڙي، انند منگل،
ڪلياڻ گجڏر، ڪانرو گنڏار، واجا واڳي، گڙ ڙ ڙ ڙ ڙ ڙ
ساتي آويا، اٺ ئي پٽر، جهونا گاوي، جهر جهر جهرر،
آوور گت نياري، مورلا ٺهوڪي مڏ راتري،

—

ڪنـ منات، ڪانرا بهاري، پيهو پيهو پپيها، ڪو ڪو ڪوئليا،
مانجهہ پرج، نٽ منجهري، گڙهڙ گڙهڙ گيت ڳاوي ندیا،
آٽ يارجائون شڏنات گواڏري، پن گهٽ پٹهاري، گوري پري گگريا،
پٹرو گهر ناري.... ايني جهنن واڳي جهانجهري،

(2)

او مڙ گهومڙ ورشا، راٹي آئي،
هون تو پالريو پر پر لائي،

—

پون هلولي هينچتي، گڙ گڙ گاتي،
جهر جهر جهر جهر، جهانجهر جهٹڪاتي
جاٹي آڪاشي اوتري ڪوئي ناري مڏونتي
رمي گوند ملهار گائي.... او مڙ گهومڙ

—

وانڊئي وانڊئي، گهر گهر ڏنار،
رم جهم رم جهم، جهينجهيئي ڦنوار،
پيگهيو مارو منچوئو سولهہ شرنگار،
اولي وادلي ورسي گئي..........

—

گهل گهل گهل گهل ايم، گهڙ نالا گهلڪي
پڙنالي پاوش، پائيڙو ڍلڪي،
ننگر نا نيجهرا، رهيا نليا ڪلڪي،
هو ٻڪي تلاو تلائي..............

—

ڦڙ ڦڙ ڦڙ ڦڙ، پري ڦولپري،
ڏنا گام ڏينگاسري، ڍيڍ ويري،
اونئي پاٽياري رهي، پالر هيلون يري،
سلڪ رهي سونلائي..................

—

ڪاهوو ڪانياري، ني ڪولي ويري،
گهن گهور گهٽا، ڇائي ڏونگري،
ٻنڌو ئي ٻيراٽو ليڏا گهيري،
يري ڪالڪي ڪرائي.................

—

ريلم ڇيلم ڀنياٽي، گڙ گڙ گوڙڏرو
ڀيهو ڀيهو ڀپيها، پاوڙيالي پاڙڏور،
روڙو ئي رليا مٺو لاگي رهيو ساڙ ڏرو
اولي! مورلي ڍال چڙهائي.............

—

وڙ ويئل ويرواءُ، ني وولاوي،
ڪڙ ڙ ڙ ڙ ويجلي هاڙي شولي،
گڙ ڙ ڙ ڙ گاجي ڀيٽا پور گيڙي،
”پريم“ وانڍئي وانڍئي وڏائي.

❑

تولارام سوٿهڙ

# پارڪري ٻوليءِ ادب تي هڪ مختصر نظر

**پارڪر جو علائقائي پسمنظر:** سنڌ جو هيءُ خطو ضلعي ٿرپارڪر جي تعلقي ننگرپارڪر تي مشتمل آهي، جيڪو سنڌ جي ڏکڻ اڀرنديءَ ڪنڊ تي آهي. هڪ روايت موجب پارڪر جي پر وارو ڪڇ جو رڻ اڳي سامونڊي کاري هو جيڪا اچڻ وڃڻ لاءِ ماڻهن کي پار ڪرڻي پوندي هئي، تنهنڪري ان کي "پار اُڪر" چوندا هئا ۽ پوءِ اهو لفظ ڦري پارڪر بڻيو. هتي جي زمين سنئين ۽ ڪکرالي آهي ۽ هتي ٿر وانگر واريءَ جون ڀٽون ڪين آهن ۽ رائو ۽ اڇي مِٽي گهڻي آهي. سورهن ميلن (22 چورس ڪلوميٽرن) ۾ پکڙيل ڪارونجهر جبل به پارڪر ۾ آهي. برسات جي موسم ۾ جبل تان اٿاهه پاڻي درياهه جيان وهي هلندو آهي. گوڙڌرو ۽ ڀٽياڻي نديون/ نئيون به ڪارونجهر مان وهن ٿيون، جيڪي پارڪر جي ڪيترن ئي علائقن کي سرسبز ڪنديون ڪڇ جي رڻ ۾ وڃي ڇوڙ ڪن ٿيون.

**پارڪري ٻولي:** سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ ٻيون به ڪيتريون علائقائي ۽ قبيلائي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جي آڳاٽيون پاسجن ٿيون، جن مان 'پارڪري' به هڪ آهي. پارڪري ٻولي هندستان جي گجرات، ڪڇ ۽ سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان ڳالهائي وڃي ٿي. هيءَ ٻولي گجراتي ٻولين جي ٽُڪ مان آهي. هي ٻولي سنڌ جي ڏکڻ اوڀر وارن هندستاني سرحد سان ملندڙ علائقن، خاص ڪري ننگرپارڪر ۽ ٿر

جي خطن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. حيدرآباد جي اتر اولهہ ۽ بدين جي ڏکڻ اولهہ وارن ڪن حصن ۾ پڻ هن ٻوليءَ جي ڳالهائڻ وارا موجود آهن. ان کي 'ڪولهي پارڪريءَ' جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو.

ڪتاب 'ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۽ لپين جي ڊائريڪٽريءَ' جي مصنفن جي لکڻ موجب: "هيءَ ٻولي هند يورپيائي، هند ايراني، هند آريائي وچين خطي جي گجراتي ٻولين جي شاخ مان آهي.

سنڌ ۾ هن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ هاريو ڪندڙ ڪولهي (۽ ڪولهين مان مذهب مٽائي عيسائي ٿيل) آهن. اُن کان سواءِ پارڪر ۾ رهندڙ ٻيون ذاتيون جهڙوڪ: راجپوت، ريباري، چارڻ، سوٿهڙ، مينگهواڙ جاٽ، مالهي، نائي، سامي، لوهار بجير وغيره بہ هي ٻولي ڳالهائين ٿا. هي هندستان جي گجرات ۽ راجستان وارن علائقن ۾ بہ ڳالهائي وڃي ٿي.

جيئن جيئن وقت گذرندو رهي ٿو تيئن تيئن پارڪري ٻوليءَ جو لاڳاپو سنڌي ٻوليءَ سان وڌندو رهي ٿو ۽ پارڪريءَ تي سنڌي صوتيات جو اثر واضح ملي ٿو. جيئن تہ پارڪريءَ ۾ مروج ڪيترا اکر جهڙوڪ: ڳ، ڍ، ڄ، ڱ وغيره گجراتيءَ ۾ نہ آهن، ۽ سنڌيءَ مان ورتا ويا آهن.

جيئن تہ پارڪري ٻوليءَ جي تاريخ تي اڃا تائين ايتري تحقيق نہ ٿي سگهي آهي، تنهنڪري اهو چئي نٿو سگهجي تہ هيءَ ٻولي ڪيترن سالن کان ڳالهائي وڃي ٿي، پر تنهن هوندي بہ ڪي اهڙا لوڪ داستان ۽ ڏندڪٿائون، پارڪريءَ ۾ مروج آهن، جن مان پتو پوي ٿو تہ اها ٻولي 14_15 سؤ سال اڳ بہ هن سرزمين تي ڳالهائي ويندي هئي. پارڪريءَ جي ڪا پراڻي لکت ملي نہ سگهي آهي. سال 1982ع ڌاري پارڪريءَ بابت هڪ آرٿوگرافي ورڪشاپ تي گذريو، جنهن ۾ بحث ٿيو تہ پارڪريءَ لاءِ گجراتي يا ديوناگري رسم الخط هئڻ گهرجي، پر پوءِ عربي (سنڌي) رسم الخط استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو. هڪ اندازي

ورهاڱي کان اڳ پارڪر جو آسپاس جي علائقن سان واسطو هوندو هو. سنڌ جو واپار گُجرات سان ٿيندو هو جنهن لاءِ پارڪر کان ٿي گُجرات ۾ داخل ٿيڻو پوندو هو. تنهنڪري پارڪر جو پهرين سنڌي ۽ پوءِ ٻين ٻولين سان جهڙوڪ: ڍاٽڪي، مارواڙي ۽ ٻين ٻولين سان تعلق رهيو آهي. تنهنڪري ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نہ ٿيندو تہ جيئن ڪولهي قبيلو مختلف ذاتين جو مجموعو آهي، اهڙيءَ طرح پارڪري ٻولي پڻ مختلف ٻولين جو مجموعو آهي، جن ۾ مارواڙي، ڍاٽڪي، گجراتي ۽ سنڌي ٻولين جو گهڻو اثر رهيو آهي ۽ پارڪري ٻوليءَ جو انهن ٻولين سان اڻ ٽُٽ رشتو آهي.

ڪتاب ’ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۽ لپين جي ڊائريڪٽريءَ‘ موجب هن ٻوليءَ جو 77 سيڪڙو کان 83 سيڪڙو مارواڙي ڀيلڪيءَ سان ۽ 83 سيڪڙو ٿرادري ٻوليءَ سان ملندڙ آهي.

پارڪري ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا (Dialects) آهن. مختلف ڪولهي قبيلا: ڪڇي، واڳڙيا، ميواسي، وڏياري، ٿراڏري ۽ ساچوري، ٻگڙيل ۽ ملاوتي گجراتي ڳالهائيندا آهن. پارڪريءَ ۾ هڪ مشهور چوڻي آهي تہ:

پارهي ڳائووي ٻولي بدلئہ، ترور بدلئہ ساکا،
ٻوڍاپڻ ۾ ڪيش بدلئہ، لکڻ نہ بدلئہ لاکا.

ناميارِي محقق منگهارام اوجها جي راءِ مطابق پارڪري ٻولي ٻگڙيل گجراتي آهي. ڊاڪٽر هدايت پريم، ڪتاب ’ٿر جي ٻولي‘ پنهنجي مقالي ۾ ڄاڻايو آهي تہ، سن 1980ع ۾ ماهر لسانيات پيمٽر گرينگر ۽ نيٽا گرينگر، سنڌ جي ٻولين جو ابتدائي جائزو ورتو. هنن پنهنجي اڀياس ۾ پارڪريءَ جا ٻہ نمونا ڏنا آهن: هڪڙو پارڪري ڪولهي: ننگرپارڪر واروءِ ٻيو پارڪري ڪولهي: ڪنري- ميرپورخاص جو لهجو. پارڪري

ڪولهي- ننگرپارڪر وارو لهجو سنڌيءَ سان 52 سيڪڙو مارواڙيءَ سان 68 سيڪڙو ۽ 72 سيڪڙو گجراتيءَ سان ۽ ڪنري- ميرپورخاص وارو لهجو 60 سيڪڙو سنڌيءَ سان ۽ 73 سيڪڙو مارواڙيءَ سان ۽ 75 سيڪڙو گجراتيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

جڏهن تہ 'پارڪري نات سڌار' اداري پاران جاري ٿيندڙ پارڪري رسالي 'پريات' ۾ پارڪري ٻوليءَ جا ٽي نمونا جاٽايا ويا آهن: پارڪر جو لهجو. ٿري لهجو ۽ لاڙي لهجو. پارڪري لهجي جي نسبت ۾ لاڙي لهجي ۾ سنڌيءَ جو اثر وڌيڪ آهي، جڏهن تہ ٿر ڪِنڌيءَ وارن ڳوٺن واري پارڪريءَ تي گجراتيءَ جو وڌيڪ اثر ڏسجي ٿو. مثال طور: گجراتيءَ ۾ 'ڇي' جي معني آهي 'آهي'. سو عام پارڪريءَ ۾ سٺہ آهي. جڏهن تہ پارڪر جي اتر پٽيءَ وارن، ڏاني ڏانڌل جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ 'ڇي' لفظ ڪتب آٽيندا آهن. مطلب تہ گجراتيءَ جو اثر ڏسجي ٿو.

هتي پارڪري ٻوليءَ جو هڪ نمونو پيش ڪجي ٿو:

ننگرپارڪر ۾ انگريزن خلاف وڙهڻ وارن مان هڪ پارڪري ڪولهي هو. جنهن جو نالو روپلو ڪوئيل هو. هو وڏي بهادريءَ سان وڙهيو ۽ شهيد ٿيو. تڏهن بہ هو اڄا تائين پارڪري جاتيءَ ۾ هيرو آهي.

نگر ۾ انگريزان رئي کِلاف وِڙهيا واڙون موئين ٽي هيڪ پارڪريو ڪوڙِي هتو. جيا رو نوم روپلو ڳوئيل هتو. اُو زوم بهادري ٽي وڙهيو اَن شهيد ٿيو. تو ئي پڻ اُو هَزون هُوڏِي پارڪري نات ۾ هيرو سٺہ.

زمان حال: پورو پارڪري ڪتاب پڙهي ٿو (پورو پارڪري ڪتاب پٹٺہ

رِيو)

**زمان ماضي:** پوري پارڪري ڪتاب پڙهيو.(پورئہ پارڪري ڪتاب پٽيو)

**زمان مستقبل:** پورو پارڪري ڪتاب پڙهندو(پورو پارڪري ڪتاب پٽشئہ)

**پارڪري هِجي جو استعمال:** پارڪريءَ ۾ هِجي/ اِملا جو استعمال 1985ع کان تي رهيو آهي ۽ اشاعتي مواد ۾ گهٽي ياڱي پارڪري قبيلي جي سمورن فردن توڙي پارڪري ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ٻاهرين ماڻهن معياري پارڪري هِجي جي استعمال کي قبول ڪيو آهي. ’پارڪري نات سُڌار‘ اداري پاران معياري املا کي استعمال ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ ڏينهون ڏينهن ڪوششون ورتيون پيون وڃن.

پارڪر جي لوڪ داستانن: ’سڏونت سارنگا‘، ’ڪاسبو پرمار ۽ پٽني‘، ’اوڍو جام ۽ هوتل پري‘، ’شيٽي وينجهو‘، ’ڍولو مارل‘، ’لاکو لوياڻ‘ وغيره مان بہ خبر پوي ٿي تہ پارڪري هن خطي ۾ آڳاٽي وقت ۾ ڳالهائي ويندي هئي. انهن واقعن/ قصن ۾ ڪتب آيل پارڪري دوهن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

امي گر را مورلا، ڪانڪر پيٽ پران،
رُت آوي نہ ٻولان، هيئون ڦاٽ مران.

—

پاراٿا را رائيڪا، تارو ڏوڏ ڍوڙاٽو زائي،
سڏونت آوري امر ڪهي، سارنگا روتي زائي.

—

نيڻ پڏارت نين رس، نيٽي نيڻ ملنت،
ازوڻ تي پريتڙي، پهرين نيڻ ڪرنت.

—

پاري نگر پنت گھٽو سوڍون ڪيرو ڏيهہ
ويلو وڙي والما، جوڳي ٽٽو ويهہ

—

ڏونت ڪتوڪي ڪاڪرو رڏيئي ڪٿوڪي ويڻ،
وير ڪٿوڪي واولو ڳيو ڪٿوڪي سيڻ.

موران ني ميهہ نہ ويهري، هاڙي نٹ يتوٹار
مهيلي نٹ پيئر نہ ويهري، مگت نٹ ڏاتار.

ان کان سواءِ پارڪري لوڪ ادب ۾ راسوڙا، لوڪ گيت، ڀڄن، هيماريون، دوها، پهاڪا ۽ چوٽيون مشهور آهن، جن مان ڪجهہ پهاڪا ۽ چوٽيون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

(1) ٻوليا وڳر ٻور نئين ويساءِ (چوٽي)

(2) ڪِيڙِي هنگرٹ ٽيٽر ڪائي، پاڀي رومال، ڀَر ۾ زائي!

(3) سورُو ڪسُورُو پڙ مائيتر ڪسُورُو نئين (پهاڪو) وغيره.

ڪجهہ مشهور پارڪري راسوڙا جيڪي مختلف وقتن تي ڳايا ويندا آهن:

(1) ميمان آيا يلي، والم جي آيا. (مهمانن جي آجيان لاءِ ڳايو ويندڙ).

(2) آج موني ڍوليڙي رمهوا ميلهو پرديسيڙا. پاراٹا رئي ريل ۾ جانجهر واجٹ

جيڪڏهن پارڪري دوهن، پرولين، ڳجهارتن، قصن، ۽ ڏندڪٿائن تي وڌيڪ تحقيق ڪري، انهن کي سهيڙي، باقاعدي ڪتابي شڪل ڏني وڃي تہ يقيناً سنڌ جي ادب جي جهوليءَ ۾ اهم ۽ چڱو اضافو ٿي سگهي ٿو.

پارڪري ٻوليءَ ۾ پهريون ڪتاب 'ڪِيرتن واڻ' 1985ع ۾ جرمن خاتون ماريا بياٽرڪس، رچرڊ هوائل ۽ پونم پاسڪل جي گڏيل ڪوشش سان ڪمپيوٽر تي ڇپيو. هن وقت ميرپورخاص ويجهو رتن آباد ۾ 'پارڪري نات سڌار ادارو' پارڪري ٻوليءَ تي ڪم ڪري رهيو آهي. اداري پاران سنڌ جي ٿرپارڪر، بدين ۽ ٽنڊي الهيار ضلعن ۾ 109 اسڪول هلي رهيا آهن، جن ۾ پرائمري، مڊل ۽ تعليم بالغان جا اسڪول شامل آهن. جن ۾ هن وقت 3500 جي لڳ ڀڳ شاگرد زير تعليم آهن. جن کي بنيادي سکيا پارڪري ٻوليءَ ۾ ڏني ويندي آهي.

'پارڪري نات سُڌار' اداري پاران پارڪري صورتخطيءَ ۾ 130 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ پارڪري نصاب جا 64 ڪتاب ۽ ٻيا ڪتاب مختلف موضوعن جهڙوڪ: پارڪري ادب، ٻارڙي ابتدائي پڙهڻين جا ڪتاب، تعليم، طب، ثقافت، زراعت ۽ مذهب تي مشتمل آهن. اُنهن مان هيٺيان ڪتاب مشهور آهن: (1) پارڪري ٻولي پڙهيا رو ڪتاب (1985ع)، (2) پارڪري اکر آن ڦوٽو (1990ع)، (3) پارڪري پڙو (1990ع)، (4) پڙوان شيکو (1990ع)، (5) وارتائون پڙو (1990ع)، (6) پارڪري ٻارون رو ڪتاب (1990ع)، (7) آپڙو جڳت (1990ع)، (8) زناورون ري وارتائين (1991ع)، (9) ٺائوڪو هاري (1991ع)، (10) پاڪستون آپڙو ڏيهه (1991ع)، (11) ماڪي آپڙي دشمن (1991ع).

ان ڪانسواءِ 'پارڪري آڊيو ويوئل' نالي هڪ پراجيڪٽ هيٺ پارڪري ٻوليءَ ۽ ثقافت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ 45 ڪيسٽون پڻ هن ٻوليءَ ۾ تيار ڪيون ويون آهن، جن ۾ پارڪري لوڪ گيت، راسوڙا ۽ ڀڄن وغيره شامل آهن. هي ادارو 2004ع کان پارڪري ٻوليءَ ۾ پهريون ڪمپيوٽر تي ٺاهي رسالو 'پريات' پڌرو ڪندو رهي ٿو جنهن جا هيل تائين 24 شمارا ڇپجي چڪا آهن. هن رسالي ۾ پارڪر خطي

جي حالتن، پارڪر ۾ موجود ذاتين ۽ قبيلن خاص ڪري پارڪر واسين جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي حالتن بابت مواد ڏنو ويندو آهي، هن رسالي جو ايڊيٽر پورا لال سولنڪي آهي.

اڳوڻي ايم. اين. اي پارو مل ’پريم‘ پارڪري، هن ٻوليءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو هو. پريم پارڪريءَ جا پارڪري ٻوليءَ ۽ ادب تي چار ڪتاب: (1) مالها جا موتي، (2) لوڪ ساگر جا موتي، (3) سُگيت وِديا ۽ (4) ٻيڙن جا ٻول- لکيل آهن. اهي پارڪري ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو پنڊار آهن. ان ڪانسواءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي بہ پارڪريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ تازو ٽي سنڌ تي. ويءَ تي، محمد عثمان ميمڻ جو لکيل ’شانتي‘ ڊرامو نشر ڪيو ويو آهي، جنهن جو پارڪري ترجمو راقم (تولارام سوٿهڙ) ڪيو آهي. ڊرامي جا اڪثر ڊائيلاگ پارڪريءَ ۾ آهن.

پارڪر جي ڳوٺ گيڏڙي جي هڪ سنت شاعر اميدارام مينگھواڙ بہ پارڪريءَ ۾ ڀڄن ۽ گربيون چيون آهن. پاڻ جيئن تہ صوفي بزرگ هو ان ڪري سماڌي ورتائين. سندس رچيل ڀڄن ۽ واڻيون، اڄ بہ پارڪر ۾ ڪثرت سان ڳايا ويندا آهن. هن وقت ڪيترائي دوست پارڪريءَ ۾ چڱي شاعري ڪن ٿا. انهن ۾ تعلقي ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڊيڊويري جو پورا لال سولنڪي سٺي شاعري ڪري رهيو آهي. پورو مل سولنڪي، مذڪوره اداري پاران هڪ ضخيم ’پارڪري - پارڪري لغت‘ تي ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪا 20000 لفظن جي ڇنڊڇاڻ ۽ ايڊيٽنگ ڪانپوءِ تيارين جي مرحلي ۾ آهي. ان ڪان سواءِ اداري پاران پارڪري - انگريزي لغت پڻ تيار ڪئي پئي وڃي. جوڪيم ’همدم‘ گوئيل بہ پارڪري ٻوليءَ ۽ ادب تي دسترس رکڻ سان گڏ پارڪري گيت ڪار بہ آهي. سندس آواز ۾ پارڪري گيتن ۽ راسوڙن جون ڪيتريون ئي ڪئسٽون پڌريون ٿي چڪيون آهن.

جيڪڏهن پارڪر جي ڌرتيءَ ۾ پارڪري ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ ماڻهو ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ خط و ڪتابت ڪري، اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ ميڊيا جو ڏيان ڇڪائيندا تہ پارڪري ٻولي پنهنجو جائز مقام ماڻي سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ حڪومت سنڌ، ثقافت کاتي ۽ ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن تي فرض عائد ٿو ٿئي تہ پارڪري ٻوليءَ جو مواد سهيڙي، ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪن تہ جيئن سنڌ جي هڪ آڳاٽي ٻولي پنهنجو وجود بهتر طريقي سان قائم رکي سگهي ٿي.

**حوالا:**


1. اوجها، منگهارام، 'پراڻو پارڪر'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو ڇاپو پنجون، 2006ع.
2. Alice Keenlegside, The Parkri Kohlis.
3. جوڻيجو عبدالجبار، هدايت پريم 'ٿر جي ٻولي'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 1994ع
4. بخاري، حاڪم علي شاهہ سيد/ ميمڻ، محمد عثمان، 'ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۽ لپين جي ڊائريڪٽري'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010ع
5. پريمي، پارو مل پارڪري، 'لوڪ ساگر جا موتي'، پارڪري نات سُڌار، ميرپورخاص، 2001ع.
6. سوٿهڙ، تولارام، مضمون 'پاري نگر پنٽ گهٽو'، روزاني عبرت حيدرآباد.
7. سوٿهڙ، تولارام، مضمون 'من پالر پياس، پُوري هووي من رَئي آس' (پارڪريءَ ۾ مضمون)، پريات رسالو ميرپورخاص.
8. پريات (پارڪري رسالو)، پي. سي. ڊي. پي رتن آباد، ميرپورخاص (مختلف ڇاپا).


❑



زاهد اوٺي سان منهنجا ٻہ ٽي سَڱ آهن. هڪ تہ هُو منهنجي پياري دوست مائيٽي اوٺي جو سؤٽ آهي، جنهن سان ستر- اسي واري ڏهاڪي ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ اچڻ ۽ سنڌي ادبي سنگت ڄامشوري جي گڏجاڻين دوران ٿيل ملاقاتون ۽ شعر و شاعريءَ تي بحث مباحثا منهنجي زندگيءَ جا يادگار لمحا آهن. زاهد اوٺي سان منهنجو ٻيو سڱ ٿرپارڪر جي مثالي استاد مرحوم عبدالهادي اوٺي، سندس والد سان ويجهڙائپ ۽ قربت آهي. جنهن سان 1984-85ع دوران مٺي ڪاليج ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار تي اچڻ وقت منهنجون ڪچهريون ٿيون هيون ۽ سندس علمي ڄاڻ مون کي ڪافي متاثر ڪيو هو. زاهد سان ٽيون سَڱ عوامي شاعر ۽ سندس چاچي بلاول اوٺي سان منهنجي دوستي آهي. مون کي ياد آهي تہ مٺي ڪاليج ۾ ملازمت دوران ٿر جي استادن پرشوتم واسواڻي، حاجي محمد دل، ساجن داس چنداڻي، پريم شواڻي، هيمن چنداڻي ۽ نوجوان دوستن ۽ شاگردن: نندلال مالهي، ڪرشن شرما، ڪريم فقير، شهديو گوماڻي، مدن گوماڻي، سُندر گر، دسرت سوني، ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي، ڀيمراج سوٿهڙ، ڀپو ڪوڏڪ، صادق فقير، دليپ ڪوٺاري، ڪاناڻوجاني ۽ ٻين سان گڏجي ڪيترائي ادبي پروگرام ڪياسون. مائيٽي جي ٽين ورسي، بلاول اوٺي سان رهاڻ، ولي رام ولڀ سان رهاڻ، سوجهرو ڊرامو، سرور سهتي سان رهاڻ وغيره.

زاهد سان ڏيٺ ويٺ پهريون ڀيرو 2003ع ۾ مٺيءَ ۾ مارئي ميلي دوران ٿي هئي، جڏهن هن مارئي ميلي ۾ مقالو پڙهيو هو. هن 2006ع ۾ اٿارٽي جوائن ڪئي ۽ اڄ اٿارٽيءَ ۾ پروگرام آفيسر آهي ۽ اٿارٽيءَ جي سمورن پروگرامن جي ترتيب ۽ انتظامن ۾ سندس هٿ آهي. هن ٿوري وقت ۾ پاڻ کي ادبي طرح ڪافي اڳتي آندو آهي. مائيٽي جي شاعري 'روح رَنو اڌ رات' (ترتيب: 2005ع) ڪانپوءِ 'ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا' سندس ٻيو ترتيب ڏنل ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ اٿارٽيءَ پاران مٺيءَ ۾ ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل مقالن سان گڏ سنڌ جي نامور عالمن جا مقالا بہ ڏنل آهن، جيڪي ٿر جي لساني جاگرافيءَ ۽ لهجن بابت ڪافي معلومات مهيا ڪن ٿا.

- تاج جويو

ISBN 978-969-625-027-2

Rs. 200/-